سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ

A History of Sindhi Language

سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ

ڀيرومل مهرچند آڏواڻي

سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد سنڌ.

چاپو پهريون	١٩٥٦ع	تعداد	..
ڇاپو ٻيون	١٩٦٦ع	تعداد	..
ڇاپو ٽيون	١٩٧٢ع	تعداد	..

All Rights Reserved with the Sindhi Adabi Board)

قيمت:

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،
گاڏي کاتو "امين منزل" حيدرآباد سنڌ.

هي ڪتاب "زينت پرنٽرس" حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو
۽ مسٽر غلام رباني آگري سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ
جي آفيس امين منزل گاڏي کاتي حيدرآباد
سنڌ مان شايع ڪيو.

فهرست

باب	مضمون	صفحو
	ٻولين جون ڳوجهاڻون	١
	ڀاڱو پهريون	
١	قديم سنڌ ۽ اُن آريه ٻوليون	١٠
٢	آريه لوڪ ۽ سنسڪرت	٢١
	ڀاڱو ٻيون	
١	هِن ٻولين سان ناتو	٨٠
٢	سنڌيءَ جون اپڀاشائون	٩١
٣	سريلي	٩٦
٤	وچولي	١١٣
٥	لاڙي	١٢١
٦	ٿريلي	١٤٠
٧	ڪڇڪي	١٥١
٨	لاسي	١٥٦
٩	ٻوليءَ ۾ فرق	١٦٠
١٠	سنڌي لغت	١٦٨
١١	اصطلاح ۽ پهاڪا	١٩١
١٢	مسلمانن جي حڪومت جو اثر	١٩٨
١٣	انگريزن جي صاحبي	٢٥٦
١٤	ٻوليءَ جي منزل ۽ آئيندو	٢٧٧
	ڀاڱو ٽيون	
١	ٻوليءَ جي تبديل ۽ واڌارو	٢٨٣
٢	اکرن تي ويچار	٢٩٢
٣	سنڌي وياڪرڻ تي ويچار	٣٠٦
٤	سنڌيءَ جون خوبيون ۽ خاصيتون	٣٢٣
٥	لفظن جي بناوت	٣٣٠
٦	سنڌي صرف جا اصول	٣٣٦

ناشر طرفان ٻه لفظ

ڪتابي ادب جي حفاظت ۽ بقا جو دارو مدار ڪتابن جي عام موجودگيءَ تي آهي. ڪي ڪي مذهبي ڪتاب برزبان ياد به ڪرايا ويندا آهن ۽ انهن جي بروقت حفاظت جو اهو به هڪ طريقو آهي. پر ڪتاب، مذهبي هجن يا خالص علمي ۽ ادبي، هڪ دفعو جيڪڏهن ڇپبا ۽ پوءِ ائين گم ٿي ويا جو عام پڙهندڙن کي وقت سر انهن جو ملڻ ناممڪن ٿي پوي، ته چئبو ته آهي ڪتاب ۽ منجهن جيڪو ادبي سرمايو موجود هو، هميشه لاءِ ڄڻ فنا ٿي ويو.

زنده ٻوليون پنهنجي ادبي سرمايي کي ڪڏهن به ائين بيدرديءَ سان فنا ٿيڻ نه ڏينديون آهن. سندن ادبي شاهڪارن جا نوان نوان ڇاپا باقاعدگيءَ سان ۽ نهايت آب تاب سان هميشه نڪرندائي رهندا آهن. افسوس آهي، جو اسان جي سنڌي عالمن ۽ اديبن، ادبي جماعتن ۽ علمي ادارن ان طرف اڄ ڏينهن تائين ايترو ڌيان نه ڏنو آهي، جيترو کين ڏيڻ گهربو هو: نتيجو هي نڪتو آهي، جو اڄ سوَن اهڙن بيمثل سنڌي ڪتابن جا نالا وٺي سگهجن ٿا، جيڪي ڪنهن به قيمت تي پڙهندڙن کي هٿ نٿا اچي سگهن، ۽ ائين پيو ڀانئجي، ڄڻ اهي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪڏهن لکيائي ڪونه ويا هئا. ظاهر آهي

تہ پنهنجي هن عظيم ادبي ورثي ڏانهن ايتري سرد مهري، ۽ ان کان ايتري غفلت ۽ لاپرواهي، نہ ڪڏهين معافيءَ لائق ٿي سگهي ٿي، ۽ نہ وري ان جي ڪڏهن ڪا مناسب پورائي ٿي اسان کان ٿي سگهندي. پنهنجن وڏن جي ميڙيل چونڊيل املهہ ماڻڪن کي انهن هٿن جي ورتن مان واريءَ وانگر جيڪڏهن هميشه وڃائيندا ٿي رهنداسين تہ آخر ۾ سواءِ خالي هٿن جي باقي اسان وٽ ڇا وڃي بچندو. سا ڳالهہ سڀڪو سمجهي سگهي ٿو.

سنڌي ادبي بورڊ، انهن ڳالهين کي محسوس ڪندي، هڪ بنيادي مقصد پنهنجي سامهون هي بہ رکيو آهي تہ پنهنجي ٻوليءَ جا پراڻا ڇپيل ڪتاب جنهن عزت ۽ احترام جي لائق آهن، تنهن عزت ۽ احترام سان ٻيهر ڇپائي شايع ڪيا وڃن، تہ جيئن سنڌي ادب ۾ انهن ڪتابن جي هڪ دائمي حيثيت باقي رهي سگهي.

هيءُ ڪتاب اول سرڳواسي مصنف ڇپائي پڌرو ڪيو هو ۽ پوءِ ٻين عمدن نوس ادبي ڪتابن وانگر ناياب ٿي ويو، جو سنڌي ادبي بورڊ نئينءَ طرز سان، نئينءَ ٽائيپ ۾، پهريائين ١٩٥٦ع ۾ شايع ڪرايو. بورڊ طرفان، هيءُ ان جو ٽيون ڇاپو پيش ٿي رهيو آهي.

لائق مصنف کي سنڌي زبان سان محبت عشق جي درجي تي پهتل هئي، هن جيتوڻيڪ ٻوليءَ جي

خدمت ڪرڻ خاطر ٻيا به ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن، پر هن ڪتاب تي جيڪا محنت، مشقت، سر جوشي ۽ دماغ سوزي ڪئي اٿس، تنهن جو مثال سنڌي زبان ۾ مشڪل ملي سگهندو. انهيءَ ڏس ۾ هن ڪتاب کي اهڙو درجو حاصل آهي، جو هن جي پرغور مطالعي کان سواءِ ڪوبه شخص سنڌيءَ زبان ۽ سنڌي ادب تي عبور حاصل ڪري نه سگهندو. اسان جي نئينءَ ٽهيءَ لاءِ هن جي مطالعي کان محروم رهڻ هڪ نهايت افسوسناڪ ڪوتاهيءَ برابر هو. سنڌي ادبي بورڊ، انهيءَ ڪوتاهيءَ کي دور ڪرڻ لاءِ اسان جي نئينءَ ٽهيءَ اڳيان هي ناياب ڪتاب آڻي ٿو ۽ اميد ٿو رکي ته هو هن کي پوري غور سان مطالعو ڪري، پنهنجي پياريءَ زبان جا ماهر بڻبا.

سيڪريٽري،
سنڌي ادبي بورڊ

مُنڍ

سنڌي ٻوليءَ جي اونهي اڀياس ڪرڻ لاءِ هن وقت هڪڙو به ڪتاب ڪونهي. ڪيترن کي اها به سڌ ڪانهي، ته ڇو لاڙ جي ٻولي هڪڙي، وچولي جي ٻي، ۽ سرحد سنڌ جي وچائين ٽي آهي ۽ ڪهڙي سبب شڪارپور جي ٻولي ٻين سڀني کان ميٺاج ۾ وڌيڪ آهي؟ هن لاءِ هڪڙو ئي سبب هيءُ آهي ته عربن سنڌ فتح ڪئي، تنهن کان اڳ جي تاريخ آهي ئي ڪانه، جنهن مان اهڙين ڳالهين جو پتو پوي. مون ڏهه ورهيه سانده محنت ڪري ڏيڍ سؤ کن ڪتابن مان قديم سنڌ جا احوال ڪڍيا. ڪنهن مان ٻه-ٽي سٽون ته ڪنهن مان فقط هڪ ٻه فقرو مليم، پر اهي ذرا پرزا به ويهي ڳنڍيم، ته چڱي خاصي تاريخ تيار ٿي پيئي. اها سموري ڪتاب ۾ ڏيان ها، ته ڪتاب تمام وڏو ٿي پوي ها، ته به ٻوليءَ جي تاريخ ۾ جيترو پرڳڻي جو احوال ڏيڻ گهرجي، تنهن کان گهڻو ڏنو اٿم.

ٻوليءَ جي تاريخ معنيٰ ٻوليءَ جي تبديل جي تاريخ. ٻوليءَ ۾ تبديل ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ آڻين ٿا، تنهنڪري جنهن ٻوليءَ جي تاريخ لکجي، تنهن ۾ پرڳڻي جي ماڻهن جو ذڪر به ضرور ڪجي. انهيءَ

سبب، سنڌ جي تاريخ ۽ ان جو جيڪو اثر ٻوليءَ تي ٿيو آهي، سو ٻڌايو اٿم.

ٻولي ۽ ساهت پاڻ ۾ ڳنڍيا ڳتيا پيا آهن: ساهت جو مدار ٻوليءَ تي ۽ ٻوليءَ جو مدار ماڻهن تي. تنهنڪري، هن ڪتاب ۾ اهو به چالايو اٿم ته سنڌي ساهت جي ترقي ڪيئن ٿي- مطلب ته هن ڪتاب ۾ ٽي تاريخون آهن: سنڌ جي تاريخ، ٻوليءَ جي تاريخ، ۽ سنڌ جي ادبي تاريخ.

ٻولين جي تاريخن جوڙڻ جو رواج ويجهڙائيءَ ۾ يوروپي لوڪن وڌو. سندين جوڙيل انگريزي ٻولين جون تاريخون ڏسي، اسانجن ڪن ڏيهي عالمن بينگالي، گجراتي ۽ مراهٽي ٻولين جون تاريخون ٺاهيون آهن. هيءَ اڃا شروعات آهي، تنهنڪري سيني ڏيهي ٻولين جون تاريخون اڃا ڪونه جڙيون آهن. باقي سر گريئرسن جي ڪوشش سان "لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا" جا ڪيترائي جلد ڇپجي پڌرا ٿيا آهن. مون اهي ڪتاب پڙهيا، ته پنهنجي سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ جوڙڻ جو خيال آيم. اسانجين ٻولين جون کوجنائون اول يوروپي لوڪن ڪيون هيون، تنهنڪري سندن کوجنائن جو مختصر ذڪر هتي منڍ ۾ ڏي ڪيو اٿم- جو سنڌي ٻوليءَ جي بنياد جو انهيءَ سان وڌو ڏي واسطو آهي. ڪيترين مکيه ڳالهين بابت سنڌون به چاڻايو اٿم ته پڙهندڙن کي پتو پوي ته مون اهي احوال ڪٿان آندا.

سنڌي ٻوليءَ جي اونهي اڀياس ڪرڻ لاءِ هيءُ گويا پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ ٻوليءَ بابت ڪي مکيه ڳالهيون مختصر طرح ڏنيون اٿم، ۽ اهي به هتائي ڪتاب جي چيزي ڏي ڪيون اٿم، ته جن کي فقط تاريخ پڙهڻي هجي، تن کي اهي ڳالهيون وچ ۾ نه مُنجهائين. مضمون کي سلولي ۽ سوادي ڪرڻ لاءِ شاهه، سامي ۽ ٻين شاعرن جي ڪلام مان ڪي ٽڪون ڏنيون اٿم ته پڙهندڙ ٻلي ته وندر جو ڪتاب ڪري پڙهن. جيڪڏهن پڙهندڙن ٻوليءَ جي اونهي اڀياس لاءِ چاهه ڏيکاريو، ته "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس" نالي ڪتاب جلد ڇپائي پڌرو ڪندس، جنهن ۾ تاريخي احوال ٿورو ۽ ٻوليءَ جو ذڪر گهڻو آهي. هن ڪتاب تي جيڪا محنت ڪئي اٿم، تنهن جو قدر اميد ته پڙهندڙ پاڻيهي ڪندا.

ڪراچي، — ڀيرومل مهرچند

١٣ — فبروري، ١٩٤١ع

ٻولين جون ڪوجنائون

يوروپي لوڪن ۾ هيءَ هڪ وڏو ڳڻ آهي، ته جنهن ملڪ ۾ وڃن، تنهن ملڪ جي ٻولي سکي، ان جو علمي خزانو وٺي ڦولين ته پنهنجي دل ۽ دماغ کي روشن ۽ من کي منور ڪريون، ۽ انهيءَ سان آبدار موتي ماڻڪ ميڙي، پنهنجي ديسيادين کي به ڏيون، ته پلي ته اهي به لاڀ پرائين.

عيسوي پندرهين ۽ سورهين صديءَ ۾ پورچوگيزن، ڊچن، فرينچن ۽ انگريزن هڪٻئي جي پٺيان، واپار سانگي هندستان ۾ اچي ڪوٺيون وڌيون. ان وقت ڪي پادري به آيا، جن سنسڪرت تي گهڻو ڌيان ڏنو، ته ڏٺائون ته ان ۾ ڪيترائي اهڙا لفظ آهن، جي ساڳيا ڪيترين يوروپي ٻولين ۾ به عام آهن، رڳو اچار ٿورو ڦريل اٿن. مثلاً:

سنسڪرت	سنڌي	فارسي	انگريزي	
ماتر	ماتا - ماءُ	مادر	مدر	Mother
ڀراتر	ڀراتر - ڀاءُ	برادر	بردر	Brother
دهتر	ڌيئا - ڌيءُ	دختر	ڊاٽر	Daughter
نامن	نانءُ - نالو	نام	نيم	Name
نوَ	نئون	نوُ	نيوُ	New

اهڙا ٻيا ڪيئي لفظ آهن، جي گريڪ (يوناني)، لاٽن، جرمن، فرينچ، انگريزي ۽ ٻين يوروپي ٻولين ۾ عام آهن. لفظن جي هڪجهڙائي ڏسي حيران ٿيا، پر سمجهي نٿي سگهيا، ته انهن ڪيئن ٿيو آهي.

پهريون ٿي پهريون يوروپي عالم جنهن اهو پورو پتو (پروليو سلي)، سو سر وليم جونس هو. هو صاحب ٻولين سکڻ جو ڪوڏيو هو. اڃا يورپ ۾ ئي هو، ته فارسي، عربي، ۽ ٻيون ڪي ٻوليون سکيو هو. سن ۱۷۸۳ع ۾ بنگال جو چيف جسٽس مقرر ٿي آيو، ته ٻئي سال (۱۷۸۴ع) ۾ سنسڪرت ۽ ٻين ڏيهي ٻولين جي ابياس ڪي زور وٺائڻ لاءِ بينگال جي رائل ايشياٽڪ سوسائٽي برپا ڪيائين، جنهن جو صدر پاڻ هو. ڪانٽس اڳي هڪ پورچوگيز پادريءَ، راجا ڀرتريءَ جا شتڪ ترجمو ڪيا هئا. هن وري ڪوي ڪاليداس جي 'شڪنتلا' ناٽڪ جو ترجمو ڪيو، ته يورپ جي ماڻهن جون اکيون کليون، ۽ قبول ڪرڻ لڳا، ته هندستان ۾ به ڪي وڏا عالم ٿي گذريا آهن، جي ههڙا عمدا ڪتاب لکي سگهيا ٿي.

سر وليم جونس ڏٺو ته سنسڪرت ۾ نه رڳو يوروپي ٻولين جهڙا لفظ آهن، پر ٻولين جي نحوي بناوت (Grammatical formation) ۾ ڪيترقدر هڪجهڙي آهي؛ هيءَ نهايت عجب جهڙي ڳالهه هئي، تنهنڪري ٿي ورهيه ساندهه اونڌو ڪنڌ ڪري سنسڪرت جو هيڪاري اونهو ابياس ڪيائين. سنه ۱۷۸۶ع ۾ پنهنجي جاري ڪيل سوسائٽيءَ جي ٽئين ساليانې ميڙ مهل،

ٻنهنجي صدارتي تقرير ۾ جيڪي چيائين تنهن مان ٿورو ڏڪر هتي ٻجهسي ڏجي ٿو:

"The Sanskirt language, whatever be its antiquity,is cf wonderful Struc;ture more perfect than the Greek, more copious than the Latin and more exquisitely refined than either, yet bearing tc both of them a stronger affinity, both in the roots of verbs and in forms of grammar than could possibly have been produced by accident; so strong, indeed, that no philologist could examine them all without beliving them to have sprung from some common source which, perhaps, no longer exists. There is a similar reason, though not quite so forcible, for supposing that both the Gothic and Celtic, though blended with a very different idiom, had the same origin with the Sanskirt; and the Old persian might be added to the same family."

سر وليم جونس جي هيءَ تقرير ولايت وارن پڙهي، ته سڄي يورپ ۾ غلغلو مچي ويو. ان لاءِ سبب هو:

صدين کان يوروپي لوڪ ائين وسهندا هئا، ته "هيبرو" (Hebreew) يعني عبراني يا يهودين جي ٻولي، جنهن ۾ سندن آڳاٽا ديني ڪتاب (بائيبل يا انجيل وغيره) لکيل آهن، سا سڀني کان قديم ۽ مقدس يا پاڪ ٻولي (پوتر ڀاشا) آهي، ۽ دنيا جون ٻيون سڀ ٻوليون انهيءَ

عبرانيءَ مان پيدا ٿيون آهن! هندستان ۾ ڪوٺين وڃڻ کان اڳ ڪيترن يورپي لوڪن کي اهتري ته ڪل ڪانه هئي، ته هندستان ۾ سنسڪرت نالي ڪا ٻولي ٿيندي آهي! جن ٿورڙن کي اها سڌ هئي، تن سنسڪرت کي آخر ۾ ڌ. پئي آندو! هينئر جو سر وليم جونس ٻڌاين، ته سنسڪرت ۽ يورپي ٻولين جو ٻن ڏي ساڳيو آهي، ته انهيءَ ڳالهه تي ڪنهن به ويساهه نه پئي ڪيو.

ڪيترن يورپي لوڪن پوءِ سنسڪرت جو اونهو اڀياس ڀاڻ ڪري ڏٺو ۽ ان جي يورپي ٻولين سان ڀيٽ ڪيائون، ته کهڻن جو اڳيون اعتقاد ميٽجي ويو. يعني اڳي جو سمجهيائون ٿي، ته دنيا جون سڀ ٻوليون 'هيبرو' يا يهودين جي قديم ٻوليءَ مان پيدا ٿيون آهن، سو خام خيال صفا ميسارجي وين. ڪي يورپي پوءِ پاڻ اٿين وسهڻ لڳا، ته سنسڪرت ٻولي سيني يورپي ٻولين جي ماءُ ٿئي* پين کي اها ڳالهه اعتبار ۾ نه آئي، تنهنڪري وڌيڪ کوجنائون ڪرڻ لڳا.

ٻولين جي باري ۾ کوجنائن ڪرڻ لاءِ يورپي لوڪن هيءُ رستو اختيار ڪيو، جو يورپ جي اڳاٽين ٻولين (گريڪ لاٽن وغيره) جي هاڻوڪين ٻولين (انگريزي، جرمن، فرينچ وغيره) سان ڀيٽ ڪيائون ۽ انهن جي وري سنسڪرت سان ڀيٽ ڪيائون، ته ٻولين جو هڪ نئون راز ڦٽ آين، جنهن جي اڳي ڪل ڪانه هين. هينئر سمجهڻ لڳا، ته جيئن دنيا ۾

* ڏسو رڊپسن صاحب واري قديم "هندستان جي تاريخ" صفحو ۲٠.

سيڪا ڳالهه ڌڪر جي ڏوري ۾ پڌل آهي ۽ جيئن سج، چنڊ، تارا وغيره ڪن ٺهرايل قاعدن پٽاندر ڪم ڪن ٿا، تيئن ٻولين کي به ڪي قدرت جا قاعدا مڃڻا پون ٿا، ۽ خود اهي قاعدا به ڪن اصولن تي ٻڌل آهن، جن جو لاڳاپو انسانذات سان آهي؛ ڇاڪاڻ ته ٻولين جا ڳالهائيندڙ فقط انسان آهن، تنهنڪري انهن اصولن جو لاڳاپو به ضرور انسانن سان ٿيندو. اهو نئون علم، جو جدا جدا هنڌن جي ٻولين جي ڀيٽ ڪرڻ سان هٿ آيو، تنهن جو نالو رکيائون Comparative Philology، جنهن کي Glossology (علم لغات) ۽ Linguistic Science يعني ڀاشا وگيان يا ٻولين جي سائنس سڏين ٿا.

ٻهرئين ٿي يوروپي، جرمنيءَ جو نامور عالم، فرئنسز باپ هو، ١٨١٦ع ۾ هن صاحب هڪ گرامر ڇپائي پڌرو ڪيو، جنهن ۾ سنسڪرت، يوناني، لاطيني، فارسي ۽ جرمنيءَ جي ٻولين جي گردانن يا ڦيرن جي هڪجهڙي ترتيب ڏيکاري، وگيانڪ (Scientific) ريت سان ثابت ڪيو، ته سر وليم جونس جو قياس سچو هو ۽ اهي ٻوليون برابر اهڙيءَ ڪنهن قديم ٻولي مان پيدا ٿيون آهن، جا هن وقت دنيا جي ٻئي ڪنهن به ڀاڱي ۾ ڳالهائڻ ۾ نٿي اچي.

يوروپي لوڪن لاءِ هاڻ هڪ وڏو مسئلو پيدا ٿيو. هو چوڻ لڳا ته، هندستان ۽ ايران، جي يورپ کان ڪي هزار ڪن ڪوهه پري آهن، تن جي ٻولين جو پاڻ ۾ جگري ناتو ٿيو ڪيئن؟ هي پرولي سلي ڪير؟

هندن جي 'رگ، ويد' مان پتو پوي، ته اهي آريه لوڪ هئا، جي پنهنجي نشاني هيءَ ڏيئي ويا ته ويد ڇڏي ويا آهن. ايران طرفان پتو پوي ته خود 'ايران' لفظ اصل ۾ آهي 'ائرين' - يعني آرين جو ملڪ. هوڏانهن يورپ ڏي 'آئرلئنڊ' آهي، جنهن جي به اکري معني آهي 'ائر'، (شهزادن) يعني آرين يا شريفن جو ملڪ. رڳو انهن نالن منجهان ئي جيڪر هرڪو سمجهي، ته اڳي هندستان ۽ ايران کان وٺي آئرلئنڊ تائين سمورو ملڪ آرين جو هو. هندن جي رگ ويد ۽ پارسين جي زنداويستا جي پاڻ ۾ ڀيٽ ڪري ڏٺائون، ته انهن ٻنهي ڌرمي پستڪن جي نه رڳو ٻولي هڪٻئي سان گهڻي مشابهت رکي ٿي، پر ڪيترا ڌرمي خيال به منجهن ساڳيائي آهن. ڪن ديوتائن جا نالا جهڙا رگ ويد ۾، تهڙا يونانين جي ڏند ڪٿائن ۾! مثلاً هندن جي رگ ويد مان معلوم ٿو ٿئي ته آڳاٽا آريه لوڪ آڪاس يا آسمان کي پتا (پيءُ) ۽ ڌرتيءَ کي ماتا يا ماءُ ڪري پوڄيندا هئا. آڪاس کي سڏيندا هئا 'ديوس پتر' يعني ابو آڪاس، (The sky-father) انهيءَ 'ديوس پتر' جو اچار لاتن ٻوليءَ ۾ آهي(Ju-peter). گريڪ يا يوناني ٻوليءَ ۾ 'ديوس' جو آچار 'زيئوس' zeus آهي ۽ اهو وڏو ديوتا ليکيو هو. مطلب ته ٻولين جي ڀيٽ ڪرڻ سان علم لغات (Comparative philology) جو پتو پوي، ۽ هاڻ ڏند ڪٿائن جي ڀيٽ (Comparative Mythology) مان عيڪاري يقين ٿين، ته

انهن سڀني هنڌن، جي آرين جي نه فقط ٻولي ساڳي هئي، پر ڌرم ڪرم به ساڳيو هون.

يورپي لوڪن کي پنهنجن ابن ڏاڏن جي احوال جي اڳي ڪابه سڌ ڪانه هئي. هاڻ جو ٻولين جي کوجنائن ڪندي تاريخ-روپي ٽورا جهلڪا ڏيندا نظر آين، ته تاريخ جي کوجنائن ۾ پيا. هندن جي ويدن، پرائڻن ۽ اتهاسن يعني رامائڻ ۽ مهاڀارت مان، ٻڌ ڌرم وارن جي ڌرمي ڪتابن مان، ڪن يونانين ۽ چيني مسافرن جي سفرنامن مان، ۽ ٻين هنڌان ڪيترو تاريخي احوال ڪٺو ڪري، اسان کي قديم هندستان جي تاريخ جوڙي ڏني اٿن، ڇو جو عربن جي ڪاهه کان اڳ جي تاريخ هئي ڪانه.

آرڪيالاجيڪل کاتي وارن به تاريخي احوالن ڪٺي ڪرڻ ۾ گهڻي مدد ڪئي. انهن ميسوپوٽيميا طرفان ڪيترئين حقيقتون هٿ ڪيون، جن مان پتو پوي ٿو، ته عيسوي سنه کان پندرهن صديون کن اڳي، آرين جون انهيءَ طرف ٻيٺڪون هيون. انهن ۽ ٻين کوجنائن مان يورپي عالمن کي اهڙن وسهڻ لاءِ سبب ٿيو ته آڳاٽا آريه لوڪ وچ ايشيا ڏي، يا انهيءَ ڪنهن طرف، گڏ رهندا هئا، جتي ٻولي ساڳي هين. پوءِ منجهائن ڪي يورپ ڏي ته ڪي ايران ڏي ويا، ۽ اتان ڪي جبل جهاڳي اتر-هندستان ۾ آيا ۽ پنهنجي سنسڪرت ٻوليءَ جو اتي ڦهلاءُ ڪيائون، جنهن مان پوءِ سنڌي، هندي، گجراتي ۽ ٻيون ڏيهي آريه ٻوليون پيدا ٿيون.

انهن سڀني هنڌن جي ٻولين کي گڏي "انڊو-يورپين" Indo-European ٻوليون سڏيو اٿن، ته سمجهڻ ۾ اچي، ته هندستان ۽ يورپ جي ٻولين جو پاڻ ۾ جڳري ناتو آهي.

انهن سڀني هنڌن جي ٻولين کي گڏي ڪي صاحب 'آريه' ٻوليون به سڏين ٿا، ڇاڪاڻ ته انهن ٻولين جا ڳالهائيندڙ اصل آريه لوڪ هئا. جرمني وارا پاڻ کي 'آريه' سڏائيندي فخر وٺن ٿا، پر سرگروهه سمن ۽ ٻيا ڪي يورپي چون ٿا ته سڀن ابا-ڏاڏا آريه نه هئا، پر آرين جهڙي ٻولي ڳالهائيندا هئا. ايترو قبول ڪن ٿا ته ايران جا پارسي لوڪ ۽ هندستان جا آريه اصل هڪڙي جو هڏ رت آهن، تنهنڪري رڳو ايران جي ٻولين ۽ سنسڪرت ۽ انهيءَ مان نڪتل ٻولين کي 'آريه' ٻوليون سڏين ٿا، باقي ٻين هنڌن جي ٻولين تي ٻيا ٻيا نالا رکيا اٿن. انڊو-يورپين ٻولين جي خاندان وارن اٺن شاخن تي هيٺيان نالا رکيا اٿن:

(۱) آرين شاخ The Aryan Branch، جنهن ۾ سنسڪرت ۽ ان جو اولاد ۽ ايراني ٻوليون ليکجن ٿيون.

(الف) سنسڪرت مان پالي ۽ ٻيون پراڪرت ٻوليون پيدا ٿيون، جي پوءِ ڦري سنڌي، هندي ۽ گجراتي وغيره ٿيون.

(ب) فارسي، بلوچي، مڪراني، افغاني يا پشتو، ڪردستان جون ٻوليون ۽ داردستان جون دارد ڪ ٻوليون (ڪشميري وغيره)، لهندا، ملتاني ۽ سرائڪي، ايراني دفعي ۾ ليکجن ٿيون.

(۲) آرمينيا جي شاخ The Armenian Branch

(۳) هيلنيا جي شاخ The Hellenic Branch

(٤) آلبينيا جي شاخ The Albanian Branch

(٥) اٽاليءَ جي شاخ The Italic Branch

هن ۾ لاٽن، فرينچ، اسپين ۽ پورچوگال جون ٻوليون ليکجن ٿيون.

(٦) سيلٽڪ يا (ڪيلٽڪ شاخ (ڪيلٽ يا گال لوڪن جون ٻوليون) The Celtic Branch

(٧) بالٽوسلاواني شاخ (لٿونيا، رشيا، بلگيريا وغيره جون ٻوليون) The Balto Slavnic.

(٨) ٽيوٽاني شاخ The Teutonic Branch جنهن ۾ سڪنڊينيويا (سئيڊن، ناروي، آئيس لئنڊ ۽ ڊينمارڪ)، جرمنيءَ جون ٻوليون گاٿڪ سميت، اينگلو سئڪسن، انگريزي، ڊچ ۽ فليمش ٻوليون ليکجن ٿيون.

انهن سڀني مان اسان جي سنڌي ٻوليءَ جو جگر ناتو سنسڪرت جي ڪري آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ

(ڀاڱو پهريون)

باب پهريون — قديم سنڌ ۽ اڻ آريه ٻوليون

سنڌ جو جنم

۱- سنڌ جو ڳڻو ڀاڱو سمنڊ مان پيدا ٿيل چوڻ ۾ اچي ٿو: ڌرتيءَ جي علم جا ڄاڻو چون ٿا، ته نهايت قديم زماني ۾، اتر-هندستان وارو پاسو، گهڻو ڪري سمورو سمنڊ جي پاڻيءَ هيٺ هو- پوءِ خوفناڪ سبب سمنڊ هٽي پري ٿيو ۽ زمين ظاهر ٿي بيٺي*.

قديم سنڌ جا رهاڪو

۲- سنڌ مان سمنڊ هٽي پري ٿيو، ته جن لوڪن اهو واريءَ پٽ اچي وسايو، تن مان قديم ۾ قديم لوڪ هاڙوڪن ڪولن، سنٿالن ۽ ڀيلن وغيره جا ابا-ڏاڏا هئا. ڪن ڪولن جا لاش موهن جي دڙي مان لڌا آهن، جا ڳالهه آرڪيالاجيڪل کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل سرجان مارشل، پنهنجي ڪتاب 'موهن جو دڙو' ۾ ڄاڻائي آهي.

---

* Sind is mainly a Sea- born land. M.B. Pithawlla; *Marvels of the Earth*, p. 51.
Mr. Wadia *Ceology of India*, p. 5, et seg.

ڪول ۽ سنٿال ڪٿان آيا؟

٣- عالمن جو چوڻ آهي ته قديم زماني ۾ جڏهن اتر-هندستان ڏي سمنڊ هو، تڏهن ڏکڻ-هندستان وارو پاسو آفريڪا، سلون (لنڪا) ۽ آسٽريليا سان خشڪيءَ جي رستي ڳنڍيل هو. ڪولن ۽ سنٿالن جي ٻولين جي بناوت آسٽريليا طرف جي ٻولين سان گهڻي قدر مشابهت رکي ٿي. انهيءَ مان اهو انومان ڪيو اٿن، ته انهن لوڪن جا ابا-ڏاڏا انهيءَ غرق ٿيل کنڊ وارا پٽ لتاڙي، خشڪيءَ جي رستي آسٽريليا ڪان چين ولايت واري وات وٺي، آسام ۽ بينگال ڏي آيا ۽ پوءِ اتر-هندستان ڏي وڌيا. انهيءَ سموريءَ وات تي جيڪي ٻوليون چالو آهن، تن جو جگري ناتو آسٽريليا طرف جي ٻولين سان آهي.

ڪولن ۽ سنٿالن ۾ ڪي 'منڊ' لوڪ به هئا، تنهنڪري سندين ٻولين کي گڏي 'ڪوليرين Kolarian ۽ 'منڊا' Munda ٻوليون سڏيو اٿن ۽ اهي آسٽريليا جي ٻولين جي خاندان Austric family جي هڪ شاخ ليکجن ٿيون.

ڪولن جي ٻوليءَ جو نمونو

٤- ڪول، سنٿال، ڀيل وغيره اڳي جڏهين سنڌ سميت سڄي-اتر هندستان ۾ رهندا هئا، تڏهين سنڌ ۾ جيڪا ٻولي چالو هئي، سا هن وقت وچ-هندستان ۾، چوٽا ناگپور طرف ڪول ۽ سنٿال ڳالهائيندا آهن. انهيءَ ٻوليءَ جي بناوت جي نموني ڏيکارڻ لاءِ هتي هڪ مثال ڏجي ٿو.

سنٿالي (سوُنتالي) ٻولي ۾ 'دل' معنيٰ 'مارڻ'. هن ھڪڙي ئي لفظ سان پڇاڙين پٺيان پڇاڙيون گڏجي چون 'دل - اوچو - آڪن - تھھن - تءَ - تن - آ - اي'. انهين ھڪڙي ئي لفظ پٺيان پڇاڙين (Siffixes) گڏڻ سان هيءَ هڪ جملو جڙي پيو آهي' جنهن جي معنيٰ آهي ته 'هيءَ جو هن جو آهي ۽ اهو جو منهنجو آهي' سو پاڻ کي پيو مارائيندو.' انهيءَ ساڳئي 'دل' لفظ جي وچ ۾ جيڪڏهين 'پ' گڏجي 'دپل' چئبو، ته انهيءَ مان هڪٻئي کي مارڻ جي معنيٰ نڪرندي. جيڪڏهين 'دل' ۽ 'دپل' لفظن جي پٺيان ساڳيون ئي مٿيون پڇاڙيون رکو ٿوري ڦيرڦار سان گڏبيون، ته پوءِ مارڻ ۽ مارامارىءَ بابت ڪيئن جملا جڙي پوندا*. مسٽر سڪريفسرڊ Mr. Skrefsurd وارو سنٿالي گرامر ڏسو ته 'دل' فعل جو گردان رکو ضمير غائب عدد واحد ۾ ڪيو اٿس، ته هڪ سؤ کن صفحا پرجي ويا آهن! اسان جي پرڳڻي ۾ اجها اهڙي قسم جي ٻولي ڪولن ۽ سنٿالن جي صاحبيءَ ۾ چالو هئي. اڻ آريہ قومن جون ٻوليون مرڪب منزل Agglutinative Stage واريون ٻوليون آهن، جنهن جو هڪ مثال ترڪي ٻولي به آهي. انهيءَ منزل وارين ٻولين ۾ لفظن سان پڇاڙيون (glue) گنڊيئيون پون ٿيون، تنهنڪري لفظن جون صورتون نهايت پيچيديون ٿين ٿيون، ۽ انهيءَ سبب انهن ٻولين جو گرامر نهايت ڏکيو ٿئي ٿو.

---

* Sir Grierson: Linguistic Survey of India, Vol: I, Part 1.

ڪولن جي ٻوليءَ جا سنڌيءَ ۾ نشان

۵- هن وقت اتر-هندستان ۾ آريہ ٻوليون چالو آهن ۽ ڪولن جي ٻوليءَ، جو ناتو بہ ڪونهي. انهيءَ هوندي بہ سندين ٻوليءَ جو ڪو ڪو نشان اڄ تائين اسان وٽ آهي- مثلا اسان جا هاري نادار ۽ ٻيا اڻپڙهيل اڪثر ويهون-ويهون ڪري ڳڻيندا آهن- اهي 'پنجاهہ' بدران چون 'اڍائي ڪوڙيون' ۽ 'سٺ' بدران چون 'ٽي ڪوڙيہ ن' يا 'ٽي ويهون' . انهيءَ تان چوڻي بہ آهي تہ 'جهڙي سٺ تهڙيون ٽي ويهون' . سو گريئرسن جو چوڻ آهي، تہ اهو انگن ڳڻڻ جو دستور ڪولن ۽ سنٿالن جو آهي، جو اتر-هندستان جا اڻپڙهيل اڄ تائين هلائيندا اچن ۽ خود 'ڪوڙي' منڊا ٻولين جو لفظ آهي*. هن موجب چئبو تہ اسان وٽ جو ڪي چوندا آهن، تہ انگريزي لفظ 'سڪور' (Score) جو اُچار سنڌيءَ ۾ بگڙجي 'ڪور-ڪوڙي' ٿيو آهي، سا غلط ڳالهہ آهي.

(الف) ويهہ-ويهہ ڪري ڳڻڻ جي ترتيب (Vigesimal system) اسان ڪي ڪل جهڙي پيئي لڳي، ۽ اسين اهو اڻپڙهيلن جو دستور ڪري ليکيون ٿا، ڇاڪاڻ تہ اسان جي ڳڻڻ جو دستور 'ڏاهيءَ' يعني 'ڏهاڪن جي ترتيب' (Decimal system) تي ٻڌل آهي. اسان جن انگن تي نالائي اهڙيءَ طرح رکيل آهن- مثلاً 'ٻارهن' (اصل 'ٻاڏهن') معنيٰ ٻہ ۽ ڏهہ، تيرهن (ٽيڏهن) معنيٰ ٽي ۽ ڏهہ، ۽ چوڏهن معنيٰ چار ڏهہ. ٻيا مثال:

* Linguistic Survey of India, Vol; I, part I, p. 35 anp 132.

سنڌي	سنسڪرت	اصل لفظ	معنيٰ
ويهه	ونشي	دؤ- دشنتي	ٻه ڏهاڪا
ٽيهه	ٽرنشتي	ٽر- دشنتي	ٽي ڏهاڪا
چاليهه	چتوار نشت	چتواردشنت	چار ڏهاڪا
پنجاهه	پنچاشت	پنچ-دشنت	پنج ڏهاڪا

پيا انگ به ائين جڙيل آهن. اهي آريه لوڪن جا جوڙيل آهن.

(ب) آڳرين تي ڳڻڻ جو رواج بلڪل سياويڪ ۽ نهايت سهنجو سولو آهي. انهيءَ سبب ڄاڻجي ٿو ته آڳاٽن آرين کي ڏهه-ڏهه ڪري ڳڻڻ جو خيال هٿن جي ڏهن آڱرين تان آيو. ڪولن ۽ سنٿالن شايد ٻيرن جون آڱريون به ٽي ڳڻيون، جنهنڪري ويهه-ويهه ڪري ٿي ڳڻيائون.

٦- سنڌيءَ ۾ آوازن مان نهيل لفظ گهڻا آهن- مثلاً ڪتي جو آواز 'ڀؤ ڀؤ'، ٻلي جو آواز 'مياؤں مياؤں'. ڪتي ۽ جهرڪيءَ جو آواز 'چون چون' ۽ بلبل جو 'ٽڪاو ٽڪاو'. انهن کان سواءِ گهنگهڙ، جهڻجهڻ، ٽڪ ٽڪ، ٺاٺا، ٽڪاٽوڪي ۽ پيا ڪيترا آوازن مان نهيل لفظ آهن. هاڻوڪا ڪول ۽ سنٿال به ائين آوازن مان نهيل لفظ گهڻا ڪم آڻين ٿا. سنڌن ابن-ڏاڏن جي ٻوليءَ جو اهو اثر آرين جي ٻوليءَ تي ٿيو هجي ته عجب ڪونهي*.

* "Onomatopoetic words and jingles, however are characteristic of Kol as well. It may be that in this matter there is also Kol influence on Aryan" Dr. S. K. Chatterji *The origin and Development of the Bengali Language*, Voll 1.p.175

(الف) ڪولن ۽ منڊ لوڪن جي ٻولين جا ٻيا به ڪي نشان سنڌيءَ ۾ هوندا ته عجب ڪونهي. هن باري ۾ ڪي يورپي لوڪ وڌيڪ کوجنائون ڪن پيا، پر ايترو اڳيئي ڄاڻايو اٿن ته ڪول ۽ سنٿال ڪو گهڻو سڌريل ڪونه هئا.

سنڌ ۾ دراوڙ Dravidians

٧- قديم هندستان جون تاريخون، جي يورپي عالمن کوجنائون ڪري ويڇوڙائيءَ ۾ ناهيون آهن، تن ۾ ڄاڻايل آهي، ته ڪولن ۽ سنٿالن جي صاحبيءَ ۾ دراوڙ لوڪ ڪاهي آيا، جن ڪولن ۽ سنٿالن کي هتاڏي وڃ- هندستان ڏي ڪيو ۽ پاڻ اتر- هندستان جا والي ٿي ويٺا. تازو موهن جي دڙي مان ڪن دراوڙن جا لاش لڌا آهن. ۽ انهن سان گڏ ڪولن ۽ سنٿالن جا به لاش لڌا آهن. هن مان سمجهجي ٿو ته دراوڙن جي ڪاهه ٿيڻ کان پوءِ به ڪي ڪول ۽ سنٿال ساڻن گڏ رهيا پيا هئا*.

*:It may be that the two races (Kolarians and Dravidians) dwelt side by side· and this is the theory now generally accepted Or it may be that tne Kolarians first inhabited the country and that the Dravidians came later, either from the North-West or from theSouth. at a time when the land now submerged beneaoth the sea. is supposd to have stretched from india in the direction fo Australia."

E, Marsden ahd Sir Henry Sharp: A *History of India P. 13*·

دراوڙ ڪٿان آيا؟

٨- دراوڙ لوڪ اصل ڪٿان آيا، تنهن بابت عالمن جا جدا جدا رايا آهن، جن مان ٻه مکيه آهن: هڪڙا چون ٿا ته دراوڙ لوڪ به ڏکڻ-هندستان کان آيا، ۽ پوءِ اتر-هندستان ڏي وڌيا، ويجهڙائيءَ ۾ جيڪي کوجنائون ٿيون آهن، تن ٻاندر ڪن جو چوڻ آهي ته دراوڙ لوڪ يونوچ سمنڊ (Mediterranean Sea) طرف رهندڙ قومن مان هئا، اهي ٻهرڊائين ڪجهه وقت ميسوپوٽيميا طرف رهيا ۽ پوءِ بلوچستان واري واٽ وٺي هندستان ڏي آيا. سنجهائڻ ڪن گنگا نديءَ واري ماٿري ته ڪي سنڌو نديءَ واري ماٿري والاري ويٺا*.

تازو موهن جي دڙي مان جيڪي حيرت جهڙيون حقيقتون هٿ آيون آهن، تن جي ڏکر ڪندي سرجان مارشل چيو آهي ته سنڌو نديءَ جي ماٿريءَ جي اها سڀيتا قديم دراوڙ لوڪن جي آهي ۽ اها ميسوپوٽيميا ۽ مصر ملڪ جي قديم سڀيتا سان ملي اچي ٿي؛ پر ڪن ڳالهين ۾ انهن کي به شهه ڏيئي وڃي ٿي*. هن مان ظاهر آهي ته دراوڙ لوڪن جي ميسوپوٽيميا طرف وارن سان گهڻي لهه وچڙ هئي، جنهنڪري سنڌ ۾ تهذيب به انهي جي ماڻهن جهڙي ٿي.

---

* Dr. S. K. Chatterji; *The Oregin & Develop: of the Bengali Language, Vol. 1.*

* Sir John Marshall: *Mohan-jo-daro and the Indus Civilization Vol. 1, P. 5, Preface.*

دراوڙن جي ٻولين جو خاندان

٩- دراوڙي ٻولين جو خاندان يا ڪل ئي نرالو آهي، جنهن ۾ تامل، تيليگو، ڪنڙيز ڪرگو ۽ مليالم (مل-يه-آلم) ٻوليون مکيه آهن. بلوچستان جا بروهي لوڪ جيڪا بروهي ٻولي ڳالهائين ٿا، تنهن جي نحوي بناوت به دراوڙي ٻولين جهڙي آهي، تنهنڪري اها به دراوڙي ٻولين جي دفعي ۾ ليکجي ٿي. پاڻنجي ٿو ته قديم زماني ۾ بروهي لوڪن جا وڏا به ميسوپوٽيميا طرف رهندا هئا، تنهنڪري اتي ساڳي اها ٻولي ڳالهائيندا هئا، جا هاڻوڪن دراوڙن جا ابا-ڏاڏا اتي ڳالهائيندا هئا. ائين رڳو سنڌين ٻولين جو پاڻ ۾ ناتو آهي، نه ته ٻيءَ طرح بروهي لوڪن جي مدراس ڪاتي وارن دراوڙن سان ڪابه مٽي-مائٽي ڪانهي.

"آڏاسو" لفظ جو بنياد

١٠- دراوڙن جي صاحبيءَ ۾ آريه لوڪ اتر-هند تان تي ڪاهي آيا. آرين جي وچ ۾ ڪي جنگيون لڳيون هيون، تن جو رگ ويد ۾ ججهوئي ذڪر آهي. آين ڌڪار وچان آڻ ريه لوڪن کي 'ڪرشن' (سانورو يا ڪارو)، 'داس' (غلام)، ۽ 'دسيو' (رهزن) ۽ 'آناس' ڪوٺيو آهي. رگ ويد

اشارو- 'دراوڙ' لفظ جو اصل آچار 'درامڙ' ۽ ترامڙ' هو، جو قري 'تامل' ٿيو. مطلب ته دراوڙ ۽ تامل ٻئي اصل ساڳيا لفظ آهن. بشپ، ڪالڊويل: دراوڙي ٻولين جو گرامر. ڇاپو ٽيون، صفحو ٩.

۾ 'اڻاس' لفظ رکيو هڪ پيرو ڪم آيل آهي ۽ هن وقت سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن به ٻوليءَ ۾ اهو لفظ ڪونهي! اسان وٽ عام طرح چون ته 'اناس' (سنڌي 'اڻاسو'). اصل ۾ آهي: آ=نه+ناس=نڪ - يعني 'اڻاسو' معنيٰ جنهن کي نڪ ناس نه هجي، نرلڄو (نرڄو) يا بيشرم. يوروپي عالمن ۾ 'آناس' لفظ جو ترجمو ڪيو آهي Nose-less، يعني جنهن کي نڪ نه هجي؛ پر شاهن آچاريه، جنهن ويدن جي ٽيڪا لکي آهي، تنهن چاڙهيو آهي، ته ويدڪ لفظ 'اناس' اصل ۾ آهي 'ان-آس' (ان=نه+ آس= وات) ۽ اکري معنيٰ اٿس: جنهن کي وات نه هجي (Mouth-less)، يعني جنهن کي برابر ڳالهائڻ نه اچي. سندس چوڻ موجب اڻ آريه لوڪ سنسڪرت لفظن جا آچار پوريءَ طرح ڪري نه سگهندا هئا، تنهنڪري آريه لوڪن کين اناس ڪوٺيو*- هيءَ ته وچاڻين معنيٰ ڏي ٿي؛ پر مصنف کي پنهي معنائن جي وچ ۾ لاڳاپو نظر اچي ٿو. اڄ به گجرات کان هيٺ جيئن مدراس طرف دراوڙن جي ملڪ ڏي وڃبو، تيئن معلوم ٿيندو، ته اتي جي ماڻهن کي ج، گ، م، ن ۽ ڻ جا آچار پوريءَ طرح ڪرڻ نه ايندا آهن؛ ڇو ته نڪ اُتن ڏي ڪونه، جنهن مان اهڙا آچار ڪن. پانڇجي ٿو ته ائين "اناس" (اڻاسو)

* ساڳيءَ طرح ايراني لوڪن کي عربي لفظن جا اچار پوري طرح ڪرڻ نه آيا، تہ عربن کين سڏيو "عجم"- معنيٰ گنگو Dumb.

لفظ جي معنيٰ پوءِ ٿي 'جنهن کي نڪ نہ هجي' ۽ تنهن کان پوءِ ٻيون اصطلاحي معناڻون ٿيس- نڪ نہ رکڻو، بيشرم ۽ بيڪار،
'محبت نہ جن جي من ۾، تن جي مٿي اڏاسي.'
_"سچل"

دراوڙن بابت غلطفهمي

١١- دراوڙ لوڪ آرين جي نسل مان نہ آهن، تنهنڪري 'اڻ آريہ' Non Aryans سڏجن ۾ آيا. انهيءَ 'اڻ آريہ' لفظ جو اُچار پوءِ ڦري ٿيو 'اناڙي' ۽ هاڻ معنيٰ اٿس اڻسڌريل يا جهنگلي. رگ ويد ۾ اڻ آريہ قومن بابت گهٽ وڌ لفظ لکيل آهن، تنهنڪري ڪيترن اهين سمجهيو، تہ آريہ لوڪ سڌريل ۽ اڻ آريہ لوڪ اڻسڌريل هئا. اهين غلطفهمي پيدا ٿي، نہ، تہ حقيقتوَن دراوڙ لوڪ انهيءَ اڳاٽي زماني ۾ بہ نهايت سڌريل هئا، جيئن خود رگ ويد ۾ چاڙهيل آهي. سر جان مارشل بہ لکيو آهي تہ 'تاريخون درست ڪرڻ گهرجن'.

دراوڙن جي ٻولين جو اثر

١٢- آڳاٽا آريہ لوڪ جدا جدا وقتن تي ٽولين-ٽولين تي هندستان ۾ آيا. اتي جي اصلوڪن رهاڪن مان ڪن کي پنهنجو داس (ٻانهو يا غلام) بنايائون. منجهن جيڪي وڏ گهراڻا هئا، تن سان سڱ ڳنڍيائون. اهين هڪٻئي سان لڙهہ وچڙ وڌين، تہ ڪيترا دراوڙي لفظ سنسڪرت ۾ چالو ٿيا. اهڙن لفظن جي هڪ وڏي يادداشت بشپ ڪالڊ ويل

پنهنجي تاميل دراوڙي ٻولين جي گرامر (صفحي ٥٦٧ کان ٥٧٩ تائين) ڏني آهي، جنهن مان ٿورا مثال هي آهن:
مکت (موتي)، ڪُٽيا (جهوپڙي)، ڪثار (ڪهاڙو)، ڪوٽ (قلعو)، ڪٽوا (ڪٽ)، شرنگ وير (هڱ)، مڪل (مکڙي)، پشپ (گل) ۽ ٻيا معنيٰ ڀائي.

جان جاڳان جند جهوڙيءَ ۾، ٿيٽين وهايان ويلي نير،
ڪر منهنجي خواب جو تعبير. (ڪافي)

سنڌ ۾ هن وقت دراوڙ

۱۳- ويدن واري زماني ۾ دراوڙن سان جيڪا آڳاٽن آرين جي لڙهه وچڙ شروع ٿي، سا پوءِ به هلندي آئي. سنڌ ۾ هن وقت جيڪي "اوڏ" آهن، سي اصل دراوڙن جي ڪل مان آهن. سنڌ ۾ ٻيا هن وقت ماڇر ذات جا ماڻا آهن. انهن جو وڌيڪ احوال لاڙي ٻوليءَ جي ذڪر ڪندي ڪبو. آڳئين وقت کان وٺي دراوڙي ٻولين جا جيڪي به اثر لاڙي ٻوليءَ خواه سنڌيءَ ٻوليءَ تي ٿيا آهن، تن جو مناسب هنڌن تي ذڪر ڪبو. انهن سڀني جي ڏکي يادداشت ضميمي ڀرين ۾ ڏني وئي آهي.

آرين جون ٻيڙڪون

۶ ا — رگ ويد مان معلوم ٿئي ٿو، تہ آڳاٽا آريہ لوڪ جدا جدا ڪلن يا خاندانن ۾ ورهايل هئا، جن مان پنجن ڪلن وارا مکيہ هئا، جنهنڪري 'پنچ جن' (Five folks or Five peoples) لفظ رگ ويد ۾ گهڻا ڀيرا ڪم آيل آهي، جنهن جي اکري معنيٰ آهي 'پنج ڄڻا'. انهن مان هڪڙا پروُ، ٻيا انوُ، ٽيان درهيوُ، چوٿان يدوُ ۽ پنجان تروسوُ هئا. تازين کوجنائن موجب چون ٿا تہ سڀ آريہ لوڪ وچ-ايشيا کان ايران واري واٽ وٺي، اتر-هندستان ۾ آيا؛ باقي يدوُ ۽ تروسوُ آرين بابت تہ خود رگ ويد ۾ لکيل آهي، تہ اهي سمنڊ جي رستي آيا هئا ۽ اِندر ديوتا کين سلامتيءَ سان آڻي پهچايو هو*. وڏيڪ کوجنائن سان يوروپي لوڪن کي يقين ٿيو آهي، تہ اهي يدوُ ۽ تروسوُ بابل يا بئبلان کان سمنڊ جي رستي اچي، اول سنڌ ۾ رهيا

*"Thou roaring Iudra, dravest on the waters that make a roaring sound like rushing rivers, What time, O Hero, o'er the sea thou broughtest, in safety broughtest, Turvasu and yadu."
Rg Vedo, vi 20 12. Griffith's translation.

هئا، انهن ڪوڄاڻن جا بيان رايل ايشيائڪ سوسائٽيءَ جي جرنل ۾ ڏنل آهن، جن مان ٿورو مضمون سنه ١٩١٠ع ۾ سنڌ ڪاليج مسيلني ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو هو*. يورپي عالمن جو چوڻ آهي ته آڳاٽن آرين جي ٻئبلان (بابل) سان لهه وچڙ هئي ڪري، انهيءَ طرف جا ڪي لفظ سنسڪرت ۾ اچي ويا، مثلاً 'مَنَ' (سنسڪرت 'مَن' - ٤٠ سير) ٻئبلونيا جو لفظ آهي، جو فارسيءَ ۾ به اچي ويو آهي. اهڙو ٻيو لفظ 'ڪنس' آهي جنهن جو اُچار سنڌيءَ ۾ آهي 'ڪنجهو' (ساڳيءَ طرح 'هنس' جو اُچار ڦري ٿيو 'هنجهه' - هنج پکي). پاڻمجي ٿو ته ڪنجهي جي باسڻ جوڙڻ جو رواج ٻي ٻئبلونيا طرف جي ماڻهن وٽان سکيا آهيون.

١٥ — رگ ويد ۾ سيني ڪلن جي آرين بابت ڄاڻايل آهي، ته اهي ستن ندين جا ڪنارا پاڻيءَ جي سهنج ڪري والاري ويٺا هئا، جن مان پنج نديون پنجاب واريون هيون، ڇهين سرسوتي ۽ ستين سنڌو، جنهن ۾ سنڌو نديءَ جون پرتي ڪنڌڙ نديون (ڪابل ندي وغيره) به لبڪيون وڃن ٿيون. انهن ستن ئي ندين کي گڏي 'سپت سنڌو' يعني ست درياءَ سڏيندا هئا، جنهن جو اُچار پارسين جي زنداويستا ۾ 'هپت

* "We know from recent historical research that before the Aryan conquest, Sind was peopled by the tribes of Yadus and Turvasus".

D. F. Sind College Miscellany, monsoon term issue of 1910, P. 82

هندو' ليکيل آهي* انهيءَ ايراضيءَ ۾ سنڌ، پنجاب ۽ گنڌار (هاڻوڪو پشاور ۽ ان جو آسپاس وارو ملڪ) اچي ٿي وڃي. هندستان جي ٻين ڀاڱن (بينگال وغيره ۾) اڻ آريہ قومون رهنديون هيون.

سنڌ ۾ پنچالن جي حڪومت

۱٦- رگ ويد جي ٻهرين ڏي ٻهرين منڊل مان معلوم ٿئي ٿو، تہ انهيءَ قديم زماني ۾ سنڌ جو راجا سونيہ ڀاويہ Svanya Bhavaya هو، جنهن جي راڻيءَ جو نالو "روماسا" هو. اهو راجا ڪروي (Krivi) آرين مان هو، جي پوءِ "پنچال" سڏجڻ ۾ آيا. انهن مان ڪي اسڪني (چناب) نديءَ جي ڪناري تي، تہ ڪي سنڌو نديءَ جي ڪناري تي رهندا هئا. سندن سوٽ 'پرو' آريہ لوڪ هئا، جن مان ڪي شتدري (ستلج) تہ ڪي سرسوتي نديءَ جي ڪناري تي رهندا هئا. اهي سنڌ ۽ پنجاب وارا آريہ لوڪ هئا، جن اڻ آريہ لوڪن يعني دراوڙن وغيره سان جنگيون جوٽيون، پنهنجو دڳ ڇماڻو ۽ پنهنجي سنسڪرت ٻوليءَ جو ڦهلاءُ ڪيو، جنهن مان پوءِ سنڌي، هندي وغيره ٻوليون پيدا ٿيون.

* "سنڌو" لفظ جو اُچار اُڳاٽن ايرانين ڦيرائي ڪيو هندو'، جو نالو پوءِ سڄي هندو جاتيءَ بلڪ سڄي هندستان تي پيو. 'هندو' (سنڌو) لفظ جي اصل معنيٰ هئي، سنڌو نديءَ جي ڪناري تي رهندڙ يا سپت سنڌوءَ ۾ رهندڙ. پوءِ ٻيون قومون آيون، تہ 'هندو' جي معنيٰ ٿي 'برهمڻي ڌرم کي مڃيندڙ.'

ويدڪ سنسڪرت

۱۷ – هندن جا چار ويد آهن، جن مان رگ ويد سڀني کان اڳاٽو آهي. رگ ويد ۾ جيڪي منڊل (باب) آهن، سي جدا جدا زمانن جا لکيل آهن، تنهنڪري خود رگ ويد جي ٻوليءَ ۾ ڦير آهي. رگ ويد جون ڪي ڪي (رچنائون (Hymns) اهڙيءَ ڪنهن قديم سنسڪرت ۾ لکيل آهن، جو جيڪي رشي، ويدن واري زماني کان سگهوئي پوءِ ٿي گذريا، سي به انهن جو مطلب سمجهي نٿي سگهيا، جنا حقيقت ڊا ڪٽر پنڊارڪر پنهنجي ڪتاب 'ولسن فلالاجيڪل ليڪچرس' (علم لغات بابت تقريرن جي صفحي ۱۶) ۾ ڄاڻائي آهي. پين ٽن ويدن جي ٻوليءَ ۾ به ٿورو ٿورو ڦير آهي، پر تڏهن به انهن چئني ويدن ۾ ڪم آيل ٻوليءَ کي 'ويدڪ سنسڪرت' يعني ويدن جي زماني واري سنسڪرت*

---

* سنسڪرت لفظ جو ڌاتو يا بنياد آهي 'ڪر' Kri معنيٰ ڪرڻ، جنهن جو اسم مفعول 'ڪرت' معنيٰ ڪيو يا ڪيل. 'سم' هڪ اڳياڙي (preficx) آهي، جنهن جي معنيٰ آهي 'چڱو'، تنهنڪري 'سمڪرت' (سنسڪرت) ٻولي معنيٰ چڱي يا صاف ٿيل يعني آڄاريل يا سڌاريل ٻولي Polished or refined language. سنسڪرت ۾ قاعدو آهي ته 'ڪر' ڌاتوءَ جي اڳيان جيڪڏهن 'سم' اچي، ته 'س' جو اچار ٻالائي گڏڻ کپرجي. انهيءَ سبب 'سمڪرت' بدران 'سمسڪرت' (سنسڪرت) ۽ 'سمڪار' بدران سمسڪار (سنسڪار) چئبو آهي.

سڏيو اٿن. سر گريئرسن ۽ ڪن ٻين عالمن جو چوڻ آهي، ته آڳاٽا آريہ لوڪ ڳالهائڻ ٻولهائن ۾، ٿوري لڪپڙهہ ۾ جيڪا ٻولي ڪم آڻيندا هئا، تنهن جو مثال رگ ويد واري ٻولي سمجهڻ گهرجي.

آرين جو مڌيہ ديش ڏي وڃڻ

١٨- رگ ويد کان پوءِ يجرويد آهي، جنهن ۾ سنڌونديءَ ۽ ان جي ڀرتي ڪنڌڙ لدين جو نالو بہ ڪونهي*. آڳاٽن آرين مان، جيڪي 'پرؤ' آريہ لوڪ هئا، تن مان هڪ راجا 'ڪرو' ٿي گذريو آهي، تنهن جي نالي پٺيان ڪي ڀاڻ ڪي 'ڪرو' بہ سڏائيندا هئا، جن جو اولاد پوءِ ڪورو ٿيا، جي پانڊون جا سؤٽ هئا. اهي 'پرؤ' يا 'ڪرو' آريہ لوڪ ۽ سندن ڏورانهان سؤٽ 'پنچال'، جن جي سنڌ ۾ حڪومت هئي، تن مان ڪيترا يجرويد واري زماني ۾ سنڌ ۽ پنجاب جا وڻ ڇڏي، هاڻوڪن آگري ۽ اوڌ جي گڏيل پرڳڻن ڏي ويا. اُتي جنهن هند ٻيڪون وڌائون، سو هند سندن نالن جي پٺيان ڪرو-پنچال ديش سڏجڻ ۾ آيو. انهيءَ ڀاسي پيا آريہ لوڪ بہ رفتي رفتي ايترقدر ٽڙي پکڙي ويا، جو هماليہ جبل کان وٺي وندِيا جبل تائين سمورو ملڪ سندن ٿيو ۽ اهو مديہ ديش يعني وچولو ملڪ Midland

*"We hear no more of the Indus and its tributaries, for the geographical date of all the recensions of the Yajura Veda point to the Kurupanchal country lying between the Saraswati and Drishdavati (Ghoghra)." *Dr. Macdonell Sanskrit Literature.*

سڌ جل ۾ آيو. اهو "آريہ ورت" يا آرين جو ڪنڊ بہ
ڪوٺجيا ٿو. انهيءَ ھاسي ھو ٻين ٻين اڻ آريہ قومن سان
لڙھ وچڙ ۾ آيا، تہ سندين ٻوليءَ ۾ ڪجھہ بگاڙو ٿيو؛
پر سنڌ جي سنسڪرت اڃا ٺيٺ ھئي. اڄ بہ سنڌي ٻوليءَ
۾ قديم سنسڪرت جا ڪي اهڙا نشان آهن، جي مڌيہ ديش
جي هاڻوڪي هنديءَ يا هندستانيءَ (اردو) ۾ ڪونهن.

سنڌ ۽ پنجاب جي گڏيل حڪومت

١٩- يجرويد واري زماني ۾ ڪيترا آريہ لوڪ سنڌ ۾
پنجاب مان لڏي مڌيہ ديش ڏي ويا، تہ آنو آريہ لوڪن
جو مڪو سڄي وڏو. آهي پنهنجي تمام آڳاٽي وڏي ڏاڏي
راجا آنوءَ جي نالي پٺيان "آنو" يا "آنؤ" Anava يعني
راجا آنوءَ جو اولاد سڏبا هئا، ۽ ڪي پنهنجي وڃهي ڏاڏي
"شوي" جي نالي پٺيان "شوي آريہ" سڏبا هئا. رگ ويد
واري زماني ۾ اهي پرشني (راوي) نديءَ جي ڪناري تي
رهندا هئا. انهيءَ ھاسي ھو جنهن هنڌ چاڙا نپنا هئا سو هنڌ
سندن ڏالي پٺيان "شيو پور" (شوي، سبي) سڏبو هو، ۽ هاڻ
شارڪوٽ ڪوٺجي ٿو*. انهن شوي آرين جي اولاد مان

---

* "ShorKot in the Jhang district was the capital of the Sibi Country, its ancient name being Sibi and Shivapur, as proved by an inscription dated 83 G.E. (=A.D.402-03) on a large copper Cauldion from a Buddhist monastery now in the Lahore Museum.

Dr. V. A. Smith: Early History of India, 4th Ed: p. 97 (Footnote).

ھڪڙو ھو ڪيڪيہ ۽ ٻيو سؤوير. انھن ٻن ڀائرن پنجاب جا ڪي ڀاڱا ھٿ ڪيا، جي سندن نالن پٺيان ڪيڪيہ ۽ سؤوير سڏجڻ ۾ آيا. سندن ٻن ڀائرن پنجاب جا ٻيا پاسا ھٿ ڪيا. انھيءَ ريت شوي آرين سڄوئي پنجاب، بلڪ ايران جو ڪجھ پاسو، پنھنجي قبضي ڪيو. پراڻن ۾ چاٿايل آھي، تہ انھن شوي آرين سنڌ بہ فتح ڪئي*. انھيءَ ريت پنجاب ۽ سنڌ جي گڏيل حڪومت ٿي.

٢٠- آنوَ يا سوي آرين جا ڏورانھان سوٽ دروھيوَ آرين ھئا. انھن مان ھڪ راجا گانڌار ھو، جنھن ھاڻوڪو پشاور ۽ ان جي آسپاس وارو ملڪ پنھنجي قبضي ڪيو ھو ۽ اھو سندس نالي پٺيان ’گنڌار‘ سڏبو ھو، جنھن جو اچار ھاڻي قنڌار ڪيو اٿن. انھن دروھيوَ آرين مان ڪيترا پنجاب ۾ ھئا، تن کي آنو آرين اتان ھڪاليو تہ اھي گنڌار ڏي وڃي رھيا.

ٿيٺ سنسڪرت جو سنڌ تي اثر

٢١- گنڌار (قنڌار) وارو پاسو توڙي ڪيڪيہ پرڳڻو، جو ھاڻوڪي ديري اسماعيل خان ۽ ديري غازي خان کان وٺي ملتان جي حدن تائين ھو، سي ٿيٺ سنسڪرت جي ڪري ايترقدر مشھور ھئا، جو خود مڌيہ ديش وارا انھيءَ اتر طرف وديا پرائڻ ويندا ھئا. انھيءَ اتر طرف کان جيڪي

* *F. E partiger: Ancient Indian Historical Tradition, pp. 264 and 293.*

علم پراڻي ايندا هئا، تن جا اُچار صحيح ۽ چٽا هوندا هئا ۽ ماڻهو کين سَنَدَ ڪري ليکيندا هئا. هيءَ ڳالهه خود ويدن جي هڪ ٻرهمڻ ۾ ڄاڻايل آهي*. سچيءَ سنڌ ۾ اڄ بہ سنڌ جي وچولي جي سنڌي ٻولي جهڙي نُسَ چٽجي، تهڙي ٻي نہ آهي. اهو شوي آرين جي سنسڪرت جو اثر آهي. سرحد سنڌ جا رهاڪو، خاص ڪري شڪارپوري، قديم زماني کان وٺي ڳنڌار (قنڌار) طرف وارن وارا سنسڪار پراڻي رهيا آهن، تہ اڄ بہ ڏسو تہ اُچار سنڌن صفا ۽ چٽا آهن ۽ شڪارپور جي ٻوليءَ ۾ ميناج بہ اهڙو آهي، جو سچيءَ سنڌ ۾ ٻئي ڪنهن بہ هنڌ جي ٻوليءَ ۾ ڪونهي. هنن ڳالهين جي وڌيڪ اپٽار 'وچولي' ۽ 'سريلي' جي ذڪر ۾ ڪبي.

سنڌ ۾ مڌيہ ديش وارن جي حڪومت

٢٢- شوي آرين جي حڪومت سنڌ ۽ پنجاب ۾ شايد ويدن واري زماني تائين هلي. اتهاسن واري زماني ۾ اهي ٻيئي هنڌ مڌيہ ديش وارن جي تابعي هئا. راماڻ واري زماني (تريتا جڳ) ۾ مڌيہ ديش طرف ايوڌيا جو راجا دسرٿ

* In the northen quartere Speech is uttered with most discernment, and northward go men to learn speech; he who comes thence to him men hearken". Kaustaki Brahmana vii-6 A.B. Keith's Translation, Quoted by Dr.S.K. Chatterji: *The Origin and Development of the Bengali Language*, *Vol: 1, P. 44.*

هو. ڪانئس پوءِ سندس مربي پٽ سري رامچندر ايوڌيا جي گاديءَ تي ويٺو، جو راڻي ڪوشليا مان ڄائو هوس*. سندس ٻي راڻي ڪيڪئي هئي، جا ڪيڪيہ پرڳڻي جي راجڪماري هئي، تنهنڪري انهيءَ نالي سان سڃاڻجي ۾ ٿي آئي. راجا دسرٿ کي راڻي ڪيڪئيءَ مان ڀرت نالي پٽ هو، جنهن کي سندس ناناڻو پرڳڻو ڪيڪيہ مليو، پر رگهو ونش (١٥، ٨٧) ۾ ڄاڻايل آهي ته ڀرت کي سنڌ ديش مليو* هن حقيقت موجب چئبو، ته آنو يا شوي آرين جو زور انهن سورج ونسي گهرالي جي راجائن اڳيئي ڀڃي، سنڌ ۾ ڪيڪيہ جا پرڳڻا پنهنجي قبضي ڪيا هئا، جنهنڪري راجا دسرٿ کان پوءِ سنديس حڪومت جو ورهاڱو مٿينءَ ريت ٿيو.

٣. مهاڀارت واري زماني ۾ سنڌ جو راجا جندرٿ هو. پراڻن پٽاندر هو پنچالن مان هو، جي يجرويد واري زماني

---

* ايوڌيا جو نالو هاڻوڪي اَوڌ تي پيل آهي. اهو اَوڌ وارو پاسو اڳي 'ڪوشل' سڏبو هو، جو ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل هو: ڏکڻ اتر ڪوشل، جنهن کي 'گؤر' بہ سڏ ڀندا هئا. جتي جا 'گور' برهمڻ اڄ تائين مشهور آهن، ٻيو 'ڏکڻ ڪوشل'. سري رامچندر جي سڳي ماءُ راڻي ڪوشليا انهيءَ ڏاکڻي ڪوشل جي راجڪماري هئي، تنهنڪري انهيءَ نالي سان سڃاڻجي ۾ ٿي آئي.

* Quoted by F. E. Partiger: Ancient Indian Historical Tradition, P. 278.

* *Dr. Sita Nath Pradhan Chronology of Ancient India, p. 103.*

۾ مڏيءِ ديش ڏي ويا هئا. مهاڀارت ۾ راجا جئدرٿ جو ٻيو نالو 'سؤوير' ڄاڻايل آهي. البيروني (سنه ١٠٣٠ع ڌاري) ڄاڻايو آهي، ته اڳي ملتان ۽ جهاروا ڙ کي گڏي 'سؤوير' سڏيندا هئا. انهيءَ سبب سمجهڻ سولو ٿيو آهي ته راجا جئدرٿ ملتاني هو. اهو سؤوير پرڳڻو، شوي آرين ويدن واري زماني ۾ هٿ ڪيو هو، پر مهاڀارت واري زماني ۾ سندن هٿ ۾ نه هو.

٢٤- سنڌ گزيٽيئر موجب مهاڀارت واري لڙائي عيسوي سنه کان ٻارهن يا تيرهن صديون اڳ ۾ لڳي هئي. انهيءَ لڙائيءَ ۾ راجا جئدرٿ پنهنجن سالن ڪؤرون جي پاران لڙيو هو، ۽ پانڊون هٿان مارجي ويو هو. ڪانهس پوءِ سنڌ جو پرڳڻو پانڊون جي تابع ٿيو.

تعليم جو واڌارو

٢٥- سري رامچندر جي ڀاءُ ڀرت جا ٻه پٽ تڪش ۽ پشڪر هئا، تن پوءِ گنڌار (قنڌار)* وارو پاسو پنهنجي قبضي ڪيو. اتي سندن گاديءَ جا هنڌ سندن نالن پٺيان تڪش سلا

* راجا ڌرتراشٽر جي راڻي "گانڌاري"، جا ڏرپوڌن ۽ ٻين ڪؤرون جي ماءُ هئي، سا انهيءَ گنڌار پرڳڻي جي راجڪماري، راجا سبل جي ڌيءُ هئي؛ تنهنڪري انهيءَ نالي سان سڏجڻ ۾ ٿي آئي.

* ڪن تاريخن ۾ ٽئڪسلا Taxila لکيل آهي، پر صحيح اچار 'تڪش سلا' Taksha-sila آهي.

۽ پشڪروتي سڏجن ۾ آيا. انهيءَ ٻاسي تعليم جي واڌاري لاءِ ٻوءِ هڪ وڏو وشو ودياليه (يونيورسٽي) عيسوي سنه کان ڇهه صديون کن اڳي، تڪش ﺳﻼ* ۾ برپا ٿيو، جو سڄي هندستان ۾ برک هو. انهيءَ يونيورسٽيءَ جو ويرانو اڄ تائين راولپنڊي ضلعي ۾ آهي. انهيءَ يونيورسٽيءَ جي ويجهو ناميارو پاڻني مني عيسوي سنه کان پنج صديون کن اڳي ڄائو هو، جنهن جو جوڙيل سنسڪرت گرامر ’اشٽا ڌيائي‘ اڄ تائين مشهور آهي.

سنسڪرت ۾ ڦيرڦار

٢٦- يجر ويد واري زماني ۾ ڪيترن آرين مڌيه ديش وڃي وسايو، ته اتي ٻين ٻين قومن سان لڙهه وچڙ ۾ اچڻ ڪري سندين ٻوليءَ ۾ ڪجهه بگاڙو ٿيو هو. انهن ساڳين آرين ٻوءِ موٽي سنڌ، پنجاب ۽ گنڌار پنهنجي قبضي ڪيا، ته سندين بگڙيل ٻوليءَ جو اثر انهن هنڌن جي ٻوليءَ تي به ٿيو، جنهنڪري ٻوءِ اها به گهٽو ڪري مڌيه ديش جي ٻوليءَ جهڙي ٿي ويئي ۽ رفتي رفتي ان وانگر بگڙجي اول وچولي ۽ ٻوءِ آخرين درجي تي آئي- مطلب ته سنسڪرت جا ٽي قسم آهن: قديم، وچولو ۽ آخرين. قديم سنسڪرت بابت مٿي (صفحي ٢٧ ۾) اڳيئي چيو ويو آهي، ته اها ’ويدڪ سنسڪرت‘ سڏجي ٿي؛ تنهنڪري هينئر اول وچولي سنسڪرت جو ذڪر ڪجي ٿو.

وچولي زماني جي سنسڪرت

۲۷- ويدن ۾ رچائون (Hymns) آهن، پر ويدن
ڪان پوءِ جي سنسڪرت (Post-Vedic Sanskrit) ۾
اڪثر 'سوُتر' آهن، تنهنڪري اها سوُترن جي زماني
واري سنسڪرت (Sanskrit of the Sutra Period)
سڏجي ٿي. 'سوُتر' لفظ اهو ساڳيو آهي، جنهن جو
بگڙيل اُچار سنڌيءَ ۾ آهي 'سٽ'. وچولي زماني ۾
وڏيون ڳالهيون ٿورڙن لفظن ۾ اٿين آڻيندا هئا، ڄڻ ته
سٽ يا ڌاڳي ۾ موتي پوئيندا هئا. سوترن جي سڀ
خاصيت آهي 'ٿور اکرائي' (Brevity). سنڌيءَ ۾ جيڪي
پهاڪا آهن، سي اڪثر سوترن جي نموني جڙيل آهن.
مثلاً 'جُڙيءَ کي جس'، 'ڪندو سو پائيندو' يا 'جهڙي
ڪرڻي تهڙي ڀرڻي'. هتي ڏسو ته هرهڪ پهاڪي ۾
لفظ ٿورڙا آهن، پر منجهن وڏي فيلسوفي سمايل آهي.
سوترن ۾ اڪثر قاعدا ڄاڻايل آهن. 'ڌرم سوترن'
۾ ڌرمي ڳالهين بابت ۽ 'گرهيه سوترن' ۾ گهرو
ڳالهين بابت قاعدا آهن ته گهر ٻاريءَ يا ڪٽنبي
ماڻهوءَ کي پنهنجي حياتي ڪيئن گذارڻ گهرجي. اٿين 'سوتر'

اشارو- ويدن جو هڪ ڀاڱو جو 'برهمڻ' (نقه)
(Theological portion) سڏجي ٿو سو، ۽ ياسڪ منيءَ
جو 'نرڪت' (Vedic glossary) ۽ پاڻني منيءَ جي
اشٽا ڌيائي (سنسڪرت گرامر اٺن اڌيائن يا بابن ۾) وچولي
سنسڪرت ۾ لکيل آهن. ياسڪ مني عيسوي سن کان
ڇهه صديون کن اڳ ٿي گذريو آهي.

لفظ جي معنيٰ تي قاعدو، قول، يا نڪتو، جو ٿورڙن پر مائيدار لفظن ۾ چاتايل هجي. سوترن ۾ لفظ ٿورڙا، معنيٰ وڏي-ويتر منجهن ٻولي به آڳاٽي ڪم آيل آهي، تنهنڪري سوترن تي وڏيون ٽيڪائون (تشريحون) لکيل آهن. سوترن واري ٻولي وچولي زماني جي ڪتابي ٻوليءَ جو نمونو ڄاڻائي ٿي؛ پر عام طرح جيڪا سنسڪرت ڳالهائڻ ۾ ايندي هئي، تنهن ۾ پوءِ به ڦير ڦار ٿيندو ويو، جنهنڪري آخرين درجي تي آئي.

آخرين درجي واري سنسڪرت

۲۸- آريہ لوڪ مڌيہ ديش ڏي ويا، تنهن کان پوءِ به هندستان جي ٻين ڀاڱن ۾ ٽڙندا پکڙندا ويا. مثلاً مهاڀارت واري زماني ۾ سري ڪرشن ڪيترا هزار جادوءَ ونسي، متراسان ساڻ وٺي، دوارڪا ڏي وڃي رهيو. انهن سنسڪرت جو ڦهلاءُ جدا جدا هنڌن جي اڻ آريہ قومن ۾ ٿيو، ته انهن جي ٻولي وڌيڪ بگيڙي؛ جنهنڪري وچولي سنسڪرت ڦري آخرين درجي تي آئي. هندن جا اتهاس (رامائڻ ۽ مهاڀارت)*، سمرتيون، ڪوي ڪاليداس

*رامائڻ ۽ مهاڀارت واري سنسڪرت ڪجهہ قدر قديم آهي، تنهڪري ان کي 'اِتهاسڪ سنسڪرت' Epic Sanskrit سڏين ٿا؛ پر ان ۾ ڪو گهڻو تفاوت ڪونهي، تنهنڪري عام طرح اها به آخرين درجي واري سنسڪرت جي دفعي ۾ ليکجي ٿي.

جا ناٽڪ ۽ ٻيا جيڪي به ڪتاب اڄ تائين سنسڪرت ۾ لکيا آهن، سي سڀ انهيءَ ۾ لکيل آهن. هندن جا پراڻ به ان ۾ لکيل آهن، تنهنڪري اها عام طرح ”پراڻڪ سنسڪرت“ Puranic Sanskrit سڏجي ٿي. حقيقتئون اڄڪلهه، سنسڪرت سڏبوئي انهيءَ آخرين درجي واري سنسڪرت (Classical Sanskrit) کي آهي ۽ اهائي هن وقت اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پاڙهڻ ۾ اچي ٿي.

سنڌ ۽ پنجاب ۾ پشاچن جون ٻوليون

٢٩- مهاڀارت واري لڙائي جنهن وقت لڳي، تنهن وقت دواپورجڳ پورو ٿيڻ تي هو، ۽ ڪلجڳ شروع ٿي ٿيو. انهيءَ وقت ڏاري ڪي پشاچ لوڪ آيا، جن جو ذڪر اِتهاسن ۽ پراڻن ۾ آهي. اهي ڪير هئا، تنهن ڳالهه جو ذڪر هندن جي ڪنهن ڏرمي پستڪ ۾ ڪونهي. سر گريئرسن پنهنجي ڏاهيل لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا ۾ داردڪ ٻولين جي ذڪر ڪندي ڄاڻائو آهي، ته ٻولين جي کوجنائن مان ايترو معلوم ٿيو آهي، ته قديم زماني ۾ جيڪي آريه لوڪ هميشه لاءِ ايران ۾ رهيا، تن جي آريه ٻولي جڏهن اڃا پورو ايراني نمونو اختيار نه ڪيو هو، تڏهن ايران وارن آرين مان ڪي هندستان ڏي آيا ۽ ڪافرستان کان وٺي ڪشمير تائين پنهنجا ماڳ جوڙي ويٺا. منجهائن ڪن پنجاب ۽ سنڌ ۾ اچي ٻيئڪون وڌيون. انهن مان ڪي ايشيا ۽ يورپ ڏي به ويا ۽ اهي ”جپسي“ (Gipsy) سڏجڻ ۾

آيا. اهي به آريا هئا؛ پر ايران طرف گهڻو رهيا هئا، تنهنڪري سنڌين رهڻي تورڙي کهڻي (ٻولي) ٻيءَ طرح جي هئي. اهي ڪچو گوشت ۽ مڇي ماس کائيندا هئا. مڌيه ديش وارا آريا لوڪ به اڳي مڇي ماس کائيندا هئا، پر پوءِ اهڙا پڪا ويشنو ٿيا، جو مڇي ماس کي ڇهندا به ڪين هئا (ڏسو مهاڀارت جو شانتي پرو، موڪش ڌرم، ٢٥٥). مڌيه ديش جي آرين هنن ايران مان آيل ماڻهن کي مڇي ماس کائيندو ڏٺو ته اهڙي ٻچان آدن جو ڪين "پشاچ" نالو ڏنائون. اهو نفرت يا ڌڪار جو لفظ آهي ۽ ڀوت جهڙي معنيٰ اٿس. سنڌين ٻوليءَ کي به مڌياڏون 'ڀوت ڀاشا' يعني ڀوتن جي ٻولي. ڪشمير جي پرڀان چترال ۽ گلگت طرف اڃ ڏاڏين "دردڻ" لوڪ رهن ٿا، جي انهن ايران کان پوءِ آيل آرين مان آهن. اهو سڄو ڀاڱو سنڌن نالي پڻيان 'داردستان، مڌجي ٿو، تنهنڪري سنڌين ٻولين کي سر گريئرسن 'داردڪ' ٻوليون سڏيو آهي، ۽ هن کان پوءِ اسين به اهوڻي نالو ڪم آڻينداسون.

٣٠- ڪشمير طرف کان آيل پشاچ لوڪن جي شايد سنڌ جي لاڙ واري ڀاڱي ۾ بيٺڪ هئي، جو اڄ به جهبير ذات وارا ڀاڻا اتي آهن. جي هن وقت ڪشمير ۽ پنجاب ۾ به گهڻي تعداد ۾ آهن. داردڪ ٻولين ۾ "گهوڙو" بدران چون "گورو". ڪراچي ضلعي واري لاڙ، خاص ڪري ٺٽي طرف جا آچار به اهڙائي بگڙيل آهن. هنن ڳالهين جي وڌيڪ آپتار "لاڙي" ٻوليءَ جي ذڪر ڪندي ڪبي.

سنڌ جو مڌيہ ديش سان ناتو ٽٽڻ

٣١- پنجاب ۽ سنڌ ۾ جنهن وقت پشاچ لوڪن ٻيٽڪون وڌيون، تنهن وقت مڌيہ ديش وارن آرين ۾ ذات پات جو پيد گهڻو هو. ان وقت مڌيہ ديش جي ٻاهرئين پاسي، يعني پنجاب، سنڌ، گجرات، بهار، بينگال ۽ ٻين هنڌ، جنهن ڪي جتان وڌندو هو سو تتان پرٿبو هو*. مڌيہ ديش وارن آرين ٻوءِ قاعدو ڪيو، تہ آرين جو سڳي ئي ذات وارن ۾ نہ ٿئي، تہ سنجهن نجو آرين جو رت هجي، تہ آرين قوم سدائين ٻلوان رهي ۽ ورڻ شنڪر پيدا نہ ٿين. ٻين هنڌ لنگ جي پوڄا جو بہ رواج هو، جيئن قديم قومن ۾ هو. ويدن ڪي ميجنڌڙ آريا انهيءَ پوڄا جي برخلاف هئا. انهيءَ سببن ڪري ٻين هنڌن جي ماڻهن کي نالو ٿي ڏناڻون وراتيہ (Vratya) يعني نيات کان نڪتل يا ڪريا ڪرم کان رهت (Outcasts or riteless people). هنن لاءِ هيءُ قاعدو ڪيائون تہ ڪين پنهنجي نيات ۾ تڏهن ڳڏيندا سون، جڏهن هو وراتيہ ستوم (Vratya-stoma) ڪندا. هي شڌي ڪرڻ لاءِ هڪ يڳيہ هو. پنجاب ۽ سنڌ، جتي پشاچن ٻيٽڪون وڌيون هيون، تن لاءِ چيائون تہ اهي "مليڇ" (جهنگلي يا پليد) ديش آهن ۽ مڌيہ ديش مان جيڪو ايڏاهين ويندو تنهن کي پراچت ڪرڻو پوندو. هڙئن سخت قاعدن جاري

---

* ٻوڌاين جي سوترن ۾ ڄاڻايل آهي، تہ انهن هنڌن جا رهاڪو ڳاڏڙ نسل جا آهن.

ٿيڻ ڪري پنجاب ۽ سنڌ جا رهاڪو، آرين جي نيات منجهان ڌي نڪري ويا. هيءُ ڪلجڳ جو پهريون ڇِٽو ڇنبو.

٣٢- عيسوي سنہ کان ڇهہ صديون ڪن اڳي، ٻڌ ڌرم ۽ جين ڌرم جاري ٿيا، جن ۾ ذات پات جو ڀيد هوئي ئي ڪونہ. جيڪي ماڻهن برهمڻن کان سڙيا ويٺا هئا، تن اهي ڌرم سيتي کان اڳي اختيار ڪيا. سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم زور ٿيو، تہ بہ برهمڻ اڃا گهڻيئي هئا.

سنسڪرت جو ڦري پراڪرت ٿيڻ

٣٣- مڌيہ ديش وارن آرين نہ رڳو ڌرمي ۽ سنگتي وغيره ڳالهين بابت سخت قاعدا جاري ڪيا؛ پر پنهنجي ٻوليءَ جو بہ اونو ڌاريائون. هيءُ حڪم جاري ڪيائون تہ: شودرن کي ويدن پڙهڻ جو ڪوبہ اڌڪار (حق) ڪونهي؛ پڙهڻ ۽ پاڙهڻ جو ڪم رڳو برهمڻ ڪن تہ ويدن جا منتر اهي پوريءَ طرح اچارين. پر چالو ٻولي ڪنهن جي ٻڌڻ ۾ ٻڌجڻ جي ڪانہ هئي. سنسڪرت پوءِ بہ ڦرندي رهي. رفتي رفتي اهڙي حالت ٿي، جو جيڪا سنسڪرت عام طرح ڳالهائڻ ۾ ايندي هئي، سا سموري ڦري ٻنهي هڪ نئين قسم جي ٻولي ٿي پيئي، ۽ اها "پراڪرت" سڏجڻ ۾ آئي. عام طرح ماڻهو پراڪرت ڳالهائڻ لڳا، تہ سنسڪرت ڳالهائڻ جو رواج ئي بند ٿي ويو. هندن جا ويد ۽ ٻيا ڌرمي پستڪ سنسڪرت ۾ لکيل آهن، تنهنڪري برهمڻن ان جو درجو پراڪرت کان مٿي رکيو ۽ اڄ اها سڄي هندستان جي پوتر ڀاشا يا پاڪ ٻولي ليکجي ٿي.

سنسڪرت جو سنڌيءَ تي اڄ تائين اثر

٣٤- هن وقت سنسڪرت ٻولي دنيا جي ڪنهن به ڀاڱي ۾ عام طرح ڳالهائڻ ۾ نٿي اچي، تہ بہ 'مئل ٻولي' نہ آهي. اڄ تائين سنسڪرت ۾ نوان نوان پستڪ نڪرندا پيا. ڪيترا پنڊت ڌرمي ڳالهين بابت بحث مباحثو ڪندا ئي سنسڪرت ۾ آهن. برهمڻ، آريہ سماجي ۽ ٻيا ڪيترا هندو روزمرہ جي پاٺ پوڄا وغيره ۾ اها ئي ٻولي ڪم آڻين ٿا، ۽ اها اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ بہ پاڙهڻ ۾ اچي ٿي. انهن ڳالهين جو نتيجو هيءُ ٿيو آهي، تہ ڪيترا نج سنسڪرت لفظ وري نئين سر چالو ٿيا آهن. اهڙين سنسڪرت جو اثر سنڌي، هندي، بينگالي وغيره تي اڄ تائين پيو ٿئي؛ پر خود سنسڪرت ۾ ڪا بہ ڦيرڦار ڪانہ ٿي ٿئي. ڦير پوندو ئي چالو ٻوليءَ ۾ آهي، هن وقت سنسڪرت ٻولي عام طرح ڳالهائڻ ۾ نٿي اچي، تہ ان ۾ ڦير ڪونہ ٿو پوي. انهيءَ سبب جيڪا سنسڪرت پاڻنيءَ، ڪاتيائن ۽ پتنجلي رشيءَ جي جوڙيل گرامرن پٽاندر نہ هوندي، سا غلط ليکبي.

"پراڪرت" لفظ جون معنائون

٢٥- پراڪرت ٻوليءَ جي معنيٰ پرڪرتيءَ مان پيدا ٿيل ٻولي. 'پرڪرتي' لفظ جي هڪڙي معنيٰ 'آهي قدرت' (Nature)، ۽ ٻي معنيٰ اٿس 'اصلوڪي صورت'- جنهن جو ضد آهي 'وڪرتي' معنيٰ 'بگڙيل صورت'.- پراڪرت ٻوليءَ جي پرڪرتي يعني اصلوڪي صورت آهي سنسڪرت

تنهنڪري پراڪرت ٻولي معنيٰ اصلوڪي صورت يعني سنسڪرت مان پيدا ٿيل ٻولي، جا قدرتي طرح يا بالمرادو سنسڪرت مان نهي ٿي. اها ٻولي عام طرح ڪم ايندي هئي، تنهنڪري پراڪرت ٻولي معنيٰ عام يا رواجي ٻولي به آهي. هرهڪ پرڳڻي جي پراڪرت پنهنجي پنهنجي هئي، تنهنڪري پراڪرت ٻولي معنيٰ پرڳڻي جي ٻولي به آهي. هن وقت سنڌ جي پراڪرت هاڻوڪي سنڌي ٻولي آهي.

پالي يا قديم پراڪرت

٣٦- گوتم ٻڌ، جو عيسوي سنه کان ڇهه صديون ڪن اڳي ٿي گذريو آهي، تنهن جي وقت ۾ سنسڪرت ٻولي اڪثر ڪري برهمڻ ڳالهائيندا هئا. ٻيا ماڻهو عام طرح هڪ جهوني پراڪرت ٻولي ڳالهائيندا هئا، جا هاڻ 'پالي' سڏجي ٿي. انهيءَ سبب گوتم ٻڌ پنهنجي ڌرم جو پرچار انهيءَ قديم پراڪرت ۾ ڪيو، ته سندس مٽا ماڻهو پوريءَ طرح سمجهن. هن حقيقت مان انسائڪلوپيڊيا برٽنيڪا واري اهو بلڪل پورو انومان ڪڍيو آهي ته عيسوي سن کان اٽڪل هڪ هزار ورهيه اڳي سنسڪرت ڦري پالي ٿي هئي، جنهنڪري گوتم ٻڌ کي انهيءَ ٻوليءَ ۾ پرچار ڪرڻو پيو هو.

٣٧- ڪي يوروپي عالم چون ٿا، ته 'پالي' لفظ اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ 'پرالي'، معنيٰ سٽ (ڪتاب جي)، ڌرمي ليک. ٻڌ ڌرم وارن جا ڌرمي پستڪ ان ۾ لکيل

آهن، تنهنڪري اهو نالو پيو اٿس. ٻڌ ڌرم وارا چون ٿا، تہ سنسڪرت ۾ ’پال‘ معنيٰ پالڻ؛ تنهنڪري ”پالي“ ٻولي معنيٰ اها ٻولي، جنهن ۾ ٻڌ ڌرم وارن جا ڌرمي متا پاليل يا سنڀاليل آهن. هن وقت پالي ٻولي برما، سيام ۽ سلون (لنڪا) جي ٻڌ ڌرم وارن جي پوتر ڀاشا يا پاڪ ٻولي آهي.

پالي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ

۳۸- ٻڌ ڌرم وارن ڪتابن ۾ لکيل آهي، تہ گوتم ٻڌ پنهنجا پوتر چرن (پاڪ پير) اسان جي سنڌ ڌرتيءَ ۾ بہ گهمايا هئا، ۽ سنڌي ماڻهن بہ ٻڌ ڌرم اختيار ڪيو هو. هن مان ظاهر آهي، تہ ان وقت سنڌ ۾ پالي ٻولي چالو هئي، جنهنڪري اسان جا ماڻهو گوتم ٻڌ جو پرچار ۽ ٻڌ ڌرم جا ڌرمي پستڪ سمجهي سگهيا ٿي.

۳۹- گوتم ٻڌ پنهنجي وقت ۾ ٻڌ ڌرم جو ڦهلاءُ پئي ڪيو، تہ مڌيہ ديش وارن آرين پنهنجي برهمڻي ڌرم ڦهلائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي- مثلاً، عيسوي سن کان ڇهہ صديون ڪن اڳي، اگست مني، ونڌيا جبل لتاڙي ڏکڻ- هندستان ڏي ويو ۽ اتي وڃي برهمڻ جون بيٺڪون وڌائين. انهين مدراس ڪاتي ڏي برهمڻي ڌرم ۽ سنسڪرت جو ڦهلاءُ ٿيو؛ ان وقت اتر-هندستان ۾ ماڻهو عام طرح پالي ٻولي ڳالهائيندا هئا، تنهنڪري ڏکڻ-هندستان ڏي پالي جو بہ ڦهلاءُ ٿيو.

٤٠- عيسوي سنہ کان پنج صديون ڪن اڳي، وڃيہ ٿالي هڪ راجڪمار، ڪيترن مائهن سان ”لاٽ“* مان لڏي لنڪا (سلون) ڏي ويو ۽ ٻڌ ڌرم ۽ پالي جو ڦهلاءُ اوڏهين ٿيو ۽ اتي جي پالي ٻولي ھوءَ ڦري سنهالي (سنگهالي) پراڪرت ٿي، جا هندستان جي پراڪرت ٻولين جي ڏورانهين سوٽ ڄڻبي*.

٤١- عيسوي سنہ کان چار صديون ڪن اڳي مڌيہ ديش وارن آرين، بهار کان وٺي بينگال وارو پاسو وسايو7. انهيءَ پاسي اڳي ڪول، سنٿال ۽ هندستان جا ٻيا آڳاٽا رهاڪو هئا. انهيءَ وقت جو سنڌ بابت ڪجهہ تاريخي احوال ڏجي ٿو، تہ هن جهوني زماني جون حقيقتون سمجهڻ سوليون ٿين.

سنڌ تي ڌارين جون ڪاهون

٤٢- ٻڌ ڌرم واري زماني کان ئي اڳي سنڌ جو پرڳڻو سيپتا ۽ شاهوڪاريءَ سبب ملڪان ملڪ مشهور هو. انهيءَ تي ايران جي بادشاهہ دارا پهرئين جو وات ٻالي ٿيو، سوعيسوي

---

* گجرات جو کنبات جي ٿار وارو پاسو ۽ سنڌ جو ڏاکڻو پاڳو اڳي ’لاٽ‘ سڏبا هئا. هينئر ’لاٽ‘ بدران ڇئون ’ٽ‘ منجي ’ڙ‘ ٿيو آهي.

* ڊاڪٽر سنيتي ڪمار چٽرجي: بينگالي ٻوليءَ جي تاريخ، جلد ١، صفحو ١٥.

7 ڊاڪٽر سنيتي ڪمار چٽرجي: بينگالي ٻوليءَ جي تاريخ، جلد ١، صفحو ٦٢ ۽ ٧٩.

سنه کان ۵۱۶ ڪن ورهيه اڳي پنجاب، گنڌار (قنڌار) ۽ سنڌ تي ڪاهي آيو. انهن تنهين هنڌن جا رهاڪو سندن ڏن-ڀرو ٿيا. ٽڪي سؤ سٺ (۳۶۰) ٽئلينٽ، يعني اٽڪل ٻه سؤ سٺ (۲۶۰) من، سون خالص جا ساليانى ڍل طور کيس ڏيندا هئا؛ ۽ ايتري ڍل ٻئي ڪنهن به هنڌان ڪانه ملندي هيس- انهي تنهي هنڌن جا نالا ايران جي هڪ ڪتبي (آڪريل نوشتي) ۾ اچ تائين لکيل آهن. دارا بادشاه جي ٻوين به ڪي سال اهو ڏن پئي اڳاڙيو ان وقت پنجاب ۽ سنڌ ۾ ايرانين پنهنجي آئيوٽا (الف-بي) چالو ڪئي. اسان جا ساٿهو ديوناگري اکرن تي هريل هئا، ۽ هنن اکرن جي شڪل بيڍولي ڏٺائون، ته انهيءَ آئيوٽا تي ٺالوٺي ڌر ڪيائون "کر- وشٽي"-يعني گڏه جا چپ! سنسڪرت ۾ 'کر' معنيٰ خر يا گڏه ۽ اوشٽ معنيٰ چپ. اها آئوٽا ڪئين ورهيه ساندهه پئي هلي ۽ هندستان مان عيسوي ٽينءَ صدي ڌاري غائب ٿي*.

سنه ۱۹۲۲ع ۾، موهن جي دڙي جي کوٽائي ٿيڻ وقت، اتي هڪ جهونو ٽل بيٺل هو، جنهن جي هڪ ديوار تي ڪي اکر ڪشن گهراڻي جي حاڪم وسديو ڀهرٿين (۱۵۸-۱۷۷ع) جي وقت جا لکيل هئا. آرڪيالاجيڪل کاتي جي سپرنٽينڊنٽ مسٽر رکلداس بئنرجيءَ اهي اکر سڃاتا، ته کر-وشٽيءَ ۾ لکيل آهن - هن حقيقت موجب چئبو ته عيسوي ٻي صديءَ ۾ به اهي اکر سنڌ ۾ چالو هئا.

* Prof. Rapson: *Ancient India.*

۴۳- ايران جي ڪياني بادشاهن جو زور، عيسوي سن کان ۳۳۰ ورهيہ اڳي سڪندراعظم ڀڳو. ان وقت پنجاب، سنڌ ۽ گنڌار (قنڌار) ايراني حاڪمن جي تابعي هئا، تنهنڪري سڪندراعظم اهي ٻہ اچي هٿ ڪيا. ان وقت الور (روهڙي) ۾ 'ميوسيڪنس' (موشڪن جو راجا) هو، تنهن اول آڻ مڃي ٿي؛ پر ٻوءِ پنهنجي برهمڻ وزيرن جي مت تي لڳي يونانين کي سامهون ٿيو، تہ يوناني لشڪر کي اهڙي ڀاهہ وڃي وڌي، جو ڪيس جهلي ڪُهي ڇڏيائون، ۽ سڀني برهمڻن جون سسيون لهرائي انهن کي ڳچهن جو ڳاهہ ڪيائون! هيءَ حقيقت 'ڪئمبرج هسٽري آف انڊيا' جي جلد پهرئين ۽ 'سنڌ گزيٽيئر' جي صفحي پنجاسي ۾ بہ چاڙهيل آهي. سنڌ جا سوين برهمڻ قتل ٿي ويا، تہ سنسڪرت جو جيڪو ٿورو گهڻو ڦهلاءُ انهن پئي ڪيو، تنهن کي گويا پنجو اچي ويو ۽ پالي ٻوليءَ جو واڌپو وڌندو رهيو- اڄ بہ سنڌ ۾ برهمڻ تمام ٿورڙا آهن.

۴۴- سڪندراعظم، پنهنجي پاران پنجاب ۽ سنڌ ۾ ڪي گورنر مقرر ڪري، پاڻ بئبلان ڏي سوڀيو ۽ عيسوي سن کان ۳۲۳ ورهيہ اڳي گذاري ويو. سندس مرڻ جي خبر پئي، ماڻهن يوناني لشڪر کي تڙي ڪڍيو ۽ پنهنجي پرڳڻي جا پاڻ والي ٿيا.

۴۵- انهن ڏينهن ۾ مگڌ، يعني بهار جي ڏاکڻي پاڱي ۾، نندگهراڻي جي حاڪمن راڄ ٿي ڪيو. سندن لشڪر جو سپهہ سالار چندر گپت نالي هڪ جوڌو جوان هو، جنهن ڪيترا

همراهه ساڻ ڪري پنجاب مان يونانين کي لوڏي ڪڍيو. انهيءَ ڪاله ۾ سوپارو ٿيو، ته سنڌ به پنهنجي قبضي ڪيائين؛ بلڪ نند-گهراڻي وارن جو به زور ڀڃي، پاڻ سڄي اتر-هندستان جو والي ٿيو ۽ موريه-گهراڻي جو بنياد وڌائين.

۴۶- سڪندر اعظم کان پوءِ سندس بادشاهت جو ڪجهه ڀاڱو سيليوڪس نڪيٽر کي مليو. پنجاب ۽ سنڌ هٿ ڪرڻ لاءِ هو عيسوي سنه کان ۳۰۵ ورهيه اڳ، پنجاب تي ڪاهي آيو. ان وقت ناڻين مهاراجا چندر گپت اهڙو زور ورتو هو، جو سيليوڪس جي ساڻس پڄڻ جي جاءِ نه هئي. مهاراجا چندر گپت اهڙو ته سوڙهو ڪيئيس، جو سيليوڪس پنجاب ۽ سنڌ تان ته هٿ ڪنيو، پر پنهنجي ڌيءَ جو سڱ مهاراجا کي ڏنئي، ساڻس صلح ڪيائين ۽ افغانستان ۽ بلوچستان جا ڪي ڀاسا ڪيس ڏاجي ۾ ڏنائين.

سنڌ ۾ موريه گهراڻي جي حڪومت

۴۷- مهاراجا چندر گپت جي وقت ۾ ٻڌ ڌرم زور هو. پاڻ به اهو ڌرم اختيار ڪيائين، ته رعيت مان ڪيترن سنديس پيروي ڪئي. ان وقت پالي ٻولي چالو هئي سا به رفتي رفتي هيڪاري اهڙو عام ٿي، جهڙي هينئر هندستاني ٻولي سڄي هندستان ۾ عام آهي. هن لاءِ هيءَ ثابتي آهي، ته مهاراجا چندر گپت جو پوٽو مهاراجا اشوڪ (۲۷۲-۲۳۲ ق.م)، جو سنڌ سميت سڄي اتر-هندستان جو والي هو، تنهن ٻڌ ڌرم کي زور وٺائڻ ۽

اهنسا جي مت ڦهلائڻ لاءِ ڪي شاهي فرمان، اناهن جبلن ۽ ٽڪرين تي اُڪرائي ڇڏيا هئا، جن مان چاليهه فرمان اڄ تائين هندستان جي ڪيترن ڀاڱن ۾ صحيح سلامت بيٺا آهن. ويجهڙائيءَ ۾ (۱۹۳۲ع ۾) اهڙا ٻارهن وڌيڪ فرمان مدراس طرف ٽڪرين تان لڌا اٿن- هن مان ظاهر آهي ته ٻڌ ڌرم اتر توڙي ڏکڻ- هندستان ڏي ڦهليو، ته پالي ٻولي به، انهن سڀني هنڌ چالو ٿي، جنهنڪري فرمان سڄي هندستان جا ماڻهو سمجهي سگهيا ٿي. اِهي لڌل چاليهن ڪتبن (اڪريل نوشتن) جي ذڪر ڪندي جنرل اي. ڪننگهام ۾ ٽين عالمن ڄاڻايو آهي، ته مهاراجا اشوڪ جي ڏينهن ۾ پالي ٻوليءَ جا ڳهٽ ۾ ڳهٽ ته ٽي قسم هئا، جن جو واهپو اتر-الهندي هندستان، تر، سنڌ، راجپوتانا، گجرات، ڪاٺياواڙ، مهاراشٽر ۽ وچ هندستان ۾ هو.

سنڌ جي نيٺ ٻولي

۴۸- مهاراجا اشوڪ پاڻ مگڌ يعني بهار جي ڏاکڻي ڀاڱي ۾ رهندو هو؛ پر اتي جي پالي ٻوليءَ کان سنڌ جي پالي ٻولي وڌيڪ نيٺ هئي. سنڌ مان ڪي اڪريل نوشتا ڪونه لڌا آهن، ته به هن ڳالهه لاءِ ثابتيون آهن. ڪنڌار (قندار) پرڳڻي ۾ شهباز ڳڙهيءَ طرفان مهاراجا اشوڪ جي وقت جا جيڪي به ڪتبا (اڪريل نوشتا) لڌا آهن، تن ۾ ڪم آيل ٻولي، قديم سنسڪرت کي گهڻو ويجهي آهي؛ پر انهيءَ اُڳئي مهاراجا جا جيڪي ڪتبا بهار طرفان لڌ آهن،

تن جي ٻولي سنسڪرت کان گهڻو قريب آهي. هيءَ حقيقت ڊاڪٽر سنيتي ڪمار چٽرجي جي ناهيل 'بينگالي ٻوليءَ جي تاريخ' (جلد ١، صفحي ٤٤ ۾) ۽ ٻين ڪن ڪتابن ۾ ڄاڻايل آهي. سر گريئرسن پنهنجي جوڙيل 'لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا' (جلد ٨، ڀاڱو ١، صفحي ٢ ۽ ٧) ۾ لکيو آهي، ته گنڌار (قنڌار) ۾ رهڻ وارن نوشتن ۾ جيڪا پالي ٻولي ڪم آيل آهي، تنهن ۾ اچارن سان لاڳاپو رکندڙ ڪي ڪي اهڙيون خاص ڳالهيون اهن، جي اڄ تائين دارد ڪ ٻولين (ڪشميري وغيره)، سرائڪي ۽ سنڌيءَ ۾ نظر اچن ٿيون. مثال ڏنو اٿس، ته سنسڪرت لفظ 'ڀڪت' جو اچار پاليءَ ۾ بگڙجي ٿيو 'ڀت' Bhatta ('ت' اکر ڀڃو)؛ پنجابي، لهندا (پنجاب جي الهندي طرف جي ٻولي، ديري غازي خان واري ۽ سرائڪي)، ۽ سنڌيءَ ۾ به چون 'ڀت'؛ باقي هندستاني، گجراتي، مراٺي وغيره ۾ چون 'ڀات'-يعني ڀڃي 'ت' جو اچار ڪيدي ڇڏيو اٿن، ۽ انهيءَ ڪوٽ جي مجرائيءَ لاءِ لفظ جي منڍ واري 'ڀ' جي اچار کي وڌائي 'ڀا' ڪيو اٿن-سر گريئرسن هيئن به چيو آهي ته آءٌ پنهنجي دل ڪري ائين سمجهان ٿو ته گنڌار طرف تڪشيلا ۾ جيڪا پالي ٻولي ڳالهائڻ ۾ ايندي هئي، سا ڏٺي دردم وارن پنهنجن دردمي پستڪن ۾ ڪم آندي. اسان به مٿي اڳي ئي چيو آهي (ڏسو صفحو ٣١)، ته اتي (شوي) آرين جي جڏهن سنڌ ۾ صاحبي هئي ۽ گنڌار طرف درهيءَ آرين راڄ ٿي ڪيو، تڏهن انهن ٻنهي هنڌن جي سنسڪرت مڏي، ديش

وارن آرين جي سنسڪرت کان وڌيڪ ٺيٺ هئي. سنسڪرت ٻوءِ بگڙجي، پالي ٿي، ته سنڌ ڪنڌار طرف جي پالي ٻولي به ضرور ٻهار ۽ ٻين هنڌن جي ٻوليءَ کان وڌيڪ ٺيٺ ٿيندي. ٻي مکيه ڳالهه هيءَ به آهي، ته پالي ٻوليءَ جا نه رڳو اچار، پر ڪي لفظ به، جهڙا اسان جي سنڌي ٻوليءَ ساڳيا آهن، تهڙا ٻيءَ ڪنهن به ڏيهي آريه ٻولي نه ساڳيا آهن- جيئن هيٺ چالائجي ٿو:

پاليءَ جا سنڌي ۾ نشان

٩ع- پالي ٻوليءَ جي اچارن ۾ هڪ مکيه ڳالهه، جا گهڻو ڌيان ڇڪي ٿي، سا هيءَ آهي، ته جن سنسڪرت لفظن ۾ ٻه يعني ٻٽا اکر يا گڏيل حرف صحيح آهن، تن جا اچار پاليءَ ۾ پچي يا ملي هڪ روپ (Assimilate) ٿي ويا آهن- مثلاً، سنسڪرت 'سپت'، پالي 'سٽ'، سنڌيءَ ۾ به ساڳيو 'سٽ' (٧)؛ پر هندستانيءَ وغيره ۾ چون 'سات'- ڏسو ته اسان جا اچار بجنسي پاليءَ وارا بيٺا آهن! ٻيا مثال:

سنسڪرت	پالي	سنڌي	سنسڪرت	پالي	سنڌي
ڌرم	ڌم	ڌرم-ڌم	پرم	پيم	پرم-پيم

سنسڪرت لفظ 'ڌرم' ۽ 'پرم' اسين هاڻ جيئن جو تيئن چئون ٿا، پر ڌمن مل ۽ ڌمي ٻائي (ڌرمي ٻائي) نالن ۾ نج پالي لفظ 'ڌم' ڪم آئيون ٿا، جو ٻئي ڪنهن به ٻوليءَ ۾ ڪم نٿو اچي. پيوي ٻائي نالي ۾ 'پيوي' نج پالي لفظ 'پيمي' (پرمي) آهي، جنهن ۾ 'م' کي متي

"و" ڪيو اٿئون. سنڌ جي ڪن هندو ڇوڪرين ۽ زالن جو نالو 'ميمي' آهي اهو ٻه اصل ۾ ساڳيو پالي لفظ 'ٻمي' آهي، جنهن ۾ 'پ' کي مٿي 'م' ڪيو اٿئون. ڪٿي آهن 'ڏم' ۽ 'ٻم' لفظ هندستاني ۽ ٻين آريه ٻولين ۾؟ تڏهين چئبو ته شاباس اسان جي سنڌي ٻوليءَ کي آهي، جا قديم زماني جي پاليءَ وارا نشان اڄ تائين سانڍيندي پئي اچي.

۵۰- سنڌيءَ ۾ اهڙا ڪيترائي لفظ آهن، جن جي اصلوڪي سنسڪرت صورت ايتريقدر منجهي ويئي آهي، جو اهي سڃاڻڻ ڏاڍي مشڪل؛ پر پاليءَ ۽ پراڪرت جي اُچارن سان انهن جي ڀيٽ ڪجي، ته پوءِ سڃاڻڻ سولا ٿين ٿا- مثلاً، سنسڪرت لفظ 'للاٽ' جو اُچار سنڌيءَ ۾ آهي 'نرڙ'! هن ۾ هڪڙو به ساڳيو اکر ڪونهي، ته پوءِ سڃاڻجي ڪيئن؟ سنسڪرت جو اُچار پاليءَ ۾ ٿيو 'نلاٽ'، پراڪرت ۾ 'نڊال' (ڻڊال) سنڌيءَ ۾ نراڙ- نرڙ معنيٰ پيشاني. ائين پالي ۽ پراڪرت ٻوليون سنڌي لفظن جي بنيادن کولي لهڻ ۾ وڏي واهر ڪن ٿيون.

۵۱- سنسڪرت ۽ پاليءَ جي باريڪ ڀيٽ ڪرڻ سان، عالمن کي معلوم ٿيو آهي ته ٻنهي ٻولين جي وچ ۾ جيتوڻيڪ تفاوت آهي، ته به پالي ٻولي سنسڪرت کي بلڪل ويجهي آهي. ڊاڪٽر ڀنڊارڪر پنهنجن تقريرن (صفحو ۴۶) ۾ ڄاڻايو آهي، ته اٽڪل روءِ پاليءَ ۾ پنجن سان ٽي ڀتيون لفظ نج سنسڪرت آهن؛ باقي ٻن ڀتين ۾ به رڳو ٿوري تبديل

معلوم ٿئي ٿي، سنسڪرت وياڪرڻ جي، پالي وياڪرڻ سان ڀيٽ ڪرڻ سان عالمن کي معلوم ٿيو آهي ته پاليءَ مان 'دووچن' (Dual) نڪري ويو آهي؛ اسمن جي حالتن ۽ فعلن جي گردانن ۾ به ٿورو ڦير آهي. اهڙيءَ طرح ڪن جزوي ڦير ڦارين کان سواءِ، ٻنهي ٻولين جو وياڪرڻ به گهڻو ڪري ساڳيو آهي-مطلب ته سنسڪرت کي جهڙو پالي ٻولي ويجهي آهي، تهڙو ئي ڪاٺي پراڪرت ٻولي ويجهي ڪانهي. حقيقتون 'پراڪرت'، ٽالوڻي انهن ٻولين تي پيل آهي، جي پاليءَ کان وڌيڪ بگڙيل هيون. جنهن صورت ۾ گوتم ٻڌ پنهنجو پرچار پالي ٻوليءَ ۾ ڪيو هو، ۽ ٻڌ ڌرم وارن جا ڌرمي پستڪ ان ۾ لکيل آهن، تنهن صورت ۾ پالي ٻولي ٻڌ ڌرم وارن جي پوتر ڀاشا يا پاڪ ٻولي ٿي ۽ ان جو مرتبو ٻين پراڪرت ٻولين کان مٿي ليکجڻ ۾ آيو.

سنڌ تي بختر جي يونانين جي ڪاهه

٥٢- مهاراجا اشوڪ جي وقت ۾ سنڌ ۾، ڪن هنڌ "ستوپ" (Stupa) ٺهيا ۽ اهي تيرٿن جا هنڌ ليکجڻ ۾ آيا. ان وقت ٻڌ ڌرم هيڪاري زور ورتو ۽ پالي ٻوليءَ به ترقي ڪئي. مهاراجا اشوڪ، عيسوي سنہ کان ٢٢٧ ورهيه اڳي گذاري ويو. ڪانئس پوءِ عيسوي سنہ کان ١٨٠ع ڪن ورهيه اڳي، بختر (بئڪٽريا) طرف جا ڪي يوناني لوڪ پنجاب تي ڪاهي آيا ۽ پوءِ سنڌ جي به فتح ڪيائون-سنڌن وقت جي نشاني، بختي، بغدي، ۽ بلغاري لفظ آهن.

بغدي بلوچن جا اُٺ وِهون آئن،
ڏاڙي خاطر ڏاريا، مهري ملوڪن،
ٽنگن ڏُکيا، وچن سکيا،جن جا چمريا چپ چُرن،
ڪنڌن ڪارا، پيچ پيارا، جن جا ڪر نہ ڪڙڪو ڪن،
نڪ ۾ نوڙي، وچن ڊوڙي، بختي بلوچن،
منزل مارڻ، ٻوءِ نهارڻ، اهو عيب آئن،
وچي واءِ چڙهن، تہ ٻہ ڪنبن ڪين 'ڪبير' چوي.
(ڪبير شاهہ)

بغدي معنيٰ بلغ (بلغ-بخارا) جو اُٺ؛ بختي معنيٰ بختر (بئڪٽريا) جو اُٺ-اهي ٻئي يوناني لفظ آهن. بئڪٽريا (بڪتر-بختر) جو قديم فارسيءَ ۾ اُچار 'باختري' ۽ 'باخدي' هو، ۽ اهو هاڻ 'بلخ' (بلغ) سڏجي ٿو*. انهن نالن مان 'بغدي' ۽ 'بختي' لفظ نڪتا آهن. اهي اُٺ ٻن ٿوهن سان هئا ۽ پنڌ جا تکا هئا، تنهنڪري انهي جي هاڻ معنيٰ آهي 'پلو مهري اُٺ'.

(الف) بولغار جو شهر وولگا نديءَ جي ڪناري تي آهي. اتي جي نانگ جي ورن وانگر حقن جا نڙ سنڌ ۾ عام ٿيا. تہ اهي 'بلغاري' يعني بولغار جا سڏجڻ ۾ آيا؛ انهن نڙن سان ڦوڪ سٺي پري سگهجي ٿي، تنهنڪري ٻوءِ 'بلغاري' معنيٰ ٿي سٺي مٿل چلم يا چگو متل حقو.

Raulinson: India and the Western world, p. 69.

سنڌ تي مصيبت پٺيان مصيبت

٥٣- بئڪٽريا جي يونانين سٿان سنه ٧٠ع ڌاري سٿين (ساڪ) لوڪ ڪاهي آيا. ڪانئن اڳي ٻيا جيڪي ڌاريا ماٺهون آيا، سي ماڪ ڦري هليا ويا؛ پر هي سٿين لوڪ هندستان ۾ ڪوبو ڪوڙي ويهي رهيا. ٻوءِ ٻه سٿين لوڪن جون ڏولين پٺيان ٽوليون هندستان ڏي ڏوڪينديون پئي آيون. راجپوتن مان راجا ساليواهن انهن سٿين يا ساڪ لوڪن کي ملتان ڪان ڏيهه ڪوهه پري ڪاهرور جي نزديڪ اهڙي سخت شڪست ڏني، جو سندس ماڻهن کيس لقب ڏنو 'ساڪاري' - يعني ساڪ لوڪن جي آري (دشمن). هن وڏي سوڀ جي يادگيري قائم ڪرڻ لاءِ انهيءَ مهاڀاري لڙائيءَ واري سال (٧٨ع) کان ساليواهن جو ساڪ يعني سنبت شروع ڪيائون، جو اڄ تائين هلندو اچي. راجا ساليواهن جي پوٽي جو نالو 'ڀٽي' هو، جنهن جو اولاد جيسلمير جا ڀٽي راجپوت آهن.

٥٤- سنڌ ۾ ڪا اهڙي ٻهر ڪانه هئي، جا ساڪن کي ساهون ڏئي، تنهنڪري هنن ڌارين جي ڌم اڪثر سنڌ ڏي هئي. انهيءَ وقت ڌاري سٿين لوڪن جون ٻيون ٻه ذاتيون پنجاب ۽ سنڌ ڏي آيون: انهن مان هڪڙا 'جت' ۽ ٻيا 'ميد' (مير) هئا. سنڌ ۾ جت اڄ تائين آهن - راجپوتانا ڏي اهي ٻاڻ کي 'جاٽ (راجپوت)' سڏائين ٿا، سنڌ جي مهاڻن مان اڄ تائين کي 'مير' سڏبا آهن - اهي سٿين لوڪ اصل تاتاري لوڪن مان هئا ۽ سنڌ ۾ اهڙو زور ٿي ويا، جو ان

وقت سنڌ تي نالوئي پيو ’اِنڊو-سٿيا‘ (ڏسو سنڌ گزيٽيئر صفحو ٨٧). انهن نڪو ڪو نئون ڌرم آندو، نڪا ڪا اوچي ٻولي آندائون. سندن وقت ۾ ٻڌ ڌرم زور هو، ته پاڻ به اهو اختيار ڪيائون ۽ ٻولي به اسان واري اختيار ڪيائون؛ پر پاڻ آچار بگيڙيائون. سندين صاحبيءَ ۾ سنڌ جو واپار روم سان هلندو هو. سنڌي ماڻهو روم مان چڱو ڏڪو ماري ايندا هئا، جنهن ڳالهه جي يادگيري اڄ به هڪ پهاڪو ڏياري ٿو- ”توڙي وڃي روم، ته به ڏيڏو ۽ ٿوم، لکيو لوح قلم ۾“. مطلب ته روم ۾ وڃي ماڻهو شاهوڪار ٿئي ٿو، پر جيڪڏهن ڪنهن جو نصيب ڪِيٽل هوندو، ته اتي به ڏيڏو ۽ ٿوم (غريباڻو روزگار) حاصل ٿيندس.

٥٥- سٿين جي وقت ۾ پرٿوُ (پهلو) Parthians آيا. ”پيريپلس“ ۾ چاڻايل آهي، ته عيسوي ٻهرئين صديءَ ۾ اهي سٿين ۽ برٿوُ سنڌ ۾ پاڻ ۾ پئي لڙيا ۽ هڪٻئي کان زور ٿيڻ جي ڪوشش پئي ڪيائون. پر ”چورن مٿان مور پيا“- وچائين ڪشن لوڪ آيا، جي زور ٿيا.

٥٦- ڪشن گهراڻي جي راجا ڪنشڪ ٻڌ ڌرم کي گهڻو زور وٺايو، جنهنڪري سنڌ سميت سڄي اتر-هندستان ۾ اهو ڌرم هيڪاري وڌيو ۽ ڦهليو. ڪانئس پوءِ وسديو ٻهريون، ۽ وسديو ٽيون، سنڌ جا حاڪم ٿيا- موهن جو دڙو، ڪاهوءَ جو دڙو ۽ ٻيا هنڌ جتي ٻڌ ڌرم وارن جا ٿل ڏٺيل آهن، سي ٿل انهيءَ وقت ۾ ڏٺيا هئا.

سنڌ پرڳڻو گپت گهراڻي وارن جي تابعي

٥٧- عيسوي سنه کان ١٨٤ ورهيه اڳي، جڏهين مورين گهراڻي جو زور ٽٽو، تنهن کان وٺي اٽڪل ٣٢٠ع تائين، يعني پورا پنج سؤ ورهيه ساندهه، سنڌ پرڳڻي کهڙا لاها-چاڙها ڏٺا. انهيءَ کان پوءِ ٣٢٠ع ڌاري مڌيه ديش جي پنچالن جي ڪل وارن پنهنجو نالو ڪيئو. ٻجر وڊ واري زماني کان وٺي اهي پنچال، ڪانيه ڪبج (ڪنوج) ۾ راج ڪندا هئا. هينئر سنڌن ڪل وارن گپت گهراڻي جو بنياد وڌو ۽ سنڌ جي سٺين حاڪمن کي پنهنجو ڏن-ڀرؤ ڪيائون؛ پر سنڌ جي حڪومت جون واڳون وري به سٺين لوڪن جي هٿ ۾ ڇڏيائون.

٥٨- گپت گهراڻي جي راج شروع ٿيڻ سان برهمڻن لاءِ ڇڻ ته سونو سج اڀريو؛ ڇاڪاڻ ته گپت گهراڻي وارا سڀ ڪريا ڪرم برهمڻن کان ڪرائيندا هئا. ٻڌ ڌرم جاري ٿيڻ ڪري برهمڻ نوڪر ڪاڏي هئي، سي هينئر ڇيٽي هلڻ لڳا ڪن لنگ جي پوڄا ٿي ڪئي ۽ ٺاڪردوارا ٿي ٺاهيا، ته انهن ٻڌالهڻ تي اعتراض ڪونه اٿاريائون. انهن ماڻهن جي پيٽ تي هلڻ لڳا ته ٻڌ ڌرم هوندي به، برهمڻي ڌرم وري پاڙ ڪڍڻ لڳو. راجا سمدر گپت جو پٽ راجا چندر گپت ٻيو، جو عام طرح وڪرماجيت (وڪرمادتيه) سڏجي ٿو*، تنهن جي ڪوشش

---

* هن راجا کان چار سؤ کن ورهيه اڳي ٻيو راجا وڪرماجيت ٿي گذريو هو، جنهن جو سنبت عيسوي سنه کان ٥٨ ورهيه اڳ ليکجي ٿو.

سان وديا جو ڦهلاءُ چڱو ٿيو- سندس درٻار ۾ جيڪي عالم ۽ فاضل هئا، تن مان نوءِ چڱا 'نو رتن' (Nine gems) سڏجڻ ۾ آيا، جن مان هڪڙو ناميارو ڪوي ڪاليداس هو، جنهن جا سنسڪرت ناٽڪ مشهور آهن. ٻيو وررچي هو، جنهن جي جوڙيل پراڪرت وياڪرڻ مان هن ڪتاب جوڙڻ ۾ ڪجهه مدد ورتي ويئي آهي.

٥٩- گپت گهراڻي وارن جي صاحبيءَ ۾ ماڻهو سک سانت ۾ گذارڻ لڳا. گهڻن ۾ ڪتائون ٿيڻ لڳيون ۽ ماڻهو پراڪرت لفظن بدران ڪيترا اڄ سنسڪرت لفظ ڪم آڻڻ لڳا.

سنڌ ۾ راءِ گهراڻي جو راڄ

٦٠- گپت گهراڻي وارن جي راڄ شروع ٿيڻ کان پوءِ، ڏيڍ سؤ کن ورهيه ساندهه، هندستان جي ماڻهن نهايت امن امان ۾ گذاريو؛ پر پوءِ "هون" لوڪ هندستان تي ڪاهي آيا، جي 'هوڻ' به سڏبا هئا- انهن مان ڪي گورجر، ڪي اهير (ابير) ۽ ٻين ذاتين وارا هئا، پر سڀني کي گڏي 'هوڻ' Hnus سڏيو اٿن- سندن مهندار 'مهرگل' نالي هو، جو نهايت ظالم هو؛ پيا ڪن سڀ مان وسندي، ٻر هيءَ وسنديءَ مان سڀ ڪرڻ وارو هو- گندار (قندار) طرف تڪشسلا يونيورسٽي هئي، تنهن مهرگل جي ماڻهن ڦرلٽ ڪري ماڻهن جي گهرن کي باهيون ڏنيون. هندن ۾ اهڙو هراس پيدا ٿيو، جو اهو سمورو پاسو خالي ڪري ويا ۽ هن وقت

انهيءَ پاسي رڳو پٺاڻ رهن ٿا. پنجاب جي الهندي طرف ڪيڪيہ جو پرڳڻو، جو ودّيا جو وڏو مرڪز هو، سو بہ هنن هون لوڪن باهيون ڏيئي جلايو ۽ هتي جي هندن کي بہ لڏڻو پيو. اڄ اهو ديري اسماعيل خان ۽ ديري غازي خان وارو پاسو بروچڪو ملڪ آهي. اهي ئي هون لوڪ هئا، جن گپت گهراڻي جو خاتمو ڪيو ۽ سنڌ ۾ اچي راءِ گهراڻي جو راڄ برپا ڪيو. اهي ئي لوڪ پهريائين شودر ليکبا هئا*؛ پر برهمڻي ڌرم کي مڃڻ لڳا، تہ برهمڻن گهڻي خوشيءَ سان سندين شڌي ڪري، کين ڪتري بنايو. پاڻنجي ٿو تہ اگني (باهہ) ٻاري، هون هوم ڪري، سندين شڌي ڪيائون؛ جنهنڪري سندن اولاد ”اگني ڪل“ يعني باهہ جي خاندان مان پيدا ٿيل راجپوت (راجا جا پٽ) سڏجڻ ۾ آيو (ڏسو ڪرنل ٽاڊ جو ’راجستان جو احوال‘)-هندستان جي تازين جڙيل تاريخن ۾ راجپوتن جو زمانو سنہ ٦٥٠ع کان وٺي ليکيو وڃي ٿو-انهن ڌارين لوڪن بہ، اچي هندستان جون پراڪرت ٻوليون اختيار ڪيون.

---

* هوان شيانگ نالي هڪ چيني مسافر، عيسوي ستين صديءَ ۾ راءِ ساهسيءَ جي وقت ۾ آيو هو. هن صاحب پنهنجي سفرنامي ۾ ڄاڻايو آهي، تہ سنڌ جو راجا هڪ شودر هو- پاڻنجي ٿو تہ انهيءَ وقت کان سگهوئي پوءِ هي راءِ گهراڻي وارا حاڪم ڪتري راجپوت سڏجڻ ۾ آيا.

پراڪرت ٻولين جا قسم

۶۱– پالي ٻولي سڄي هندستان ۾ ڦهليل هئي ۽ پوءِ بگڙجي پراڪرت ٿي، ته هندستان جي جدا جدا ڀاڱن ۾ پراڪرت ٻولي پنهنجي پنهنجي نموني واڌارو ڪيو، جنهنڪري ان جا گهڻا نمونا ٿيا. جين ڌرم وارن جا ڌرمي پستڪ انهن مان ڪن ۾ لکيل آهن. اسانجن آڳاٽن ساٿين انهن جا گرامر به ٺاهيا، جي اڄ تائين موجود آهن. چنڊ نالي هڪ شخص عيسوي سنه کان ٽي سؤ کن ورهيه اڳي، يعني موريه گهراڻي جي صاحبيءَ ۾، پراڪرت ٻولين جو وياڪرڻ 'پراڪرت لڪشڻ' نالي جوڙيو هو، جنهن جو ترجمو ڊاڪٽر هورنل Dr. Hoernle ڪيو آهي. چنڊ کان پوءِ وررچي، جو مهاراجا وڪرماجيت جي دربار جي نون رتنن مان هڪ ليکڪ وڃي ٿو، تنهن 'پراڪرت پرڪاش' ٺاهيو، جنهن جو ترجمو ڊاڪٽر ڪوويل Dr: Cowell ڪيو آهي. جين ڌرم جو نامور اپاسڪ هيمچندر آچاريه، جو سنه ۱۰۸۸–۸۹ع ڌاري احمدآباد ۾ چالو هو، تنهن 'هيم وياڪرڻ' جوڙيو، جنهن جي اٺين باب ۾ پراڪرت ٻولين جو وياڪرڻ ڏنو اٿس. هيم وياڪرڻ جو ترجمو ڊاڪٽر پشل Dr: Pischel ڪيو آهي. هيمچندر آچاريه کان پوءِ ترووڪرم، لڪشميڌر، مارڪنڊيه (عيسوي سترهين صديءَ ۾) ۽ ٻين، پراڪرت وياڪرڻ ٺاهيا. انهن ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو، ته پاليءَ واري زماني کان پوءِ، هندستان جي جدا جدا ڀاڱن ۾ جيڪي پراڪرت ٻوليون چالو هيون، تن مان ڇهه مکيه هيون:

(١) مهاراشٽر (٢) ماگڌي (٣) اردماگڌي (٤) شؤرسيني (٥) پئشاچي (٦) اپڀرنش. انهن ڇهن نالن مان ظاهر آهي تہ پهريون چار پراڪرت ٻوليون جن هنڌن ۾ ڳالهائي ۾ ايندڙيون هيون، تن هنڌن جا نالا مٿن رکيل هئا، ۽ پئشاچي پراڪرت، پشاچ لوڪن جي ٻولي هئي، جن بابت مٿي اڳيئي چيو ويو آهي تہ ڪلجڳ شروع ٿيڻ وقت هنن پنجاب ۽ سنڌ ۾ اچي ٻيلڪون وڌيون هيون (ڏسو صفحو ٣٨). 'اپڀرنش' معنيٰ بگڙيل ٻولي، تنهنڪري اها ڪنهن خاص هنڌ جي ٻولي نہ هئي؛ پر جيڪا بہ ٻين پراڪرتن کان وڌيڪ بگڙيل هئي سا انهيءَ نالي سان سڏبي هئي. انهن ڇهن پراڪرتن مان مهاراشٽريءَ جو درجو سيني کان مٿي ڪري ليکيو اٿن. جيني ڌرم وارن جا ڌرمي پستڪ ان ۾ لکيل آهن. اها وڏي ايراضيءَ ۾ چالو هئي ۽ اهڙي تہ مکيہ هئي، جو هيمچندر آچاريہ جڏهن رڳو 'پراڪرت' لفظ ڪم آڻي ٿو، تڏهن مطلب ڏي ٿو 'مهاشٽري پراڪرت'. پنهنجي گرامر ۾ گهٽو ذڪر ڪيوڏي ان جو ڪيو اٿس. ٻين پراڪرت نحوين بہ قاعدا رڳو مهاشٽري پراڪرت جا ڏنا آهن؛ ٻين پراڪرت ٻولين بابت رڳو ايترو ڄاڻايو اٿن تہ اهي فلاڻين فلاڻين ڳالهين ۾ مهاشٽريءَ کان علحدہ آهن.

اپڀرنش

٦٢- وچولي زماني جون پراڪرت ٻوليون، جي پاليءَ جي درجو لنگهي وڌيڪ ابتر ٿيون، سي ٻوءِ وڌيڪ بگڙيون.

اهو سياوڪ آهي تہ جنت، ڏنار ۽ ٻيا اڻهڙهيل ماڻهو لفظن جا اچار بگيڙين ٿا. وقتي ساڳيا واڳيا بہ ٻوليءَ ۾ چڪون ڪن ٿا. انهن ٻولين ۾ بگاڙو ٻوي ٿو- پر پاليءَ واري زماني کان وٺي هندستان ۾ حالتون ڏي اهڙيون اچي بيٺيون، جو هڪيئي پنيان ڌاريا لوڪ ڪاهي پئي آيا ۽ انهن بہ اهي ئي پراڪرت ٻوليون اختيار ڪيون، تہ پاڻ اچار وڌيڪ بگيڙيائون، جنهنڪري آڳاٽن نحوين، انهن بگڙيل ٻولين کي 'اپڀرنش' سڏيو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي مقرر درجي کان ڪريل Falien from the normal يعني بگڙيل يا ڪريل ٻولي*. اپڀرنش جو درجو سيني پراڪرت ٻولين کان گهٽ ڪري ليکيو اٿن-هندستان جي جدا جدا ڀاڱن جون اِهي اپڀرنش ٻوليون بگڙجي هاڻوڪيون هندي، سنڌي، گجراتي وغيره ٿيون آهن-جنهنڪري چئبو تہ آڳاٽين پراڪرتن ۽ هاڻوڪين ڏيهي ٻولين جو وچ وارو ڏاڪو اهي اپڀرنش پراڪرت ٻوليون آهن.

٦٣- اپڀرنش جو ذڪر پراڪرت گرامر جوڙيندڙن هيمچندر آچاريہ، تروڪرم، ڪرمديشور ۽ مارڪنڊيہ ڪيو آهي. ڊنڊن پنهنجي 'ڪاويہ درش' ۾ ڄاڻايو آهي تہ

*سنسڪرت ۾ 'ڀرنش' معنيٰ ڪيرڻ. 'آپ' هڪ اڳياڙي prefix آهي، جا بگڙجڻ يا خراب ٿيڻ جي معنيٰ ڏيکاري ٿي- مثلاً 'مان' معنيٰ عزت، ۽ 'اپمان' معنيٰ بيعزتي.

اپڀرنش ٻولي، اهيرن (اپڀرن يعني ڳئوارن يا مالدارن) جي ٻولي هئي ۽ سنڌ جا اهير اپڀرنش ۾ شعر چوندا هئا. ان وقت جو سنڌ جو شعر ملي نٿو سگهي، باقي گجرات طرف جي ناگر اپڀرنش جو شعر موجود آهي، جنهن مان ٿورا ڏڪرا ڊاڪٽر ڀنڊارڪر پنهنجي ڪتاب "Wilson Philological Lectures" ۾ ڏنا آهن- سنڌ ۾ اهي ڪوبه سمجهي ڪونه سگهندو، تنهنڪري هتي رڳو ايترو ڄاڻائجي ٿو ته ان ۾ 'دوهرا'، يعني ٻن سٽن وارا بيت آهن؛ سنڌ جو به قديم شعر 'دوهرو' آهي.

پراڪرت جا مزيدار مثال

٦٤- پراڪرت ۽ اپڀرنش ۾ به مکيه ڳالهيون گهٽ ڏيان ڇڪين ٿيون. ڪيترن لفظن جي وچ ۽ پڇاڙيءَ مان حرف صحيح ايتريقدر نڪري ويا آهن، جو هن وقت پراڪرتن ۾ ميڪنهن لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ هڪ نه ٻيو حرف علت يا 'هه' جو اچار آهي ۽ ٻيو ڪوبه حرف صحيح ڪونهي! لفظن مان ڇچ ته هڏا ويا آهي نڪري، باقي رڳو ماس پيو لٽڪي! مثلاً، سنسڪرت لفظ 'هرديه' معنيٰ هردو يعني دل، ۽ 'مِتر' معنيٰ مِٽ (مائٽ). پراڪرت ۾ انهن جا اچار ٿيا 'هئئه' ۽ 'مئه' ! ڪنهن کي جيڪر اعتبار ۾ ئي ڪونه اچي، ته ڪو پراڪرت ڳالهائيندڙ، هن ريت لفظن مان حرف ڪڍي، رڳو ٻاتن وانگر (ء-ئ-ئه-يه، يه، ئه) ويا ڪندا هئا- پر ڏسون ٿا، ته اهي ساڳيا لفظ سنڌي

۾ آهن: پراڪرت لفظ 'هنئه' بدران چئون 'هنئون-هنئانءَ' معنيٰ دل ۽ 'منئه' بدران چئون 'مينئون' (ميان)-مثلاً، ميان قادربخش. پراڪرت ٻوليءَ ۾ خود "پراڪرت" لفظ جو اچار آهي "پائيه"، جنهنڪري ڊ نپال آچاريه پنهنجي جوڙيل پراڪرت ڪوش (ڊڪشنريءَ) جو نالوئي رکيو آهي 'پائيلچي'. جو اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ 'پراڪرت لڪشمي'. 'لڪشمي' جو اچار بگڙجي 'لچمي' ۽ پوءِ 'لچي' ٿيو آهي. اهو اچارن جو نمونو اڄ تائين ڪجهه قدر لاڙ جي هندن ۾ آهي، جي 'ناريل' بدران چون 'نائر'!

٦٥- پراڪرت ڳالهائيندڙن جا اچار نه رڳو ائين جهڙا هئا، پر ڪجهه گهٽن جهڙا به هئا-مثلاً،

سنسڪرت	پراڪرت	سنڌي
نر	ڻرو	نر (مونث: 'مادي')
نشڪرمڻ	ڻمڪڻ	نڪرڻ (ٻاهر وڃڻ)
نپان	ڻپاڻ	نپاڻ (حوض-چشمو)
نگر	ڻئر	نير- معنيٰ شهر

مثلاً، 'بيڪانير' جو شهر بيڪي نالي هڪ راجپوت جي نالي پٺيان سڏجي ٿو. پراڪرت ڳالهائيندڙ گهڻن وانگر 'ن' بدران 'ڻ' ايترقدر ڪم آڻيندا هئا، جو پراڪرت ۾ اهڙا سڀ لفظ 'ن' بدران 'ڻ' سان شروع ٿين ٿا. اسان به. شايد انهن جي آڏي چڪي آهي، جو لفظن ۾ نڪ جو آچار گهٽو ڪڍيون ٿا-مثلاً 'تهجو' ۽ 'مهجو' بدران چئون 'ثنهنجو ۽ منهنجو'، ۽ 'پري' بدران عام طرح چئون 'پرين'، معنيٰ

پيارو. انهيءَ هوندي به ابترو ڇنبو، پراڪرت ڳالهائيندڙن کان اسان جا اچار وڌيڪ مٺا آهن. هن وقت سنڌيءَ ۾ ڪوبه لفظ 'ڻ' سان شروع ڪونه ٿو ٿئي: رکو هڪ لفظ 'ٿوڻ' (جمع ڻوليون) آهي، پر ان جو صحيح اُچار آهي 'رؤڻ' (جمع روڻيون). درياهه جو پاڻي اڏلي، ڪنهن بند کي ويڙهي وهندو، ته بند کي اول سيڪ ايندو، يعني پڇي آلو ٿيندو. پوءِ روڻ پونديس، جنهن مان پاڻي 'رؤن رؤن' ڪري وهندو ۽ پوءِ بند کي ڳهارو پوندو. اهو لفظ 'رون رون' (آواز) مان نهيل آهي.

اپڀرنش پراڪرت جا مثال

٢٦- سنسڪرت لفظن جا اُچار پراڪرت واري زماني ۾ ساڻهن هڪڙيءَ ريت بگيڙيا، ۽ ڪُپت گهرائي وارن جي صاحبيءَ ۾ جيڪي سنسڪرت لفظ وري نئين سر چالو ٿيا، تن جا اچار اپڀرنش واري زماني ۾ ساڻهن ٻيءَ ريت بگيڙيا. مثلاً، سنسڪرت 'هرديہ'، پراڪرت 'هنئہ'؛ سنڌي 'هنئون'، پر اپڀرنش ۾ اچار ٿيس 'هج' Hijja، جنهن مان سنڌي لفظ 'هيج' نهيو آهي، ۽ معنيٰ اُنس دل جو چاهہ يا خوشي- 'هيج' نہ هوندو جن، مي ڪيئن وندر وهنديون." (شاهہ). اهڙيءَ طرح ساڳين سنسڪرت لفظن جون سنڌيءَ ۾ ڪيتريون علحديون علحديون صورتون آهن.

(الف) جيڪي لفظ پراڪرت ۾ ورهين کان چالو هئا، تن مان ڪيترن جا اچار پوءِ اپڀرنش ٿيا، يعني

بگڙيا- مثلاً، سنسڪرت لفظ 'راجا' جو اچار پراڪرت ۾ ٿيو 'راڻا'، ته اهو اپڀرنش ۾ وڌيڪ بگڙجي ٿيو 'راءِ' سنڌ جي شاهي گهراڻي وارا حاڪم پاڻ کي 'راءِ' (راجا) سڏيندا هئا. اهو لفظ خود اپڀرنش پراڪرت جو آهي. هن وقت اسين اهو لفظ ماڻهن جي نالن پٺيان گڏيندا آهيون- مثلاً حشمتراءِ، بسنتراءِ. هن طرح چالو لفظن جا اچار وڌيڪ بگڙيا، تنهن لاءِ تاريخي سبب به هئا- جيئن هيٺ ڄاڻائجي ٿو:

برهمڻ گهراڻو ۽ عربن جي ڪاهه

٦٧- راءِ گهراڻي وارن اٽڪل ٤٩٥ کان وٺي ٦٣٢ع تائين حڪومت ڪئي. سنڌين صاحبيءَ جي اوائل ۾ ايرانين سنڌ ۾ اچي ڦرلٽ ڪئي. هن گهراڻي جي پوئين حاڪم جي وقت ۾ چچ نالي، هڪ برهمڻ هرفت ڪري سنڌ جي حڪومت جون واڳون پنهنجي هٿ ۾ ڪيون، ۽ برهمڻ گهراڻي جو بنياد وڌائين. ڪاڻس پوءِ پاڻس چندرا ٻه ڏرم کي مچڻ لڳو، پر ست سال ٽڪيو. هن کان پوءِ راجا چچ جو پٽ راجا ڏاهر گاديءَ تي ويٺو، جنهن جي صاحبيءَ ۾ عربن سنڌ تي ڪاهه ڪئي.

٦٨- سنه ٧١١ع ۾ عربن سنڌ فتح ڪئي ۽ ١٠١٢-١٣ع ڌاري ملتان به ورتائون. انهيءَ وقت ڪيترا هندو، مسلمان ٿيا ۽ ڪي مسلمان ٻين هنڌان اچي سنڌ ۾ رهيا. انهيءَ ريت سنڌ ۽ ملتان ڏي عربي ٻوليءَ جو واهپو ٿيو. عربي تاريخ نويس اصطخري، پنهنجي ڪتاب 'مسالڪ الممالڪ' ۾ ڄاڻايو

آهي، ته منصوره، ملتان ۽ انهن جي آسپاس وارن شهرن ۾ عربي ۽ سنڌي ٻوليون چالو هيون. اهو ڪتاب هجري سنه ٣٤٠ هه يعني ٩٥٠ع جو لکيل آهي - منصوره جو شهر هالن ڪي شهدادپور تعلقي ۾ برهمڻ آباد جي نزديڪ هو، ۽ ان وقت ملتان جو شهر به سنڌ جي حڪومت هيٺ هو. انهي سموري اراضيءَ ۾ عيسوي ڏهين صديءَ ۾ وراچڊ اپڀرنش چالو هئي. اهائي سنڌ جي ٻولي هئي: تنهنڪري اصطخري ۽ ٻين عربي تاريخ نوڙي جاگرافي نويسن انهيءَ کي 'سنڌي' يعني سنڌ جي ٻولي سڏيو آهي - عربن کان پوءِ غزنوي گهراڻي جي حڪومت ١٠٢٥ع کان وٺي هليا پوءِ سکهوڻي سومرن جي صاحبي ٿي.

٦٩- هون لوڪ، جن سنڌ ۾ راءِ گهراڻي جو بنياد وڌو، تن جي اچڻ جي وقت کان وٺي عربن جي ڪاهه تائين جيڪي ٿيو، تنهن جو مختصر ذڪر ٻيمس صاحب پنهنجي ڏاهيل ڏيهي آريه ٻولين جي گرامر ۾ هن ريت ڪيو آهي:

The first province of India which was conquered by foreigners was Sind, the next the Punjab. These provinces, especially the fromer, adopted the Muhammadan religion at an early date. Brahmans are. and have long been, comparatively scarce in both places. The Prakrits in use in both, especially in Sind, were alwayas noted for their extreme corruptness. A soil, for the most part sterile, and more

suited to a pastoral than to an agricultural people, was left by the main stream of the Aryan immigrants to the cattle tending Abhirs. or Ahirs, and to the Gujars and other rude tribes, to whom supervened the Jats, a branch of the great Kshatriya or Rajput caste who had been excluded frem fellow-ship for some reason which has not yet been fathomed. With so rude a population as this it is not wonderful that the language became debased, and that the censtant state of warfare and turmoil in which the people lived for ages, the perpetual seiges of their towns, pillagings of their humble dwellings, wholesale slaughter of their cattle, and other annually recurring horrors with which they wery visited, should haye left them neither opportunity nor inclination for literary pursuits, by which alone their language could have been polished and continually renewed by resuscitation of pure Sanskrit words.

Fohn Beames: Comparative Grammer of the Modern Aryan Languages of India Vol: 1, pp. 92-30.

هاڻوڪيون ڏيهي آريہ ٻوليون

٧٠– هندستان ۾ هن وقت جيڪي سنسڪرت مان پيدا ٿيل ڏيهي آريہ ٻوليون (سنڌي، هندي، گجراتي وغيره) چالو آهن، سي مٿي ذڪر ڪيل (ڏسو صفحو ٥٧) پراڪرت

ٻولين جي اپڀرنش يا بگڙيل صورتن مان هيٺينءَ ريت پيدا ٿيون آهن:

(١) **مهاراشٽري**- ڏکڻ جي ملڪ کي 'مهاراشٽر' يعني وڏو پرڳڻو يا وڏي حڪومت چئبو آهي، ۽ انهي جي ٻولي مهاراشٽري پراڪرت سڏبي هئي، جا پوءِ 'اپڀرنش' ٿي، يعني بگڙي. اها مهاراشٽري اپڀرنش پراڪرت وڌيڪ بگڙي، جنهن مان مراهٽي ۽ ڪوڪني ٻوليون پيدا ٿيون.

(٢) **ماگڌي**- بهار جو ڏاکڻو ڀاڱو آڳاٽي زماني ۾ 'مگڌ' سڏبو هو ۽ انهي جي ٻولي 'ماگڌي پراڪرت'، يعني مگڌ ديش جي پراڪرت، سڏبي هئي. اها ٻولي وڏي ايراضيءَ ۾ چالو هئي، تنهنڪري ان جي اپڀرنش يا بگڙيل صورت جا گهڻا نمونا هئا. انهن علحدن نمونن مان هاڻوڪي بنگ ڀاشا يعني بينگالي ٻولي، آسامي، اڙيا، يعني اوڙيسا جي ٻولي، مئٿلي، ڀوجپوري ۽ ناگپوري ٻوليون پيدا ٿيون آهن. بينگالي ۽ اڙيا هڪٻئي کي گهڻو ويجهيون آهن.

(٣) **ارڌ ماگڌي**- مگڌ يعني بهار جي ڏاکڻي ڀاڱي (بينگال وغيره) کان وٺي هاڻوڪي الله آباد جي ڊنگ تائين جيڪا پراڪرت چالو هئي، سا 'ارڌ ماگڌي' يعني 'اڌ - ماگڌي' سڏبي هئي؛ ڇاڪاڻ ته ان ۾ اڌ جيتري ماگڌي ۽ اڌ جيتري پنجاب طرف جي شورسيني پراڪرت گڏيل هئي. انهيءَ ارڌ ماگڌي جي اپڀرنش يا بگڙيل صورت مان 'پوربي هندي' پيدا ٿي، جا آگري ۽ اوڌ جي گڏيل پرڳڻن (United provinces) جا پوربي ڀيّا ڳالهائيندا آهن.

’پڇمي هندي‘، جنهن کي عام طرح ’هندستاني‘ (اڙدو) چئجي ٿو، سا هن ’پوربي هندي‘ کان نرالي آهي- مثلاً:

پوربي هندي- پيين، کا کَروَت هو؟
پڇمي هندي- پاڻي کيا کرتي هو؟
پوربي هندي- موري اکيان، يعني منهنجون اکيون.
پڇمي هندي- ميري آنکين. يعني منهنجون اکيون.
اهڙيءَ طرح ٻيا منجهن گهڻا تفاوت آهن.

پوربي هنديءَ جون مکيه شاخون اَئوڌي يعني اَئوڌ (اوڌيا) جي ٻولي، بنديلي يعني بنديل کنڊ جي ٻولي ۽ کنوجي آهن. تلسي کرت راماڻ، کبير پنٿ جا سلوڪ ۽ ٻيا کيترا پستڪ پوربي هنديءَ ۾ لکيل آهن.

(۴) شورسيني- مهاڀارت جي زماني ۾ راجا کنس کان گهڻو اڳي متر جو راجا شورسين هو، تنهنکري متر ۽ ان جو آسپاس وارو ملڪ سندس ڀليان شورسين سڏبو هو ۽ اتي جي ٻولي شورسيني پراڪرت ڪوٺجڻ ۾ آئي. اها پراڪرت تمام وڏي ايراضيءَ ۾ ڦهليل هئي، ڊاڪٽر سنيتي ڪمار چٽرجي پنهنجي ڇاپيل بينگالي ٻولي جي تاريخ صفحي ۱۱۳) ۾ چاڻايو آهي ته شورسيني اپڀرنش پنجاب جي الهندي طرف کان وٺي گجرات ۽ بينگال تائين چالو هئي، ۽ جيئن هينئر هندستاني ٻولي عام آهي، تيئن عام هئي. ان جي اپڀرنش يا بگڙيل صورت جا گهڻا نمونا هئا.

(الف) متر ۽ ان جي آسپاس واري ملڪ ۾ ٻاڪ دهليءَ تائين، شورسيني اپڀرنش چالو هئي، جا ڦري هاڻوڪي

ٻچمي هندي ٿي، جنهن جي مکيه شاخ 'برج ڀاشا'، يعني برج جي ٻولي آهي*. ڀڳت سورداس جي واڻي برج ڀاشا ۾ لکيل آهي.

(ب) مغلن جي صاحبيءَ ۾ اڪبر بادشاهه جي عدل ۽ انصاف جون ساکون ٻڌي، ڪئين ڪٽنن جا مسلمان دهليءَ ۾ آيا ۽ انهي جي هنديءَ ۾ سندن ڪيترا عربي ۽ فارسي وغيره لفظ گڏجي ويا. اها گاڏڙ ٻولي ٻوءِ مغلن جي 'آرُدو' يعني لشڪر جي ڇانوڻيءَ ۾ عام طرح ڳالهائڻ ۾ ايندي هئي، تنهنڪري 'اڙدو' يعني لشڪر جي ڇانوڻيءَ جي ٻولي نالو پيس-اڙدوءَ ۾ لکيل شعر جي ٻوليءَ کي عام طرح 'ريخته' سڏين ٿا، جنهن جي معني آهي ذرا ڀا ڪيرڻل ذڪر. ان ۾ کي جزا هنديءَ جا نه کي عربي ۽ فارسي وغيره جالا آهن، تنهنڪري اهو نالو پيس. مغلن جي لشڪر اها ٻولي پوءِ هندستان جي ڪيچ ڀاڱي ۾ ڦهلائي، تنهنڪري 'هندستاني' سڏجڻ ۾ آئي. هاڻ تفاوت هي آهي ته 'هندي' اها چئجي، جنهن ۾ سنسڪرت بنياد جا لفظ گهڻا هجن ۽ اڙدو يا هندستاني اها آهي، جنهن ۾ عربي، فارسي لفظ گهڻا مليل هجن-پر اڙدو به شورسيني پراڪرت مان پيدا ٿي آهي.

(پ) سڄي پنجاب ۾ اصل شورسيني پراڪرت چالو هئي، جنهن مان هندي ڏار ته اڙدو ڏار پيدا ٿييءَ پر الهندي

* متّرا جي پسگردائي ۾ چاليهن ميلن جي مفاصلي تائين گوڪل، بندرابن ۽ ٻين هنڌن کي گڏي 'برج' يعني وڻاڻ سڏين ٿا، جو اڳي انهي 'گوال' (ڳنوار) رهندا هئا.

طرفان پنجاب ڏي ڪشميري، سرائڪي ۽ ٻين دارڊڪ ٻولين جي لهر آئي، ۽ اتي جي 'ناڪ' لوڪن جي نالي پٺيان اها 'ناڪ اپڀرنش' سڏجڻ ۾ آئي، جا پوءِ ڦري پنجابي ٻولي ٿي- مطلب ته هنديءَ ۾ ڪشميري ۽ سرائڪي گڏجي ويئي، ۽ انهن جي ميلاپ مان پنجابي ٻولي ٺهي.

(پ) گجرات ۽ راجپوتانا ڏي ٻه پنجاب واري شؤرسيني پراڪرت چالو هئي، جو مهاڀارت واري زماني کان وٺي، سري ڪرشن ۽ ڪيترا ٻيا جادونسي، دوارڪا طرف اچي رهيا هئا ۽ پوءِ ٻه لڏهه وچڙ جام هئي، پر گجرات ۾ ڏکڻ طرفان مهاشتري، پراڪرت جي به لهر آئي. هيءَ تاريخي حقيقت آهي ته جيئن مهاراجا اشوڪ پالي ٻولي ڦهلائي، تيئن ٦٨ع ۾ راجا هالا مهاراشتري پراڪرت جو ڦهلاءُ ڪيو. مرهٽن به، وارو ڏيئي گجرات تي پئي ڪاهيو. انهيءَ ريت پنجاب واري شؤرسيني پراڪرت جي ميلاپ ڪري گجرات ۾ هڪ گاڏڙ ٻولي ٺهي، جنهن تي علحدو نالو 'سؤرشٽري پراڪرت' پيو. 'سؤراشٽري' جو اچار بگڙجي 'سورٺ' ٿيو آهي. سؤراشٽري يا سورٺي پراڪرت جو هڪ بگڙيل نمونو 'ناگر اپڀرنش' آهي (گجرات جا 'ناگر' برهمڻ اڄ تائين مشهور آهن). ناگر اپڀرنش وڏي ايراضيءَ ۾ چالو هئي، تنهنڪري ان جا به مکيه نمونا هئا: هڪڙو ناگر ۽ ٻيو اپناگر. گجرات تي نالو 'گورجر' قوم تان پيو آهي ۽ انهن گورجرن جي ٻولي 'گورجر اپڀرنش' سڏبي هئي، جا ڦري هاڻوڪي گجراتي ٻولي ٿي آهي. ناگر اپڀرنش جو ٻيو بگڙيل

نمونو، جو اُجين ۽ ان جي آسپاس وارن هنڌن ۾ چالو هو، تنهن کي 'آونتي اپڀرنش' چوندا هئا ۽ انهيءَ مان راجستاني يعني راجپوتانا طرف جون ٻوليون (مارواڙي ۽ جيسلميري وغيره) پيدا ٿيون آهن.

(ت) سنڌ ۾ جيڪا اپڀرنش چالو هئي، سا گهڻو بگڙيل هئي، تنهنڪري اها 'وراچڊ اپڀرنش' يعني گهڻو بگڙيل يا ردي ٻولي سڏبي هئي. اها وراچڊ اپڀرنش وڏيڪ بگڙجي هاڻوڪي سنڌي ٻولي ٿي آهي. سنڌ جي ٻولي وڌيڪ بگڙجڻ جا سبب اڳيئي ڄاڻايا ويا آهن.

وراچڊ اپڀرنش

۷۱- هندي، پنجابي ۽ گجراتيءَ وانگر سنڌي ٻوليءَ جو سمورو گهاٽ پنجاب واري شؤرسيني پراڪرت تي ٻڌل آهي؛ پر جيئن گجرات طرف جي ٻوليءَ تي ڏار نالو سؤراشٽري پراڪرت رکيل هو، تيئن سنڌ جي پراڪرت تي ڪو ڌار نالو رکيل هو يا نه، سا ڳالهه ڪنهن به ڪتاب ۾ ڄاڻايل ڪانهي. ڊاڪٽر ڀنڊارڪر پنهنجين علم لغات بابت تقريرن (صفحي ۲۳۲) ۾ هيئن چيو آهي ته جنهن صورت ۾ پراڪرت وياڪرڻ رچيندڙن "اپڀرنش" نالو ڪتب ٿي شؤرسيني پراڪرت جي باري ۾ آندو آهي؛ تنهن صورت ۾ گجراتي، سنڌي، پنجابي ۽ هندي اهي چارئي قديم شؤرسيني پراڪرت جون عيوضياڻيون

ڪري سمجهڻ گهرجن. هيءَ بہ تاريخي حقيقت آهي تہ پنجاب، گجرات، راجپوتانا ۽ سنڌ جي حڪومت اڪثر ڪان گڏيل هئي ۽ انهيءَ ڪري انهن سڀني هنڌ شؤرسيني پراڪرت چالو ٿي هئي. اهي ڳالهيون ڪئي، سنڌي ٻوليءَ جي هن وقت جيڪڏهن ٻيڙهي ڇڪبي، تہ چئبو تہ وراچڊ اپڀرنش ان جي سڳي ماءُ ٿئي؛ پنجاب واري شؤرسيني پراڪرت (يا ان جو ڪو نمونو جو سنڌ ۾ چالو هو) ان جي ناني ٿئي، ۽ سنسڪرت ٻولي، جا رگ ويد واري زماني کان وٺي سڄي هندستان ۾ ڳالهائڻ ايندي هئي، سا ان جي پڙ ناني ٿئي-- ۽ سنسڪرت خود انڊو-يوروپين ٻولين جي هڪ شاخ آهي، جنهنڪري سنڌيءَ جو جڳري ناتو ايران ۽ يورپ جي ڪيترن ٻولين سان آهي (ڏسو صفحو ۸-۹)

وراچڊ اپڀرنش جون مکيہ خاصيتون

۷۲- وراچڊ اپڀرنش ڦري هاڻوڪي سنڌي ٻولي ٿي آهي، سا پڪ اسان کي هن طرح ٿي آهي، جو مارڪنڊيہ نالي هڪ پراڪرت وياڪرڻ جوڙيندڙ پنهنجي ناميل وياڪرڻ (ص۱۸-۱) ۾ چٽيءَ ريت چاڙايو آهي، تہ سنڌ ۾ جيڪا اپڀرنش چالو هئي، سا 'وراچڊ اپڀرنش' يعني گهڻو بگڙيل يا ردي ٻولي سڏبي هئي. مارڪنڊيہ ان جي ڪن مکيہ خاصيتن جو بہ ٿورو ذڪر ڪيو آهي: پنهنجي وياڪرڻ (ص ۱۸-۵) ۾ چوي ٿو تہ 'سنسڪرت ۽ پراڪرت لفظن جي اڳياڙيءَ وارو 'ت' ۽ 'د' جو اچار، وراچڊ ۾ ڦيرائي 'ٽ' ۽ 'ڊ' ڪندا هئا'-- هيءَ هڪ

چگو ڏس ڏنو اٿس. اڄ به ڏسون ٿا، ته هنديءَ ۾ چون 'تانبا' ته اسين چئون 'ٽامون'، سنسڪرت 'دان' بدران چئون 'ڏان'- هتي 'د' کي ڦيرائي 'ڏ' ۽ 'ن' کي ڦرائي 'ڻ' ڪيو اٿون. سنسڪرت 'ديرگهه' بدران چئون 'ڊگهو': سنسڪرت لفظ "ستان" جو اچار سنڌيءَ ۾ 'آستان' ۽ 'ٿان' آهي ۽ ٻر 'ٿاڻ' به چئون:

'جت ٻجهن گهوڙا گهڻا، انهيءَ کي چون ٿاڻ' (ديوان گل).

٧٣- مارڪنڊيه پنهنجي وياڪرڻ (ص ٣-١٨) ۾ ٻي مکيه ڳالهه هيءَ ڄاڻائي آهي، ته وراچڊ اپڀرنش ۾ 'س' جو اچار ڦيرائي 'ش' ڪندا هئا. اها عادت به اسان ۾ برابر آهي- مثلاً، سنسڪرت لفظ سنهه، سيوا ۽ سيوڪ بدران چئون شينهن، شيوا ۽ شيوڪ. فارسي لفظ 'سيخ' بدران ڪيترا چون 'شيخ'. اها عادت الپڙهيلن ۾ هيڪاري گهڻي آهي، جي 'خاصو' بدران چون 'کاشو' ۽ 'سائين' بدران چون 'شائين'.

٧٤- وراچڊ بابت مارڪنڊيه ٻيو به ڪجهه چيو آهي، ٻر هن وقت وراچڊ کان سنڌي ٻولي گهڻو ڦري ويل آهي، تنهنڪري اهي ڳالهيون پوريءَ ريت سمجهڻ ۾ نٿيون اچن. ٻانئجي ٿو ته ٻ، ڄ، ڏ ۽ ڳ، اکر، جي سنڌيءَ ۾ آهن ۽ هنديءَ وغيره ۾ ڪينهن تن جو ذڪر ڪيو اٿس.

سنڌيءَ ٻوليءَ جي جنم جي تاريخ

٧٥- سڀني ڏيهي آريه ٻولين ۾ جهوني ۾ جهونو ڪتاب 'پرٿيراج رسو' نالي برج ڀاشا (هندي) ۾ لکيل آهي،

جو نامور چارڻ چندبردائي جو جوڙيل آهي. هو لاهور جو ويٺل هو ۽ دهليءَ جي پوئين راجا پرٿيراج چوهاڻ جي درٻار جو ڀٽ هو. پنهنجي هن ڪتاب ۾ راجا پرٿيراج چوهاڻ جي اصل نسل، جنم ۽ ڪارنامن جو نهايت عمديءَ ريت شعر ۾ ذڪر ڪيو اٿس. اهو چارڻ اٽڪل ۱۲۰۰ع ڌاري ٿي گذريو آهي. مراٺي ٻوليءَ ۾ جهوني ۾ جهونو ڪتاب ۱۲۹۰ع جو لکيل آهي، پر 'ڀاڳن' جي شعر ۾ مراٺيءَ ۾ ڪي اڪريل ٿنون سنه ۱۲۰۸ع جون لڌيون آهن. جنهن صورت ۾ اها پڪ آهي ته اپڀرنش پراڪرت ٻوليون عيسوي ڏهين صديءَ تائين عام طرح ڳالهائڻ ٻولهائڻ توڙي لکپڙهه ۾ ڪم ايندڙ هيون* ۽ هندي ۽ مراٺي سنه ۱۲۰۰ع عيسوي ڌاري ڌار ٻوليون ٿي ڪم اينديون هيون، تنهن صورت ۾ وولنر صاحب ۽ ٻين عالمن اهو بلڪل واجبي انومان ڪيو آهي، ته سنڌي، هندي ۽ ٻيون ڏيهي آريه ٻوليون سنه ۱۱۰۰ع ڌاري، سومرن جي صاحبيءَ ۾، پراڪرت مان ڦٽي ڌار ٿيون هونديون.

سنڌيءَ جي سنسڪرت ۽ پراڪرت سان ڀيٽ

۷۶- سنڌي ۽ ٻيون ڏيهي آريه ٻوليون، جي سنسڪرت مان ڦٽي نڪتيون آهن، سي بگڙيل پراڪرت ٻوليون آهن؛

*Roughly Speaking it (Apabhransha) extends (in round figurs) from 600 A. D. to 1000 A.D. *P.V. Jahagirdar: An Introduction to the Comparative Philology of Indo-Aryan Languages, p. 27.*

ٻر انهن کي جيڪڏهن ٻڪڙيل سنسڪرت سڏجي ته به روا آهي، ڇاڪاڻ ته بنياد وري به سنسڪرت اٿن. وراچڊ اپڀرنش ۾ هڪڙو به ڪتاب ڪونهي؛ باقي گجرات جي ناگر اپڀرنش ۾ ڪجهه ساهت آهي، جنهن جي وسيلي ڪجهه روشني پئجي سگهي ٿي. نموني لاءِ هتي اول هڪ ننڍڙو جملو سنسڪرت ۾ ڏجي ٿو ۽ اهو ساڳيو پراڪرت ۽ ناگر اپڀرنش ۽ سنڌيءَ ۾ به ڏجي ٿو، ته ڀيٽ ڪرڻ ۾ ڪجهه سولائي ٿئي.

سنسڪرت— هي راجن، ايشه برهمڻ ڪترمڪشي ڀوشيتي؟

پراڪرت— هي رائن، ائسو ويٺو ڪڏن سهرو ٻوتسدي؟

اپڀرنش هي راءِ، ڊهه ٻمڀڻ ڪم سڪڙيٺو هوسئي؟

سنڌي— اي راءِ، اهو ٻانڀڻ ڪيئن سڪي هوئيندو (ٿيندو).

هن هڪڙي ئي مثال مان ڏسڻ ۾ ايندو، ته سنڌي جملن جي بناوت سنسڪرت جملن جهڙي آهي ۽ منجهن لفظ به ساڳيا سنسڪرت وارا ڪم اچن ٿا، رڳو اچار ٿورو ڦريل اٿن.

سنڌي ۽ ٻين ڏيهي آريه ٻولين جا لفظ

٧٧.	سنسڪرت	سنڌي	هندي	گجراتي	مرهٽي	بينگالي
	رشمي	رسي	رسي	رسي	رسي	رسي

اشارو— هن قسم جي وڏيڪ جملن لاءِ ڏسو گجراتيءَ ۾ ڇپيل ’گجراتي ڀاشا نون اتهاس‘ لکيل ورجه لال شاستري جو. پڻ ڏسو مسٽر لڪشميڌر وارو گجراتي ۾ ڇاپيل ڪتاب ’شڌ ڀاشا جندريڪا‘.

سڪنڌ	ڪنڌ	ڪانڌا	ڪانڌو	کاندا	ڪاندا
ڪاڻ	ڪاڻو	ڪاڻا	ڪاڻو	ڪاڻا	ڪاڻا
مستڪ	مٿو	ماٿا	ماٿو	ماٿا	ماٿا
هست	هٿ	هاٿ	هات	هات	هات

هتي ڏسو ته لفظ ساڳيا آهن، رڳو اچار ڦريل اٿن. هيٺين به آهي ته ڪيترا سنسڪرت ۽ پراڪرت لفظ هڪڙي ڏيهي ٻوليءَ ۾ عام آهن، ٻي ٻيءَ ۾ عام نه آهن.

سنڌيءَ بابت عالمن جا رايا

٧٨. سنڌي ٻولي جنهن وقت کان وٽي ڏار ٻولي ٿي ڪم اچڻ لڳي آهي، تنهن وقت کان وٽي منجهس گهڻيئي ڌاريا لفظ اچي ويا آهن؛ پر ٻيءَ طرح گهڻو واڌارو ڪونه ڪيو اٿس. انهيءَ سبب ڪيترين اهڙين آڳاٽين نشانين اڄ تائين قائم ڪيو بيٺي آهي، جي ٻين ڏيهي آريه ٻولين ۾ ڪينهن؛ تنهنڪري سنڌي ٻوليءَ جو درجو انهن کان مٿي ليکجي ٿو. سنڌي ٻوليءَ جي نحوي بناوت جي برٽن صاحب، ڪئپٽن جارج سٽئڪ ۽ ٻين عالمن گهڻي ساک ڪئي آهي. ڊاڪٽر ٽرمپ ته جنسي ڏيک ڏيا آهن. اجهي هيءَ آهن سندس لفظ:

The Sindhi is a pure Sanskritical language more free from foreing elements than any other of the North-Indian Vernaculars. The old Prakit grammarians may have had their good reasons to designate the Apabhrnsha dialect, from which

the modern Sindhi is immediately derived, as the lowest of all the Prakrit dialects; but if we compare now the Sindhi with its sister-tongues, we must assign to it, in a grammatical point of view, the first place among them. It is much more closely related to the old Prakirt than the Marhti, Hindi, Punjabi and Bengali of our days, and it has preserved an exuberance of grammatical froms, for which all its sisters may well envy it. For, while all the modern Vernaculars of India are already in a state of complet decomposition. The old venerable mother-tongue being hardly recognisable in her degenerate daughters the Sindhi has, on the contrary preserved most important fragments of it and erected for itself a grammatical struture, which surpasses in beauty of execution and internal harmony byfar the loose and levelling constrution of its sisters. *Dr: E. Trumpp:*

ٻيمس صاحب هيٺن چيو آهي:

Looking upon the change from a synthetical to an analytical state as progress ann development, not as corruption or decay, it may be interesting not as corruption between the several languages in this respect...The most advanced langauge is the Hindi, which is closely followed by the Punjabi and Gujrati......Sindhi ranks

next in the matter of development. It is a rough language. Loving thorny paths of its own, but there hangs about it, to my mind, somewhat of the charm of wild flowers in the hadge whose untamed luxubriance pleases more than the regular splendour of the parterre. Even as early as prakrit times the dialect of the Indus velley shook it self free from trammels, and earned for itself from the pendantic followers of rule and line, the contemptuous epithet of *Apabhramsa* or vitiated. There is a flavour of wheaten flour and a reek of cottege smoke about Punjabi and Sindhi, which is infinitely more natural and captivating than anythign which the hide-bound Pandit-ridden languages of the eastern parts of India can show us. *John Beames Comparative Grammar of the Modern Aryan Languages of India i, 48 to 51.*

ڪئپٽن جارج اسٽيڪ پنهنجي ٺاهيل سنڌي گرامر جي سنڌ ۾ چوي ٿو ته، سندس وقت (١٨٤٧-٤٥) ۾ سنڌي ماڻهن جو، چاهه عربي ۽ فارسيءَ سان هو ۽ سنڌيءَ لاءِ چوندا هئا ته اها مسخرن جي ٻولي آهي. پاڻ پنهنجي سر سنڌيءَ جي گهڻي ساک ڪئي اٿس.

"Learned Musalmans read Arabic and Persian Hindus the latter, or Punjabi and Hindhi. The speech they learn at their mother's breasts,

was thought only fit for clowns. Yet I am confident the Sindhi will to the philologist prove a more interesting study than that of many of the other Indion dialecats. The habit of affixing signs to words in lieu of the Pronouns and the Prepositions governtng them, the regular form of the Passive Voice, the use of Impersonals, the reduplicated Causal Verbs, and other points which the learner will mark as he proceeds, give to it beauties distinct from most Indian tongues."

داردڪ ٻولين جو بنياد

٧٩- هندستان ۾ داردڪ ٻولين جو بنياد پشاچ لوڪن وڌو، جن ڪشمير، پنجاب ۽ سنڌ ۾ اچي ٻيهڪون وڌيون. (ڏسو ٣٤). پراڪرت گرامر جوڙيندڙ مارڪنڊيه، جنهن ڄاڻايو آهي تہ سنڌ ۾ 'وراچڊ اپڀرنش' چالو هئي (جا ڦري هاڻوڪي سنڌي ٻولي ٿي آهي)، تنهن هيٺن بہ لکيو آهي، تہ سنڌ ۾ ٻي ٻولي 'وراچڊ پشاچي' بہ چالو هئي، ۽ ڪهڙو زور هن حقيقت تي ڏنو اٿس، تہ وراچڊ پشاچي جو مکيہ نمونو 'ڪيڪيہ پشاچي' هو. هيمچندر آچاريہ پنهنجي ناهيل 'هيم وياڪرڻ' ۾ 'چوُلڪا پشاچي' جو بہ ذڪر ڪيو آهي. انهيءَ ريت معلوم ٿئي ٿو، تہ پشاچي جا جملي ٿي نمونا هئا. اهي ٿيئي ڦري هاڻوڪيون 'دارڪ ٻوليون' ٿيون آهن.

چولڪا پئشاچي- سر گريئرسن جي چوڻ موجب اها ٻولي ڪشمير ۽ اُن جي الهندي طرف چالو هئي، جنهن مان ڪافرستان، چترال، ڪشمير ۽ داردستان (گلگت، شنا وغيره) جون ٻوليون پيدا ٿيون، جن سڀني کي گڏي 'دارڊڪ ٻوليون' سڏيو اٿس. (ڏسو صفحو ۳۵).

ڪيڪيہ پئشاچي- ڪيڪيہ جو پرڳڻو، جنهن جو ذڪر اڳيئي (صفحي ۲۷ ۾) ڪيو ويو آهي، سو هاڻوڪي ڏيري اسماعيل خان ۽ ڏيري غازي خان کان وٺي ملتان جي حدن تائين هو. ملتان وارو پاسو 'سؤوير' سڏبو هو (ڏسو صفحو ۳۰). ڪيڪيہ ۽ سؤوير ٻيئي پاڙ هئا (ڏسو صفحو ۲۹)، تنهنڪري سندن انهن ٻنهي پرڳڻن جي ٻولي ساڳي هئي. انهن پرڳڻن ۾ پشاچن بيٺڪون وڌيون، تہ اتي جي پراڪرت 'ڪيڪيہ پئشاچي' سڏجڻ ۾ آئي، جنهن مان هاڻوڪي 'لهندا' ٻولي يعني پنجاب جي الهندي طرف جي ٻولي پيدا ٿي آهي، جا پنجاب جي اتر-الهندي ڏي ڏيري غازي خان، ڏيري اسماعيل خان ۽ ميانوالي تائين، ۽ پنجاب جي اتر-اڀرندي ڏي بهاولپور رياست جي حدن کان وٺي مانٽگومري(ساهيوال)، پنجاب واري گجرات ۽ ڪشمير طرف پيرپنجل واري ڪهاٽ تائين ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي. اها ملتان ڏي 'ملتاني' ۽ بهاولپور ڏي 'بهاولپوري' سڏجي ٿي. اهو سڄو ٻروچڪو ملڪ آهي؛ پر اُڏهين ڪيترا پنجابي هندو بہ اها ٻولي ڳالهائيندا آهن، تنهنڪري پنهنجي ۽ ٻيا 'لهندا' کي 'هندڪي' يعني هندن جي ٻولي بہ سڏيندا آهن.

وراچڊ پئشاچي- پشاچ لوڪن مان جن سنڌ ۾ ويهڪون وڌيون، تن جي پراڪرت ٻولي وڌيڪ بگڙيل هئي، تنهنڪري اها 'وراچڊ پئشاچي' پراڪرت سڏجڻ ۾ آئي، جا ڦيري هاڻوڪي سرائڪي ٻولي ٿي آهي. هن مان ڏسجي ٿو ته هند ۽ سنڌي ۽ سرائڪي ٻئي اسان جي سنڌ ۾ ڪٿي ۾ سنه ١١٠٠ع ڌاري گڏ ڄاڻيون هيون، جنهنڪري چئبو ته هڪ سترنيون آهن. اڄ به ٻنهي ٻولين جي وچ ۾ ڪو گهڻو تفاوت ڪونهي. انهن جو وڌيڪ ذڪر اڳتي هلي ڪبو.

ڀاڱو ٻيو

باب پهريون — ٻين ٻولين سان ناتو

ٻوليءَ جو بنياد ۽ خاندان

٨٠- سنڌي ٻوليءَ بابت هن کان اڳ جيڪي چيو ويو آهي، تنهن مان معلوم ٿيندو، ته اسان جي هر ڳٽي جي ٻوليءَ جو بنياد سنسڪرت مان آهي. سنسڪرت مان اول پالي ۽ ڪي پراڪرت ٻوليون پيدا ٿيون، جي هندستان جي جدا جدا ڀاڱن ۾ ڳالهائڻ ۾ اينديون هيون. سمي پائي اهي سڀيئي 'اپڀرنش' ٿيون يعني بگڙيون. اهي بگڙيل پراڪرت ٻوليون ڦري، هاڻوڪيون هندي، گجراتي وغيره ٻوليون ٿيون آهن. سنڌ ۾ جيڪا شؤرسيني پراڪرت جي نموني ٻولي چالو هئي (ڏسو صفو ٦٩) سا وڌيڪ بگڙيل هئي، تنهنڪري اها 'وراچڊ اپڀرنش' يا گهڻو بگڙيل پراڪرت سڏجڻ ۾ آئي (صفحو ٦٩) ۾ اها ڦري هاڻوڪي سنڌي ٻولي ٿي، جا اٽڪل سنه ١١٠٠ع کان وٺي ڌار ٻولي ٿي ڪم اچڻ لڳي (صفحو ٧٢). سنڌي، هندي، گجراتي وغيره به اٽڪل روءِ ساڳيئي سال ۾ پيدا ٿيون. تنهنڪري اهي سڀ پاڻ ۾ جاڙيون ڀينرون چئبيون. انهن سڀني جي بنياد جي تاريخ اهڙيءَ طرح ڳنڍي ڳٽي ٻڌي آهي، جو منجهائڻ کهڙيءَ

ٻـ ھڪڙيءَ جي ذڪر ڪرڻ لاءِ سيني جو ذڪر ڪڏي ڪرڻو پوي ٿو (ڏسو صفحو ۶۴ کان ۷۰). اھي سڀ سنسڪرت سان پيدا ٿيون آھن، ۽ سنسڪرت جو ناتو ايراني ۽ ڪيترين يورپي ٻولين سان آھي (ڏسو صفحو ۸ ۽ ۹). اھي سيئي ٻالھيون ڳئي چئبو، تہ سنڌي ڪا ڇوري ڇڄني ٻولي ڪانھيءَ پر نھايت ٻڌائتي آھي. ان جو نسل انھيءَ عالي خاندان سان وڃي لڳي ٿو، جنھن جون لامون ھندستان، ايران، وچ ايشيا ۽ يورپ جي ڪيچ پاڳي ۾ ڪتل آھن ۽ اھو 'انڊو-يورپين' خاندان سڏجي ٿو (ڏسو ۸).

مکيم دفعو- سرائڪي ۽ آپي جي ٻولي

۸۱- سنڌي ۽ ٻيون ڏيھي آريہ ٻوليون، جي سنسڪرت مان ڦٽي نڪتيون آھن، تن کي عالمن جدا جدا دفعن ۾ ورھايو آھي ۽ جنھن جنھن ھنڌ اھي ڳالھائڻ ۾ اچن ٿيون، تنھن تنھن ھنڌ جو نالو ھرھڪ دفعي ني رکيو اٿن. مثلاً ڏاکڻي دفعي ۾ مراھٽي ۽ وچولي دفعي ۾ ھندي، پنجابي، راجستاني ۽ گجراتي ٻوليون ليکيون اٿن. ھندستان جي ٻنھ اتر-اولھہ طرف جيڪي ٻوليون مروج آھن، تن کي 'اتر-اولھہ دفعو' (The North-Western Group) سڏبو اٿن. انھيءَ دفعي ۾ (۱) سنڌي (۲) لھندا، ٻوليون شمار ڪيون اٿن.

۸۲- 'لھندو' لفظ اصل ۾ آھي 'الھندو' ۽ خاص طرح معنئي اٿس 'پنجاب جو الھندو طرف'، ۽ اني جي ٻولي

’لهندا‘ يعني پنجاب جي الهندي طرف جي ٻولي سڏجي ٿي (صفحو ٨٨). اها ملتان ڏي ملتاني، بهاولپور ڏي بهاولپوري، ۽ سنڌ ۾ سرائڪي سڏجي ٿي.

٨٣- ’سرائڪي ٻولي‘ معنيٰ سنڌ توڙي سنڌ وندي جي سري يعني مٿين پاڱي جي ٻولي. سنڌ جو سرو يا اتر وارو پاسو (جيڪب آباد طرف) ٻروچڪو ملڪ آهي، تنهنڪري اها ’ٻروچڪي‘ به سڏجي ٿي. سنڌ ۾ جٽ اڪثر اها ٻولي ڳالهائيندا آهن، تنهنڪري اها جٽڪي‘ به ڪوٺجي ٿي.

٨٤- سرائڪيءَ جو ٻيو نمونو آهي ’آڀي جي ٻولي‘. پنجاب جو ڏاکڻون پاڱو، بهاولپور جي حد کان وٺي سنڌ جي اتر واري پاڱي (آٻاوڙي ۽ گهوٽڪيءَ طرف) تائين ’آڀو‘ سڏجي ٿو. ’آڀو‘ معنيٰ مٿيون پاسو (درياءَ جي وهڪ جو). ان جو ضد آهي ’لمو‘ معنيٰ ڏاکڻو يا هيٺاهين پاڱو. آڀي جي ٻولي آٻاوڙي، گهوٽڪي ۽ ميرپور ماٿيلي طرف چالو آهي، جتي الڪل ڏهه هزار ٻروچ ڪن ڪسابن کان بهاولپور کان لڏي اچي رهيا آهن. (لنگئسٽڪ سروي، جلد ٨، پاڱو ١: صفحو ٣٦٠). اها آڀي جي ٻولي سرائڪيءَ کان ڪجهه قدر ڦريل آهي. ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ پاڳناري ۽ جيڪب آباد ۽ شڪارپور طرف جا پاڳي، ناربوال، چانڊيي، روهاهي ۽ ٻيا ڪيترا هندو، جي اصل قلات طرفان آيا آهن، سي اڄ تائين زالين مڙسين، ٻارين ٻچين ’سرائڪي ۽ سنڌي ٻئي ٻوليون ڳالهائيندا آهن. اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ جملي هڪ لک، ڪن ماڻهو سرائڪي

۽ آيي جي ٻولي ڳالهائين ٿا. (لنگئسٽڪ سروي جلد ۸، ڀاڱو ۱، صفحو ۵).

۸۵- سراڪيءَ ۽ آيي جي ٻوليءَ جو جڳري ناتو پنجاب جي 'لهندا' ٻوليءَ سان آهي (صفحو ۸۸). اهي سڀ دارڊڪ بنياد جون آهن ۽ پشاچ لوڪن جي پشاچي پراڪرت مان پيدا ٿيل آهن، تنهڪري اسان جي سنڌي ٻوليءَ سان جڳري ناتو ڪوڙ اٿن. پر 'لهندا' ۽ 'سنڌي' ٻئي هندستان جي ٻنهي، اتر-اولهه طرف چالو آهن ۽ رڳو انهيءَ سبب انهن جو هڪ ٻئي ڪو دفعو ليکيو اٿن.

سنڌي ٻولي ڪٿي ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي

۸۶- سنڌي ٻولي قديم وڏيءَ سنڌ جي ٻولي آهي، جنهن جون حدون ڪشمير کان وٺي گجرات جي سورت شهر تائين هيون، جنهنڪري پنجاب جو ڪجهه ڀاڱو، راجپوتانا، سڄو ڪڇ علائقو ۽ ڪاٺياواڙ جو اتر وارو ڀاڱو سنڌ ۾ اچي ٿي ويا. هوڏانهن افغانستان ۽ بلوچستان جا ڪي پاسا، لسٻيلي ۽ مڪران سميت، سنڌ جي حڪومت هيٺ هئا. انهن سڀني هنڌ اماڻجن سنڌي ماڻهن راڄ ٿي ڪيو، جنهڪري سنڌي ٻولي انهن پاسن ڏي چالو ٿي، بهاولپور ۽ ملتان جي حدن تائين هن وقت بهاولپوري ۽ ملتاني ٻوليون چالو آهن، ته به انهيءَ اتر طرف ڪيترا سنڌي ڳالهائين ٿا. هوڏانهن باوچستان طرف لسٻيلي ۾، ته هيڏانهن ڪڇ ڀڄ ۽ ڪاٺياواڙ جي اتر واري ڀاڱي تائين، سنڌي ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي. مطلب ته سنڌي

ٻولي هاڻوڪيءَ سنڌ جي چئني حدن کان ڪهڙو پري بلوچستان، پنجاب ۽ گجرات جي حدن ۾ دخل ڪري ويٺي آهي. سنڌي ٻوليءَ جون اهي حدون اڄ تائين قديم وڏي سنڌ جي حدن جا اهڃاڻ ڏين ٿيون. مطلب ته ’سنڌي ٻولي‘ جنهن کي چئجي ٿو، سا قديم وڏيءَ سنڌ جي ٻولي آهي، ۽ نه هاڻوڪي محدود ٽڪر جي.

٨٧- سر گريئرسن چاڻايو آهي، ته سنڌ مان ڪي سنڌي هجرت ڪري (لڏي پلاڻي) گنگا نديءَ جي اتر واري دوآبي ڏي وڃي رهيا آهن، ته اتي جي رهاڪن سان لڙهه وچڙ ۾ اچڻ ڪري سندين ٻولي بگڙجي هڪ نئين قسم جي ٻولي ٿي پيئي آهي؛ پر بنياد سنڌي اٿس. وڏيڪ هيئن چيو اٿس، ته لڏ پلاڻ سبب ٻوليءَ ۾ ڪيئن ڦير ڦير ٿئي ٿو ۽ ڪنهن فرقي يا قوم جي آپياشا (Tribal dialect) ڪيئن ٺهي ٿي، تنهن جو هيءُ عمدو مثال آهي*. مصنف کي پڇائڻ مان معلوم ٿيو آهي، ته اهي سنڌي اصل شڪارپور جي انصاري آکهه وارن جا ماڻهو آهن، جن ورهين کان سهارنپور ضلعي ۾ وڃي ويهڪ ڪئي آهي، ته به اڄ تائين شادي غميءَ ۾ ٽوڙي ٻين وقتن تي هڪبئي وٽ ايندا ويندا آهن. اهي جيڪا سنڌي ڳالهائين ٿا، سا لهندا (سرائڪي) ۽ پنجابي نموني جي آهي، ته به ڪي سنڌي لفظ ڪم آڻين ٿا.

*لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا، جلد ٻهريون. ڀاڱو ٻهريون، صفحو ٠٣٠.

مثلاً هندي يا پنجابي حرف ”ڪا“ بدران ”جو“ اضافت ڪتب آڻين ٿا.

سنڌيءَ جو سرائڪي ۽ دارڊڪ ٻولين سان ناتو

٨٨- صدين کان سنڌ، پنجاب ۽ ڪشمير جا رهاڪو هڪبئي سان گهڻو لڙهه وچڙ ۾ آيا آهن، ۽ خود ڪشمير وارو پاسو، پنجاب سميت، ڪيترو وقت سنڌ جي حڪومت هيٺ هو، تنهنڪري سنڌيءَ جو انهن ٻولين سان ججهو ناتو ٿيو آهي. اڄ به ڏسو ته سنڌي ٻولي سنڌ جي اتر ڏي اڀاوڙي طرف سرائڪي يا اُڀي جي ٻوليءَ جو نمونو اختيار ڪندي، بهاولپور ڏي به اهوئي بيک ڏاريندي، ملتاني ٻوليءَ سان وڃي ڳنڍي آهي؛ ۽ ملتاني، لاهور ۽ امرتسر طرف، آڏلڪي طرح ڦرندي وڃي پنجابيءَ سان ڳنڍي آهي، جنهنڪري انهن چئني سگهجي ٿو، ته سرائڪي ٻولي جڻ ته وچون ڏاڪو يا وچ واري ڪڙي آهي، جا سنڌيءَ کي پنجابيءَ سان ڳنڍي ٿي، ۽ پنجابي ٻولي اتر ڏي ڪشميريءَ سان وڃي ڳنڍي آهي. انهيءَ ريت سنڌ کان وٺي ڪشمير تائين ٻولين جو ٻاڻ ۾ ڪڙو ڪڙي سان ڳنڍيو پيو آهي. ٻولين جي انهيءَ ناتي سان اهو به سمجهي سگهجي ٿو، ته آڳاٽا پشاچ لوڪ اهائي واٽ وٺي آيا هئا يعني ڪشمير کان پنجاب ۽ بهاولپور ۾ بيهڪون وجهندا، ۽ پوءِ سنڌ ۾ پنهنجا ماڳ جوڙي اچي ويٺا هئا. هن وقت جيتوڻيڪ انهن سيني هنڌن جون ٻوليون پنهنجي پنهنجي نموني آهن، ته به آچارن

۽ نحوي بناوت (Grammatical fromation) ۾ هڪ ٻئي سان گهڻيون مشابهت رکن ٿيون. اهي ڳالهيون مناسب هنڌن تي کولي ٻڌائيون. انهن جي پڪي ياداشت ضميمي ٻئي ۾ ڏني وئي آهي. هتي رڳو چند مکيه ڳالهين جو ذڪر ڪجي ٿو.

٨٩– سنڌيءَ ۾ ٻ، ڄ، ڏ ۽ ڳ اهي چار نج سنڌي اکر ليکيا وڃن ٿا. انهن سان ڪوبه اکر جنهن لفظ ۾ ايندو آهي سو نج سنڌي ليکيو ويندو آهي. مثلاً ڄڃ، ٻڌڻ، ڏيڻ ڳڱ. اهي چارئي اکر نڪي سنسڪرت ۾ نڪي ڪنهن پراڪرت ٻوليءَ ۾ آهن، تہ پوءِ اسان ڪٿان آندا؟ پڌرو پيو آهي، تہ سرائڪي ڳالهائيندڙن سان نهايت قديم زماني کان وٺي، ويندي ڪلهوڙن ۽ ميرن جي صاحبين تائين، گهڻو لڙهہ وچڙ ۾ اچڻ ڪري ڪانئن سکيا آهيون. سرائڪي ۾ چارئي اکر آهن. مثلاً:

دم دم سان ڏي دل تي سڄڻان ديان ڳالهيان،
ڏايا فراق لڳڙا، ٻرهہ ٻاهيان ٻاليان. (بيڪس)

هتي ڏسو تہ 'ٻاليان' ۾ 'ٻ'، 'سڄڻان' ۾ 'ڄ' 'اسان ڏي ۽ ڏايا' لفظن ۾ 'ڏ' ۽ 'ڳالهيان' ۾ 'ڳ' آهي. ٻيا مثال:

هندي	سرائڪي	سنڌي
دينا	ڏيوڻ	ڏيڻ
دانت	ڏند	ڏند
ديکنا	ڏيکڻ	ڏسڻ

اهڙا ٻہ ڪيترا مثال آهن جن ۾ 'ڙ' بدران سنڌي ٽوڙي سرائڪيءَ ۾ 'ڏ' جو اچار آهي. مثلاً هندي لفظن 'ڪاڙي' ۽ ڪوڙي بدران سرائڪيءَ ٽوڙي سنڌيءَ ۾ چون 'ڪاڏي' ۽ 'ڪوڏي'. سرائڪي ڳالهائيندڙ انهيءَ ريت 'ر' کي بہ مٿي 'ڏ' ڪندا آهن. مثلاً هندستاني 'ميرا' ۽ 'تيرا' بدران چون 'ميڏا' ۽ 'تيڏا'. هن مان ظاهر آهي، تہ اها عادت سرائڪيءَ ۾ زور آهي. ديري اسماعيل خان پاسي بہ 'د' بدران 'ڏ' چوندا آهن. مثلاً دادا، دال ۽ دو بدران چون ڏاڏا ڏال ۽ ڏون معنيٰ ٻہ. اهو ساڳيو نمونو ملتاني، سرائڪي ۽ سنڌيءَ ۾ بہ آهي.

'ڏينهن مڙيئي ڏون، آئي لوچ لطيف چوي.' (شاهہ).

هاڻ تہ هيڪاري ظاهر آهي، تہ هن ڳالهہ ۾ سنڌي ٻوليءَ تي داردڪ ٻولين جو اهو اثر ٿيو آهي. انهيءَ اثر جي وڌيڪ آڀٽار 'سنڌي صرف جي اصولن' جي ذڪر ڪندي ڪبي.

٠٩- هندي ۽ ٻين ڪيترين ڏيهي ٻولين ۾ هيءَ عام قاعدو آهي تہ 'ت' اڪر جڏهن ٻن علت حرفن جي وچ ۾ ايندو آهي، تڏهن حذف يا گم ٿيندو آهي يعني لفظن مان نڪري ويندو آهي. مثلاً سنسڪرت لفظ 'ڪر' Kri معنيٰ ڪرڻ، 'ڪرت' معنيٰ ڪيو. سرائڪيءَ ۾ چون 'ڪيتا' پر هندستاني ۾ چون 'ڪيئا'. ساڳيءَ طرح سرائڪيءَ ۽ پنجابيءَ ۾ چون 'سيتا'، پر هندستانيءَ ۾ 'سيئا'- سنڌيءَ ۾ ائين 'ڇهڻ' مان 'ڇتو' (هندستاني ڇوُئا)، پيئڻ مان 'پيتو' (هندستاني 'پيئا')، ڄاڻڻ مان

چاتو (سنسڪرت 'ججانڪ') سڄاڻو مان 'سڄاتو' (سنسڪرت 'سمجڄاتڪ') ڇڻون ٿا. سرائڪي ۽ پنجابي ڳالهائيندڙن مان گهڻو لڏي، وچڙ ۾ آيا آهيون، تہ هنن وانگر 'ت' جو اچارڪيترين حالتن ۾ قائم رکون ٿا، جنهن ڪري سنڌيءَ ۾ بيقاعدي اسم مفعول تمام گهڻا آهن. هندستانيءَ ۾ بيقاعدي جڙيل اسم مفعول ڏهہ ٻہ مشڪل ليندا، جن مان هيءَ عام آهن:- ڪرنا- ڪيا، مرنا- مئا، لينا- ليا، دينا- ديا ۽ جانا- گيا. لاڙ ۾ ڪن ظرفن جي وچ مان 'ت' اڪر ڪڍيو ڇڏين. مثلاً 'اتان- اٿان'، تتان- تٿان، جتان- جٿان باڪ 'ڪتان' بدران چون 'ڪٿان'. مثلاً:

'ڪٿان سڪين سپرين ڪاسائڪي ڪار' (شاهہ)

٩١- ضميري پڇاڙيون رکو ڪشميريءَ، لهندا، سرائڪيءَ ۽ سنڌيءَ ۾ آهن. مثلاً ڪشميري 'مورم'، سرائڪي 'ماريم' (ماري-م) ۽ سنڌي 'مارئم' معنيٰ مون ماريو. اهي پڇاڙيون انهن ٻولين کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن بہ ٻوليءَ (هندي وغيره) ۾ ڪينهن؛ پر ايراني ٻولين ۾ آهن. انهيءَ سبب ڇئبو، تہ سڄي هندستان ۾ رکو اسان جي سنڌي ٻولي هڪ ڳنڍيندڙ ڪڙو يا وچ وارو ڏاڪو آهي، جا هندستان جي ٻولين کي ايراني ٻولين سان ڳنڍي بيٺي آهي.

سنڌ جو بلوچي ۽ پشتو تي اثر

٩٢- وڏن واري زماني کان وٺي سنڌ ۾ گندار (قنڌار) جي ماڻهن جي پاڻ ۾ گهڻي لڏ، وچڙ هئي. انهيءَ کان ٻوءِ

ٻ، هندن جي صاحبيءَ ۾ افغانستان ۽ بلوچستان جا ڪجهه ڀاڱا سنڌ جي حڪومت هيٺ هئا. انهن سببن ڪري سنڌيءَ جو بلوچي ۽ پشتو تي گهڻو اثر ٿيو، جو ضميمي ٿئين ۽ چوٿين ۾ ڄاڻايو ويو آهي. سنڌي ٻولي اڄ تائين لسٻيلي (بلوچستان) ۾ ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي ۽ اها سنڌي ٻوليءَ جي هڪ اپڀاشا يا ننڍو دفعو Dialect ليکجي ٿي.

سنڌ جو گجرات ۽ راجستان سان ناتو

٩٣- قديم زماني ۾ گجرات ۽ راجستان وارا سنڌ حڪومت هيٺ هئا. ڪڇ جو راءُ ڄاڙيجن جي نسل مان آهي. انهيءَ خاندان جو بنياد وجهندڙ ڄاڙو ولد لاکو ننگر ٺٽي جو ويٺل هو ۽ ذات جو سمو هو. اڄ تائين ٿر ڍوٽن جي سالهن جون ٿيون ماڻهيون ڪڇ ۽ گجرات وارن سان اهن. انهن سببن ڪري سنڌي ٻولي ڪڇ ۾ چالو ٿي، جا اڄ تائين اتي جا ڪيترا ماڻهو ڳالهائين ٿا. 'ڪڇڪي' ٻولي سنڌيءَ جي هڪ اپڀاشا (Dialect) ليکجي ٿي.

٩٤- سنڌ ۾ راءُ ڏياچ (راءُ ڏياس) ۽ سورٺ جو قصو مشهور آهي. اهو راءُ ڏياچ، جو سنه ١٠١٠ع ۾ پنهنجو سونهارو سر ڏيئي، ڪاٺياواڙ جي تاريخ جا ورق پنهنجي رت سان رڱي ويو، سو سنڌ جي چوڙا سما راجپوتن مان هو. اهڙن لاڳاپن ڪري سنڌي ٻولي ابتدا کان چالو ٿي، جا اڄ تائين ڪاٺياواڙ جي اتر واري ڀاڱي ۾ ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي ۽ 'ڪڇڪي' سنڌيءَ جي هڪ ننڍي شاخ ليکجي ٿي. انهيءَ

پاسي ڪڇڪي سنڌي آٿلڪي طرح ڦرندي گجراتي ٻوليءَ جي اپڀاشائن سان وڃي گڏي آهي. انهيءَ مان سمجهجي ٿو، ته گجرات ۽ سنڌ جي ٻوليءَ جي وچ ۾ ڪا ٻي ٻولي به چالو هئي، جنهن انهن ٻنهي کي پاڻ ۾ ڳنڍيو ٿي.

٩٥- ٿر ۽ ويرن ڏي سنڌي ٻولي راجستاني (مارواڙي وغيره) سان وڃي گڏي آهي. خود مارواڙ ۾ ڪيترا سنڌي به ڳالهائين، ته مارواڙي ٻ ڳالهائين. انهن سنڌيءَ جا ڪيترا لفظ مارواڙيءَ ۾ ۽ مارواڙيءَ جا سنڌي ۾ اچي ويا آهن. انهيءَ هوندي به هن پاسي سنڌي ٻولي پنهنجو پاڻ جهلي بيٺي آهي ۽ ڦري مارواڙي ڪين ٿي آهي.

سنڌي ٻوليءَ جو اسٿان Position

٩٦- مٿي جيڪي چيو ويو آهي، تنهن مان معلوم ٿيندو ته سنڌي ٻولي اتر ڏي اٿلڪي طرح ڦرندي وڃي ملتانيءَ سان گڏي آهي. ساڳيءَ طرح ڪڇ ڪاٺياواڙ ڏي گجرانيءَ سان ملي ويئي آهي، پر مارواڙ ۽ لسبيلي طرف پنهنجو پاڻ جهلي بيٺي آهي.

ٻاب ڇهون — سنڌ جي ڪري ٻولي

اُپڀاشائن جا نالا

٩٧ــ سنڌ جي الهندي ڏي ڪوهستان يعني جابلو ملڪ آهي، جو سنڌ کي بلوچستان کان ڌار ڪري بيٺو آهي، ۽ اڀرندي ڏي ريگستان يعني واريءَ وارو ملڪ يا ٿر آهي، انهن ٻن علحدين طبعي صورتن وارين حدن جي وچ وارو پاسو ٽن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي، جي سرو، وچولو ۽ لاڙ سڏجن ٿا. انهن ٽنهي جون ٻوليون انهن نالن پٺيان سريلي، وچولي ۽ لاڙي ڪوٺجن ٿيون. ٿر جي ٻوليءَ کي 'ٿريلي' سڏيندا آهن. اهڙيءَ طرح سنڌيءَ جون چار اُپڀاشائون آهن، پر لسٻيلي واري 'لاسي' ۽ ڪڇ واري 'ڪڇڪي' به سنڌي ٻوليءَ ۾ شمار ڪرڻ گهرجن، جنهنڪري ڇئبو ته سنڌيءَ جون جملي ڇهه اُپڀاشائون آهن.

ڀاشا ۽ اُپڀاشا بابت سمجهاڻي

٩٨ــ 'ڀاشا' معنيٰ ٻولي Language ۽ 'اُپڀاشا' معنيٰ ٻوليءَ جو ننڍو دفعو (Dilaect). اهو تفاوت اهڙو آهي جهڙو جبل ۽ ٽڪريءَ جي وچ ۾ تفاوت.

چوڻي آهي تہ 'ٻارهين ٻارهين ڪوهين تي ٻولي ڦري'*.
اهو ڀاڳو دنيا جي سڀني ٻولين سان هڪجهڙو لاڳو
آهي. مثلاً رکو سکر ضلعي ۾ ٿي ڏسجي ٿو، تہ شڪارپور
جي ٻولي هڪڙي، سکر ۽ روهڙيءَ جي ٻي ۽ آباوڙي
طرف جي وچائين ٿين. انهيءَ ڪري هيءَ ٻہ چوڻي آهي
تہ 'سنڌ ۾ ڇهين ڇهين تي ٻولي ڦري.' انهن ٿوري ٿوري
پنڌ تي وڏو فرق اول اچارن ۾ آهي ۽ ٻيو آهي لفظن
جو. چوڻي آهي تہ

'جهڙو چراخ تهڙو جرڪ، ٻوليءَ ٻوليءَ فرق'.

هن ڀاڱي واري مثال ڏيڻ سمجهايو آهي تہ 'چراخ'
۽ 'جرڪ' ساڳيءَ معنيٰ وارا لفظ آهن؛ پر هڪ هنڌ هڪڙو
۽ ٻئي هنڌ ٻيو لفظ ڪم اچي ٿو، جنهنڪري ٻوليءَ ۾
فرق ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

ٺيٺ ڪري ٻولي Standard dialecat

٩٩- سڀني ملڪن ۾ جيڪي آبياشائون ڪم اچن ٿيون،
تن مان ڪنهن هڪڙيءَ کي گهڻو شرف مليو ٿو ۽ اهائي

---

* بار ڳاوين ٻولي بدلي، ترؤور بدلي شاکا،
بداپا مين ڪيس بدلي، لڪشڻ نہ بدلي لاکا.

يعني ٻارهين ڪوهين تي ٻولي اٿين بدلجي ٿي، جيئن
وڻ جون ٽاريون. ٻڍاپڻ ۾ وار ڌوڙيو وڃن، پر لاکن جو
لڇڻ نٿو مٽجي. (گجراتي ڀاڳو). گجرات ۾ لاکا ذات جا
واڻيا پنهنجي نيات جي وهانءَ وڏاڻ جي مجلس ۾ اڻ ڪوٺيا
بہ وڃن. اها عادت اهڙي اٿن جا مٽجڻ جي نہ آهي.

ڪتابن ۾ ڪم اچي ٿي. ڪڇ ۽ لسٻيلو هاڻوڪيءَ سنڌ کان ٻاهر آهن، تنهنڪري ڪڇڪي ۽ لاسيءَ جي ڳالهه ڇڏي، باقي اتر سنڌ جي اپڀاشائن تي ويچار ڪبو، ته معلوم ٿيندو، ته هرڪا پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ٺيٺ (اُچي) سنڌي آهي ۽ ڪري ٻولي Standard dialect ٿي ڪم اچڻ جي لائق آهي، مثلاً سري ۾ شڪارپور طرف جي ٻولي مٺي ۽ رسيلي آهي. ساميءَ جي سلوڪن جي سنڌي، سچل، بيدل ۽ بيڪس جي رسالن جي سنڌي درسي ڪتابن ۾ ڪم آڻبي، ته بيشڪ سونهندي.

لاڙ جي هندن جي ٻولي جيڪي سو ڪچي آهي، باقي لاڙ جي مسلمانن جي ٻولي گهٽ ڪانهي. شاهه جو رسالو گهڻو ڪري سمورو لاڙي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي ۽ اها ٻولي درسي ڪتابن ۾ ڪم اچڻ جي بيشڪ لائق آهي. ساڳيءَ طرح ساهتي پرڳڻي (نوابشاهه ضلعي) نوڙي سيوهڻ طرف جي ٻولي ٺيٺ آهي، پر هن وقت درسي ڪتابن ۾ رکيو وچولي، خاص ڪري حيدرآباد ۽ ان جي ڀرسان واريءَ جي ٻولي ڪم اچي ٿي ۽ اهائي ميني کان وڌيڪ ٺيٺ ۽ ڪري ٻولي ليکجي ٿي. هن جو سبب هيءُ آهي، ته سنه ۱۸۵۳ع ۾ جڏهن سنڌ جي تعليم کاتي وارن پهريون گهرو اسڪولن جي ڪم اچڻ ۽ درسي ڪتاب جوڙايا، تڏهن هنن اهو ڪم حيدرآباد جي ڪن معزز هندن ۽ مسلمانن تي رکيو ۽ سڀاويڪ طرح ڪتابن لکڻ ۾ هنن اها ٻولي ڪم آندي، جا

پاڻ ڳالھائيندا هئا. اُئين حيدرآباد ۾ ان جي ڀسگردائيءَ وارن هندن جي ٻوليءَ کي شرف مليو ۾ هن وقت اهائي ڪتابي ٻولي ٿي ڪم اچي؛ پر انهيءَ تي ڪو ڏار ڏالو رکيل ڪونهي، تنهنڪري وچولي جي دفعي ۾ ليکجي ٿي. وچولي ۾ ساهتي پرڳڻو (نوشهرو، ڪنڍيارو وغيره) اچي وڃي ٿو؛ پر انهيءَ پاسي 'ڇيو اٿس' بدران چون 'ڇيو اٿائين'. اهو نمونو درسي ڪتابن ۾ ڪونهي، تنهنڪري ٿي چئجي ٿو ته رڳو حيدرآباد ۾ ان جي ڀسگردائيءَ جي ٻولي ڪري ٻولي Standard dialect ٿي ۽ اهائي ڪتابي سنڌي سڏجي ٿي.

آڀياشائن جي ڀيٽ

١٠٠- سنڌيءَ جي هرهڪ آڀياشا يا ننڍي دفعي جو ڏار ذڪر ڪيو. هتي رڳو نموني لاءِ آڀياشائن جي ٿورن لفظن ۽ جملن جا مثال ڏجن ٿا، ته ڀيٽ ڪرڻ ۾ سولائي ٿئي.

لفظن جي ڀيٽ

وچولي	لاڙي	لاسي	ڪڇڪي
ٻاهر	ٻا، ڇيرو	ڇيرو	جيرو، لڪالو
ٻلي	ٻسني	ڦوسٽي	ميني
ٻيهر	ٻير، ٻڪ	ٻيرو	ٻڪ
ٻري	ٻري، ڏور	ڏور	ڇيٽو
جوءِ	جوءِ، ونَي، وھوُ	زال	وھوُ، ٻاڙي
ڇا	ڪڇا، ڪڇاڙو	ڇو	ڪرو
ساٺھو	ماڙو	ماڙھو	مارو، مادو

هوُ　　اوُ　　هوُ　　هو، سو
هن جو　　آن جو　　وَ جو، هن جو، تي جو(تنهنجو)
هن کان ڇڱو　　آن کنا ڇڱو　　وکِران ڪاسو　　آن تي ڪاسو

جملن جي ڀيٽ

وچولي- تنهنجو نالو ڇا آهي؟
لاڙي- توجو نالو ڪڇا آئي؟
ڪڇڪي- آنۡ جو نانءُ ڪرو آئي؟
وچولي- مون هن جي پٽ کي گهڻا ڇهڪ هنيان آهن.
لاڙي- مون ان جي پٽ کي گهڻا چاڀڪ هيا آئن.
لاسي- مونۡ جي پٽ کي گهاڻو چابڪان سين ڪٽيو آهي.
ڪڇڪي- مون ان جي ڇوڪري کی (ڪي)
جهجهين جهماٽين سين ماريو آئي.
وچولي- تو هوُ گهوڙو ڪنهن کان ورتو؟
کوٽ جي هڪڙي هٽائيءَ کان.
لاڙي- اوُ ڪورو ڪين کنان ورتيءَ (ورتئ)؟
کوٽ جي هيڪڙي هٽائيءَ کنان.
لاسي- تو اوُ گهورو ڪين (ڪنهن) کِران کِريو؟
هيڪڙي کوٽ جي هٽ واري کِران.
ڪڇڪي- اوُ گهرو آنۡ ڪين (ڪنهن) وتان وڪانڊو
(وڪامندو) کِڌو؟
کام دي(يا کام جي)هڪڙي هٽ واري وٽان.
هيءَ مثال 'لنگئسٽڪ سروي' جلد اٺين، ڀاڱي پهرئين مان
ورتل آهن. هرهڪ آڀياشا جووڌيڪ ذڪر جدا جدا بابن ۾ ڪبو.

سِريليءَ جون حدون

١٠١ـــ 'سِرُ' معنيٰ 'مٿو' ۽ 'سِرو' معنيٰ مٿ ڀا مٿيون ڀاڱو. سنڌ جو اتر وارو ڀاڱو، سنڌ جو توڙي سنڌونديءَ جي وهڪ جو، مٿيون ڀاڱو آهي. انهن ٻنهي سببن ڪري اهو 'سِرو' سڏجي ٿو. ٻوليءَ جي مطلب لاءِ ٿلهي ليکي ڇنبو، تہ خيرپور رياست کان وٺي ويندي اٻاوڙي تعلقي جي ڇيڙي تائين، ۽ سيوهڻ دادوءَ کان وٺي سڄو لاڙڪاڻو ضلعو توڙي شهداد ڪوٽ ۽ جيڪب آباد وارو ڀاڱو، ڪشمور تعلقي جي ڇيڙي تائين، 'سِرو' آهي ۽ اتي جي ٻولي 'سِريلي' سڏجي ٿي.

سِريلي جا چِٽا اُچار

١٠٢ـــ سنڌ جي سڄي اتر واري ڀاڱي جي ٻوليءَ جا اُچار سنڌ جي ڏاکڻي ڀاڱي جي ٻوليءَ کان وڌيڪ چِٽا آهن*. ٻنهي هنڌن جي ٻوليءَ ۾ هيءَ هڪ ڳالهہ گهڻو ڏيان

---

*"The northern or Siraiki (Sireli) dialect has remained far more original and has preserved the purity of pronuniciation with more tenaciousness than the southern one." *Dr. Tumpp Sindhi Grammar, Introduction, p. ii.*

ڇڪي ٿي، ته اتر ڏي جن لفظن ۾ ’آ‘ يا ’آ‘ جو اچار ڪن ٿا، تن ۾ ڏکڻ ڏي ’اِ‘ يا ’اي‘ جو اُچار ڪن ٿا. جهڙوڪ:

اتر	ڏکڻ
جنهن جو جمع جن-ج مٿان زبر (آ)	جن-ج هيٺان زير (اِ)
تنهن " " تن-ت " "	تن-ت " "
ڪنهن " " ڪن-ڪ " "	ڪن-ڪ " "
جاتي	جتي-ج " "
تاتي	تتي-ت " "
ڪاٿي	ڪٿي-ڪ " "
جاڏي	جيڏي
تاڏي	تيڏي
ڪاڏي	ڪيڏي

جنهن، تنهن ۽ ڪنهن لفظن جي منڍ ۾ جڏهن زبر (َ) يعني ’آ‘ جو اچار آهي، تڏهن جمع جن، تن ۽ ڪن ۾ به ساڳيوئي اچار ’آ‘ جو هئڻ گهرجي، تنهنڪري چئبو، ته اتر وارا صحيح آهن.

سنسڪرت يتر ۽ تتر (جاتي-تاتي، جتي-تتي) جي منڍ ۾ ’آ‘ آهي ۽ ان جي اچار ڪرڻ لاءِ وات کولڻو پوي ٿو. ’آ‘ جي اچار ڪرڻ لاءِ وات هيڪاري وڌيڪ کولڻو پوي ٿو، ته آواز وڌيڪ چٽو ٿئي؛ ۽ ڏاکڻي طرف وارا وات پوريءَ طرح نٿا کولين، جنهنڪري ’آ‘ ۽ ’آ‘ بدران ’اِ‘ ۽ ’اي‘ چون ٿا، جن جي اچارن لاءِ وات گهٽو کولڻو نٿو پوي.

شاهه جي رسالي ۾ لاڙي اُچار آهن، ته به هن حالت ۾ ڪليل اچار اتر وارا آهن. جهڙوڪ:

’تو جني جي تات، تن ۾ آهي تنهنجي.‘ (شاهه.)

هتي ’جڻي‘ ۽ ’تڻ‘ لفظن جي منڍ ۾ زبر (َ) يعني ’ٿ‘ جو اچار آهي. لاڙ ۾ جيڪي بلڙي شريف ۽ ٽکڙ شريف وارا سيد ۽ ٻيا مسلمان آهن، سي گهڻو ڪري سڀ اصل وچولي يعني هالا تعلقي ۽ ٻين هنڌن کان آيل آهن، تنهنڪري وچولي ۽ سري جي ماڻهن وانگر هن طرح اچار ڪن ٿا؛ باقي لاڙ جي هندن ۾ اها ’اِ‘ ۽ ’اي‘ جي عادت گهٽي آهي. پانچجي ٿو ته لاڙ جي ماڪيل يا کهميل هوا سبب لاڙ جي هندن ۾ اهو دم نه آهي، جو اتر جي خشڪ آبهوا وارن ۾ آهي.

١٠٣– آچارن جي باري ۾ ٻيو مکيه تفاوت ٽ، ڊ ۽ ڊ اکرن جي اچارن ۾ آهي. انهن اکرن ۾ ’ر‘ جو ٿورڙو اچار سمايل آهي؛ پر لاڙ جا ماڻهو اهو ڪونه ڪن، جيئن: پٽ (پٽر) بدران پٽ، چنڊ (چنڊر) بدران چنڊ ۽ ڏيڊ (ڏيڊر) بدران ’ڏڊ‘ چون. وچولي وارا انهن اکرن جا اچاربلڪل صحيح طرح ڪندا آهن. سري وارا ته انهن اکرن ۾ ’ر‘ جو اچار هيڪاري وڌيڪ چٽو ڪندا آهن. ڪي ته اهو اچار لکندا به آهن. جيئن: ٽيڪمداس بدران لکن ’ٽريڪمداس‘. اهڙيءَ طرح باريڪ نموني جاچبو ته معلوم ٿيندو، ته سري جي ماڻهن جا اچار ٻنهي چٽا ۽ صحيح آهن*.

*"Siraiki (Sireli) Sindhi differs from the Standard Sindhi, having a more clearly articulated pronunciation and slightly different vocabulary". *Linguistic Survey of India* vol· viii, *part 1, p. 140.*

شڪارپور جي مٺي ٻولي

١٠٤- ٻولي تہ شڪارپور جيءَ جهڙي آهي سپڪ
۽ سوادي، تهڙي آهي مٺي ۽ رسيلي. واه جو منجهس
مٺاج آهي! انهيءَ ٻوليءَ سان سنڌ جي ٻئي ڪهڙي ٻہ
هنڌ جي ٻولي مٺاج ۾ مٽ ٻڌجي ڪين سگهندي. ٻين
هنڌن جي ٻوليءَ کان شڪارپور جي ٻولي جنهن سبب
ڪري رس جس ۾ سرس آهي، سو سبب مثال ڏيئي
سمجهائجي ٿو: شڪارپوري چون 'ياڙا، هتڙي ويهہ'-
هتي 'ويهہ' جي پڇاڙيءَ ۾ پيش (ُ) يعني 'اُ' جو اچار
آهي- شڪارپوري انهيءَ تي زور ڏيئي ان جو اچار
اهڙيءَ طرح ڊگهو ڪن ٿا، جو ڄڻڪ فقط اُچار آهي
'ويهہ+اُ'. اڻين اچار کي برابر ڊگهو ڪن ٿا، تنهن لاءِ
ٻيو هڪ مثال ڏجي ٿو: ٻين هنڌ چون 'ات نہ، هل نہ'
پر شڪارپوري چون 'ات نيي، هل نيي'. هتي تہ ٻنهي
پڌرو آهي، تہ 'نہ' جي ننڍڙي اچار کي وڌائي 'نيي'
ڪن ٿا، جنهنڪري اهو اچار بلڪل چٽو ٿيو پوي؛ پر
ساڳئي وقت اُهو سُر سان اچارين ٿا، تنهنڪري سندن
ڳالهائڻ مٺو پيو لڳي.

١٠٥- حرفن جي پدن تي زور ڏيڻ جي ترتيب
Accent system جو ذڪر ڏار ڪبو. هتي رڳو ايترو
چائجي ٿو، تہ حرفن جي پدن تي زور ڏيڻ (accent)
۽ آواز کي کڻڻ يا سُر سان اُچارڻ Pitch or musical accent
اهي ٻئي ڳالهيون سڀڪنهن ٻوليءَ ۾ آهن؛ پر ڪن جو لاڙو

پدن تي زور ڏيڻ تي، نہ ڪن جو لاڙو آواز ڪڻڻ ۾
سُر سان اُچارڻ تي. شڪارپورين جو لاڙو آواز ڪڻڻ ۾
سُر سان اچارڻ تي آهي- اهو نمونو ويدن واري زماني
جو آهي*. سڄيءَ سنڌ سان شڪارپور وارن اهو قديم
۾ سلو نمونو ڪندار (قندار) طرفان آندو آهي، جيئن مٿي
(صفحي ٢٨ ۾) اڳيئي ڄاڻايو ويو آهي. سڄي هندستان
جا هندو آڳاٽن آرين جو اولاد آهن. پاڻنجي ٿو، تہ
شڪارپور وارا درهيؤ آرين سان آهن، جن مان هڪڙو
راجا گانڌار هو، جنهن جي پٽيان پشاور ۾ ان جي آسپاس
وارو ملڪ ’ڪندار‘ سڏجڻ ۾ آيو. جنهن جو اچار پوءِ
’قندار‘ ٿيو (صفحو ٢٧). هندن جي پراڻن ۾ ڄاڻايل آهي،
تہ راجا گانڌار کان پنج پيڙهيون پوءِ جيڪو سندس
اولاد ٿيو، سو هندستان ۾ چڙهي اتر طرف هليو ويو. اهي
اوڏهين وچي وڏيا ويجهيا ۾ پنهنجي ڌرم ۾ ٻوليءَ جو
ڦهلاءُ اوڏهين وچي ڪيائون(١). مسٽر پارليجر، جنهن جي
ڪتاب ۾ درهيؤ آرين بابت هيءَ حقيقت لکيل آهي، تنهن
جي خيال موجب آڳاٽا آريا لوڪ هتان ايران ۾ وچ ايشيا

*"In the oldest from of Indo-Aryan as preserved in the Rigand other vedas and in the Brahmans, pitch or musical accent was the predominant one". *Dr. S. K. Chatterji: The Origin and Development of the Bengali: pp. 275-76.*

(١) *F. E Portiger: Ancient Indian Historical Tradition, p. 264.*

ڏي ويا، جتان پوءِ يورپ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ ٽڙي پکڙي
ويا. ٻيا عالم اها ڳالهه نٿا قبول ڪن؛ پر ايترو ته ضرور
چئبو، ته اهي ئي آريا لوڪ افغانستان ۽ بلوچستان ۾ هئا،
جي پوءِ ڦيرو ڪري سنڌ ڏي آيا. هن وقت جيڪي
پٺاڻ آهن، سي به اصل آريا هئا ۽ انهن تي نالو ئي
’پڪٿ‘ آرين تان پيل آهي*. وقتي هيئن به هجي، ته
سري جي رهاڪن مان ڪي هندو، سري رامچندر جي
ڀاءُ، ڀرت جي نسل مان هجن. ڀرت جو پٽ تکش هو،
جنهن جي گاديءَ جو هنڌ گنڌار طرف سندس نالي
پٺيان ’تکش سلا‘ سڏبو هو. اتي يونيورسٽي به هئي ۽
ماڻهن جا اچار نهايت صفا ۽ چٽا هئا (صفحو ٢٨). اڄ به
سچي سري جي ماڻهن جا اچار صفا ۽ چٽا آهن، ۽ وڏي
ڳالهه ته سندن ڪيترين آکهين تي نالائي قلات جي
شهرن جا رکيل آهن. جيڪب آباد کان الڪل پنجويهه
ڪوهه پري قلات ۾ ڀاڳ ۽ ناري خط آهن ۽ انهن
کان ٿورو ئي پرڀرو ڇٽ ۽ روپاهه آهن. انهن هنڌن کان
آيل ڀاڳيءَ، ناريوال، ڇٽائي ۽ روپاهي سڏجن ٿا. ڀاڳ ۽
ناريءَ کان آيل ڀاڳناري ڪوٺجن ٿا. اهي اني ايتري
ته تعداد ۾ هئا، جو سندن سنڌيءَ ٻوليءَ جو بلوچي ۽
پشتو ٻولين تي گهڻو اثر ٿيو (ڏسو ضميمو ٽيون ۽ چوٿون).

* "the Sibis or Sivas have given their name to Sibistan, and the Pakthas to the Afghan Pakthun."

R. D, Banerji: A Junior History of India, p. 15,

اهو پاسو ٻروچن جو ٿيو، تہ اتي اهي هندو ٻروچڪيءَ
تي اهڙو هري ويا، جو اڄ بہ پاڳناري، روپاهي وغيره
گهرن ۾ بہ سنڌيءَ سان گڏ ٻروچڪي ايتريقدر ڪم
آڻين ٿا، جو هن وقت تائين سندين مادري زبانون ٻہ آهن:
هڪ سنڌي، ٻي ٻروچڪي (صفحو ٨٢). اهي پوءِ جدا جدا
وقتن تي ٽوليون ٽوليون ٿي سنڌ ۾ آيا. ڪي احمد شاهہ
دورانيءَ جي وقت ۾ آيا، ۽ ڪي تہ بنهہ، ويجهڙائيءَ ۾،
يعني ١٨٥٠ع ڌاري آيا. پاڻڇجي ٿو تہ شڪارپوري سنڌ
۾ تڏهن آيا. جڏهن سنسڪرت زماني وارن مٿن اچارن
جو نمونو سندن ابن-ڏاڏن سان اڃا صفا ميٽجي نہ ويو
هو. ڪي پوءِ آيا ۽ اتي ٻروچڪيءَ جي اثر ڪري
اچارن مان مٺاج گهٽ ٿين. ٻاڳناري ۽ ٻيا، اهو مٺاج
پڙدو نمونو قلات ۾ ٿي وڃائي پوءِ سنڌ ۾ آيا، جنهنڪري
شڪارپور جي ٻوليءَ وارو مٺاج سندن ٻوليءَ ۾ آهي ئي
ڪونہ. هيٺن بہ آهي تہ خود شڪارپور جا وڪيل،
ڪامورا وغيره شڪارپور ڇڏي ڪراچيءَ ۾ گهڻو وقت
رهيا آهن ۽ حيدرآبادين سان گهڻي رلمل ڪئي اٿن، تن
سيرائتن اچارن جو نمونو ايتريقدر بدلائي ڇڏيو آهي، جو
سندن اچارن مان پرپان ٿي سهي ڪرڻ ڏکيو آهي تہ
هو اصل شڪارپور جا وينل آهن. سندين ٻوليءَ ۾ وري
ڪي پيون ڳالهيون آهن، جن سان اترو سهي ڪري
سگهبو آهي تہ سري جا وينل آهن.

سري جي گرامر جون علحديون ڳالهيون

١٠٦- عدد: سنڌ ۾ ٻين هنڌ ”ڪارڪ“ جو جمع
چون ’ڪارڪون‘ ۽ ’زال‘ جو ’زالون‘؛ پر سري ۾،
خاص ڪري شڪارپور طرف، چون ”ڪارڪان“ ۽ ’زالان‘.
اهي ٻئي نمونا صحيح آهن؛ ۽ ٻنهي جي ڀيٽ ۾ سري
وارو نمونو وڌيڪ اصلوڪو آهي. پراڪرت ۾ جمع جوڙڻ
لاء ’آ‘ پڇاڙي آهي، تنهن ۾ نڪ جو اچار (ن) گڏجي
’آن‘ چون ٿا. سنڌ ۾ ٻين هنڌ ’اون‘ پڇاڙي گڏين ٿا،
جو بگڙيل اچار آهي. شڪارپور وارو نمونو نهايت آڳاٽو
آهي ۽ اهوئي ٻين ٻولين ۾ آهي، جيئن:

”موري اکيان ڦرڪن لاگي.“ اک جو جمع اکيان- هندي.
سهس سيائپان لک هوءِ.“ سيائپا جو جمع سيائپان- پنجابي.
برهہ باهيان ٻاليان.“ باهہ جو جمع باهيان- سرائڪي. پير جو
جمع پيران ۽ ڏينهن جو ڏينهان- لاسي. زن جو جمع زنان، پسر
جو جمع پسران- فارسي. هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته ٻين
ٻولين ۾ ’اون‘ پڇاڙي آهي ئي ڪانہ.

جنس: ’مان ڪي گهڻي رت نڪتي آهي‘: ’هن ڪي
اولاد ڪانہ ٿي‘. سري ۾ رت ۽ اولاد جنس مونث ۽
ٻين هنڌ جنس مذڪر ليکين ٿا. هن جو سبب هي آهي،
سنڌيءَ مان جنس ٻيجان ڪم ٿي وٺي آهي، تنهنڪري
ي ۽ ٻيا اهڙا ڪيترا لفظ آهن، جن جي جنس، ڪو
ڪر ته ڪو مونث پيو ليکي.

ضمير: "مان ڏهن منهنجا سپرين شل آڪيرون ايندا" (دلپت). سري ۾ مون، اسين ۽ توهين بدران مان، اسان ۽ توهان چون ٿا. مثلاً چون 'ساتو' (مان آنو)، معنيٰ مون ڇيو. 'اسان ڪراچي گهمي آياسين'. 'توهان پلي وڃو'.

(الف) سرحد سنڌ ڏي لاڙ جي ماڻهن وانگر 'هوَ' بدران 'اُوَ' ڪونہ چوندا آهن. ڪوهہ (معنيٰ ڇا)، ڪنڇا ڪڇاڙو ۽ پنڊ (پاڻ) ضمير بہ رکو لاڙ ۾ ڪم اچن ٿا.

ضميري پڇاڙيون: سري ۾ چون 'آيم' ۽ 'چوندومانس'. ٻين هنڌ چون 'آيس' ۽ 'چوندوسانس'. ٻئي نمونا رواج ڪري صحيح آهن؛ پر گرامر جي قاعدن موجب ڇنبو، تہ وڌيڪ صحيح سرحد سنڌ وارا آهن: جڏهن ڳالهہ، ڪندڙ پنهنجي اچڻ جي ڳالهہ، ڪري، تڏهن 'م' پڇاڙي ڪم آڻڻ صحيح آهي؛ ڇاڪاڻ تہ اها ضمير متڪلم جي معنيٰ ظاهر ڪرڻ لاءِ، ڪٿي 'م' تہ ڪٿي 'س' پڇاڙي ڪم آڻين ٿا، جا ضمير غائب جي معنيٰ ڏيکاري ٿي- مثلاً چون 'آيس' ۽ 'ويس'؛ پر 'لکيس' بدران چون 'لکيم'. 'پڙهيم' معنيٰ 'مون پڙهيو'، ۽ 'پڙهيس' معنيٰ 'مان پڙهيس'. درسي ڪتابن ۾ بہ ائين لکندا آهن.

فعلن جون پڇاڙيون: سنڌ ۾ ٻين هنڌ چون 'ايندا سون' يا 'ايندا سين' (سي)؛ پر سري ڏي چون 'ايندا سهون' يعني 'اين' جو ڊگهو اُچار ڪن ٿا.

مضارع: 'مان ڇا ڪيان'؟ سري ۾ هن ريت 'ڪريان' بدران 'ڪيان' چون ٿا يعني وچ واري 'ر' ڪڍي ڇڏين ٿا. هيءَ داردڪ ٻولين جو نمونو آهي.

زمان ماضي متعلق: 'هـو ويو'. 'و' مٿان زبر (َ) پر ٻين هنڌ زير (ِ) ڏين ٿا. حقيقتؤن سري وارا صحيح آهن: 'وڃڻ' لفظ جي منڍ ۾ 'وَ' جي مٿان زبر (َ) يعني 'اَ' جو اچار آهي، تہ 'ويو' لفظ جي منڍ ۾ بہ ساڳيو 'اَ' جو اچار هئڻ کهرجي، پر مٿي اکيئي چيو ويو آهي، تہ سنڌ جي ڏاکڻي پاڱي جي ماڻهن ۾ 'اِ' جي عادت گهڻي آهي (صفحو ٩٧).

(الف) سنڌيءَ ۾ 'ڏيڻ' مان 'ڏيو' ۽ 'چوڻ' مان 'چيو' لفظ، 'ڏو' پڇاڙيءَ گڏڻ سان ٺهيا آهن. ساڳيءَ طرح سري ۾ "هئڻ" مان "هيو" ("ڏو" پڇاڙي). ٻين هنڌ 'هئو' ۽ 'هو' چون ٿا، يعني 'ي' کي ڦيري 'ءَ' کيائون ۽ پوءِ اهو اچار صفا نڪري ويو؛ مگر سري وارن اهو اصلوڪو اچار اڄ تائين قائم رکيو آهي.

زمان حال استمراري: 'سيکاريان پيو ٿـو'. هن ريت 'پيو' ۽ 'ٿو' ٻئي گڏي زمان حال استمراري Present Continuous Tense جوڙڻ جو رواج سڄيءَ سنڌ ۾ سري کان سواءِ ٻيو ڪنهن بہ هنڌ ڪونهي.

اسم مفعول: 'هن راڳ ڳاتو'ــ ٻين هنڌ 'ڳاتو' بدران چون 'ڳايو'.

'التم سا نہ هنئان، جا نہ سلتم ساهہ کي'. (شاهہ)

الڻ مان التو ۽ سلڻ مان سلتو؛ پر ٻين هنڌ عام طرح چون 'اليو' ۽ 'سليو'. هن طرح وچواري 'ت' اکر کي قائم رکڻ جي عادت سري ۾ زور آهي (ڏسو صفحو ٨٧).

ڪن ٿورڙن حالتن ۾ 'ت' کي نرم ڪري 'د' ڪيو اٿن. مثلاً، ونڃ مان ونتو، پر 'ورتو' بہ چون. وري 'ورتو' مان 'ر' ڪڍي چون 'وتو'، ۽ ٻيءَ ان جو اچار ڦيري 'ودو' بہ چون، جنهن جو مونث 'ودي'ــ

'ساڏ سنگت جي اوت، ودي جنهن ويساهہ سان'. (سامي)

ماضي معطوفي:

'دريءَ منجهاران ڏيست ڏٺو مين،
لائق ليئڙو پاڻون هليو ويو' (سچل).

ٻين هنڌ چون "پاڻي هليو ويو"، يا 'پاڻو هليو ويو'؛ ٻر سري ۾ 'پاڻون' چون ٿا. ساڳيءَ طرح چون؛ تہ 'هو ننگان ليڙيون ٿيو آهي'ــ اهڙيءَ طرح 'ڏو' ٻدران 'ڏون' پڇاڙي ڪم آڻين ٿا.

'هٿي هٿ چڏي ڪري، آوڏيا ٻرم نوار'. (سامي)

هتي 'چڏي' ماضي معطوفي جي ٻڌيان 'ڪري 'لفظ بہ ڪم آيو آهي. اهو 'ڪري' ڪڍڻ جو رواج اڪثر سرحد سنڌ جو آهي.

ظرف: ڀاڙا، هتڙي وبهہ اسم تصغير واري 'ڙو' پڇاڙي ڪم آڻڻ جو رواج سڄيءَ سنڌ ۾ آهي؛ ٻر هن طرح ظرف مڪان ۾ بہ اها پڇاڙي ڳڏي، هتـ هتڙي، جتـ جتڙي، تتـ تتڙي ۽ ڪتـ ڪتڙي چوڻ جو رواج رکيو سرحد سنڌ ۾، خاص ڪري شڪارپور طرف آهي.

سريليءَ تي سرائڪيءَ جو اثر

١٧ــ سنڌ جو سرو، خاص ڪري جيڪبآباد وارو پاسو، ٻروچڪو ملڪ آهي ۽ اتي ٻروچڪي يا سرائڪي ٻولي چالو

آهي. جيڪب آباد ۽ شڪارپور جا ڪيترا هندو به ”کهرن ۾ ٻروچڪي ڳالهائين ٿا، جنهنڪري ٻروچن وانگر ’وهنجڻ‘ بدران ’ڏاوڻ‘ (ڏانوڻ)، ۽ ’ڳالهه‘ بدران ’ڳل‘ چون ٿا- جيئن ’منهنجي ڳل ٻڌ‘، يعني منهنجي ڳالهه ٻڌ. سرائيڪي جي گرامر ۾ جيڪي علحديون ڳالهيون آهن، تن لاءِ به هڪڙو سبب اهوئي آهي ته انهي جي ٻوليءَ تي ٻروچڪيءَ جو اثر ٿيو آهي- مثلاً سرائڪيءَ ۾ ’ٻار‘ جو جمع ’ٻاران‘ ۽ ’سڄڻ‘ جو ’سڄڻان‘. شڪارپوري به انهيءَ نموني ’ڪارڪ‘ جو جمع ’ڪارڪان‘ چون ٿا.

(الف) سري ۾ ’اسين‘ بدران ’اسان‘ ۽ ’توهين‘ بدران ’توهان‘ چون ٿا، سو به سرائڪي نمونو آهي- مثلاً

’اسان نه ڪنهن دي چائي هون،
چائي ڪنهن نه نپائي هون.‘ (سچل)

(ب) سري جا رهاڪو ’آيس‘ بدران چون ’آيم‘، سو به سرائڪي نمونو آهي- سرائڪيءَ ۾ ’م‘ ضمير متڪلم ۽ ’س‘ ضمير غائب جي معنيٰ ڏيکاري ٿي.

’وسر نه ويسم‘، معنيٰ وسري نه ويندم. ’ويندم‘ معنيٰ مون کي ويندو. ’بخار هيس‘ معنيٰ تپ اٿس. ’اٿس‘ معنيٰ هن کي آهي.

(پ) مٿي چيو ويو آهي ته ’ٿو‘ ۽ ’پيو‘ پڇي ڪڏي زمان ماضي استمراري جوڙڻ جو رواج سڄيءَ سنڌ ۾ سري کان سواءِ پيو ڪنهن به هنڌ ڪونهيءَ اهو دستور به سرائڪيءَ

مان ورتو اٿن. 'مان کاوان ٿو پيو'. هي جملوئي سرائڪي نموني آهي، جنهن ۾ چون ٿا ''مئن کاوندا پيا هان''

(پ) 'مون راڳ ڳاتو'، يعني 'ڳايو' بدران 'ڳاتو' چون ٿا. هن طرح وچ واري 'ت' اکر قائم رکڻ جو دستور سرائڪيءَ ۾ آهي (ڏسو صفحو ٨٧).

(ت) سرائڪيءَ ۾ اسم تصغير واري 'ڙو' پڇاڙي کي آڻڻ جو رواج بلڪل گهٽ آهي- جهڙوڪ فريد نالي هڪ شاعر چيو آهي ته

''سڄڻ رلڙا ته سک مٺڙا، خوشي دا سانگ سڀ لٽڙا، نه جيءَ جيڙا، نه ڏک ڪٽڙا، ايهه ڪنڙي سونجهه ول ول ديءَ.''

سري ۾، خاص ڪري شڪارپور ڏي، انهيءَ نموني ظرف مڪان ۾ به اهائي پڇاڙي گڏي هت- هتڙي ۽ تت- تيتڙي چون ٿا. هيءَ به سرائڪي جو اثر ڇئبو.

اُباوڙي طرف جي ٻولي

١٠٨- پنوعاقل، گهوٽڪي، ميرپورماٿيلو ۽ اباوڙو جيتوڻيڪ سکر ضلعي ۾ آهن، ته به، انهن هنڌن جي ٻولي سکر ۽ روهڙيءَ کان ڪجهه قدر علاحدي آهي ۽ شڪارپور جي ٻوليءَ وارو ميلاج منجهس ڪونهي؛ باقي اچار چٽا اٿس.

ٻوليءَ جي نموني لاءِ هڪ مثال ڏجي ٿو: 'هڪڙي جا سمهي مٿي، ٻي جا ٻوي اُيڙ، نه نه چڙهندو به چڙهي'- يعني هڪڙي ڳالهه ته مٿي (ڪڏ تي يا پيهي تي) سمهي ٿي، ۽ ٻي ڳالهه ته اُيڙ يعني ماڪ ٻوي ٿي، تنهنڪري

(تپ) جيڪڏهن نہ چڙهئو هوندس، تہ بہ چڙهندس. هيءَ ڪڇي ٻولي ڇٽبي جو جملوئي اُپورو آهي. 'تپ' لفظ ڪم آيل ڪونهي؛ تنهنڪري جيڪڏهن جملي جو مطلب نہ ڏجي ها، تہ ڪهڙي ڪي جيڪر سمجهڻ ۾ ئي ڪين اچي ها. ٻي ڳالهہ تہ مٿين جملي ۾ 'چڙهندو' لفظ ڪم آيل آهي، جنهن مان ظاهر آهي تہ آئبي جي ٻوليءَ جو اُهاوڙي طرف جي سنڌيءَ تي اثر ٿيو آهي. اهو اثر اتي جي مسلمانن جي ٻوليءَ تي هيڪاري وڌيڪ ٿيو آهي؛ جي، 'هلنداسين' بدران چون 'ڇلنداسين' ۽ 'هوري هوري' بدران چون 'هولي هولي' يعني آهستي آهستي، اچار بہ بگڙيل اٿن- جهڙوڪ چون تہ 'هو ماڻهو ڪڙ پٽندو بہ وڃي، تہ ڪٽندو بہ وڃي'، يعني ڪڙ پٽيندو بہ وڃي تہ ڪاٽيندو بہ وڃي. 'پٽيندو' بدران چون 'پٽندو'. پ ۽ ٽ ٻنهي جي مٿان زبر؛ ۽ 'ڪاٽيندو' بدران چون 'ڪٽندو' (ڪ جي مٿان زبر ۽ همزي مٿان پيش). ڪيترا مسلمان ساڪي ٿي جملي ۾ اڌ سنڌي تہ اڌ آئبي جي ٻولي ڪم آڻين ٿا- جهڙوڪ چون تہ 'آءٌ پيو توکي ڳوليان، تون اتي ڪڙوئي'؛ يعني مان پيو توکي ڳوليان، تون اتي ويٺو آهين. جيئن بهاولپور طرف وڃبو تيئن آئبي جي ٻوليءَ جو اثر هيڪاري وڌيڪ معلوم ٿيندو.

سريليءَ جا علحدا لفظ

١٠٩- سرحد سنڌ ڏي 'ٻوتار' لفظ گهڻو ڪم اچي ٿو؛ جهڙوڪ چون 'ٻچل فقير ٻوتار'. ٻروچ بہ ڪيڪارڻ مهل

چون 'ڀؤتار، خوش آهين'، اهو اصل سنسڪرت لفظ ڀتار آهي، جو اڳلي واسطي عزت ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪم آندو آهي. شڪارپور جا هندو توڙي مسلمان 'ماڻو' لفظ گهڻو ڪم آڻيندا آهن، جو اصل ۾ آهي 'سان آڻو' يعني سون چيو (سنسڪرت-آڪت). اهو اڻين ڪم آڻيندا آهن، جيئن انگريزي ۾ چون I say. سچي سري ۾ 'ڳانئيءَ' بدران چون 'ٻگي'. اهو لفظ شڪارپور جي قديم هندو واپارين اهڙو ته ڦهلايو، جو آئرلنڊ ۽ آميريڪا ۾ به عام ٿي ويو آهي*.

سرحد سنڌ ۾ 'ڪيسو' بدران ڪي چون 'ڪوڳهو'. آن ماپڻ لاءِ 'پالي'، تنهن جي بدران ڪيترا چون 'ڀڪي'. 'ٿوبو' بدران ڪيترا چون 'لوڪو'. 'ڪاڪو' جو مونث 'ڪاڪي' چون ٿا، جو اڪثر 'ادي' يا 'دادي' جي معنيٰ سان ڪم آڻين ٿا.

'ڪاڪيون رات قيام، جيڏيون جت ڪري ويا'.

سکر ضلعي ۽ سرحد سنڌ ڪانونٽي لاڙڪاڻي تائين جاءِ جي ڪُنڊ کي چون 'ڪونو'. ٻماڙ جي ڪُنڊ کي چون 'لپڙ'. ماڙيءَ جي نڪ کي چون 'وڏاورو' يعني وڏيل پاڳو Projection. 'هن کي انعام ڏيو': ڏيو معنيٰ مليو. ڪي ظرف علحدا اڏن؛ جهڙوڪ چون 'هن هاسڪار جهڙو ڪمو'. هاسڪار معنيٰ خواهه مخواهه يا خالي پيالي. دادو ۽ سيوهڻ تعلقن ۾ ڪي اهو لفظ هيئن به ڪم آڻين. "هاسڪار

* *Rule-Burnell: Glossany of Anglo-Indian Colloquial words and Phrases.*

منهنجو ٻه ڪم ڪندو اڇچ". هتي هاسڪار معنيٰ انڌ-پنڌ يا اکو-ٻوء. "هو رهندو ڪم بگاڙي آيو" رهندو معنيٰ اللندو. اباوڙي ۽ ميرپور ماٿيلي طرف ڪانگ يا ڪانءُ بدران چون ڪانگڙو، ۽ انگوچو بدران چون ٻوٽڙو. ٽيڙ معنيٰ ماڪ. خيرپور رياست جي آفيسن ۾ گهڙبو ته معلوم ٿيندو، ته ڪلهوڙن ۽ ميرن جي صاحبن وارا لفظ عهديدارن لاءِ اڄ تائين ڪم آڻين ٿا- جهڙوڪ:

ناظم	ڊيپوٽي سپرنٽينڊنٽ
خزانه عملدار	ٽريزري آفيسر
متصدي صاحب	اڪائونٽنٽ

۱۱۰- سچل، سامي، بيدل، بيڪس ۽ ٻين سري جي شاعرن، سري جي لفظن جو خوب استعمال ڪيو آهي، جهڙوڪ:

لفظ	معنيٰ	لفظ	معنيٰ
آنر	پردو	اڀو هيو	اٿ ونڊيل
آلساڻو	آلسي	آميٽ	پلٽ
چاڻان	چوٽون	سوڙان	رمزون
پوٽ	بوجو	پاڻي	ٻتي، فرهي.
الڪون	(چير، اکين جا) چيٽڙو		اکڙي

ساميءَ جي سلوڪن ۾ 'ڪچجو' معنيٰ گندو يا ڪينو. اهو لفظ سرائڪيءَ ۾ به آهي.

شاهه جي رسالي ۾ به سريليءَ جا لفظ ڪجهه قدر آهن:

(۱) 'شڪستي، سيد چوي، چيهان ڪيو چوءِ'. چيهان

(۲) سنڌيءَ چانگن چس، پهر ٽرلدء ٻپ ۾. چس

(۳) اصل آريءَ چام جو ڀاند نه ڀچتوسون. ڀچتو

سريليءَ جا عام اصطلاح

١١١- ٻصر ڪٽا پائيندا آهين يعني ٻصر سنڌيندا آهين.

تپ جوڙ اٿم " تپ ڪهڻ اٿم.
منٺيون پرڻ " ڪڙيون هڻڻ، زور ڏيڻ.
ول ولڻ " وڃڻ کولڻ.
منهن وڏو " الاسو، نرلڄو، نرچو، بيشرم.

"موري منهن وڏا ٿيا وڍيا تا نه وڃن،
اڏيون الاسن، تن ڪوڄهن ڪي ڪوه ڪريان" (شاهه)

چانڊيا ۽ مگسي ذاتين وارا مسلمان لاڙڪاڻي ضلعي ۾ آهن، جو اڳي انهن چانڊين جي نالي پٺيان چانڊڪو پرڳڻو سڏبو هو. چانڊين ۽ مگسين جي پاڻ ۾ الٻٽ کهٽي هئي. انهيءَ سبب سڄي سنڌ ۾ جڏهن هاڻ ڪو چوي ته 'هو پاڻ ۾ چانڊيا مگسي آهن'، ته ان جي معنيٰ ته هڪٻئي جا دشمن آهن يا پاڻ ۾ ٺاهه نه اٿن.

وچولي جون حدون

۱۱۲- سري ۽ لاڙ جو وچ وارو ڀاڱو 'وچولو' سڏجي ٿو، جنهن جون حدون ڪنڊياري ۽ دادو تعلقن جي اتر واري ڀاڱي کان وٺي، هيٺ ڪوٽڙي ڏوبڙن تائين آهن. اهو سنڌ جو 'وچولو' يعني وچ وارو ڀاڱو آهي، ۽ اُتي جي ٻولي 'وچولي' ڪوٺجي ٿي.

وچولي جي تيث سنڌي

۱۱۳- سڄيءَ سنڌ ۾ سيوهڻ جهڙو قديم شهر ٻيو آهي ڪو نه. اهو نالو به ويدن واري زماني جو آهي. مٿي اڳي ئي چيو ويو آهي (صفحو ۲۶ کان ۲۸) ته رگ ويد واري زماني ۾ آنوءَ آريه لوڪن جو اولاد، شوي آريه لوڪ، هالوڪي 'شارڪوٽ' ۾ رهندا هئا، جو اصل سنڌن نالي پنهنجان 'شيو پور' (شوي، سبي) سڏبو هو، ۽ ٻوءِ سڄو پنجاب، ايران جو ڪجهه ڀاڱو ۽ سڄي سنڌ هٿ ڪيائون، جيئن پراڻن ۾ چاڙايل آهي* (صفحو ۲۶ ۽ ۲۷).

ايران وارو جيڪو ڀاڱو شوي آرين هٿ ڪيو، سو سنڌن نالي پنهنجان 'شيوآستان' سڏجڻ ۾ آيو، جنهن جو

* J. E. Partiqer: *Ancient Indian Historical Tradition*, *Pages 264 and 293.*

اچار بگڙجي 'سبستان' ۽ 'سمستان' ٿيو*. سنڌ ۾ اهي آريہ لوڪ جنهن هنڌ پنهنجا ماڳ جوڙي ويٺا، سو هنڌ بہ سندن نالي پٺيان 'شِوستان' ڪوٺجڻ ۾ آيو؛ جنهن جو اچار ٻوءِ بگڙجي 'سيوستان'- 'سهوان' ٿيو ۽ هاڻ عام طرح 'سيوهڻ' سڏجي ٿو. هن مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ 'سيوهڻ نالو نهايت قديم آهي ۽ الور، برهمڻآباد ۽ ٻين شهرن کان ڪهڙو گهڻو آڳاٽو آهي، جيئن ميجرجنرل ڪننگهام پنهنجي جوڙيل قديم هندستان جي جاگرافيءَ ۾ ڄاڻايو آهي.

۱:۱۴- شوي آرين جي ٻولي، جهڙي نيٺ چٽجي ٿهڙي ڇٽي. سنڌ ۾ هنن سيوهڻ وارو ڀاڱو وسايو، تہ سنڌين نيٺ ٻوليءَ جا اهڃاڻ اتي اڄ تائين پڌرا آهن. سيوهڻ ۽ دادو سنڌو نديءَ جي هڪ ڪپ تي آهن ۽ ٻئي ڪپ تي ساهتي پرڳڻو آهي. سنڌ جي انهيءَ سڄي وچولي ڀاڱي جي ٻولي اڄ بہ سڄيءَ سنڌ ۾ نيٺ ليکجي ٿي. فارسي تاريخ نويسن ڄاڻايو آهي، تہ قديم زماني ۾ 'سيوستان سڄي پرڳڻي کي چوندا هئا ۽ فقط قلعي کي سيوهڻ چوندا هئا'(۱). مٿي اکي ئي ڇپيو ويو آهي، تہ اسڪولن جي درسي ڪتابن ۾ اها وچولي ٻولي ڪم اچي ٿي (صفحو ۹۳). هن وقت جيڪا عربي-سنڌي آئيويتا ڪم

*"The Sibis or Sivas have given their name to Sibistan" R. D. Banerji: *A. Junior History of India, p. 15.*

(۱) شمس العلماء مرزا قليچ بيگ: "قديم سنڌ"، صفحو ۲۳۹.

ڪم اچي ٿي، سا ١٨٥٣ع ۾ ٿي. جن صاحبن اها جوڙي، تن مان هڪڙو ڄڻو گواهي ديوان ننديرام ميرالڪي سيوهڻ جو ويٺل هو، جنهن ’تاريخ طاهريءَ‘ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. جنهن صورت ۾ درسي ڪتابن ۾ رکيو حيدرآباد ۽ ان جي پسگردائيءَ جي ٻولي ڪم اچي ٿي (صفحو ٩٣)، ۽ هيءَ سڄوڻي ڪتاب انهيءَ ٻوليءَ ۾ لکيل آهي، تنهن صورت ۾ هتي رکيو ابترو ڄاڻائجي ٿو، ته وچولي جي ۽ ٻاهي جي ٻولي کهڙين ڳالهين ۾ درسي ڪتابن کان علحدي آهي.

وچوليءَ جون علحديون ڳالهيون

١٥٠ - وچوليءَ ۾ جنهن جو جمع جن (ج مٿان زبر) ۽ تنهن جو جمع تن (ت مٿان زبر يعني ’اَ‘ جو اچار). درسي ڪتابن ۾ جن ۽ تن لکيل آهي، يعني ج ۽ ت جي هيٺان زير (’اِ‘ جو اچار آهي). اهڙيءَ طرح ٻيا به گهڻيئي لفظ آهن، جن ۾ وچولي ۾ ”اَ“ ته هيٺ ڏاکڻي پاڳي ڏي ’اِ‘ چون ٿا. (ڏسو صفحو ٩٧).

(الف) سري وانگر ساهتي ٻر ڪُٺي ۾ ڪاني، ڪاڏي، جاڏي، ناڏي، جاتي ۽ تاني چون ٿا. سيوهڻ ٻاهي ڪتي، ڪيڏي، جيڏي، تيڏي، جتي ۽ تتي به چون. درسي ڪتابن ۾ رکيو ٻيون نمونو عام آهي.

(ب) ”ٻهرو هي ٻاڏو سوکلو ڪرين مات ڪي“ (شاهه). ساهتيءَ ۾ چون ’ٻهرو‘ ٻر ڪتابي سنڌيءَ ۾ ”ٻهريون“ لکن. ٻهرو ٻاڏو معنيٰ ٻهرين منزل ”ٻاڏو“ لفظ لاڙ جو آهي.

(پ) لفظ ۾ نڪ جي اچار ڪڍڻ جي عادت (ڏسو صفحو ٦٠ ۽ ٦٦) ساهتي ٻر ڪُٺي ۾ گهٽ آهي، جنهنڪري ”ٻهريون“

ٻدران ٻھرو چون ٿا. ساڳيءَ طرح منھنجو، تنھنجو ۽ ٻنھنجو ٻدران مھنجو، تھنجو ۽ ٻھنجو چون ٿا. حقيقتون اتر وارا صحيح آھن، جو اصل ۾ اھو نڪ جو اچار آھي ئي ڪونہ. اتر ڏي ٻنھس ٻدران عام طرح چون ٻئس معنيٰ ھن جو پيءُ، ڪتابي سنڌيءَ ۾ ھيٺيون نمونا آھن.

(پ) ڪتابي سنڌيءَ موجب 'ڇيو اٿس' معنيٰ ھن ڇيو آھي. ساھتيءَ ڏي ان جي ٻدران چون 'ڇيو اٿائين' يا 'ڇيو ٿائين'. مطلب تہ ڪتابي سنڌيءَ ۾ پراڪرت لفظ آٿ جي پٺيان س (ضمير واحد غائب واري پڇاڙي) گڏبي آھي؛ پر ساھتيءَ ۾ فعل جي پڇاڙي 'آئين' گڏبن ٿا، جا ٻئي ساڳيو مطلب ڏئي ٿي. 'اٿائين' لفظ جي منڍ وارو 'آ' جو اچار ڪڍي باقي 'ٿائين' چون ٿا (ڏسو صفحو ٩٣).

ساھتيءَ جا علحدا لفظ

١١٦- ساھتي پرڳڻي ۾ ڪي علحدا لفظ، اصطلاح ۽ ٻھاڪا عام آھن، جي ٻين ھنڌ عام نہ آھن، اھڙن علحدن لفظن جا ٿورا مثال ھيءُ آھن:

(١) اڄ اَڪرس ڪيو اٿس يعني ڪھٽ يا گرمي آھي. 'اَڪرس' معنيٰ گرمي يا گھٽ (ھوا بند ٿيڻ ڪري).

(٢) اسان جاءِ کي راڳو ڏيارڻو. راڳو معنيٰ ليپو، لنب (گاري سان).

(٣) لڳلڳو، جنھن ۾ ڪيھہ ساڙجي ٿو، تنھن کي ٻئي طرح چون 'وڏڻ' يا وڏلو.

(٤) 'ڀتسن' بدران عام طرح چون 'ڏوڪڙ'.

(٥) ڏوڪڙ ڪوڙ اٿس يعني پئسا ججها اٿس. اهڙيءَ طرح "ججهو" يا گهڻو بدران 'ڪوڙ' لفظ عام طرح ڪم آڻين ٿا.

(٦) وڏي ڀاءُ يا پاڻ کان وڏي کي عام طرح "ڀاڄ" چون ٿا، جو نهايت سٺو ۽ مٺو لفظ آهي ۽ اهو لفظ سري ڏي به چالو آهي.

(٧) موري تعلقي ۾ ڪوال نالي هڪ واٽيو وڏو ڏاڙهيلو ٿي گذريو آهي، تنهنڪري هاڻ 'ڪوال' لفظ جي اصطلاحي معنيٰ آهي ڏاڙهيلو. ساڳيءَ طرح مَڪيءَ جي ڏيڏي وارن حُرن ڏاڙا هڻي سڄيءَ سنڌ ۾ ٿرٿلو وڌو، تہ هاڻ "حر" معنيٰ ڏاڙهيلو، شاهينگ.

خاص ساهتيءَ جا اصطلاح

١١٧- 'ڏيري جو ڪمي' معنيٰ بيگر ۾ وهندڙ يا مفت ۾ ڪم ڪندڙ. 'ڏيرو' جنهن کي "دربيلو" بہ چون، سو ڪنڊياري تعلقي ۾ آهي.

(الف) 'ٻنجوءَ جي ٻن سان هڻڻ' معنيٰ "واجبيءَ کان وڌيڪ طلبڻ، يا ڏکي ڪالهہ ڪرڻ". ساهتي پرڳڻي ۾ ٻنجوءَ نالي هڪ والٽي وٽ هڪ وڏو ٻن (آن جو ماپو) هو، تنهن تان اهو اصطلاح نهيو.

(ب) "ٻنج ٻنجوءَ جا ڪُنٽاني پيا آهن"، يعني 'ٻارهوٽي ڪوٽ اٿس (پئسو ڪپيس)'.

ساهتيءَ جا اصطلاح

۱۱۸- ساهتي پرڪرتي مان اسان کي ٻهاڪا به مليا آهن: جهڙوڪ:

(۱) اول ٻيٽ ٻنجوءَ جو ٻار ٻچا سڀ ٻوءِ.

(۲) 'چڙتي چنيجن جيئي، ٻرڻ تي ٻيٺي'. چنيجا ۽ ٻرڻ ذاتي ٻه ڳوٺ موري تعلقي ۾ هڪٻئي جي آمهون سامهون، ٻن وڏن شاهي دڙن تي ٻڌل آهن. اصل ٻنهي ڳوٺن وارا هڪٻئي کي گهٽو ويجهو رهندا هئا. هڪ ڀيرا ڪي ڏاڙيلا ڪن چنيجاڻن کي ڏاڙو هڻڻ ٿي ويا پر رات جي وڪڙي ۾ ڀلجي وڃي ٻرڻ کي ڏاڙو هنيائون. هاڻ جڏهن هڪ جي بدران ٻيو آهيءَ ۽ اچي وڃي، يا هڪ جو ڏوهه ٻئي تي ٻوي، تڏهن ائين چون.

(۳) "ڦلوءَ واٽي رات وهائي، ڳالهين ڪندي ڳوٺي ڪاٺي'. ڦلوءَ ذاتي هڪ واٽيو ڳوٺ ٻرٻا تعلقي نوشهري ۾ ٿي گذريو آهي، جنهن بابت هڪ ڪيت به ٺهيل آهي ته 'ڦلو هڪ ڳوٺاڻو هو، مزي جهڙو واٽيو هو'.

(۴) 'اهڙي جٽ ڪيائينس، جهڙي ٻرڙي ڪئي ٻارن سان'. ٻرڙن جي ذات وارا نوشهري ۽ ڪنڊياري تعلقي ۾ گهڻا آهن. هڪ ڳوٺ سندن ذاتي ٻنهان 'ٻرڙا' سڏجي ٿو. هن ٻهاڪي جو بنياد هن طرح آهي: هڪ ڀيرا ڪي ٻرڙا ٻنهنجا ٻار ٻنهنجي ڪنهن ذاتيائيءَ جي سنڀال هيٺ ڇڏي، پاڻ لاباري تي ويا. ٻئيان ٻارن گهڻو هلاڪ ڪيس، ته ٻرڙي اهڙو ڪم ڪيو، جو ٻارن

کي آنَ جي ڪنڌيءَ ۾ ٻند ڪري، سندن مالڪن کي وچي چتايائين ته پنهنجا ٻار وڃي پاڻ سنڀاليو. سون ڪان سنڀاليا نٿا ٿين. انهيءَ تان اهو ٻهاڪو پيو.

(٥) ’ٻرڙي ٻوي نه ٻاجهه، پر ۾ تو ياءُ مري‘.

جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي ڪنهن غريب ياءُ ٻرائي جو قياس نه ڪندو آهي، تڏهن ائين چئبو آهي.

(٦) ’ٻيو هرڪو اچٽو وچٽو، ٻمو ٽاٽائي‘.

ٻمون (ٻمن) نالي ساهتيءَ جو هڪ واڻيو لڪٽي ٻرڙي هو، تنهنڪري جڏهن ڪو ماڻهو هڪ هنڌ گهڻو وقت ڪپ ڪوڙي ويهندو آهي، تڏهن هن لاءِ ائين چئبو آهي.

حيدرآباد طرف جا اصطلاح ۽ ڍهاڪا

١١٩- ياڳوءَ نالي هڪ شخص حيدرآباد ۾ ٿي گذريو جنهن کي ’جهڳلو‘ ڪري چيڙائيندا هئا. هڪ وڏو ڪٽورو ساڻ کڻندو هو، جنهن ۾ جيڪر ٻه سير چانورن جا پئجي سگهن. ڪنهن وهاڻءَ وڏائي تي ويندو هو، ته پڇندا هئس، ته ’ياڳو، پلاءُ کيئن‘؟ ٻهريائين ته ناڪار ڪندو هو؛ پر انيئي پنهنجو ڪٽورو ڪڍي چوندو هو، ته چڱو هن وٽيءَ ۾ ڪٿي دالا ڏينم‘. انهيءَ ڪري ”ياڳوءَ جهڳلي واري وٽي“ معنيٰ تمام وڏو ٿانءَ.

(الف) حيدرآباد ۾ ڪنگوءَ نالي هڪ پڪوڙائي نهايت عمدا پڪوڙا تريندو هو، تنهنڪري گراهڪن جي وڌس گهڻي پيهه. هوندي هئي ۽ ڏاڍو ڪوڙ لڳو پيو هوندو. انهيءَ سبب ’ڪنگوءَ وارو ڪوڙ‘ معنيٰ تمام گهڻو ڪوڙ.

(ب) ”واچان“ نالي هڪ ڪم‌عقل زال تي ڪٿي ڪذري آهي. جا ٻالي پرندي هئي ٻرڻ ۾، ۽ آلا ڇيٽا نوڙيءَ ۾ ٻڌندي هئي! انهيءَ سبب ”واچان“ معنيٰ چري. پهاڪو آهي ته ’چريا ڏيئي چار، واچان ونجي هڪڙي‘. يعني هڪڙي واچان چئن چرين جي برابر آهي. اهڙيءَ طرح سڄيءَ سنڌ ۾ ڪيترا اصطلاح ۽ پهاڪا ڪن اسٿاني ڳالهين تان ٺهيل آهن. وڌيڪ مثالن لاءِ ڏسو مصنف جو جوڙيل ڪتاب ’پهاڪن جي پيڙهه‘ ۽ ”گلقند“ ڀاڱو پهريون ۽ ٻيو.

لاڙيءَ جون حدون

۱۲۰- سنڌ جو ڏاکڻو ڀاڱو جو وچولي جي هيٺان آهي ۽ وچي سمنڊ سان لڳو آهي، سو لاڙ سڏجي ٿو. لاڙ جا ٻه ڀاڱا آهن: هڪڙو حيدرآباد ضلعي وارو لاڙ، جو بدين ۽ ٽنڊي باگي کان وٺندي بلڙي شريف، تعلقي گونيءَ تائين آهي. اتان ڪوهه ڏيڍ پري ميرپور بٺوري تعلقي جي جهوڪ شريف (ميران پور) ۾ شاهه عنايت صوفيءَ جي درگاهه آهي. انهن ٻن نامور درگاهن جي وچ کان وٺي، ڪراچي ضلعي جو سمورو ڏاکڻو ڀاڱو، جو ڪيٽي بندر ۽ ڪراچيءَ طرف لڙي اچي سمنڊ سان لڳو آهي، سو ڪراچي ضلعي وارو لاڙ آهي. انهن ٻنهي ضلعن جي لاڙ جي ٻولي 'لاڙي' ڪوٺجي ٿي.

لاڙ معنيٰ لڙيل يا هيٺاهون ڀاڱو. ان جو ضد آهي سرو، معنيٰ مٿيون يا اتر وارو پاسو. اڳي ڪڇ جي رڻ ڏي سمنڊ هو، جنهن جو پاڻي بدين تعلقي جي پرٻان گهاري شيخياڻيءَ واري رڻ ۾ اوسندو هو، جنهنڪري بدين تعلقو به سمنڊ سان لڳو بيٺو هوندو هو (ڏسو صفحو ۱۴) هاڻي اوڏهين سمنڊ ڪونهي، ته به اهو پاسو اڃا تائين لاڙ سڏجي ٿو.

لاڙي ٻوليءَ جو درجو

۱۲۱- لاڙ جي ٻوليءَ تان اسان جا ڪيترا ماڻهو کِلندو ڪندا آهن: ۽ سنڌ جي ٻين هنڌن جي ٻوليءَ کان

ان جو درجو گهٽ ليکيندا آهن. حقيقتون لاڙ ۾ رکيو هندن جي ٻولي ڪَڇي آهي، جو انهن مان ڪيترا لاڙ جا اصلوڪا رهاڪو آهن ۽ سنڌين ٻوليءَ تي دراوڙي ۽ داردڪ (ڪشميري وغيره) جو اثر ٿيو آهي. لاڙ ۾ جيڪي مسلمان آهن، تن مان بلڙي شريف ۽ لکڻ شريف وارا سيد توڙي سيد ساجن سوائي ڪوچي (ٽنڊي باگي طرف) واري جو اولاد علوي سيدن مان آهن، جن جو شهر 'متعلوي' (متياري) هالا تعلقي ۾ آهي. انان لڏي پوءِ هتي اچي رهيا هئا. اهڙيءَ طرح ٺٽي طرف جا ڪيترا سيد ۽ ٻيا مسلمان ارغونن جي صاحبين ۾ ٻين هنڌان لڏي اتي اچي رهيا هئا. اهي لاڙ ۾ پوءِ آيا، تنهنڪري سنڌين ٻولي، لاڙ جي اصلوڪن رهاڪن جهڙي ڪَڇي ڪانهي، پر انهن کي ٻه اتي آئي گهڻيئي ورهيه ٿي ويا آهن، تنهنڪري هن وقت لاڙ جي هندن توڙي مسلمانن جي اچارن مان لاڳاپو رکندڙ ڪي اهڙيون علحديون ڳالهيون آهن، جي سنڌ جي ٻئي ڪنهن ڀاڱي جي ٻوليءَ ۾ ڪينهن، جنهنڪري لاڙيءَ جو ڌار دفعو ليکجي ٿو. ان ۾ ڪيترا لفظ ۽ اصطلاح به علحدا آهن. شاهه جي رسالي ۾ جيتوڻيڪ عربي، فارسي، نج سنسڪرت ۽ پراڪرت ۽ نج سنڌي لفظ گهڻا آهن، ته به لاڙي لفظ به ڪيترائي آهن ۽ اچار ته سمورا لاڙي اٿس، جنهنڪري ائين چئي سگهجي ٿو، ته سڄو رسالو لاڙي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي. انهيءَ سبب گهڻا مثال رسالي مان ڏبا، پر انهن ڳالهين جي ذڪر ڪرڻ کان

اڳي ڪي تاريخي حقيقتون چاڙھجن ٿيون، نه سمجھڻ سولو ٿئي، نه ڇو ٻين ھندن جي ٻوليءَ کان لاڙ جي ٻوليءَ جو نمونو نرالو ٿيو آھي.

لاڙ ۾ دراوڙ

١٢٢ – قديم زماني ۾ سنڌ ۾ دراوڙ رھندڙ ھئا ۽ ھن وقت به اوڏ ۽ ماڱر (ماچر) ذات جا مھاڻا رھندا آھن (صفحو ٢٠). اھي سنڌ جي آڳاٽن دراوڙن جو اولاد آھن، يا پوءِ ڏکڻ ھندستان کان آيا، سا پڪ ڪانھي. ايترو معلوم ٿئي ٿو ته ڪيترن صدين کان سنڌ، ڪڇ ۽ گجرات جا ولڻجارا ملبار طرف ولج واپار لاءِ ويندا ھئا. اڄ به مغليين تعلقي جاني، ڪڇ پيچ ۽ گجرات طرف جا ميربحر دنگيون ھاڪاري ملبار طرف وڃن پيا. ھن وقت لاڙ ۾ ڪي مھاڻا آھن جي ماڱر (ماچر) ذات جا آھن. انھيءَ ذات وارا مھاڻا ملبار ۾ به گھڻا آھن.

تون سمو، آءٌ ڪنڌري مون ۾ عيبن جوءِ.
پسي راڻين روءُ، سمان ساڱر مڻيين. (شاھ)

سنڌ جو حاڪم ڄام تماچي سمي گھراڻي مان ھو، سو نوريءَ ناليءَ ھڪ مھاڻي، ذات جي ڪنڌري پرڻيو ھو. مٿين بيت ۾ شاھ صاحب نوري مھاڻيءَ کي 'ماڱر' سڏيو آھي. اھي ماڱر ذات جا مھاڻا ڪنجھر ڍنڍ ڏي ھئا، جا ھيلايا، تعلقي ٺٽي ۾ آھي. ان وقت سمن جي گاديءَ جو ھنڌ 'ساموئي' ھو، جو اڄ ھڪ ننڍڙو ڳوٺ ٺٽي کان ڏيڍ ڪوھ پري مڪلي ٽڪريءَ جي اتر طرف، بنھ ڇيڙي تي آھي، ڄام تماچيءَ ۽ نوريءَ جون تربتون

اڄ تائين اتي آهن. اڳي درياهَ اتان وهندو هو. ان وقت ٺٽي جو شهر اڃا ڪونه وسيو هو ۽ سجاول وارو پاسو سنڌونديءَ جي پاڻيءَ هيٺ ٻڏو پيو هوندو هو. انهيءَ سموري اراضيءَ ۾ ماڱر ذات جا مهاڻا رهندا هئا، جي ماڻهن کي اتان پتڻ لنگهائي پار ڪندا هئا. سجاول پاسي 'ماڱر' بدران عام طرح چون 'ماڃر' يعني ''ڱ'' کي مٽي 'ڃ' ڪيو اٿن، نه ته لفظ ساڳيوئي آهي ۽ دراوڙي بنياد جو آهي. بنيادي معنيٰ اٿس چار رڪندڙ يعني مهاڻو. اهي ماڃر يا ماڱر ذات وارا هن پاسي اڪثر گهڻا هئا، جو اڄ به سڄو سجاول وارو پاسو سندن نالي پٺيان 'ماڃر' سڏجي ٿو. سجاول ۾ 'ماڃر' نالي هڪ ڳوٺ به آهي. انهن اڳاٽن مهاڻن جو اولاد اڄ تائين سجاول طرف جنهن ڪوٽ ۾ رهي ٿو، سو ڪوٽ به سندن نالي پٺيان 'ماڃر' سڏجي ٿو.

لاڙ ۾ جهبير يا جبير

١٢٣- قديم زماني کان وٺي لاڙ جو پاسو وڻج واپار ڪري مشهور هو، تنهنڪري جيڪي قومون ٻاهران ٿي آيون تن جي گهڻي ڌم اوڏهين هئي. ڪلجگ شروع ٿيڻ وقت ڪي پشاچ لوڪ داردستان ۽ ڪشمير طرف آيا، جن مان پوءِ ڪن پنجاب ۽ سنڌ ۾ به اچي بنڪون وڌيون، ۽ سنڌين ٻوليون هينئر داردڪ ٻوليون سڏجن ٿيون (صفحو ٣٥). انهن لوڪن مان ڪي اڄ تائين ڪراچي ضلعي واري لاڙ ۾ آهن.

سميون ڪري سينگار، راهه ريجهائڻ آئيون،

چام هٿ ۾ چار، چاڙي ڇپيرن وچ ۾. (شاهه)

ڇِبِر ذات جا ماڻهو آهن، جن کي جهبر، جهبيل، جبير ۽ جبيل به چون ٿا. اهي هينئر به ڪشمير ۽ پنجاب طرف ججهي تعداد ۾ آهن. سمن جي صاحبيءَ ۾ توڙي شاهه صاحب جي وقت ۾ اهي شايد ڪنجهر ڍنڍ ڏي ساڳر (ماڇر) ذات وارن ماڻهن سان گڏ رهندا هئا؛ جنهنڪري مٿئين بيت ۾ شاهه صاحب سندن نالو به آندو آهي. اهڙيءَ طرح داردڪ ٻولين ڳالهائيندڙن ماڻ کي ٻيا به لاڙ ۾ هوندا ته عجب ڪونهي. لاڙي ٻوليءَ مان ايترو ظاهر آهي، ته ان تي ڪجهه اثر دراوڙي ٻولين جو ۽ ڪجهه اثر ڪشمير طرف جي داردڪ ٻولين جو گهڻو ٿيو آهي، تنهنڪري انهيءَ جي اثر جو ڏار ذڪر ڪجي ٿو.

لاڙيءَ تي دراوڙي اثر

۱۲۴- دراوڙي ٻولين ۾ وسرگ (Aspirates) يعني 'هه' جي اچار وارا اکر ڪينهن؛ ٻر آرين جي سنسڪرت توڙي پارسين جي زند اويستا ۾ آهن. آرين جي سنگ ۾ دراوڙ لوڪ سنسڪرت سکيا، پر پورا اچار ڪرڻ نه ايندا هئن، جنهنڪري وسرگ اکر مان بنيادي اکر ڪيڏي باقي 'هه' جو اچار بچائيندا هئا. اهو رواج پوءِ پراڪرت ۾ اهڙو زور ٿيو، جو پراڪرت ڳالهائيندڙن اهڙن اکرن کي ڇڙ ته مرڪب اکر ڪري ٿي ليکيو. خود سنسڪرت ۾ ڪن لفظن جي حالت ۾ ائين ٿيو. قديم سنسڪرت ۾ 'گهن' معنيٰ هڻڻ يا مارڻ. انهيءَ

'کهڻ' لفظ مان 'ک' نڪري ويو، جنهنڪري هالوڪيءَ سنسڪرت ۾ 'هڻ' معنيٰ مارڻ، جنهن مان سنڌي لفظ 'هڻڻ' ٺهيو آهي. ساڳيءَ طرح قديم سنسڪرت ۾ 'ڪرپ' معنيٰ جهلڻ، جنهن جو اچار هاڻوڪي سنسڪرت ۾ آهي 'ڪرهه' جنهن مان ڪرهڻ لفظ ٺهيو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي جهلڻ يا جهلجڻ. انهيءَ 'ڪرهڻ' لفظ جو اچار لاڙ ۾ آهي 'ڳرهڻ'، جنهن مان 'ڳرهيو' ۽ 'ڳهڙو' لفظ ٺهيا آهن.

"سيخن ماهه پچاءَ جي ڌالو ڳهڙاءَ نيهه جو". (شاهه)

هتي 'ڳهڙاءَ' معنيٰ تو ڳرهيو يا ورتو. هيءَ لاڙ جو لفظ آهي. ساڳيءَ ريت 'سکيو' جو اچار ڦري ٿيو 'سهيو' يعني 'ک' مان 'ڪ' نڪري ويو، جنهنڪري باقي 'هه' جو اچار رهيو.

'سهيو سکيو جندڙو وڏهءَ جيري ۾ جاني'.

اهڙيءَ طرح دراوڙي ٻولين جو اهو اثر سڄيءَ سنڌي ٻوليءَ تي ظاهر بيٺو آهي، پر لاڙ جي ماڻهن جي ملبار طرف جي دراوڙن سان لڳهه وچڙ پوءِ بہ هلي آئي ۽ اڄ تائين هلي اچي. ماڇر ذات جا مهاڻا جي اصل ملبار طرف جا آهن سي ججهي تعداد ۾ هتا ۽ اڄ تائين لاڙ ۾ آهن، تہ سڀاوڪ طرح دراوڙي ٻولين جو لاڙي تي ڪجهہ سرس اثر ٿيو آهي- مثلاً

'مونهائي اڳي، ڳهڙو سب ڳهڙا ڪئي'.

'مونهائي اڳي' معنيٰ سون ڪان ئي اڳ ۾. هتي ڏسو تہ 'ڪان' حرف جر مان بنيادي اکر 'ڪ' ڪڍي،

باقي رکيو "ھ" جو اچار ٻچايو اٿن. (ک=ڪ+ھ).
ساڳيءَ طرح شاھ جي رسالي ۾ ڪيترن ھنڌ 'توکان' بدران 'توھان' ۽ اوھان کان' بدران 'آنھان' لکيل آھي- مثلا

"ساريان ڪانءِ سرير ۾ طاقت توھان ڏار"

توھان معنيٰ توکان. 'آن اھيان آنھان ڏار'. 'آنھان' معنيٰ 'اوھان کان'. ھن ريت 'کان' بدران 'ھان' چوڻ جو رواج سڄيءَ سنڌ ۾ لاڙ کان سواءِ ٻئي ڪنھن به ھنڌ ڪونھي. ھي دراوڙي ٻولين جو اثر آھي.

لاڙيءَ تي دارڊڪ ٻولين جو اثر

١٢٥- دارڊڪ ٻولين ڳالھائيندڙن ۾ اھڙن وسرڪ اکرن بابت قاعدو ئي التو آھي.

سر گريئرسن چاتايو آھي تہ ڪشمير طرف دارڊڪ ٻولين ۾ نرم وسرڪ اکرن (Sonant aspriates) گھ، جھ، ڍ، ڏ ۽ ڀ کي اوسرڪ Disaspirate ڪندا آھن، يعني منجھانئن 'ھ' جو اچار ڪڍي ڇڏيندا آھن. انين به ڪولي چيو اٿس تہ لاڙي ٻولي انھيءَ ڳالھہ ۾ دارڊڪ ٻولين سان مشابهت رکي ٿي. ان لاءِ ھيءَ مثال به ڏنا اٿس:

گھ- ڏگھو بدران چون ڏگو، گھٽو بدران چون گٽو، گھر بدران گر ۽ گھوڙو بدران گورو.

جھ- جھجھو وجھوس بدران چون ججو ۽ وجوس put on him

ڍ- ڪڍ بدران ڪڊ، نڍو بدران ندو ۽ رڍيار بدران ردار.

ڙھ- چڙھيو بدران چڙيو ۽ ماڙھو بدران مارو (ماٹھو).

ڏ- ڏيءَ بدران ديءَ، لڏو بدران لدو ۽ ٻنڌ بدران ٻند.

ٻ- ٻاءُ بدران باء، ٻريو بدران بريو، ٻيڻ بدران بيڻ ۽
ٻوٽ بدران بوٽ.

ٿه- ماٿهو بدران مالو، پٿهي بدران پٽي hte father.

رهه- ورهين (ڪان) بدران ورن (ڪان) from years.

وهه- اوهين بدران اوين (آئين) ۽ توهين بدران توين (تَئين).

ڏسو لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا، جلد اٺون، ڀاڱو ١
صفحو ١٧٠ ۽ ١٧١.

مٿين مثالن تي ويچار ڪرڻ سان سمجهي سگهجي ٿو، ته اها عادت ڪجهه قدر اسان ۾ به آهي. مثلاً سنسڪرت لفظ ڪٽنب بدران ڇٽون ڪٽنب، ولپداس بدران ولبداس ۽ مڌ بدران مد يعني شراب.

مهيسر جي مد، جي هٿ هڏهين هوءِ. (شاهه)

هيءَ عادت لاڙ جي ماڻهن ۾ گهڻي آهي ۽ اهو هڪ مکيه سبب آهي، جنهنڪري لاڙي ٻولي ڪڇي ۽ ڪل جهڙي تي بيٺي آهي. هنن مثالن مان ٻه ٻيون ڳالهيون به ظاهر آهن، جن جو ڌار ذڪر ڪجي ٿو.

١٢٦- 'هه' جو اچار- سرگريئرسن جي ڏنل مٿين مثالن مان معلوم ٿيندو ته لاڙ جا ماڻهو نه رڳو وسرگ اکرن مان 'هه' جو اچار ڪڍي ڇڏيندا آهن پر 'هه' اکر ڌار هوندو آهي، ته اهو به ڪونه اچاريندا آهن. مثال ڏنا اٿس ته 'چڙهڻ' بدران چون 'چڙڻ' ۽ 'ورهين ڪان' بدران چون 'ورن ڪان'. اها عادت لاڙ جي ماڻهن ۾ سچ پچ

ايتريقدر زور آهي، جو ’آميان‘ بدران چون ’آهان‘، ’ٻاهر‘ بدران ’ٻار‘، ’ٿهلرام‘ بدران ٿيلرام، رحمت‌الله بدران ’رحمت‌الا‘ ۽ ’لوهه‘ بدران ’لو‘. لاڙ جا مسلمان جيتوڻيڪ ايتريقدر ’هه‘ سان هاڃو نٿا ڪن تہ بہ انهيءَ عادت کان صفا آجا ڪينهن.

”آئين جي ورن واريون سرتيون، سڏڙيون“. (شاهه).

هتي ’اوهين‘ بدران ’اٿين‘ ڪم آيل آهي.

”سيکن ماهه ٻچاءِ جي نالو ڪيڙءِ نيهه جو“.

هتي مصدر ’ڪرهڻ‘ معنيٰ ’وڃڻ‘ تنهن مان ’ڪرهيءَ‘ بدران ’ڪيڙءِ‘ لکيل آهي.

”اڌا چکڻ چاڙ، مهجي موڃ نہ سهي مڪڙي“. (شاهه)

هتي ’چاڙهه‘ بدران ’چاڙ‘ لکيل آهي.

ساڳيءَ طرح ’چاڙهيڪو‘ بدران ’چاڙيڪو‘ لکيل آهي. اصل صحيح اچار آهن بہ اِهي. ديشي لفظ ’چڍئي‘ معنيٰ چڙهي ٿو. هتي ’ڍ‘ ستجي ’ڙ‘ ٿيو آهي ۽ ’هه‘ جو اچار آهستي ڪونہ. ساڳيءَ طرح اسين چئون ’ڪالهہ‘ ٻر رسالي ۾ لکيل آهي ’ڪال‘. اهو اصل سنسڪرت لفظ ’ڪليہ‘ آهي، جنهن ۾ بہ ’هه‘ جو اچار ڪونهي. هيءَ وري نئين عادت آهي، جا هن وقت زور وٺندي وڃي ٿي، جنهنڪري ڪيترا مسلمان ’آڌرياءُ‘ بدران چون ’آڌرياءُ‘. لاڙ جا هندو ’دال‘ بدران عام طرح ’ڏار‘ چون؛ ٻر ’دال‘ جو اچار ’ڏال‘ ۽ ’ٻد‘ جو اچار ’ٻڌ‘ ڪن ٿا. انهيءَ عادت لاڙ ۾ اجا گهٽو زور نہ ورتو

آهي، جنهنڪري جتي 'هه' جو اچار ڪِني اُتي ٻه
ڪونه ڪن.

١٢٧- ڙ ۽ ر- سر گريئرسن جي ڏنل مٿين مثالن مان
هيءَ ڳالهه به ڏسڻ ۾ ايندي، ته لاڙ جا ماڻهو (خاص
ڪري هندو) 'ڙ' بدران 'ر' چون ٿا. مثلاً 'گهوڙو'
بدران چون 'گورو'. گهوڙي تي چڙهڻ بدران چون
'گوري تي چَرِڻ'، ۽ گاهه چَرِڻ بدران چون 'گا چَرِڻ'.
مطلب ته 'چڙهڻ' ۽ 'چَرِڻ' ۾ تفاوت ڪونه رکن.
حيدرآباد ۾ لاڙ هڪڙي سان ڳنڍيا پيا آهن، ته لاڙ جو اهو
اثر حيدرآباد جي هندن تي به ٿيو آهي، جن کي به
'ڙ' ۽ 'ر' جي تفاوت جي اڪثر سڌ ڪانه پوندي
آهي، جنهنڪري اثر وارا مثالن ڪلندا آهن. درسي
ڪتابن ۾ جيتوڻيڪ حيدرآباد طرف جي سنڌي ڪم اچي
ٿي، ته به ان ۾ ڙ ۽ ر جو فرق رکندا آهن.

(الف) ٽ، ٻ ۽ ڀ اکرن ۾ ٿورو 'ر' جو اچار آهي،
پر لاڙ جا ماڻهو اهو ڪونه ڪن. (ڏسو صفحو ٩٨).

لاڙ جي ماڻهن جون ٻيون عادتون

١٢٨- سنڌيءَ ۾ سيڪڙن لفظ جي پڇاڙيءَ ۾
ڪانه ڪا اعراب آهي، جنهن جو اچار سرحد ڏي چٽيءَ
ريت ڪن ٿا، ۽ شڪارپوري آءُ سُر سان آچارين ٿا.
وچولي طرف ان جو اچار اهڙو اٽڪيءَ طرح ڪندا
آهن، جو ڏاريو ماڻهو سندن ڳالهائڻ مان جيڪر سمجهي
ڪين سگهي، ته هرهڪ لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ ڪا اعراب

آهي. لاڙ جا ماڻهو، خاص ڪري هندو، آهو آچار اڪثر ڪونہ ڪن- 'هہ' جو اچار تہ ڪونہ ڪن، پر وسرگ اکرن مان بہ 'هہ' ڪڍيو ڇڏين. انهيءَ سبب 'ياهہ' بدران چون 'يا'، ۽ 'باهہ' بدران بہ چون 'با'؛ 'آهہ' ۽ 'ماهہ' بدران چون 'آ' ۽ 'ما'.

١٢٩- لاڙ جي هندن توڙي مسلمانن کي لفظن جي آچارن سمائڻ جي عادت بہ آهي- جهڙوڪ 'پيءُ' بدران چون 'پي' Pe؛ 'چوينس' بدران چون 'چينس'، معنيٰ 'هن کي چئو'، 'ڪاٿي' بدران چون 'ڪيٿي'، 'ڪيان ڪجاڙو؟' معنيٰ 'ڇا ڪان؟' (ڪهڙي شئي ڪان؟).

(الف) لاڙ جي ماڻهن کي 'اِ' ۽ 'اي' جي عادت بہ گهڻي آهي. 'اَڄ' ۽ 'وڄ' لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ پيش يعني 'اُ' آهي؛ پر لاڙ ۾ انهن لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ زير يعني 'اِ' جو اچار ڪندا آهن، سو بہ اڳليءَ طرح. 'ڏنائينس' بدران چون 'ڏنينس' ۽ چوينس بدران چون 'چينس' معنيٰ "هن کي چئو". هن ريت بہ اچار سميو ننڍڙا ٿيو پون.

(ب) لاڙ جي ٻولين ۾ دارڪ ٻولين وانگر 'اِدغام' (Epenthesis) بہ آهي- مثال:

"گهڙي گهڙو هٿ ڪري چيلهہ ٻڌي چوتو،
مهجو من ميهار کي پار وڃي ٻوتو،
"گهوني ۾ گهوتو، مون کي محب ميهار جو". (شاهہ)

'پهچڻ' مان 'پهتو'، پر مٿي ڏيءَ سٽ ۾ لکيل آهي 'پوتو'. هتي ڏسو تہ لاڙ جي ماڻهن پنهنجي عادت پٽاندر

'ڀهتو' لفظ مان 'هه' جو اچار ڪڍي ڇڏيو آهي، ته لفظ بچي ها 'ڀَتُو'- هتي 'پ' جي مٿان زبر يعني 'آ' ۽ 'ۀ' جي مٿان پيش يعني 'اُ' جو اچار آهي. انهن ٻنهي جي ميلاپ سان 'او' جو اچار پيدا ٿيو آهي، جنهنڪري چون 'پوتو'. ساڳيءَ طرح 'ڇهٽيو' مان 'ڇهٽيو'، پر لاڙ ۾ چون 'ڇوڏو'. اهڙيءَ طرح ساڳئي لفظ ۾ هڪ اعراب جو ٻيءَ تي اثر ٿئي ٿو. هن کي 'اِدغام' چئبو آهي. هيءَ هڪ سنڌيءَ Euphony جو قسم آهي. ان جو وڌيڪ ذڪر سنڌي 'صرف' جي اصولن ڇاڻائيندي ڪبو. هتي رڳو ايترو ڇاڻائجي ٿو، ته اهو به هڪ وڏو سبب آهي، جنهنڪري لاڙ جي اچارن ۾ سوس Contraction ٿي آهي.

لاڙي وياڪرڻ جون علحديون ڳالهيون

۱۳۰- اسمن جو ڦيرو- لاڙ جا اچار ڦريل آهن، تنهنڪري اسمن جو ڦيرو به نرالو اٿن- جهڙوڪ 'پيۀ' بدران چون 'پي' Pe؛ تنهنڪري عام صورت ۾ جمع 'پيئن' (Pen) معنيٰ 'هنن جو پيۀ' 'زال' جو جمع چون 'زاليون'، تنهنڪري عام صورت ۾ جمع 'زالين'- شاهه جي رسالي ۾ اٿين آهي:

"ڪنين ڪنين ماڙهيين پٺيي ڪل ڪانئي". - سورٺ

لاڙ ۾ 'ماڻهو' بدران چون 'ماڙهو' (ماڙو)، ته عام صورت ۾ جمع 'ماڙهين'.

(الف) "لهر، ساهڙا سنيارون، لهرن لوڏي نه مران". (شاهه)

ڪتابي سنڌيءَ ۾ "لهر" جو جمع لهرون يا لهريون،

۾ عام صورت ۾ جمع 'لهرين' (لهر+اُن) پر لاڙ ۾ چون 'لهرن' (لهر+اِن) يعني 'اُ' بدران 'اِ' چون ٿا.

عدد- "ڪارهين ڏينهن ڪرم ورنوو يرا کين جو". (شاهه)

ڪراچي ضلعي واري لاڙ ۾ 'ٻارهن' بدران اڪثر چون 'اڪيارهن' يا 'ڪيارهن'. حيدرآباد ضلعي واري لاڙ ۾ اڪثر چون 'ڪارهن'، جنهن جو اچار عام صورت ۾ 'ڪارهين' (ٻارهين) آهي.

"پنجن منجهان پنرهن ٿيا، انين نا ورق ورن". (شاهه)

"پندرهن" بدران لاڙ ۾ اڪثر چون 'پنرهه' يا 'پنرهن'، جو نج پراڪرت لفظ آهي. 'ڏوانوي' بدران عام طرح 'ودانوي' چوندا آهن.

ضمير خالص- "آن آهيان آنهان ڏار" آن=مان.

"آن ڪي ماٺ ڏنوء" آن=اوهان.

مطلب تہ 'آن' جو اچار جهڙو ضمير متڪلم ۾ تهڙو ضمير حاضر ۾!

-"آئين ٻن سمهو نا ڪٿا" آئين=اوهين.

"آوء فائق پر فرمان"- 'هو' بدران 'آو'- جمع 'آوء'.

"فاني ٿيا في الله ۾ هوء سين ڪڏيا هوء". (شاهه)

مسلمان 'هو' بہ چون، پر 'هو' جو جمع 'هوء'.

"هنِ تان لڄ لٿي"- هن جو جمع 'هنِ' ('ن' هيٺان زير)

"ٻاڙي آڇيو آنِ کي"- آن جو جمع 'آنِ' ('ن' هيٺان زير)

ضميرن جي جمع جوڙڻ جا اهي نمونا لاڙ جا آهن.

ضمير مشترڪ- 'پنهنجو' بدران هندو چون 'پانجو' يا 'پينجو'؛ 'پاڻ' بدران 'پنڊ' بہ چون.

ضمير موصول ۽ جواب موصول- 'جنهن' ۽ 'تنهن' بدران لاڙ جا هندو چون 'جين' ۽ 'تين' (ڏسو صفحو ۹۷).

ضمير استفهام- ڪُهہ يا ڪوهہ معنيٰ ڇو، ۽ ڪچا يا ڪچاڙو معنيٰ ڇا؟ (سنسڪرت: ڪمسات+ڙو).

اهي ضمير رڳو لاڙ ۾ ڪم اچن ٿا.

صفتي ضمير- اهڙو، جهڙو، تهڙو ۽ ڪهڙو بدران هندو چون ايرو، جيرو، تيرو ۽ ڪيرو؛ ايهو-اِهو، جيهو-جهو، تيهو-تهو، ۽ ڪيهو-ڪهو بہ چون.

"جيهي سا تيهي، ٻانهي ٻاروچن جي،
حجت هوت پنهونءَ سين، مون ڪميڻيءَ ڪيهي" (شاهہ)

فعل- ڏنائينس بدران چون ڏنينس. ڪاٽيو- ڪيٽو.

ڇهتيو	" "	ڇوڙيو.	ٻهتو- ٻوٽو.
آميان	" "	آيان.	چڙهيو- چڙيو.

'اچ' ۽ 'وڃ' جي پڇاڙيءَ ۾ پيش يعني 'اُ' جو اچار آهي، تنهن جي بدران زير يعني 'اِ' جو اچار ڪندا آهن. 'ماريندس' ۽ 'د' مٿان پيش 'اُ' آهي، تنهن جي بدران زير يعني (اِ) جو اچار ڪڍندا آهن. 'ڇو، ڪچا ڪيئي؟' يعني 'ڇو ڇا ڪيئي؟' (ڇو=ڇئو).

"طالب ڪئي، سونهن سرس، روميءَ ڇو آهي". (شاهہ)

'روميءَ ڇو' آهي معنيٰ 'روميءَ ڇير آهي'. (ڇو=ڇيو) پر هن ڪان وڌيڪ کھوٽالو زمان مضارع ۾ اٿن، جنهن جو ذڪر ڌار ڪجي ٿو.

مضارع- ”چـئـان نئـن چئيج“، چئان=چوان.
”چان ڪ چڙهندس ڪٽتي“ چان=چوان.
”ڪلهنئون ڪورين عاشق ’عبداللطيف‘ چي“.

هتي ’چوي‘ بدران ’چي‘ ڪم آيل آهي.
”ڪربو مهاڙ ملير ڏي روءِ آڇي ۽ چوءِ.“ (شاهه)
’روءِ‘ معنيٰ ’روئي ٿي‘، ۽ ’چوءِ‘ معنيٰ ’چوي ٿي‘.
هتي ’اي‘ جو اچار گهٽجي ’اِ‘ ٿيو آهي.

”وچين ۾ ويلا هون، سنجهي رهن سمهين،
مهيسي منهن پانهنجو، ڏاران ڏوڙ نه ڏون“

’هئن‘ (هجن) بدران چون ’هون‘ ۽ ’ڏئن‘ بدران ’ڏون‘

”هيڏا هاچا ٿيون، ٻري هن پنيور ۾“.
هتي ’ٿيـن‘ بدران ’ٿين‘ (ٿيي+ن:نهيڻان زير يا ’اِ‘).
”هوت پنهون تا نين- (نيي+ن:ن “ “ “).

”جانب منهنجي جيءَ ۾ تـوجي طمع ٻوءِ،
ڪـڻ ڪاتي وڃ اڳـرا، ادب ڪرم ڪـوءِ،
پانيان پال سندوءِ، جي ساڄن سنئون نهاريين“.

هتي ’ٻوي‘ بدران ’ٻوءِ‘ ۽ ’نهارين‘ بدران ’نهاريين‘ لفظ ڪم آيل آهن. ساڳيءَ طرح:

”تون ڏيين، تون لاهيين، تونهين هادي رب“.

اسمن کي عام صورت جمع ۾ آڻڻ لاءِ به اهو ’اين‘ جو اچار گهڻندا آهن، جيئن مٿي چيو ويو آهي.

ظرف ۽ حرف- لاڙ ۾ ڪي ظرف ۽ حرف نرالا آهن:

(١) ”جاڙ جيان ٿي جيڏيون!“ جاڙ معنيٰ اجاڙ.

(۲) ”آءٌ نماڻي نڪٽي“ نڪٽي- ٻنهي، بلڪل.
(۳) ”مڇڻ پاڻين گهٽ“ مڇڻ- مٿان.
(۴) ”ٿو ٻٽان“ معنيٰ تنهنجي پٺيان يا ٻرپٺ.
(۵) ’مهند‘ معنيٰ ’اڳي‘ ۽ ’مهندان‘ معنيٰ ’اڳيان‘.
لاڙ ۾ ’مهند‘ بدران عام طرح چون ’مانڊ‘ معنيٰ اڳي، ’مانڊان‘ معنيٰ اڳيان.
(۶) ’ڪنا‘ معنيٰ ڪان. ’ڳر‘ معنيٰ وٽ.
(۷) Z نماڻي نڪٽي- نڪٽي معنيٰ ٻنهي، بلڪل.
(۸) ’جيلانهن‘ معنيٰ جنهن لاءِ، ۽ ’تيلانهن‘ معنيٰ ’تنهن لاءِ، تنهن سبب‘.
(۹) ’سَل‘ معنيٰ ’وٽ‘ ۽ ’ملاهُ‘ يا ’ملان‘ ’وٽان‘
”سينڌري ملاهُ لڳس ڪان ڪهار ۾“.
اِنان، تتان، جتان ۽ ڪتان بدران اِٿان، تٿان، جٿان ۽ ڪٿان چون (ڏسو صفحو ۸۸). لاڙ ۾ ٻروچن جو پير گهٽو ڪونه پيو، نه ته هنديءَ واتڪر لفظن جي وچ وارو ’ت‘ اڪر، اُني ڪيڏيو ڇڏين.

ضميري پڇاڙيون- تنهن ”ڪنهن ڪريان ڪيٺان، سانءِ ويو سيٺان“.

لاڙ ۾ ’سان‘ (حرف جر) بدران چون ’سين‘؛ ۽ ان جي پٺيان ضميري پڇاڙين ڳنڍڻ مهل ’سين‘ بدران ’سيڻ‘ چون- جهڙوڪ ’سيٺان‘ معنيٰ ’ساڻن‘ يا ’هنن سان‘- ساڳيءَ طرح، ڪڻ = ڪي؛ ڪٺم = مون کي؛ ڪٺءِ = تو کي؛ ڪٺس = هن کي؛ ڪٺن = کين؛ ڪيٺاس = کيس يا هن کي

"ڪير ٻانهي ڪن جي، ڪير ڄالي ڪيلاس."
رسالي جون اهڙيون نحوي بناوتون ڏسي، ٿيون سالهو هيڪواريءَ جيڪر منجهي پوي.

(الف) "جيڏيون ڏٺيان جي، صورت ساهڙ ڄام جي".
ڏٺيان معنيٰ ڏٺي آن، يعني اوهان ڏٺي (صورت).
"ڏٺان جي ٻروچ، سون جنن هوت اکين سين،
سون کي ڇيان لوچ، پاڻا پيئيون ڇپرين."
ڏٺان معنيٰ ڏٺو آن، يعني اوهان ڏٺو (ٻروچ)؛
ڇيان معنيٰ ڇيو آن، يعني اوهان ڇيو.

ڏٺيان (صورت) جنس مونث. ڏٺان (ٻروچ) جنس مذڪر. هن طرح فعل جي پٺيان "آن" ضمير کي ٻڌاڙيءَ وانگر ڪم آڻڻ جو رواج رکيو لاڙ ۾ آهي.

لاڙيءَ جا علحدا لفظ ۽ اصطلاح

١٣١- لاڙ ۾ ڪيترائي علحدا لفظ ۽ اصطلاح ڪم اچن ٿا. ڪن جا رکيو اچار ڦريل آهن- جهڙوڪ:
آپ=آپ. آٿاٺو=آچار، ڪتّاڻ. آهڻ=ڄالڻ.
آڙيڪو=ڪنيو. ٻهڳٽو=داٻلو. ڀٽون=وچون.
ٽولڙا=جئون، کهنا. جانڪڻ=سنيالڻ. ڏرڪڻ=چڙهڻ، چنبڙڻ.
ڏار=دال. ڪڙٻو=آنگرکو. کرمٽ=ٽولڙا. گولائي=ڦيرالي.
لسڻ=ٿوم. ليس=حاضر، تيار. سيٽ=پيٽ، خ.ر. نمرو=خوش، چڱو ڀلو. ونديرَ=سينيون، صاحب.

"پنهونءَ پيڪانَ پچنديا" پچنديا=آچليا. (شاهه)

"ٻاهو ڪين ڏس" ٻاهون = ٻئيان. (شاھ)
اھڙيءَ طرح رسالي ۾ ٻہ ڪئين لفظ لاڙ جا آھن.
"ليک سينءَ يا پوري سينءَ" معنيٰ ٺوري وقت تائين.
ڪهڙي اکر؟ ــــ ڪهڙي حساب؟ يا ڇاجي ڪري؟
لَڪ لانچڻ معنيٰ ڪم ڪشڻ. ويءُ وڻائڻ ــــ وٺج ڪرڻ.

١٣٢- "ڪهرتئي جي ڪير، سات جني جي سڃيون." (شاھ.)
ڪير معنيٰ وڏائي يا مبارڪ- پٽ ڄمڻ يا ٻئي ڪنهن شڀ ڪارج ٿيڻ تي وڏائي يا مبارڪ ڏيڻ مهل ڪير وڙهائيندا هئا- ڪيرون ڏيڻ معنيٰ واڌايون ڏيڻ. حيدرآباد ضلعي واري لاڙ ۾ مسلمان جڏهن ڪنهن کي ڪنهن ڳالهہ تان واڌايون يا مبارڪون ڏين، تڏهن چون: "ادا ڪيرون"! اڳلو وراڻيءَ ۾ چوي "شڀ ڪيرون" يعني "چڱيون واڌايون" "شڀ" نج سنسڪرت لفظ آهي، پر لاڙ جا مسلمان اهو عام طرح ڪم آڻيندا آهن.

١٣٣- لاڙ جي مسلمان ڪاسٻن ۾ ڪيترا اهڙا لفظ ۽ اصطلاح عام آهن، جي نہ اتي جا هندو ۽ نہ سنڌ جي ٻئي ڪنهن ڀاڱي جا هندو يا مسلمان ڪم آڻين ٿا- چون "پنبي موڙي اٿيئي؟" يعني ساني ڪاڏي اٿيئي؟ ڪري معنيٰ موجب "پنبي موڙڻ" معنيٰ (سانيءَ جي) ٽڪر کي مروڙو ڏيڻ يا پچڻ، ۽ پوءِ معنيٰ ٿي ڪرڻ پچڻ يا ساني ڪاڙهڻ. "نر هڻڻ" معنيٰ کاڌو وجهڻ يا نقصان پهچائڻ: جهڙوڪ ڪو ڪاسي، اڌ روز جيتري ڪم تي سڄو روز لڳائي نقصان وجهي تہ چون تہ "نر هنيائينس"- اهڙيءَ طرح منڇر ڍنڍ وارن مهاڻن ۾

ٻه ڪمترائي لفظ ۽ اصطلاح عام آهن، جي رڳو هو ماڻهو سمجهندا آهن؛ باقي ٻيو ڪو مشڪل سمجهي سگهندو. ٻوروچي لوڪن ۾ ٻه اهين خلاصين جي ٻولي نرالي آهي، جا هو ماڻهو سمجهن، باقي ٻين کي سمجهڻ مشڪل ٿيو پوي.

لاڙي ٻوليءَ جو نمونو

١٣٤- لاڙ ۾ زالون گهڻي کي سڏ ڪرڻ بدران ”لئي“ لفظ ڪم آڻينديون آهن. جهڙوڪ: ”لئي، ڪاڪڙيءَ ما (ماءُ) ”لوجريون ڪيون ٿيئي؟“- مڇيءَ جون ڪرڙيون تن کي ’لوجريون‘ (لوجهڙيون) چون- ’لئي، گڏر جي سيٽ‘ ڪجائين يعني ’ادي، گهر جي سنڀال ڪجائين.‘ ڪنهن شخص چيو ته ’گوري تان پيس چڙهئي، ڏڪ اچي ويم‘ يعني گهوڙي تان ڪري پيس، ته ڏڪ اچي ويم. سندن اهڙن آچارن سبب ڪيترا ماڻهو لاڙي ٻوليءَ تان کلندا آهن.

ٿريليءَ جون حدون

١٣٥- ٿرپارڪر ضلعي جا طبعي ڀاڱا ٻه آهن: ”ڏڪڙو ’ڍٽ‘ يعني ٿر يا واريءَ وارو ڀاڱو؛ ۽ ٻيو ’پٽ‘ يعني ڏاڍيءَ زمين وارو ڀاڱو، جنهن ۾ سڄو نارو ڊويزن اچي وڃي ٿو. اهو ميرپورخاص وارو ڀاڱو اصل حيدرآباد ضلعي سان لاڳو هو ۽ اتي ٻولي به حيدرآباد طرف جهڙي ڳالهائين ٿا، تنهنڪري ٻوليءَ جي مطلب لاءِ سڄي ناري ڊويزن جي ٻولي وچولي جي دفعي ۾ ليکڻ کپرجي. باقي ٿر ڊويزن يعني ڏيپلو، مٺي، ڇاڇرو ۽ ننگرپارڪر تعلقا ۽ ٿر جو آڪاڻي ڳاديءَ جو هنڌ آمرڪوٽ ٿر ۾ سمجهڻ کپرجن. انهن پنجن تعلقن ۾ جيڪا سنڌي ڳالهائي ٿي اچي ٿي، تنهن کي ’ٿريلي‘ يعني ٿر* جي ٻولي سڏجي ٿو.

ٿر جو تاريخي احوال

١٣٦- سڄي ٿر ڊويزن ۾ رڳو ننگرپارڪر وارو ڀاڱو قديم زماني ۾ وسيل هو، جو مهراڻ يا هاڪڙي جي شاخ

---

*سنسڪرت ’ستل‘ معنيٰ ’بيٺل‘ يا ’نه وهندڙ‘، يعني خشڪ ملڪ (جتي درياءَ ڪونهي). انهيءَ ’ستل‘ لفظ جو اچار اول ڦري ٿيو ’ٿل‘ معنيٰ ڏاڍي زمين (ضد ’جل‘ معنيٰ پاڻي)، ۽ ’ٿل‘ جو اچار ڦري ٿيو ’ٿر‘- ”جر ٿر تک تنوار، وڻ ٽڻ واڻي ٿيڪڙي“. (شاهه)

بهاولپور رياست وٽان ڦيرو ڪري، ٿر ڏانهن لوني نديءَ سان اچي گڏبي هئي، جنهنڪري ننگر پارڪر تعلقي ۾ ڪوٽ ويرا واهه جي ويجهو ٻاري ننگر نالي هڪ وڏو بندر هو، جنهن بابت ڪئپٽن ويڪس پنهنجي ڪتاب ”ٿر جو احوال“ ۾ ڄاڻايو آهي، ته اهو عيسوي ٻارهينءَ صدي ۾ ٻڏو هو. اڄ تائين جين ڌرم وارن جي ڊٺل مندرن جا نشان ظاهر آهن. عيسوي ڇهين صديءَ ۾ جڏهن سنڌ ۾ راءِ گهراڻي جو راڄ هو، تڏهن سوڍن راجپوتن اهو ننگرپارڪر وارو پاسو اچي وسايو. رفتي رفتي اهڙو زور ٿيا، جو سومرن جي صاحبيءَ هوندي به امر ڪوٽ جو قلعو پنهنجي قبضي ڪيائون. عمر سومري جي ڏينهن ۾ امر ڪوٽ وري سومرن جي هٿ ۾ آيو؛ پر تنهن کان پوءِ وري راجپوت زور ٿيا ۽ سڄو ٿر وسايائون. ٿر جو اتر وارو پاسو ”ڪاڻر جو ٿر“ سڏبو هو، ۽ ڏاکڻو پاسو ڪڇ جي رڻ ڏانهن ”ڀاڻر جو ٿر“ سڏبو هو؛ ۽ انهن ٻنهي ٿرن جي وچ وارو پاسو ”ڍٽ“ ڪوٺبو هو. سڄي ٿر جي گاديءَ جو هنڌ امر ڪوٽ جو شهر هو. همايون بادشاهه سنڌ ۾ آيو ته امر ڪوٽ جي راڻي قلعو خالي ڪري ڏنس، ۽ انهيءَ قلعي ۾ اڪبر بادشاهه ڄائو هو. انهن سوڍن راجپوتن ڍٽ، مٺي ۽ ڇاڇرو به وسايا. مطلب ته اهي ٽيئي تعلقا ڪلهوڙن جي صاحبيءَ کان اڳي وسيل هئا. هن وقت به ٿر ۾ راجپوت، ڪيراڙ، لهاڻا ۽ ٻيا هندو گهڻا آهن ۽ مسلمان ٿورا آهن.

ڏٽ جا اُچار

١٣٧- ڏٽ جي تعلقي جا ميمڻ اصل ننگر ٺٽي ۾ رهندا هئا، ۽ سوڍن جي صاحبيءَ ۾ ڍٽ ڀاسي اچي رهيا. لاڙ جي ماڻهن وانگر ”ھ“ جو اُچار اڪثر ڪونه ڪن. ”ڙ“ ۽ ”ڙ“ جي تفاوت جي به گھڻي سڌ ڪانه پوندي اٿن. تنهنڪري، جهڙو تهڙو ۽ ڪهڙو بدران اڪثر چون جيرو، تيرو ۽ ڪيرو. ڏٽ جا هندو، ميگهواڙ ۽ ڀيا ”هائو“ بدران اڪثر چون ”هوئي“ (YES). ڍٽ جي ميمڻ ڪي ”ھ“ جو اُچار اڪثر ڪونه اچي، تنهنڪري ”هائو“ لفظ ڪونه چون، پر نڙيءَ مان ٺورو ڪنجهڪار جهڙو آواز (آآنءَ) ڪندا آهن.

(الف) ڏٽ جا ڪٽري، لهاڻا، ميگهواڙ وغيره مندي بدران مندري، پٽ بدران پتر ۽ ڪيٽ بدران ڪيتر چوندا آهن؛ جنهنڪري ڇئبو ته سنڌن اُچار سنسڪرت کي گھڻو ويجها آهن. ٻيءَ بدران ”ٻئو“ معنيٰ ابو يا بابو.

(ب) ڏٽ جا هندو توڙي مسلمان لفظن ۾ نڪ جو اُچار گھڻو نه ڪندا آهن؛ جنهن، تنهن ۽ ڪنهن بدران چون جهن، تهن ۽ ڪهن. باقي ڏٽ جا هندو ”ڪائڻ“ بدران چون ”ڪانوڻ“ جهڙوڪ چون ته ”ڪاوڻ ڪان وڌندي ماني نه ڏي“ يعني جهتري ماني ڪاٺي سگھبي تنهن کان وڌيڪ نه ڏي.

ڍٽ جي ويا ڪرڻ جون ٻيون علحديون ڳالهيون

١٣٨- ڍٽ ملڪ هڪ ڀاسي ڪڇ پيچ ته ٻئي ڀاسي راجپوتانا جي حدن سان لڳو بيٺو آهي ۽ اتي جي ماڻهن

جي ٻاڻ ۾ لوڙهه وڃڻ گهٽي آهي، تنھنڪري ٿر جي ٻوليءَ تي انهن ٻنهي ٻولين جو ڪجهه اثر ٿيو آهي.

زور ڀرائيندڙ حرف Particle of Emphasis

ڪجراتيءَ ۾ 'ايڪ' معنيٰ هڪ ۽ ايڪج معنيٰ هڪڙو ئي يا رڳو هڪ. ٿر جا هندو به اُئين لفظن جي معنيٰ کي زور ڀرائڻ لاءِ اها ساڳي "ج" پڇاڙي ڪم آڻيندا آهن- مثلاً ٿريلي ۾ "ارڪو" معنيٰ "اڪيرو، ۽ ارڪوجه" معنيٰ اڃا اڪيرو.

اسم خاص- ڪڇي ۽ مارواڙي "ڳڻيش" بدران چون "ڳڻيشو" ۽ "جيسو" بدران چون "جيسيو"- مطلب ته ماڻهن جي نالن پٺيان "يو" پڇاڙي ڳنڍيندا آهن. ٿر ۾ به ڪيترن خالتن ۾ اُئين ڪندا آهن- مثلاً هڪ ميگهواڙ جو نالو "ٻورو" تنهن جي بدران چون "ٻوريو" ۽ "ڏيپو" بدران چون 'ڏيپيو' * ڪن مسلمانڪن، نالن پٺيان به اها "يو" پڇاڙي ڳنڍين ٿا- مثلاً "سومار" بدران چون "سوماريو".

ٿر جا ڪراڙ پنهنجن نالن پٺيان اڪثر "شاهه" لفظ ڳنڍيندا آهن- مثلاً ڪيول شاهه ڀٽ جڳو شاهه- اهو نمونو گجرات جي ڪراڙن کان ورتو اٿن.

---

* ڏيپلي جي شهر توڙي تعلقي تي "ڏيپو" نالي هڪ ميگهواڙ جو نالو پيل آهي، جو اول هن اتي هڪ کوهه کڻائي پنهنجو توڙي ٻين جو سهنج ڪيو هو. هن حالت ۾ "يو" بدران "لو" پڇاڙي ڪم آيل آهي، جنهنڪري "ڏيپلو" چنجي ٿو.

ضمير (ا) ٿر جا هندو "مون" بدران 'مين' چون. مثلاً مين وٽ معنيٰ مون وٽ، "مين سان ڳڏ" معنيٰ مون سان ڳڏ. تنهنجو بدران "تين جو" ۽ پنهنجو بدران "پانجو" چون ٿا. هي ٻوبان مثال ڏيکارين ٿا ته ٿر جي ٻوليءَ تي ڪڇ ۽ لاڙ جي ٻولي جي ڪجهه، ڇاپا پيل آهن، پر سيڪنهن حالت ۾ ٿري ماڻهو 'ھ' جو اچار ڪڏي نٿا ڇڏين- مثلاً "اما ڏم ڪيهائي؟" يعني اما ڏام ڏوم (ناچ ڳائي جي) ڇاجي ڪري آهي؟ ڪيهائي معنيٰ ڪهڙي.

(٢) "آپاڻ ڳي ڳسيي ڪرلي" "آڏون راجي تيوڻ لائق آهي"، يعني پاڻ کي (اسان کي) خوشي ڪرڻ راضي تيڻ جڳائي. اهڙيءَ طرح 'پاڻ' بدران 'آپاڻ' لفظ ڪم آڻين ٿا، جو نج پراڪت لفظ آهي. ٻين هنڌ اڳياڙيءَ وارو "آ" جو اچار ڪڏي ڇڏيو اٿن؛ پر ٿريلي اهو اڄ تائين قائم رکيو بيٺي آهي.

صفت- 'چڱو' بدران عام طرح چون 'ڀلو'. مثلاً 'مور ڀلو ليڙو'، يعني بنهه چڱو يا اڇو وڳو- 'ليڙو' معنيٰ وڳو يا پوشاڪ- 'گهڻو' بدران عام طرح چون 'گهڻ'- مثلاً "گهڻ ڏينهن نه ٿيا"، يعني 'اڃا ٿورائي ڏينهن ٿيا' (گهڻا نه).

ڪردنت- 'ڪائڻ' مان اسم حاليو 'ڪائيندو' پر ٿر جا هندو چون 'ڪائندو'. ساڳيءَ طرح 'چاهڻ' مان 'چاهيندو' بر ٿري چون 'چاوندو'.

فعل-

"ڪين ڏر ڏني ماءُ، ڪين ڄر سنڌي سڄڻين،
وَهي ۽ واجهاءُ، ٻنهي جيڙن وچ ۾". (شاهه)

"وَهي ۽ واجهاءُ، يعني هلي به ٻيٺي يا ٻڌ به ٻيٺي ڪري، ۽ واجهائي به ٻيٺي- ٿر ۾ 'وَهڻ' لفظ عام طرح 'هلڻ' جي معنيٰ ۾ ڪم آڻيندا آهن: ٿر ۾ هڪ مسلمان کان پڇيو ويو ته فلاڻو ڪٿي؟ چي، 'وراڻ تائين هتي ٿيو هو، پوءِ وَهيو ڏيهاڙي". يعني ٽيهري، تائين هتي هو، پوءِ ڏيهاڙي هليو ويو. وراڻ معنيٰ ٽيهري ۽ 'وَهيو' معنيٰ هليو- مٿئين مثال مان هيءُ به ڏسڻ ۾ ايندو ته "هو" بدران "ٿيو هو". ٿر جا هندو "ٿيڻ" بدران چون "ٿيوڻ- شلا، 'انهن ته ٿيڻ گهرجي'، يا چون ته 'جيڪي ٿيوڻو آهي، سو ٿيندو'. 'ٿيوڻو' معنيٰ 'ٿيڻو' هي ڪڇڪي ۽ مارواڙي نمونو آهي.

(الف) 'آگهڻ' معنيٰ "قبول ٿيڻ" تنهن مان 'آگهيو'، پر 'آگهائو' به چئبو آهي. ساڳي ريت وڪڻڻ مان وڪيو ۽ وڪاڻو. ٿر ۾ اهڙا 'آڻو' پڇاڙي عام طرح هن ريت ڪم آڻين ٿا:

(۱) هيءُ نئون گهر آڏاڻو آهي يعني اڏيو آهي.

(۲) هي ڪوٽ نئون ٻڌاڻو آهي يعني ٻڌو آهي.

(۳) اسلام ڪوٽ ڦراڻو آهي يعني ڦريو آهي، (ڏاڙيلن).

اهو نمونو ڪڇڪيءَ مان ورتو اٿن، جنهن ۾ به چون ته

”آءُ ماراڻو آهيان“ يعني ماريو آهيان. ”ويو“ بدران عام طرح چون ”گيو“ (هندي لفظ).

ظرف- ٿر جا هندو ”ڇو“ بدران چون ”ڪهڙون“

حرف جر- ”هن مهماني ڪئي؛ هن ڪان، جو هو سڪرارو ٿيو هو“ يعني هن مهماني ڪئي، هن ڪان (هن لاءِ يا هن سبب) جو هو سڪرارو (چڱو ڀلو) ٿيو هو. ”ڪان“ حرف جر ڪي ”لاءِ“، جي معنيٰ سان ڪم آڻين ٿا. ٻيو مثال: ”هن جو پيءُ گهر منجهه هو، تنهن ڪان ٻاهر ٻيهي رهيو“ معنيٰ هن جو پيءُ گهر منجهه هو، تنهن ڪان (تنهن لاءِ يا تنهن سببان) ٻاهر ٻيهي رهيو (ٻي ڪان ڏنو ٿي). ”ٻر“ بدران عام طرح ٻڻ چوندا آهن.

حرف جملو- ”پڻ“ AISO لفظ ۽ ”پ“ جي هيٺان زير (اِ) بدران زبر يعني ”اَ“ جو اُچار ڪن ٿا.

ٿريليءَ جا علحدا لفظ

١٢٩- ٿري ماڻهو هڪٻئي کي ڪينڪارڻ مهل چون ”چاق، جوڙ، سڪرارو، خير ڪين، هوڪاري ۽، روڙا ڀلا“ وغيره. ”خير ڪين“ معنيٰ سک سلامتي، ۽ روڙو“ معنيٰ چڱو.

(١) ڪمندڙن خير ڪين، چئوندڙ چڱا نا ٿيا. (شاهه)

(٢) ”مرڪي مر ماڻا، روڙي راءِ ڏياچ جي“.

ٿر ۾ ”ڪنگهه“ بدران چون ”دڙنس“ ۽ اَڄ“ کي چون ”تونس“ ”نن ۾ تونس ٻرينءَ جي پيان نہ ڍاهان“. (شاهه)

شاهه جي رسالي ۾ سر مارئيءَ ۾ ٿر جا لفظ تمام گهڻا آهن: سانگيڪو، پاروڙي، وراڪو وغيره.

(الف) ٿر ۾ سج اڀرڻ سان پيٽ جي جنهن ٻاسي تي آس جو ٽڙڪو ٿئي تنهن کي چون ’ٽڙڪول‘. مهڙ وارو ٻاسو ’ٻڪڙ‘، سٿيون پاسو، ’سٿاري‘، ڇيڙي وارو ’گوڇار‘ سڏجي ٿو ۽ پيٽ جي ٻچڙيءَ کي ’پوچانڊو‘ چوندا آهن. اهڙيءَ طرح ڪئين علحدا لفظ اٿن.

ٿر جو شعر

١٤٠- چوڻي آهي ته ’راڳ پنجاب ۾ ڇاڙو، ٿر ۾ مٺو‘. ٿر جي هندن ۾ ڪو ڇهي توڙي پرلجي، ته به سُر اهڙو ڪڍن، جو ڄڻ ته ڪو مٺو اٿن. شعر جوڙڻ جو ڍنگ به اهڙوئي اٿن. پر، ڪي ڪي بيت چڱا چيا اٿن- جهڙوڪ:

"واهوندا وريا، تڏهن ڳاڙهي ٿي ڳنوار،
ڇيٽ ادائي ڏينهڙا، پنڌي ٿي پهنوار،
چَلڻ ۾ چڪ ٿي، تڏهن موڙون ڏيئي مهار،
جڏهن ٻاڙي جي ٻيڙٿي، تڏهن کهگهلي ٿي ڪڏهار،
وڇاريءَ اوٺار، ڪڏهن منهن نه سڪيو".

ٻهار جون فرحتي هوائون الهندن طرف کان لڳڻ شروع ٿين، ته چون واهوندا وريا آهن، يعني ٻهار جون هوائون موٽي لڳيون آهن. وڻ ٽڻ مورجن ته گاهه ٻلو ڄام. ڏڌ مکڻ ڪاڻي، ڳنوارن جون زالون ڳاڙهيون ڳنڍڪيون ٿين ٿيون. (’چلڻ‘ معني کاڌو گاهه، کهگهلو ٿين معني ٻود ۾ پرجڻ).

اوڻي ڪير مان ٻڪڻ ڪونہ نڪرندو آهي، تنهنڪري رکو اوتار جي زال منهن سڀو نٿي ڪري سگهي.

۱۴۱ـ ناري ڏوبڙن ۾ فقط ٻہ ناميارا شاعر ٿي گذريا آهن: هڪ صديق (صادق) فقير صوفي، جنهن جي نالي پٺيان "صوفي فقير جو ڪوٽ" سڏجي ٿو، ۽ ٻيو ڪپڙي تعلقي جو منٺار فقير، جو گذريل اوڻويهين صديءَ ۾ ٿي گذريو آهي.

"حيدرآباد ۾ هل ٿيو، رت وهي ٿي ريل،
ڀورا اچي پيلءَ ساري سنڌ 'صديق' چوي".

انگريزن جي اچڻ ۽ ميرن جي صاحبيءَ جي خاتمي ٿيڻ بابت هيءَ پيشنگوئي صديق فقير ڪئي هئي.

منٺار فقير جون ڪافيون مشهور آهن. سندس جوڙيل ڏن ڪافين جون ٻهريون تڪون هي آهن:

(۱) لوئيءَ جي لڄ رکجانءِ، پوتيءَ جي پت رکجاءِ،
ٻرور ٻاڪ خداءِ: قسمت قيد ڪيو. (مارئي)

(۲) لڙ لهرن ۾ لڙهيو وڃانءِ ٿي. (سهڻي)

(۳) رک نہ ميارون، مٽ نہ مومل کي،
مٺا ڏون ٻنڌرا، سوڍي آءٌ ميرو. (مومل)

منٺار جي ٻاٺي نهايت نماڻي آهي ۽ منجهس هڪ ۾ درد جا داستان آهن.

ڍاٽڪي

۱۴۲ـ ٿر ۾ ڍاٽڪي ٻولي بہ چالو آهي. هن وقت اتي جيڪي ٺڪر (راجپوت)، ڪيراڙ (واڻيا)، ميگهواڙ،ڀيل وغيره

آهن، سي اصل راجپوتانا ۽ گجرات طرف کان آيا آهن. ٿر کي ڪڇ، راجپوتانا جو ڀاڱو (مارواڙ ۽ جيسلمير)، ۽ ننگرپارڪر کي پالنپور رياست (گجرات جو طرف) ويجها آهن. ٿر جي ڪيترن ماڻهن جي انهن سڀني هنڌن جي رهاڪن سان لڙهه وچڙ گهڻي آهي. انهن سببن ڪري سنڌي، راجستاني ۽ گجراتي ٻولين جي ميلاپ منجهان ٿر منجهه هڪ ٻنهه، ٽئين قسم جي ٻولي ٺهي پيئي آهي، جا "ڍاٽڪي" يعني ڍٽ يا ٿر جي ٻولي سڏجي ٿي. اها ڳاڏڙ ٻولي راجستاني ٻولين جي دفعي ۾ ليکجي ٿي ۽ خود "ڍٽ" لفظ راجستاني ٻولين جو آهي. ڍاٽڪي ٻولي گجراتيءَ کي گهڻو ويجهي آهي- مثلاً گجراتيءَ ۾ چون "هُون جاڻُون ڇُون" يعني آءٌ ڄاڻان ٿو، ۽ ڍاٽڪيءَ ۾ چون "هؤُن جاڻون تو". اهو "تو" نج سنڌي لفظ "ٿو" آهي، جنهن مان "ھ" جو اچار ڪڍي ڇڏيو اٿن؛ جنهنڪري "ٿو" بدران "تو" چون ٿا. شاهه جي رسالي جو سر ڍول ماروي، جو راجپوتانا جي ڍول ۽ مارل جي قصي تي ٻڌل آهي، سو ڍاٽڪي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي. انهيءَ سر جو پهريون بيت هيءُ آهي:

"اُتر واءُ ڪوندي ڀلي ٻوسم مينهن،
هالاپڻ رونيهن، والا جم وساريين".

"جم وساريين" معنيٰ متان وساريين. اهي ٻيئي لاڙ جا لفظ آهن. اهڙيءَ طرح ڍاٽڪيءَ ۾ پيا به ڪيترائي سنڌي لفظ آهن.

سنڌيءَ ۾ ڍاٽڪي لفظ

١٤٣- سنڌي ٻوليءَ ۾ ڍاٽڪي لفظ گهڻا ڪينهن، جو ڍاٽڪي ڳالهائيندڙ، سنڌ ۾ گهڻو لڏي پکڙجي نه ويا آهن.

عمر-مارئيءَ جي قصي مشهور ھئڻ سبب سنڌيءَ ۾ ”مارُو“ لفظ عام ٿيو آهي - جو ڍاٽڪي ٻوليءَ جو لفظ آهي ۽ معنيٰ اٿس ”ٿري مالدار“، جي مال جي چاري سانگي ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن ڪٿي گذارين ٿا. خود ”مارئي“ ڍاٽڪي ٻوليءَ جو لفظ آهي، ۽ معنيٰ اٿس ’مارُو لوڪن جي نياڻي‘.

”تون لنگهائين ’لطيف‘ چٽي ٿرن جا ٿوري“. (شاهه)

”ٿوري“ ڍاٽڪي ٻوليءَ جو لفظ آهي ۽ اصل معنيٰ اٿس ”شڪاري“؛ پر عام طرح ٿر ۾ پيهان کي ”ٿوري“ سڏيندا آهن ۽ اهي اڇوتن جي دفعي ۾ ليکبا آهن. ”ٿوريءَ“ جو مونث سنڌيءَ ۾ آهي ”ٿوريائي“.

”ساڙهو ڇونس مَ آءِ، آءٌ هيرياڻي آهيان،
سُون ورسرتيون سي، جي ٿورياڻيون ٿرن جون“. (شاهه)

هيءُ بيت مسڪينيءَ جي باب ۾ آهي. ڄام تماچيءَ جي راڻي نُوري، ذات جي گندري (مهاڻي)، چوي ٿي ته ماڻهو مون کي مهاڻي چون ٿا، پر مان شڪارڻ آهيان ۽ ٿر جون پيلڻون مون کان وڏيڪ آهن. ٿر ۾ ”ٿوڙو“ معنيٰ ننڍڙو تلاءُ. اهو ڍاٽڪو لفظ رڳو ٿر ۾ عام آهي.

ڪڇ

۱۴۴- ”ڪڇ“ لفظ اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ ”ڪڇ“ معنيٰ ڪنڌي يا ڪنارو*. ڪڇ ملڪ اُپيٽ آهي: ان پاسن کان سمنڊ جون ڇولهون ڇلڪا ڏيئي ان جو پٽ پيئون پسائين. تنهنڪري اهو ”ڪڇ“ يعني سمنڊ جو ڪناري وارو ملڪ سڏجي ٿو، اتي جيڪا سنڌي ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي، سا ”ڪڇي“ سڏجي ٿي.

۱۴۵- عيسوي ستين صديءَ ۾ ڪڇ ملڪ سنڌ جي حڪومت هيٺ هو ۽ پوءِ به ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ ۾ سنڌ جي سمن راجپوتن پنهنجو دڳو ڄمايو هو (صفحو ۸۹) سنڌي ساٿين جي حڪومت اوڏهين ٿي، تہ سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ به انهن پاسن ڏي ٿيو. جنهنڪري اڄ سنڌي نہ فقط ڪڇ جا ڄڙيجا، لهاڻا ۽ ڀاٽيا ڳالهائين ٿا، پر ڪاٺياواڙ جي اتر واري ڀاڱي ۾ به سنڌي ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي.

ڪڇيءَ جون ملحديون ڳالهيون

۱۴۶- ڪڇيءَ جي اچارن ۾ ڦير آهي، ۽ ڪيترا لفظ ۽ اصطلاح ٻيا ٻيا اٿس. هيٺين ڳالهين ۾ ڪڇي ٻولي لاڙ جي ٻوليءَ سان مشابهت رکي ٿي:

---

*”ڪاڇو“ معنيٰ اهو ملڪ جو جبل جي وٽ يا ڪناري سان هجي. سنڌ جو جوهي تعلقو، ڪاڇي ۾ آهي.

١- لفظن جي پڇاڙيءَ واري اعراب ڪيرو ڇڏين.
٢- ”اِ“ جي آچار جي عادت ڪڍي اٿن ”منجهان“ لفظ جي منڍ ۾ ”اِ“ جو آچار ڪن ٿا.
٣- آچارن کي سسائين ٿا. ”ڏائينس“ بدران چون ”ڏينس“ ۽ ”پڇائينس“ بدران چون ”پڇينس“.
٤- ”هہ“ جو اچار ڪيترن لفظن مان ڪيرو ڇڏين. ”تنهن“ ۽ ”ڪنهن“ بدران چون ”تين“ ۽ ”ڪين“ ”تين کي رحم آيو“ يعني تنهن کي رحم آيو. ’ڪينجو نينگرو اچي ٿو‘ يعني ڪنهن جو نينگر (ڇوڪر) اچي ٿو.
٥- ”اِتان“ ۽ ”جِتان“ بدران ’اِٿان‘ ’جِٿان‘ چون ٿا، يعني وچ وارو ’ت‘ اکر ڪڍي ڇڏين ٿا (صفحو ٨٨).
٦- ڪيترن لفظن جي وچ مان ’ر‘ ۽ ’ڙ‘ جو اچار ڪيرو ڇڏين، جهڙوڪ: ”ڳالهون چارڻ“ بدران چون ”ڳٿو چاڻو“. ’اوڪسي ڪيڻ لڳا‘ يعني هو خوشي ڪرڻ لڳا (ڏسو ضميمو پهريون.)
٧- عام صورت ۾ ”اين“ جو ڊگهو اچار ڳڏين ٿا. جهڙوڪ: جانور- جناورن؛ ڏينهن- ڏيئين؛ ’جهجهي جهپاتين سين‘ يعني گهڻن ڏڪن سان.
٨- آءٌ ’ڪرو‘ ڪريان؟- مان ڇا ڪريان؟- ائين ”يہ“ جو آچار بدلائي ڳڏين ٿا.
٩- ’آو‘ ’آن‘ ۽ ’پنڊ‘ ضمير ڪم آڻين ٿا، ۽ ’اوهان‘ بدران ’آن‘ چون ٿا. ’آن ”ڪرو“ ڪريان؟‘ اهو ڪرو لفظ لاڙي ۾ ڪونهي.

١٤٧- ڊاٽڪي ٻوليءَ وانگر ڪڇيءَ ۾ ”ٿو“ بدران ”تو“ چون؛ پر ”ھو“ بدران ”ٿو“ چون ٿا. جھڙوڪ: ’ڏو جو پاڻ مري ويو ٿو‘، يعني تنھنجو پاڻ مري ويو ھو.

١٤٨- ”آءٌ ساريو آھيان“ بدران چون ’آءٌ ساراڻو آھيان‘- ٿر ۾ به ائين چون.

گجراتيءَ ۽ راجستاني ٻولين جو اثر

١٤٩- ’مون جو روپيو وڃائجي ويو ھوڏو،سولھجي آوڙو (ليي آيو يعني لڌو). ”ھو“ بدران ھوڏو ۽ ”آيو“ بدران ”آوڙو“ چون. ساڳيءَ طرح ”ھواسين“ يا ”ھواسون“ بدران ڪڇيءَ ۾ چون ”ھوئون“-ھي راجستاني ٻولين جو نمونو آھي.

١٥٠- گجراتي ۽ راجستاني ٻولين وانگر ڪڇيءَ ۾ ’نون‘، ’ني‘، ’آني‘ ۽ ’ني‘ حرف ڪم آڻين ٿا. جھڙوڪ:

١- ”ملڪيت منجھان نون جو ڪو مون جي ھٿي ٿئي، سي موڪي ڏي“ يعني ملڪيت منجھان جيڪا ھٿي سنھنجي ٿئي، سا مون کي ڏي.

٢- ”رامجي پين تي آونچو آئي“ يعني رامجي، پيو کان اوچو يا ڊگھو آھي. آن تي ڪاسو=ھن کان خاصو.

(٣) آئـون ڪليائجي وٽ ويندوس، اني تين ڪي (تنھن کي) چوندوس، تـ تو جو مال نتو وڪائجي (وڪامي). لاڙ ۾ بہ ”ني“ چون-مثلاً، پنج ني ۾، ست يعني پنج ۽ ۾ ٿيا ست.

(٤) ’ڪاٽي ني‘ معنيٰ ڪاٽي ڪري،

(٥) ’توريج ڏيئين ٻنيان‘ يعني تورن ئي ڏينهن ڪان ٻوءِ. ’مال مڙي توجو آهي‘ يعني هيءُ مال سڀ تنهنجو ئي آهي. اهو زور پرائينڊڙ حرف ”ج“ گجراتي ۽ راجستاني ٻولين جو آهي.

ڪڇڪي جا علحدا لفظ ۽ اصطلاح

١٥١– ڪڇڪيءَ ۾ ڪيترا لفظ علحدا آهن ۽ ڪن جا رکو اچار قريل آهن. جهڙوڪ:
اور ڪڻ = سڄالڻ؛ ٻاپو = بابو؛ ٻاٻڙي = ٻائي؛ اڊي = اڊائي؛ ٻڳ = پير؛ ٻڳتي = دڪي؛ قڳائڻ = آچلڻ؛ جهمڻ = ڪائڻ؛ ڪائو = ڪانو؛ ڪائو؛ گانو؛ ڏونگري = ٻصر؛ روسڻ = ڪـهڻ؛ ڏيس ولو معنيٰ شهر نيڪالي؛ ترارين جي تر ٻيٺي يعني ترارين جو ڦهڪو لڳي ويو.

ڪڇ جي شعر جو نمونو

١٥٢– سَيا پري مال، اوڊي آچارا ڪيا،
نہ چاڻا ٻي ڳال، ڪيهر هليو ڪڇ ڏي.

يعني چام تماچي جي پاڻ چام اوڊي انن تي مال پري لاڏائو ڪيو (لڏي ويو). چيائين تہ مان ٻي ڪا ڳالهہ چاڻائي ڪانہ يعني مان پنهنجي مرضيءَ موجب هلندس. ائين چئي هي شير مڙس ڪڇ ڏي هليو ويو.

سورٺي شعر جو نمونو

١٥٣– ڪاٺياواڙ جي سورٺ (سوراشٽر) پرانت (ضلعي) ۾ اهير، چارڻ، مير ۽ ٻيا ڪيترا سنڌ جي آڳاڻن رهاڪن مان

آهن. سورٺي ٻوليءَ ۾ سندن ٿورو شعر چيل آهي. جهڙوڪ:

آتر سبڙهيون ڪيڏيون ڏونگر ڏسريام،
هنئڙو ترڙقي مچي جئن، ساجن سفيريام.

اتر ڪان ٿڌي هوا (سيءَ) جون سيرو (وهڪون) پيئون اچن. جبل مون ٿي ڪاوڙيا آهن يعني سيءَ سبب جبل ٺري ويا آهن ۽ مون کي پير رکڻ نٿا ڏين ۽ جن تـه مون تي ڪاوڙيل آهن-سچق ٻاڌ پير، ته منهنجو هنيون (دل) مچيءَ وانگر ترڦڻ لڳو.

هيءَ ٻيت پروفيسر مالڪديه جي جوڙيل سورٺي ٻوليءَ بابت ڪتاب مان ورتو ويو آهي ۽ سسئيءَ پنهونءَ جي قصي تي ٻڌل ٻيو پانچجي.

٤٥ – لسٻيلي جو شهر ڪراچيءَ کان اٽڪل سٺ ڪوھ پري بلوچستان جي حد ۾ آهي. سڄي لسٻيلي رياست ۾ لس ٿي لس جبل لڳا پيا آهن. اتي گهڻي وڻڪار نہ هئڻ سبب اهو سمورو ملڪ لسو ۽ پسو پيو لڳي، تنهنڪري اهو نالو رکيو اٿن–اڳي ارم ٻيلو سڏبو هو. اهو سڄو ڀاڱو مڪران سميت اڳي سنڌ جي حڪومت هيٺ هو، تنهنڪري سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ اوڏاهين ٿيو. اڄ بہ سنڌي ٻولي لسٻيلي ۾ گهڻو واهہ طرف ڳالهائي ۾ اچي ٿي. لسٻيلي رياست ۾ اٽڪل پنجهٺ هزار آدم آهي، جنهن مان چوڏهن هزار ماڻهو بلوچي ٻولي ۽ نو هزار کن براهوئي ٻولي ڪم آڻين ٿا، باقي ٻائيتاليهہ هزار ماڻهو جيڪا سنڌي ڳالهائين ٿا، سا ”لاسي“ معنيٰ لسٻيلي جي سنڌي سڏجي ٿي (ڏسو ”لنگئسٽڪ سروي“، جلد اٺون، ڀاڱو پهريون).

لاسيءَ جون علحديون ڳالهيون

آچار– گهر، ٻاءر ۽ ننڍيءَ بدران لاڙائين وانگر گر، ٻار ۽ ننڍو چون؛ پر کهاڻو، هميشه ۽ ڳالهہ لفظن ۾ ”ھ“ جو اچار قائم رکن ٿا. ”سنڌيءَ“ بدران پاڻ چون ”سنڌي“.

(الف) ”گر چڙي ويو“ معنيٰ گهر ٿي ويو. ”جيٺرو چڙو آهي“ معنيٰ جيٺرو ٿيو آهي. ”جيترا مال چڻن“ معنيٰ جيترا مال ٿين.

اهڙيءَ طرح "ٿ" بدران "ڇ" چون ٿا، ۽ "نو" بدران چون "ڌو".

اسمن جو ڦيرو - لاسي ٻوليءَ ۾ "پير" جو جمع "پيران" ۽ "پورهيت" جو "پورهتيان"، جيئن شڪارپور طرف آهي. "ڪڪڙي ماڻهو جا ۾ پٽ هئا"، هن جي بدران لاسي چون، "ڪڪڙي ماڻهي جا ۾ پٽ هئا"؛ مطلب ته جيئن "ڇوڪرو" لفظ ڪسي عام صورت ۾ ڇنجي "ڇوڪري"، تيئن ئي "ماڻهو ڪي علم صورت ۾ آئي چون "ماڻهي".

ضمير - ضميرن ۾ وڏو ڦير اٿن:

(١) ضمير غائب "هو" ڪي عام صورت ۾ آئي ڇڻو "هن"، ۽ لاسي ۾ چون "هَوَ" ("هَ" مٿان پيش ۽ "وَ" مٿان زبر يعني "اُ" جو اچار) تنهن مان ۾ "هَ" جو اچار ڪيڏي باقي چون "وَ" جو پٽ" معنيٰ هن جو پٽ؛ ۽ "وَ جو ڳذران" معني هن جو ڳذران.

(٢) "اهو" بدران چون "ابهو"، ۽ اڪيون الف ڪيڏي چون "يهو". مثلاً "يهو مانجو پٽ ڇي" معنيٰ اهو منهنجو پٽ آهي. "يهو" جو اچار گهٽائي "يهه" به چون مثلاً يهه جو مطلب ڇو؟" يعني انهيءَ جو مطلب ڇا؟ هن ٻوٽين مثال مان ڏسڻ ۾ ايندو ته "اهو" "ابهو، يهو، يهه" چون ٿا.

(٣) "ڇا" بدران چون "ڇو" يا "ڇي". "ڇي لاءِ" يعني ڇا لاءِ. "يهه جو مطلب ڇو؟" يعني انهيءَ جو مطلب ڇا.

فعلن جا گردان- اڄار ڦريل اٿن ته فعلن جي گردانن جو نمونو به ڦريل اٿن؛ خاص زمان مضاروع ۾ وڌو کهوٽالو اٿن. جهڙوڪ:

"آن' آچي گر تو وڃن" يعني آءٌ اٿي گهر ٿو وڃان.
"آن' ڪم ٻيو ڪرين" يعني آءٌ ڪم ٻيو ڪريان.
"آن' لائق ناهين" يعني آءٌ لائق نه آهيان.
"وڃي چو چوينس" يعني وڃي ٿو چوانس.
"پلي ته سرها ڇان" يعني پلي ته سرها ٿيان (ٿيون).

ظرف- لاسي ۾ 'جر' معنيٰ 'جڏهن' ۽ 'ترْ' معنيٰ تڏهن. 'جر' جو اچا گهاٽو ڏور هو ٿر ۽ جي ٻٽ ڪي پسي منجهه وڃي پترهو يعني جڏهن اجا گهٽو پري هو تڏهن هن جي ٻٽ ڪي ڏسي (جاءِ) منجهه وڃي گهڙيو.

حرف جر- لاسيءَ ۾ 'ٻاڏ' معنيٰ ڏي يا ڏانهن. اهو ظرف هن ريت حرف جر ڪري ڪم آئين ٿا: آو هڪڙي ڏورين ملڪ ٻاڏ ويو' يعني هو هڪ ڏورانهين ملڪ ڏي ويو. لاسيءَ ۾ "ڳر" معنيٰ وٽ ۽ 'ڳران' معنيٰ وٽان؛ 'سان' بدران 'سين' چون. اهي ٽيئي حرف لاڙيءَ ۾ آهن ۽ شاهه جي رسالي ۾ به ڪم آيل آهن. لاسيءَ ۾ 'ڪان' بدران 'نون' به ڪم آئين ٿا' جو سرائڪي توڙي گجراتيءَ جو حرف جر آهي. جيئن ڪ چون"ڏور ڪان ڏيهان نوز ٻوءِ" يعني ڏورن ڏيهن کان ٻوءِ.

لاسيءَ جا علحدا لفظ ۽ اصطلاح

١٥٦- "اُڪارڻ" معنيٰ خرچڻ يا ڪپائڻ - مثلاً "جر سڀ اُڪاروائين" يعني جڏهن سڀ (ڏن) خرچيائين ۽ ڪپايائين. جر معنيٰ جڏهن، تر معنيٰ تڏهن: ڪهاڻو معنيٰ ڪهٽو. مثلاً "اسان وٽ ڪهاڻي ماني ڪاڻ لاءِ آهي ۽ اوباري به سکهون ٿا"، يعني اسان وٽ ڪهٽي ماني کائڻ لاءِ آهي ۽ اسين مانيءَ جي اوبر به بچائي سکهون ٿا. ٻيون مثال: "وُ ڪي ڪهاڻو چپڙيو" يعني هن ڪي ڪهٽو چنبڙيو. "ڪهتائڻ" معنيٰ ڪهرائڻ-مثلاً "ڪڙي پورهيت ڪي ڪهتادي پڇ". "پترڻ" معنيٰ "ڪهڙڻ". مثلاً "گرمنجهه نه پتريو" يعني ڪهرمنجهه نه ڪهڙيو. اهڙيءَ طرح ڪي علحدا اصطلاح به اٿن-مثلاً "آکي تان ورڻ" معنيٰ آکيا يا حڪم ڪان ڦرڻ يعني حڪم جي برخلاف هلڻ. توجي آکي تان وريو ناهين" يعني تنهنجي آکيا يا حڪم کان ڦريو نه آهيان. "پورهيت ڪري جهلڻ" يعني پورهيت يا نوڪر طور بيهارڻ - ("لنگئسٽڪ سروي" مان ورتل).

هندن ۽ مسلمانن جي ٻوليءَ ۾ فرق

١٠٧— سنڌ ۾ وڏ وڏن جي ڪائي آهي، ٻه مکيه قومون ۾ آهن: هڪڙا هندو ٻيا مسلمان. انهن جي مادري زبان هڪڙي آهي، ته به جيڪو باريڪ طرح جاچيندو، ته معلوم ٿيندس، ته هندن جي ٻولي هڪڙي ۽ مسلمانن جي ٻي— جهڙوڪ:

هندو	مسلمان	هندو	مسلمان	هندو	مسلمان
آرتوار	آچر	منگل	آڱارو	ٻڌر	اربع
وسپت	خميس	ڪپ	چاڪون	ڪنورو	وٽو

هندو چون "ٿيوڻ سنو ٿيو آهي"، ته مسلمان اڪثر چون ته "ٻوڙ سلوڪ ٿيو آهي"، ڪيترا اصطلاح ۽ ٻهاڪا به ٻيا اٿن—مثلاً وضو سارڻ، نماز پڙهڻ، روزو رکڻ، ڪلمو پڙهڻ ۽ تڪبير چوڻ. "جهڙا روح تهڙا ختما"؛ "اڇو الله ڪارو رسول"— هيءَ مسلمانن جا ٻهاڪا آهن جي وقتي هندو به ٻيا ڪم آڻين: ساڳيءَ طرح "ٻڪيه، هون، هوم، آرتي، ٻني پائڻ، ٻتڊ پرائڻ" وغيره. هندڪي رواج ۾ آهن. "ٻاهه ٻتيتي ٻٽ ڪي جٽيو"؛ "راکي رام نه ماري ڪون؟"— هيءَ هندڪا ٻهاڪا آهن.

١٥٨— (١) "اسان آ عبادت نظر ناز پرينءَ جو". (شاهه)

(٢) "هڏ نہ وڏي هاڻ، مون وڃڻ جي وصال".
(٣) "بڻائي ساز صورت جو وري کهڙا
ليڪ لڪائين ٿو". (ٻيڪس)

ٻنهي مصرع ۾ "نظر" لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ اهش يعني "اُ" جو آچار آهي ۽ جنس مذکر ٿي ڪم آيو آهي، نہ تہ عام طرح جنس مونث ليکبي اٿس. ٻيءَ مصرع ۾ "وصال" لفظ، جنس مذکر بدران، جنس مونث ۾ ڪم آيو آهي. ٽينءَ مصرع ۾ "ليڪ" جي جنس مذکر آهي، نہ تہ عام طرح ليڪ جمع لکُون (جنس مونث). هندو چون ٿا "پاڪي" جنس مونث ۽ مسلمان اڪثر ان جي جنس مذکر ليکين ٿا. اهڙيءَ طرح ٻين بہ ڪيترن لفظن ۾ جنس جو ڦير آهي.

عاملن ۽ پائيبندن جي ٻولين ۾ فرق

١٥٩ – هندن ۾ هڪڙا عامل ۽ ٻيا پائيبند آهن ۽ انهن جي ٻوليءَ ۾ بہ وڏو ڦير آهي. وقتي رکو سندن نالن منجهان ٿي سمجهي ڪبو آهي، تہ اهو نالو عاملڪو آهي يا پائيبندڪو- مثلاً هونومل، ٽيڪومل، ۽ نارومل پائيبندن جا نالا آهن. انهن جي بدران عاملن جا نالا هوتچند، ٽيڪچند ۽ نارائنداس آهن- رواجي طرح هرڪو ائين پائيبندو تہ هو هڪجهڙي سنڌي ڳالهائين ٿا، پر سندن خط پٽ يا چٺيون چپائيون ڏسو تہ ٻوليءَ ۾ زمين آسمان جيترو فرق ڏسڻ ۾ ايندو. پائيبند اڪثر هيئن لکن:
"اڪو سهاءِ (يا) جوڳ سري رام جي سهائتا.

”چرجيوي ياڻي تاروسل ٻوج ڏاميملاڻي چڱهه ٻاهٺت (طرف) لکت شڪارپور وچون داس ڪيمن ٻوج هوتچنداڻي ماکيجي جي رامست واچٹي. ڪنشي (خوشي) ڪهٽي ڪرڻي. ڪنش (خوش) پرسن رهٹو. توهان جي اسان جي سري جوتي سروپ سهائتا ڪندو.

و- اهرانت (وڏيڪ تہ) گرت (ڪيهہ) دها ٻہ ڪراساني (خراساني) ۴ باسپتي چانور لي هاچڪ (نندڍون ڪوٺيون مڻ - سوا جون) پٹياسون (سوڪليوسون)، رقم اسان جي جمع ڪرڻي. آهرانت سماچار واچٹي، ڦيري حوال تـرت ڏيوٺو. ٻيو حال حوال توهان جي چٹيءَ آوي اني (اچڻ تي) ڏيندا سونوَ. چٹي لکي ڪيمن ٻوج هوتچند ماکيجي شڪارپور وچون، وٹي ياڻي تاروسل ٻوج ڏاميملاڻي چڱهه حيدرآباد وچ - ستي......سنبت.“

لفافي تي سرنامي لکڻ مهل ٻهرياڻين سادا ۷۴ انگ لکن. اهو ”سادا چوهتر“ يا ”سادي چوهتر“ پڙهبو ”ستر سادي چار“ - هيءَ هڪ قسم آهي تہ جيڪو مالڪ کان سواءِ چٹي کوليندو، تنهن کي سادا چوهتر مڻ ڪاٻن جو ڳاهہ ڏرماڙو ڏيٹو پوندو، يا چڻ تہ اهڙو ٻاپ ڪمائين جهڙو هندن جي سادي چوهتر مڻ جي وزن جيترا جٹيا لاٿائين-اهو سادي چوهترانگ لکي ٻوءِ هيٹن لکن.

”چٹي هڪ ياڻي تاروسل ڏاميملاڻي چڱهه وٹي، حيدرآباد شاهي بزار وچ، پٹي شڪارپور وچون.“

۱۶۰- هندڍون اکثر هن نموني لکن:

”اڪو سهاءِ“

انگين اکرين ريا ڇهه، سؤ-نيمي ريا سؤ ٽي، تنهن جا پيٽا ريا ڇهه، سؤ-پائي ڇٽن‌مل جي پاسون راکي، سڀئي ڇيٽ وڏي ۳، (تيرس) سنبت......سنڌي ڏڻ ابڪهٽ ڪرا، پيچي ڪراچي بندر منجهه، شاهه واپاري جو ڪ پري ڏيوٽا؛ ٽام ٽڪاٿو ڏسي ڏيوٽا. —سڀئي ڇيٽ وڏي (تيرس)."

مٿين نموني مان ڏسڻ ۾ ايندو ته ڀهرپائين ڇهه سؤ ريا لکي پوءِ ان جو اڌ ۾ تنهن کان پوءِ انهيءَ انڪ جي پٺ (وري ماڳهو ڪاڄوڙ) ڇاڙائين ٽا، ته وچ ۾ ڪو دغابازي ڪري رقم ڦيرائي نه سگهي. جنهن جي ڦائڊي ۾ هنڊي لکن، تنهن جو نالو ڇاڙائي، پوءِ انهيءَ نالي جي پٺيان لکن "پاسون راکي". اهو سندن اصطلاح آهي. اکري معنيٰ موجب اسان هن کان پئسا وٺي رکيا (توهين هن کي ڏجو). جنهن کي هنڊيءَ واري رقم ملڻي هجي، سو جڏهن اها پيش ڪري، ۽ اڳيو هنڊيءَ ڏسي منوتي (قبوليت) ڪري ته پئسا ڏيندس ته چون "هنڊي خاصي ٿي" (قبول ٿي). اڳلو هنڊيءَ جا پئسا جنسي ڏئي ته "هنڊي سڪارائين" Honour. جيڪو هنڊي جا پئسا وٺي، سو پوءِ هنڊيءَ جي پٺ ڀري (Endorse) يعني ان جي پٺيان لکي ته

"ريا (الداز) هن هنڊيءَ جا، پنهنجا لهڻا، مون کي مليا". هنڊيءَ جي پٺ ڀري، ۽ اڳلي کي پئسا مليا ته پوءِ اها هنڊي ٿي "کوکو". جيڪڏهن اڳلي هنڊيءَ واري رقم نه ڏني ته اهو ٿيو "نهڪارو" يا "ناڪارو" (To dis honour) ۽ ناڪاري ٿي اڳلي کي ڏيوالو ڪيڍڻو پوندو آهي. اڳلي

جي ڏيوالي ڪيڻ تي ان جا لهڻيدار، پاڻ ۾ صلاح ڪري، ان جي سموري ملڪيت جون پنهنجي لهڻي موجب ڀڃيون ڪري ڪڻندا آهن. اهڙيءَ صلاح کي "ستمي" چئبو آهي- اهڙيءَ طرح واپارين جا لفظ ۽ اصطلاح گهڻي ئي آهن.

١٦١- ڀائيبندن ۾ اڪثر راجا وڪرماجيت جو سنبت هلندو آهي، واپاري ڪمن لاءِ ڪٿي چنڊ جون تاريخون ۽ ڪٿي مهيني جا ٻه پک ليکيندا آهن. اونداهي پک کي "وَڌي" ۽ سهائي پک کي "سُڌي" سڏيندا آهن-مثلاً "چيٽ سُڌي پنچمي" اها ٿي چيٽ مهيني جي ڏين تاريخ، چاڪاڻ ته چنڊ ٻيج ڏيٺ تي اڀرندو آهي، ۽ مهيني جي ٻهرين تاريخ ٽيج ڏيٺ تي ٿيندي آهي؛ تنهنڪري پنچمي ڏيٺ ٿي ڏين تاريخ-اهين تاريخن ڄاڻائڻ جو نمونو به نرالو اٿن.

مردن ۽ زالن جي ٻوليءَ ۾ فرق

١٦٢- هندو ۽ مسلمان وري ٻه ڌار قومون آهن ۽ هندن ۾ عالمڪو پڪو ڌار ته ڀائيبندڪو ٻڪو ڌار آهي؛ پر خود پنهنجي گهر ۾ هرڪو هندو توڙي مسلمان جاچيندو ته معلوم ٿيندس، ته مردن جي ٻولي هڪڙي ۽ زالن جي ٻولي ٻي آهي. زالن جا ڪيترا لفظ، اصطلاح ٻاڪ پهاڪا ٻه پنهنجا- مثلاً ٻهڙي، سلي، نياڻي وغيره زنانا لفظ آهن- زنانا پهاڪا ڪيترائي آهن، جهڙوڪ:

(١) "منهنجي نياڻي، آتڻ آئي.

(٢) آءٌ ٻه ويندي ٻيڪي، مون به لهندي سڪ.

(٣) ٻيو سيڪي ٿيو باقي ڇٽڻ وسري ويو.
(٤) آڻ مرنديءَ ڀاڄ ٻيڪي (لاچار ڪي سپ روا).
(٥) ساهرا آهرا، ٻاهرا ڪندا، جسو پاسو وراءِ سو ڇنب ڇنب ڪندا.
(٦) رُني آهي کهوٽ سان، تني ڳالهائي ڳوٽ سان!

مردن ۽ زالن جي ٻوليءَ ۾ گهڻو فرق هن ڪري ٿيو آهي جو عام طرح نڪي مردن جي سٿ ۾ زالون ۽ نڪي زالن جي سٿ ۾ مرد ويهن ٿا. چوڻي به آهي ته ”زالون زالن جو ڪاڄ“. مرد مرداڻي ٻاريءَ ۾ ۽ زالون زناني ٻاريءَ ۾ گذارين ٿيون، ته سندن خيال جي رفتار ۽ ڳالهائڻ جو ڍنگ پنهنجي نموني ۾ ٿيو پوي. جتي ڏيتي- ليتي يا ٻيون اهڙيون رسمون آهن، تتي زالن جو هوش گوش انهن ڳالهين ۾ وڃيو پوي؛ تنهنڪري اهڙين ڳالهين سان لاڳاپو رکندڙ لفظ، اصطلاح ۽ پهاڪا پنهنجا جوڙين ٿيون. وهانءَ- وڏاڻ ۾ يا منهن- مرڪي تي هڪٻئي سان گڏجن مسجن ٿيون، ته هڪٻئي وٽان اهڙا لفظ، اصطلاح ۽ پهاڪا ٻڌن ٿيون جي پوءِ وٽن عام ٿيو وڃن. هنن تي نڪي انگريزي، نڪي عربي، فارسي يا سنسڪرت جو اثر ٿيو آهي، تنهنڪري سندين سنڌي جهڙي ٺيٺ ڇنڇي ٿهڙي آهي. اڄڪلهه جي ڇوڪرين کي سنڌيءَ جو اهو ماڻو اڪثر ڪونهي- باقي ٻولي ٻڌين جيئا! گهڻو ڪري ڳالهائين ٿي رڳو اصطلاحي سنڌي ۽ لپ لپ تي پهاڪي جو ٻه ٽڪا ٻيو ٻوندوس- اسان جا هاري به واهه جي سنڌي ٿا ڳالهائين! انهن جي ٻوليءَ

اهڙي چيدي آهي، جو جيڪر چئجي ته "ساهت جو سينگار، ٻهراڙيءَ جي گفتار"۹.

هر ڪنهن جي پنهنجي ٻولي

١٢٣- ٻولي کي جيڪڏهن اڃا به وڌيڪ باريڪ طرح جاچبو، ته معلوم ٿيندو ته جيئن سڀڪنهن ماڻهوءَ جو مهانڊو ۽ هلت چلت جو نمونو پنهنجو پنهنجو آهي، تيئن هرهڪ ماڻهو جي ٻولي ۽ اکرن لکڻ جو نمونو به پنهنجو پنهنجو آهي؛ مثلاً جيڪڏهن اسين پنهنجي ڪنهن ياءَ پراڻي يا ڪنهن واقف جو ڳالهائڻ ٻڌنداسين؛ ته ٻڌڻ تي جهٽ سڃاڻي ڪنداسين، ته فلاڻو ٿو ڳالهائي. ساڳيءَ طرح سندس اکر به سڃاڻي سگهنداسين، ته هي فلاڻي جا اکر آهن. جيڪڏهن سندس ڪو ليک اخبار ۾ پڙهنداسين ته مضمون منجهان ئي سهي ڪري سگهنداسين، ته اهو ليک فلاڻي جو آهي؛ ڀوءِ ڀل ته انهيءَ ليک تي سندس صحيح ڀيل به نه هجي. اهڙيءَ طرح هر ڪنهن جي ٻولي پنهنجي پنهنجي آهي- جيتوڻيڪ سندس ڀائرن ۾ ڀين ذاتيائن کان ٻولي گهڻو ڦريل نه آهي- هي ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته سڀڪنهن ماڻهو کي ٻوليءَ تي هڪجيترو ضابطو ڪونهي. ڪو ٻوليءَ مان گهڻو واقف هوندو ته ڪو ٿورو؛ جنهن کي جنهن آهر لفظ، اصطلاح ۾ پهاڪا ايندا هوندا، سو انهي آهر ڪم آڻيندو. اهڙو ماڻهو جدا جدا ڳالهين بابت مضمون لکندو، ته به ٻولي اهائي ڪم آڻيندو، يا ڪيس ايندي هوندي. جدا

جدا مضمونن ۾ ٻه ساڳيا ساڳيا لفظ ۽ اصطلاح مضمون جي مد نظر تي ڪم آڻيندو. لکڻ جو ڍنگ ٻه هر ڪنهن جو پنهنجو پنهنجو آهي، تنهنڪري، اهڙي ماڻهوءَ جي ڪم آندل ٻولي ۽ ڍنگ مان سهي ڪري سگهبو آهي، ته هيءُ مضمون فلاڻي جو لکيل آهي- اهي ڳالهيون ڪٿي چئبو ته 'جيترا آهن ماڻهو، تيتريون آهن ٻوليون'. پر ٻوليءَ جا اهڙا سنها تفاوت خيال ۾ نه رکي، ٻوليءَ جا ننڍا دفعا (آڀياشائون) ٺهرائيندا آهن.

(Vocabulary or Word-stock)

لفظن جي ورڇ

١٦٤ – سنڌيءَ ۾ جيڪي به لفظ ڪم اچن ٿا، تن کي چئن دفعن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: (١) تتسم (٢) تدڀو (٣) ديشي (٤) وديشي. پهريان ٽي نالا اصل پراڪرت نحوين ڪم آندا هئا، جي هاڻ يورپي توڙي ڏيهي عالم ڪم پيا آڻين؛ ۽ چوٿون نالو اسان پنهنجو گڏيو آهي، جو سنڌي ۾ ڪيترا وديشي يعني ڌارين ملڪن جا لفظ به اچي ويا آهن.

Tatsama تتسم

١٦٥ – "تتسم" يعني لچ سنسڪرت لفظ، جي سنڌيءَ ۽ ٻين ڏيهي ٻولين ۾ ٻجنسي، يا جيئن جو تيئن، ڪم اچن ٿا. جهڙوڪ: ندي، ڪوي معنيٰ شاعر، راجا، ڪرپا معنيٰ ٻاجهه، ديا معنيٰ ٻاجهه، يا رحم، چنتا معنيٰ ڳڻتي، ڪايا معنيٰ سرير يا جسم، ۽ سندر معنيٰ سهڻو. اهڙا ٺيٺ سنسڪرت لفظ جي قديم زماني کان وٺي سنڌيءَ ۾ اچي ويا آهن؛ يا ويجهڙائيءَ ۾ ساڳيءَ سنڌيءَ ۾ ڪم آڻڻ لڳا آهن؛ تن کي "تتسم"* سڏجي ٿو؛ جنهن جي اکري معنيٰ آهي "اُن جهڙا" يعني سنسڪرت جهڙا يا عُوبهو سنسڪرت.

---

* "جيٺيءَ ۽ ڪنجر ۾ سم ڏسي پڳوان." (سامي)
"سم" معنيٰ ساڳيو يا هڪجهڙو. ("تتسم" لفظ ۾ تت= tat
'The Same as it i.e. Sanskrit= تتسم .Same = سم ۽

١٦٦- سنسڪرت "ڌيان" Dhyana بدران ڇئون "ڌيان" Dhiyanu ۽ "سندر" Sundara بدران ڇئون "سندر" Sundaru معنيٰ سهڻو. اهڙن سنهن تفاوتن ڪري عالمن اهڙن لفظن کي اڌو ڳاڀرا تتسم Semi-Tatsama سڏيو آهي. لفظن ۾ ڦيرڦارئين ائين ٿورو ڦير پوندو آهي ۽ پوءِ وڌيڪ ڦيرڦار ٿيندي آهي، ته "تتسم" ڦري "تدڀو" ٿي پوندا آهن.

١٦٧- سنسڪرت لفظ "ڌرم" ۽ "پريم" جا اچار پاليءَ ۾ ڦري ٿيا "ڌم" ۽ "پيم" (صفحو ٤٧) پر هاڻ اسين وري ساڳيا نج سنسڪرت لفظ ڌرم ۾ پريم ڪم آڻيون ٿا، جي پاليءَ واري زماني کان پوءِ وري چالو ٿيا. اهڙيءَ طرح ڪيئين نج سنسڪرت لفظ آهن، جي هڪ واريءَ گويا مري ويا، سي هاڻ وري نئون جنم وٺي ٻوليءَ ۾ آيا آهن. اهڙن نج سنسڪرت لفظن کي عالمن "هاڻوڪا تتسم" Modern Tatsama سڏيو آهي، ڇاڪاڻ ته اهي ويجهڙائيءَ ۾ سنسڪرت مان اڌارا ورتا ويا آهن- اها به ٻوليءَ کي پرپور يا مالا مال ڪرڻ جي هڪ وات آهي.

تدڀو Tadbhava

١٦٨- "تدڀو" لفظ جي اکري معنيٰ آهي "آنهيءَ جي ڀاءَ يا سڀاءَ جهڙا" (Of the nature of it)، يعني ٻجنسي سنسڪرت نه، پر انهيءَ (سنسڪرت) جهڙا. جهڙوڪ:

تتسم	تدڀوَ	تتسم	تدڀوَ
سُوريه	سُورج، سج	چندر	چنڊ
اَشتر	اَٺ	ڪوڪل	ڪوئل (ڪوڪي)
اَشٿان	آٿڻ	درشن	ڏسڻ
سُتر	سُٽ، ماٽ	پُترِ putra	پٽ Son
وياپار	واپار	لوهڪار	لوهار، لوهر

سنڌي ٻوليءَ ۾ مکيه لفظ آهن ئي اهڙا تدڀوَ لفظ، چاڪاڻ ته قدرت جي عام شين ۽ ساهوارن جا نالا، روزمره جي ڳالهين سان لاڳاپو رکندڙ لفظ، مٽي ماڻهي، واپار ۽ ڪرت ڪار وغيره جا لفظ- مطلب ته اهو سڀ ذخيرو يا مال، جنهن تي ٻوليءَ جي پيڙهه ٻڌجي ٿي، سو گهڻو ڪري سڄو سنسڪرت مان ورتل آهي، ۽ اهي ئي تدڀوَ لفظ نج لفظ سڏجن ٿا.

”آئون نه ڳڌي پريءَ کي، تون ٿو لهين سچ!
آئون جي ڏينهه سڀها، نيڻي پريان ڏج“ (شاهه)

هي سڀ سنڌي لفظ آهن. اهڙا تدڀوَ لفظ جيڪڏهن ٻوليءَ مان ڪڍي ڇڏبا، ته چئبو ته ٻوليءَ جو خاتمو ٿيو. سنڌيءَ ۾ جيڪي عدد، ضمير ۽ حرف جر آهن، سي گهڻو ڪري سڀ تدڀوَ آهن. ٻوليءَ مان جيڪڏهن رڳو حرف جر (کي، ۾، تي سان، لاءِ وغيره) ڪڍي ڇڏجن، ته جملا جوڙي ڪين سگهجن- اهي ڳالهيون ڏٺي چئبو ته ٻوليءَ

جو اصلوڪو ۽ سچو ٻچو خزانو آهي نج سنڌي لفظ آهن.
ڪي سنڌي لفظ ٻين ٻولين ۾ به عام آهن (صفحو ٧٤)؛
پر اسان جا اُچار ڌار علحدا؛ انهن اچارن مان ٻڌان ڌي
ٻروڙي سگهبو آهي، ته اِها آهي اسان جي مادري زبان،
جنهن جي شعر جي شيرينيءَ هندن توڙي مسلمانن کي
موهت ڪري ڇڏيو آهي.

١٦٩- ڪن سنسڪرت لفظن جي صورت ايتريقدر
بگڙجي ويئي، جو سڃاڻڻ ڌي مشڪل. مثال:

سنسڪرت		سنڌي
ڀتار سوسري	يعني ڀيءُ جي ڀيڻ	ڦُڦي، ڦڦي
ماتر سوسري	" ماءُ جي ڀيڻ	ماسي
ڀگني پتي	" ڀيڻ جو مڙس	ڀيڻيويو
شيالي و وڌ ر	" ساليءَ جو مڙس	سنڍڙو
ڀراتر جايا	" ڀاءُ جي جوءِ	ڀاڄائي
شيت ڪال	" ٿڌو وقت	سيارو
آشنہ ڪال	" گرم وقت	اونهارو

سنسڪرت "شوشره" (Shvashurah)، پراڪرت "سسر" (Sasura)، ۽ هندي "سسرا"؛ انهيءَ "سسرو" لفظ جو
اچار سنڌي ۾ آهي "سهرو" (Father-in-law)، ته ڪي
پلجي اڻين ڀيا ڀانئين ته اهو عربي لفظ صهرو آهي. حقيقت
ڪري سهرو (سسرو) لفظ نهايت قديم آهي ۽ پالي ٻوليءَ
۾ به آهي، جا عيسوي سن کان هزار کن ورهيه اڳي چالو

هئي (صفحو ٣٩). اهڙا روزمره ڪم ايندڙ لفظ صديـن کان ڪتب پيا اچن، ته ڪسي پيسي ويا آهن- ۽ مامي پڦي وغيره، جي اصل ۾ مرڪب لفظ آهن، سي هينئر ڇڙا يا ٻڪا لفظ ٿيا پائنجن،

١٧٠- تدڀَو لفظن مان ڪي آڳاٽا ته ڪي هاڻوڪا آهن- جهڙوڪ سنسڪرت لفظ ”هردي“ مان هينئون، هنڌانءِ ۽ هيج لفظ ٺهيا آهن (صفحو ٥٩ ۽ ٦١) اهي آڳاٽا تدڀو چئبا. اهو ساڳيو ”هرديه“ لفظ وري چالو ٿيو ته اچار ٿيس هردو- ردو، ۽ معنيٰ ساڳي اٿس- اهي هاڻوڪا تدڀو چئبا.

”هردو دنيادار جو پاهڻ کان ٻه ٻري.“

١٧١- سنسڪرت لفظ ”ونش“ ڦري ”ٻانس“ ۽ ”ونجهه“ ٿيو آهي- کهڙيءَ ٻه ٻانس جي ڪاٺيءَ کي ”ٻانس“ چئبو؛ ۽ ”ونجهه“ اها ٻانس جي لٺ آهي، جنهن سان ٻيڙي هلائين ٿا- اهڙيءَ طرح ڪن سنسڪرت لفظن ٻه-ٻه، ٽي-ٽي، ٻلڪ وڌيڪ صورتون ورتيون آهن، ته ڪن جي معنيٰ ۾ به ٿورو ٿورو ڦير ٿيو آهي.

١٧٢- ”ٿورا نه ٿورا، مون تي ماروئڙن جا.“ (شاهه)
مارئي چوي ٿي ته، منهنجن ماروئڙن جا احسان مون تي ٿورا ڪينهن“؛ يعني مون سان گهڻي ئي ڀلايون ڪيون اٿن- اهي ٻه لفظ هن ريت ٺهيا آهن:

(١) هتي پهريون ”ٿورو“ معنيٰ احسان يا ڀلائي، جو اصل ۾ سنسڪرت لفظ ستوڪ Stavaka آهي، ۽ اصل معنيٰ اٿس ”ساک يا ساراهه“. ڪنهن تي ٿورو ڪبو ته هو ضرور

احسان مڃيندي، اڳلي جي ساک ڪندو. اهو "ستوڪ" لفظ اول بگڙجي ٿيو "ٿوڪ"، ۽ ٻوءِ 'ڪ' حذف ٿيو ته باقي بچيو "ٿو"، تنهن جي پڇاڙيءَ "رو" پڇاڙيSuffix گڏي ڇڏيون "ٿورو".

(٢) ٻيو "ٿورو" معنيٰ گهٽ (ضد-گهڻو) اهو اصل سنسڪرت لفظ "ستوڪ" Stoka آهي، جنهن جو به اچار بگڙجي اول ٿيو "ٿوڪ"، ۽ پوءِ "ٿو" ٿيو آهي انهيءَ جي به پڇيان "رو" گڏي ڇڏيون "ٿورو" - مطلب ته سنسڪرت جي ٻن جدا لفظن بگڙجـــي سنڌيءَ ۾ هڪجهڙي صورت اچي ورتـي آهي؛ پـر معنيٰ ۾ فرق پڌرو بيٺو آهي.

(٣) ٽئين ٻنهي سنسڪرت لفظن جو اچار سنڌيءَ ۾ اول ٿيو "ٿوڪ"، ته اهو لفظ به اسان وٽ آهي:

"هيئڙون ڏجي حبيب کي، لڱ ڳڏجن لوڪ
ڪڏيون ۽ ڪروتون، اي پڻ سڪر ٿوڪ." (شاهه ڪريم)

يعني دل ڏجي پنهنجي پياري (سچي سائينءَ) کي، ۽ پنهنجا لڱ يا عضوا ڀلي ته لوڪ سان ڳڏجن؛ يعني ڀلي عام ماڻهن سان ڀلي ته رلمل ڪجي، پر چيت ۾ ڏيان ڏڻيءَ جو ڏارجي؛ مندر ۽ حجرا (مسجدون) به چڱيون شيون آهن. اهو "ٿوڪ" اصل سنسڪرت لفظ "ستوڪ" Stoka مان ڦريو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ٿورو؛ تنهنڪري ٿوڪ لفظ جي بنيادي معنيٰ ٿيندي "ٿوري شئي"- هتي معنيٰ "شئي"، ۽ "سڪر ٿوڪ" معنيٰ چڱيون شيون.

(٤) ”چانگا چندن نہ چرن، مَيا پيهن نہ موڪ،
اگر اوڏو نہ وڃن، ٽڪيو چڏين ٽوڪ.“ (شاهہ)

هتي بہ ”ٽوڪ“ معنيٰ چڱي يا لذيذ شئي ورتي وڃي ٿي- پر مصنف جي خيال موجب هيءَ ساڳيو ٻهريون لفظ ستوڪ Stavaka آهي، جنهن جي سنسڪرت ۾ هڪڙي معنيٰ آهي ساڪ؛ ٻي معنيٰ آهي ٻور جو جهڳٽو يا ڇڳو، ۽ اُن لاءِ اعليٰ لذيذ شئي آهي.

(٥) انهيءَ ساڳيءَ سنسڪرت لفظ ستوڪ Stavaka جي ٽين معنيٰ آهي ڏن، پدارٿ.

”ڏڙڪي ٻسي ٽوڪ، ٽيرڪي ٽڪير ۾ ٿئي.“ (شاهہ)

ڪونروءَ وٽ ليلا نَو لکو هار ڏٺو، تہ اهو ٽوڪ ڏسي هرڪجي ويٺي هئي- هتي ’ٽوڪ‘ (پدارٿ) نَولکي هار جي معنيٰ سان ڪم آيو آهي.

(٦) ”مون کي ڏيهان نڪتي، ٻہ-ٽي ٽوڪ ٽيا“.(شاهہ)

هتي ٽوڪ معنيٰ مند يا موسم: مارئي چوي ٿي تہ ’ٽر مان نڪتي (امرڪوٽ ۾ عمر سومري وٽ اچي قيد ٿي آهيان، تنهن کانپوءِ کي) ٻہ-ٽي مندون (سيارا ۽ اونهارا) ٿي ويون آهن‘هي ”ٽوڪ“ بہ اصل ۾ سنسڪرت لفظ ستوڪ Stavaka آهي، جنهن جي سنسڪرت ۾ چوٿين معنيٰ ”بيڙ“ بہ آهي، ڪهڙن ڏينهن جي بيڙي کي مُند يا موسم چئجي ٿو- اهڙيءَ طرح ڪيترائي لفظ جُون سنڌيءَ ۾ گهڻيون معنائون ٿيون آهن، اهڙا مثال ٻيا بہ ڪيترائي آهن.

١٧٣ سنسڪرت لفظ ”درشن“ جو اُچار سنڌيءَ ۾ آهي ”ڏسڻ“. هندو ماڻهو ڪا ناڪر جي موت يا ڪنهن مهاتما کي ڏسڻ وڃن، ته چون ته ”درشن ڪرڻ ويا هئاسين“. ڪنهن عزيز خويش لاءِ چون ته ”ڪيس ڏسڻ ويا هئاسين“ اهڙيءَ طرح ڪيترن نج سنسڪرت (تتسم) لفظن ۾ جيڪو ڌرمي يا عزت جو خيال سمايل آهي، سو تدڀو لفظن ۾ ڪونهي. مسلمان به انهن ”ڏسڻ“ بدران عربي تتسم ”زيارت“ ڪم آڻين ٿا.

(الف) جڏهن ڪو لفظ ڪم آڻڻ ۾ سٺو ٻڌو آهي، تڏهن ان جي بدران ٻيو ڪو لفظ ڪم آڻبو آهي-جهڙوڪ ڪنهن ٻار کي تپ ٿيندو، ته ماڻس چوندي ته 'سندس دشمنن کي تپ ٿيو آهي' يا 'سندس ويري تپيا آهن'، يا چوندي ته 'مڪالڙو آهي'. هن کي علم لغات جي صاحبن سڏيو آهي Pejorative tendency.

١٧٤-	سنسڪرت	سنڌي
	ڪشتهه=ڪوڙهه (اسم)	ڪوڙهيو ڪشتيو (صفت)
	Chhamanda ڇمنڊ	چڙهو چانڊ

هن ريت هڪ سنسڪرت لفظ مان ٻه سنڌي لفظ ٺهيا آهن؛ پر ٻئي گڏ ڪم آڻجن ٿا. 'ڪشتيو' ۽ 'چانڊ' ڌار ڪم نٿا اچن ۽ زائد يا بي معنيٰ لفظن جي دفعي ۾ ليکجن ٿا ساڳيءَ طرح ”آهرن ساهرن“ (سنسڪرت- آمڪ سنمڪ) مان 'آهرن' لفظ ڌار ڪم نٿو اچي.

٧٥ و— ”آپ گهاتي“ ۽ ”آب گهڙي“ ۾ ’آپ‘ ۽ ’آب‘ هندستاني لفظ آهن. ”ڪان پان“ ۽ ”ڪانو ٻينو“ معنيٰ ڪاڏو ٻيڻو. اهي به هندي (هندستاني) لفظ آهن.

(١) ”نيو غلغلو گرنار ۾ ته ڪو آناٿي آيو.“ (شاهه)
(٢) ”گل چنو گرنار جو پٽڻ ڏيو پيٽين.“ (شاهه)
(٣) ”اڪين سوئي اور ڪيو، ڪنين جو سئو م.“ (شاهه)

’آناٿي‘ معنيٰ رمتو فقير؛ ’پٽڻ‘ معنيٰ شهر، ۽ ’اور ڪڻ‘ معنيٰ سڄاڻڻ يا ڏسڻ-اهي گجراتي لفظ آهن. ”گربو“ (ناچ جو قسم) ۽ ”هڙتال“ (هٽ تاڙ) به گجرات طرف جا لفظ آهن، جي ويجهڙائيءَ ۾ اسان وٽ چالو ٿيا آهن. اهڙيءَ ريت ٻين ڏيهي آريه ٻولين جا ڏيو لفظ سنڌيءَ ۾ اچي ويا آهن. ٻوليءَ جي واڌاري جي اها به هڪ وات آهي (ڏسو صفحو ١٥٠).

ديشي لفظ

٧٦ و— ديشي يا ديسج* معنيٰ ديس ۾ ڄاول يا پيدا ٿيل. ديشي (ديسي يا ڏيهي) لفظ اهي آهن، جي آرين جي اچڻ کان اڳيئي ديس (هندستان) ۾ چالو هئا، يا آرين جي اچڻ کان پوءِ ديس ۾ چالو ٿيا؛ پر بنياد سنسڪرت مان نه اٿن. اهي ڪولن، سنٿالن، دراوڙن ۽ ٻين اصلوڪن رهاڪن جي ٻولي مان آڌارا ورتل ليکجن ٿا. جهڙي ديشي،

*ديس = ڏيهه + ج— جن = ڄڻڻ.
ديسج = Country-born.

لفظ سنسڪرت ۾ داخل ٿي ويا (صفحو ٢٠)، سي هاڻ سنسڪرت ڪري ليکجن ٿا. پر ويدن واري زماني کان پوءِ به دراوڙن وغيره مان لڙهه وچڙ هلندي آئي جنهنڪري پالي ۽ پراڪرت ۾ ديشي لفظ پاڻ گهڻا آهن ۽ سنڌيءَ ۾ تهانئين وڌيڪ، جو ملبار طرف مان سنڌ جو وڻج واپار گهڻو هلندو هو (صفحو ٢٣،).

(الف) ايلاچي، ڪونميرُ، ڪانجهي، ڪوهي، چاڙي، ۽ ڪاپارـ انهن بابت پڪ آهي ته اهي دراوڙي لفظ آهن. ناريل جي تاندورن مان ٺهيل ڪاپاري جون رسيون هندستان مان يورپ ڏي وينديون هيون، تنهنڪري دراوڙي لفظ "ڪاپار" اوڏهين عام ٿيو. انگريزيءَ ۾ چئون Coir گجرات ۽ سنڌ جا واپاري ۽ ميربحر چوندا هئا "ڪانبار"، جنهن جو اچار هاڻ "ڪاپارـڪاپارو" آهي. اهو "ڪانبار" لفظ، البيرونيءَ سنه ١٠٣٠ع ڌاري ڪم آندو آهي؛ تنهن مان سمجهجي ٿو ته سنڌ جو ملبار مان واپار انهيءَ کان گهڻو اڳي هلندڙ هو.

(ب) اُڙد معنيٰ ماتهه (دال جو قسم)، چنار معنيٰ ڪريل زال، ڪوٽ معنيٰ قلعو ۽ پڳڙي، ديشي لفظن جا مثال آهن؛ پر انهن بابت گهٽي پڪ ڪانهي، ته اهي دراوڙي ٻولين مان ورتل آهن يا نه.

٧٧:ـ ڪن ديشي لفظن مان سنڌي لفظ ٺهيا اٿون:

سنڌي	ديشي
البيلو	آلم ول

چڙ ڻي = چڙهي ٿو- چڙهڻ، چاڙهي، چاڙهه، چاڙهيڪو.
اُونگهڻي = ننڊ ڪري ٿو؛ اُونگهه = ڪوڙهي ننڊ، غشي.

١٧٨- ملبار سان لڳ، وچڙ هئڻ سبب آتي جي اِٽي ڏڪر راند سنڌ ۾ چالو ٿي. انهيءَ راند ۾ اسان جا ٻار دراوڙي (تيليگو) انگ ڪم آڻيندا آهن:

سنڌي	تيليگو	معني	سنڌي	تيليگو	معني
وڪٽ	اوڪٽ	هڪ	لٺن (لٺڌ)	ريندو	ٻه
مون (موندو)	ٻوڊ	ٽي	نار	نال	چار
آر	آر	ڇهه	وئي	ويهءVei	ڏهه

"ڪو" شايد تيليگو لفظ "اوڪ" (اوڪٽ) مان آهي- مطلب تہ اسان جا واپاري اهي انگ تمبروار جهٽي نہ آيا آهن. اِٽي ۽ ڏڪر ٻيئي سنسڪرت بنياد جا لفظ آهن*.

١٧٩- ديشي لفظن جي هڪ لغت "ديشي نام مالا" نالي هيمچندر آچاريہ جي جوڙيل آهي. ڊاڪٽر ڀنڊارڪر پنهنجن تقريرن ("ولسن فلالاجيڪل ليڪچرس"، صفحو ١٥٧) ۾ ديشي لفظن جي ذڪر ڪندي چيو آهي تہ 'جن لفظن کي ديشي سڏيو ويو آهي، تن مان ڪي سنسڪرت بنياد جا سمجهڻ ۾ اچن ٿا'- اهڙا ڪي مثال ٻہ ڏنا اٿس، جهڙوڪ:

ديشي	سنسڪرت
آجڊ = آجڙ (ويران)	آججول (اوجل) صفا (سيج)

*سنسڪرت "ويٽا"، مراٺي "وٽي"، سنڌي "اِٽي"؛ ڏنڊڪو؛ سنڌي "ڏڪر" ("ر" ٻچاڙي).

بلوچي	بليورڊ
ڦنسيءَ = ڦسلائي لو	ٻاشا = ڦاسي (ڦاسائڻ)
ڇامي = ڇاڄ، لسوي	تکر (فارسي تاشک)

اهڙيءَ طرح، ڪنهن وقت، ٻين ڪن ديشي لفظن بابت ثابت ٿئي ته اهي سنسڪرت بنياد جا آهن، ته انهيءَ ۾ عجب ڪونهي.

وديشي لفظ

١٨٠- وديشي يعني ڌارين ملڪن جا لفظ، جي سنڌيءَ ۾ اچي ويا آهن، تن جا مثال آهن:

يوناني- (١) يونان، يوناني (Greek) IONIAN.

(٢) ”ٻرمرام“ نالي ۾ ’ٻرمو‘- سنسڪرت ’ٻرشو‘ معنيٰ ڪهاڙو. يوناني pelekus.

(٣) ”دام“ معنيٰ ملهه يا نائو، ۽ ”درم“ هڪ ننڍو سڪو- سنسڪرت ”درمي“: يوناني drakhme؛ ’درم‘ جا بگڙيل اچار ’دم‘ ۽ ’داب‘ (دٻ) آهن.

(الف) ”پنجين ڏمين ڏم، ڪيڏجي ڪي سچڻين.“-(شاهه ڪريم)

يعني ڏٿيءَ پاڪ جي صدقي هڪ درم بدران پنج به پنهنجي ڪنڌيان ڪيڄن.

(ب) ”جي خزانا سؤ لئي ڪو اهل دنيا جو هزار،
فاهي تهڙو جهڙو ڏني مسڪين تو هڪڙي داپ.“

”ديوان گل“

(٤) "سرنگهه" لفظ اصل يوناني Surinks (Syrinx)؛ سنسڪرت ۾ ان جو اچار "سرنگ" آهي، اسان جا ماڻهو شايد يونانين کان سرنگهون هڻڻ سکيا هئا!

(٥) ميدي مان ٺهيل "ميدون"، اصل يوناني لفظ Semidalis؛ ان جو سنسڪرت ۾ اچار "سميد سميت" ۽ معنيٰ ڪڻڪ جو سنهو اٽو.

(٦) ٻغدي، ٻختي ۽ بلغاري [صفحو ٥٠].

عربي ۽ فارسي- هنن جو ذڪر ڏار ڪبو.

ترڪي- آغا يا آقا (سنڌي — "آڪو). آزڪ = تاتاري ترڪ، جي چنگيز سان آيا ۽ ڏاڍا ظالم ڪياڻون تنهنڪري "آزڪيون ڪرڻ" يعني ظالم جهڙي علت ڪرڻ يا آچاڻ. آردا بيگ مونث آودا بيگمي معنيٰ حرمسرا تي پهرو ڏيندڙ عورت. اوطاق (اُطاق، اوتاغ)، ايلچي، بندوق- بندوقچي، بورچي (باورچي)، بيگ معنيٰ حاڪم مونث بيگم چلمچي، چاق معنيٰ چڱو ڀلو (هاڻ لکن چاڪ- ڏسو شرت صاحب واري ڊڪشنري. اصل ترڪي اچار چاغ، جو اصل سنسڪرت لفظ چنگ، سنڌي چڱو- (چانگو معنيٰ اُٿ به انهيءَ سنسڪرت لفظ مان)، چوغو (چوغا- چوخا)؛ چق = پردو (دروازي جي اڳيان ٽنگڻ لاءِ- هاڻ لکن 'چڪ' چقمق، خان = حاڪم، مونث خانم، خچر (قاچر)، قليچ بيگ (قليچ = ترار)، قيطون = ريشم يا زريءَ جي ڪناري، جا زالون ڪپڙن کي هڻن؛ قينچي، ڪولي معنيٰ مزدور- اصل اچار "قلي" ترڪ لوڪ لڙائين ۾ دشمن جي لشڪر مان

جيڪي ماڻهو گرفتار ڪندا هئا، تن کان مزوري ڪرائيندا هئا، تنهنڪري ترڪيءَ ۾ "قُلي" جي هڪڙي معنيٰ قيدي ۽ ٻي معنيٰ مزور.

بلوچي- ڏسو ضمير ليون

پشتو- ڏسو ضميو چونون

مالايا- سهڳُو (چانور)

چينا- چاهه، چانهه rea (اصل چيني لفظ "شا").

يورپي ٻولين جا لفظ

١٨١- عيسوي پندرهين ۽ سورهين صديءَ ۾ پورچوگيز، ڊچ، فرينچ ۽ انگريز آيا (صفحو ١)؛ ۽ پوءِ انگريزن جو راڄ ٿيو ته ڪيئين لفظ سنڌيءَ ۽ ٻين ڏيهي ٻولين ۾ چالو ٿيا.

پورچوگيز- "آپوسي" Alphanso ۽ "پائري" Pires (بمبئي طرف جي انبن جا قسم)، پادري، پستول، پيپ (Pipa)، ڦيٽ (فتا)، ڪمرو معنيٰ ڪوٺي Camara، نيلام (لئيلام)، وغيره.

ڊچ- هتي راند ۾ جيڪي لفظ ڪم اچن ٿا، تن مان ڪي ڊچن جا آهن. جهڙوڪ ٽرپ(Trump (Troef، ۽ ڪاريان- لعل پان(Hearts (Harten

فرينچ- ڪارتوس (Cartouch) Cartridge لفظ فرينچن جي اچڻ وقت هندستان ۾ چالو ٿيو.

انگريز- انگريز، انگريزي، اردلي (Orderly)، آرماڙ (Armada)، اسٽامپ، اسپتال، اسٽيشن، اسڪرو،

اسڪول، ٻٽڻ (ٻيڙو)، ٻوتل (ٻاٽل)، ٻوراڪ (ٻمرڪ) بورڊ،ٻوٻو(Buoy)،لجوڙي(ڙ ٻيري)،ليڪٽس(ليڪٽ)،ليشن (سٽيشن)، ليڪس،(لڪس)،پتلون، پينشن، پلٽڻ(Platoon)، پئن (Pen)، جج، چاڪ، چاپ (شاپ)، درجن (ڊزن)، رپورٽ، رونگروٽ (Recruit)، سٽل (Settle)،اسڪول، سليٽ، ڪاليج، ڪرنل، ڪوچ،ڪپتان(ڪئپٽن)، ڪورٽ، ڪوٽ، ڳرمٽ (اڳريمينٽ)، ڪلاس، ماجسٽريٽ، ميڊم (مئڊم)، هنڊروٽ (Hundred-Weight) ۽ ٻيا اهڙا ڪيترائي لفظ آهن ۽ روزمره انهن جو تعداد وڌندو پيو وڃي.

لفظن جي موجودات Word-Stock

۱۸۲- سنڌي ڇهين جي ڇوٿين سبق ۾ لکيو اٿن ته

”انگريزي لفظن کان سواء سنڌي ٻوليءَ ۾ اٽڪل ويهه هزار لفظ آهن، جي هيٺين پٽاندر ورهايل آهن:

سنسڪرت سان لاڳاپو رکندڙ پراڪرت ٻولين مان	۱۲۰۰۰
ديسي	۲۵۰۰
فارسي	۲۰۰۰
عربي	۲۵۰۰
جوڙ	۲۰۰۰۰“

اهي سڀ انگ سراسر غلط آهن؛ اها غلطي هن منجهان ئي ظاهر آهي، ته سنڌي ڇهين ڪتاب جي انهيءَ ساڳئي سبق ۾ لکيل آهي، ته شاهه جي رسالي ۾ ويهه هزار کن لفظ

آهن"- هاڻ ويچار جي ڳالهه آهي ته شاهه جي رسالي ۾ ويهه هزار لفظ، ۽ سڄيءَ سنڌي ٻوليءَ ۾ به ويهه هزار لفظ! رسالي ۾ ڪچڙي، پاڙ، سيرو ۽ پوري لفظ به ڪم آيل آهن ڇا؟- نڌهن اهي انگ آيا ڪٿان؟

پڇائن مان معلوم ٿيو، ته ڪجھ ورهيه ٿيا، ته بمبئي سرڪار پڇا ڪئي، ته سنڌيءَ ۾ اٽڪل ڪيترا لفظ آهن. اهڙو تخمينو اڳي ٿيل ڪونه هو، تنهنڪري شرٽ صاحب واري ڊڪشنريءَ ۾ جيڪي لفظ لکيل هئا، سي ڳڻي رپورٽ ڪيائون-شرٽ صاحب واري ڊڪشنريءَ ۾ ڪل ٩٢٨ صفحا آهن، جن مان ڪنهن صفحي ۾ پندرهن-سورهن، ته ڪنهن صفحي ۾ ٽيهه-پنجيهه لفظ آهن. جيڪڏهن هرهڪ صفحي ۾ سراسري ايڪيهه-ٻاويهه لفظ ليکبا، ته سڄي ڊڪشنريءَ ۾ ويهه هزار کان لفظ بيشڪ اچي ٿيندا. ٻي ڳالهه ته شرٽ صاحب واري ڊڪشنريءَ ۾ ڪيترن هنڌ هرهڪ لفظ جي پٺيان چاڙهايل آهي، ته اهو سنسڪرت يا عربي بنياد جو آهي يا ديسي وغيره آهي. انهيءَ چاڙهايل ڳالهه، پٺاندر جيڪڏهن سڄي ڊڪشنريءَ جا لفظ ويهي ڳڻبا، ته متيون سورو تفصيل نڪري ايندو-مطلب ته سرڪاري رپورٽ لاءِ جنهن کي اهي انگ ڏيڻا هئا، تنهن ٻي ڪا واهه نه ڏسي، شرٽ صاحب واري ڊڪشنريءَ جا انگ چاڙهايا. انهيءَ وقت کان وٺي اها ڳالهه ڦهلي ته "سنڌيءَ ۾ فقط ويهه هزار لفظ آهن!" حقيقتؤن، ٻولي اٿاهه لٺي پيئي آهي ۽ گهر ويٺي لفظ جو تخمينو ٻڌڻ اهڙو آهي، جهڙو:

"سنڌي ماڪوڙي ڪوهه ۾ پيئي ڪٽي آب."
(شاهه ڪريم)

سنڌي وسيع ٻولي

١٨٣- سنڌي نهايت وسيع ٻولي آهي: سري جا لفظ هڪڙا، وچولي جا پيا، لاڙ جا وچائين ٽيان، ۽ ٿر جا ٽئهين کان اوڙا وري واپارين، ڪاسبين، حڪيمن وٽ لفظ ۽ اصطلاح ٻي پنهنجا. پسارين وٽ ڏسو ته سوين شيون: وڻ ٽڻ، گاهه ٻوٽا، گل ڦل، ڌوٽين جا ڏٿ ۽ ٻيون انيڪ شيون آهن، جن مان ڪيترين جا نالا ڪنهن به ڊڪشنريءَ ۾ ڏنل ڪين هون-ڪراچيءَ جي هڪ پيرمرد مهاڻي ڳالهه ڪئي، ته مڇيءَ جا سوا سؤ ڪن قسم ڏٺل اٿرا جهڙوڪ: سرمائي، سينٽري، راڏوس، دوٿر، منگرو، گوج، ڪر، ڏانگري، پلو، ڪيو، ڏيرو، جهينگا، گانگٽ (جن کي مانا ۽ هڪم به چون)، وغيره-"سنڌ گزيٽيئر" ۾ ڄاڻايل آهي ته 'سنڌ جي اڳوڻي ڪمشنر جيمس صاحب پکين جي ذاتين جا چار سؤ ڪن نالا ڪٺا ڪيا هئا'. هيئن به لکيل آهي ته 'سنڌ ۾ نانگن، بلائن ۽ ٻين سرڻن ۽ جيتن جون ايتريون ذاتيون آهن، جو رواجي طرح جيڪر ڪو اعتبار ڏي ڪون ڪري ته سنڌ ۾ ايترا بيشمار جيتن جا قسم آهن' انهن کان سواءِ مالدارن جا لفظ جاچيوسين ماڻهو عام طرح 'ڳانءِ'، 'ڳئون' ۽ 'ڏڳي' لفظ ڪم آڻيون ٿا پر مالدار ماڻهو انهن ٻن لفظن تي راضي نٿو ٿئي

سندس ڳاڻه جي تازي ويائل هوندي، ته ان کي ”سوئا“
سڏيندو؛ جيڪڏهن ڳاڻ کير ڏيڻ ٻهل ڪيتو ڪندي،
ته ان کي ”ڪَٽر“ سڏيندو؛ جيڪڏهن ڪا ڳاڻ وهڪي
ويندي ۽ کير ڏيڻ ٻنهي ٻند ڪري ڇڏيندي، ته ان کي
”ڦنڊي“ سڏيندو؛ جيڪڏهن سندس ڳاڻ يا مينهن کي
سڱ نه هوندا، ته ان کي ”روڏي“ سڏيندو؛ جيڪڏهن
ڪنهن مينهن جا سڱ وريل يا ڀيڄدار هوندا، ته ان کي
”ڪنڍي“ ڪوٺيندو. ساڳيءَ ريت، اسين سيڪنهن قسم
جي ڪاني کي ”ڪانو“ ڪوٺيون ٿا؛ پر ڪيتري ڪنڌڙ
اُئين نٿا ڪن: سارين يا چانورن جي ڪاني کي ”پلال“،
جوئر ۽ ٻاجهريءَ جي ڪاني کي ”ڪڙٻ“، ۽ ڪڻڪ
جي ڪاني کي ڪي ”ڪانگڙي“ ته ڪي ”ناڙ“ ڪوٺين
ٿا. رڳو ڪنهن ڪُهه وٽ وڃي ويهو ته هاري ناري نار
جي هر هڪ ساز لاءِ اوهان کي لفظ ٻڌائيندو- هي سڀ
ڳالهيون سنڌيءَ جي شاهوڪاريءَ جي ساک ڀرين ٿيون.
وسيع يا پرتو ٻولي چئبو ئي انهيءَ کي آهي، جنهن ۾
هڪ معنيٰ لاءِ گهڻا لفظ ۽ هڪ لفظ جون گهڻيون
معنائون هجن، ۽ جا اصطلاحن ۽ محاورن، تشبيهن، استعارن
۽ پهاڪن سان ڀرپور هجي- نه فصاحت ۽ بلاغت سان
هرڪو مضمون چئي يا لکي سگهجي. وسيع ٻوليءَ ۾
هم قافيه يا تڪياڻي لفظ به جهجها هوندا آهن، ته نظم
چوڻ يا لکڻ مهل منجهي نه ويهجي. رڳو شاهه جو
رسالو ڪڻي ڏسو ته منجهس ڇا پلٽ پلٽي پيئي آهي!
اُٺ ۽ اُٺن جي قسمن لاءِ منجهس ڪيئين لفظ آهن:

ٻوتو يا دوبو، بور، پوُر، توڏو، چانگو، ڪرھو، ليڙو، ميو، وغيره- ”آٽ“ لاءِ ايترا لفظ انگريزيءَ ۾ نه ڪينهن. پھلوان ۽ جنگي جوان لاءِ به ڪيترائي لفظ ڪم آيل آھن: بھادر، پھلوان، پاڻوُ، وريام، وير، مانجهي، جهونجهار، کڳارو (ڪڙڳ يا ترار مارينڌڙ، شمشير زن)، وغيره. رسالي ۾ جيتري تجنيس حرفي Alliteration آھي، اوتري انگريزي شعر ۾ به ڪانهي. ھيءَ ڳالهه خود چاٽائي ٿي، ته سنڌيءَ ۾ لفظن جي ڪمي ڪانهي. مرحوم ديوان ڏيارام گدومل جا جوڙيل نثر جا ڪتاب ”شريمد ڀاڳوت گيتا“ ۽ ”يوگ درشن“ ۽ ڪي ليک، خاص ڪري ساميءَ جي سلوڪن جو ترجمو ۽ رباعيات عمر خيام جوتا ترجمو، پڙهي ڏسو ته سنڌس نثر مان هاڻوڪن ڪيترن شاعرن جي نظم کان به وڌيڪ مزو پيو اچي. هن صاحب کي ٻوليءَ تي ڪلي ضابطو هو، تنهنڪري پنهنجن خيالن کي عمدو لباس ڏيکاري سگهيو ٿي- اهي ٻوليءَ جي شاهوڪاريءَ جا اهڃاڻ آهن: ٻولي جيڪڏهن ڪنهن ڳجي ها ته مصنف جيڪر منجهي پيهن ها.

١٨٤- ڪيترن انگريزي خواندن جي دلين تي اهو وهم ويٺل آهي، ته سنڌي هڪ ڪنهن آهي، جنهن ۾ پورا لفظ ڏي ڪينهن، جي گهرج مهل ڪم اچي، پنهنجا خيال پوريءَ ريت ظاهر ڪري سگهجن! اهو سچ آهي، ته انگريزي ٻولي انيڪ قسمن جي لفظن سان ڀرپور آهي، ۽ ڪيترن انگريزي لفظن لاءِ اسان وٽ سنڌيءَ ۾ پورا لفظ ڪينهن؛ پر هيئن به ڏٺو ويو آهي، ته ڪيترن

انگريزي لفظن لاءِ سنڌيءَ ۾ بلڪل ڀورا ۽ ٺاهوڪا لفظ موجود آهن، جن جي انهن جوانن کي سڌ ڪانهي. ٻيون ڪيتريون سائنسون ڇڏي ڏيو، باقي علم نباتات (Botany) جي ته اسان جي ماڻهن کي ايامن کان سڌ هئي. ڪنهن سنڌي مالهيءَ سان ڳالهائي ڏسو، ته هڪڙي هڪڙي انگريزي لفظ لاءِ اوهان کي بلڪل پورا پورا لفظ ٻڌائيندو. جهڙوڪ: ڳڀرڻ Ovary، ڳڀ Ovule، گل جو منڍ، چوٽو، يا گوئنٽ Corolla، پنکڙي يا پانکڙي Petal-Sepal پراڳ يا رج pollen؛ مادي دار pistil ۽ نروار Stamen — منطق توڙي بجليءَ سان لاڳاپا رکندڙ لفظ، "سالبو" Negative، موجبو Postitive، وڄ پرواهڪ Lightning Condutor، ۽ ٻيا آهن. جيڪڏهن انهن جوانن کي هيڙن ٺاهوڪن لفظن جي سڌ ڪانهي، ته اهو ٻولي جو نه، پر سندن ئي قصور ليکبو.

١٨٥ — هيءَ ڳالهه به ياد رکڻ گهرجي، ته ڪنهن ٻوليءَ جو پاڙ يا ذاتي ڍنگ Genius پنهنجو پنهنجو آهي. انهيءَ سبب انگريزيءَ ۾ جنهن نموني ڳالهه ڪرڻي هوندي، تنهن ساڳئي نموني سنڌيءَ ۾ ڪرڻ مشڪل ٿيندي. ساڳيءَ ريت سنڌيءَ وارو رنگ ڍنگ پوريءَ طرح انگريزيءَ ۾ آڻڻ اوکو لڳندو. اسان جا ڪيترا جوان جڏهن ڪو سنڌي مضمون لکڻ ويهن، تڏهن اول دل ۾ سڄو گهاٽ انگريزيءَ ۾ گهڙين، ۽ جنهن مهل اهو سنڌيءَ ۾ آڻڻ چاهين، تنهن مهل ڪين گهٽي ڏکيائي ٿئي ٿي؛ ۽ پوءِ ڏوهه لڳائي سنڌيءَ تي وجهن ۽ چون

تہ سنڌي ڪتل ٻولي آهي! حقيقتوُن، خيال ٿي سنڌيءَ ۾ ڪرڻ گهرجي؛ تہ پوءِ پورا پورا لفظ، جي ٻڙهيل يا ٻڌل هوندا، سي پاڻمرادو دل تي تري ايندا ۽ وقتي نون عمدن لفظن جوڙڻ جو خيال بہ پيدا ٿيندو. انهيءَ نموني اختيار ڪرڻ سان جملا وڌيڪ سهٹا ۽ نزاڪت ڀريا ٿيندا، ۽ دل گهريو اثر بہ پيدا ڪندا. پر، جيڪڏهن سنڌيءَ سان گڏ انگريزي لفظ ڪتب آڻبي، ڳالهہ جي پورائي ڪبي، تہ اصليت چٽ ٿيندي، يعني نون عمدن لفظن جوڙڻ جو خيال پيدا نہ ٿيندو. اٽين آثار تي هلبو تہ ٻوليءَ کي ڌڪ پهو لڳندو ۽ ترقيءَ ڪرڻ بدران ٻوٽي بہ پوندي ويندي.

١٨٦- انگريزيءَ ۾ جيڪي وڏيون ڊڪشنريون آهن، تن ۾ جملي ڏي لک کن لفظ آهن- جيئن ايمرسن صاحب جي جوڙيل انگريزي ٻوليءَ جي تاريخ ۾ ڄاڻايل آهي. هن وقت سنڌ سرڪار جي پاران جيڪا نئين سنڌي لغت ٺهي پيئي، تنهن ۾ رکو 'الف' سان شروع ٿيندڙ لفظ پنج هزار کن ٿيندا؛ سڄي تيار ٿئي، تہ پوءِ ڪل جوڙ جي ڪل پوي. انهيءَ هوندي بہ ڪنهن بہ ردڪد جي خطري ڌاران ايترو اڳواٽ چئي سگهجي ٿو، تہ سنڌي ٻولي صفاتي لفظن ۾ بلڪل پرپور آهي؛ باقي سائنس جي لفظن ۽ ذاتي اسمن جو گهڻو زور ڪونهيس، سائنس جا ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪبا، تہ ساڳيا انگريزي لفظ ڪم آڻٹا پوندا، يا عربي ۽ سنسڪرت مان مدد وٺٹي پوندي؛ ڪن حالتن ۾ پنهنجا لفظ جوڙڻا پوندا.

ڪيترا لفظ ويجهڙائيءَ ۾ جڙيا به آهن، جهڙوڪ: انگريزي لفظ Thermometer لاءِ اڳي عام طرح "مقياس الحرارت" چوندا هئا: هاڻ ڦيرائي ڪيو اٿن "حرارت پيما" يا "گرمي ماپ". ساڳيءَ طرح Barometer لاءِ اڳي "مقياس الهوا" لفظ ڪم آڻيندا هئا: هاڻ چون "هوا ماپ". انهيءَ نموني "پاڻي ماپ" Hydrometer، "پنڌ ماپ" Pedrometer، ۽ ٻيا ڪي لفظ جوڙيا اٿن. مولر، ڊرام، بس، ۽ ٻيون اهڙيون شيون جي ويجهڙائيءَ ۾ چالو ٿيون آهن، تن لاءِ اهي ساڳيائي لفظ ڪم اچن ٿا، ته انهن جو ڦيرو به سنڌي نموني ٿئي ٿو- جهڙوڪ جمع ۾ چئون مولرون، ڊرامون ۽ بسون. جرمنيءَ جي پهرينءَ جنگ وقت به ڪي نوان لفظ ٺهيا، جهڙوڪ: هوائي جهاز ۽ زير آبي Sub-marine سنڌ جي اخبار نويسن به ملڪي ڳالهين سان لاڳاپو رکندڙ ڪي لفظ جوڙيا آهن- جهڙوڪ:

سنڌي	انگريزي	سنڌي	انگريزي
آپيشاهي	Autocracy	لوڪشاهي	Democracy
شاهوڪارشاهي	Plutocracy	قدامت‌پسند	Conservative
اِنتها پسند	Extremist	اعتدال پسند	Moderate

اهڙيءَ طرح، سنڌي ٻولي ڪجهہ ڪجهہ واڌارو ڪندي پيئي هلي. تہ بہ ايترو چئبو، تہ اڃا پنهنجن ڀين ڀينرن (هندستاني، گجراتي وغيره کان) گهڻو پٺتي پيل آهي.

سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد

١٨٧- سنڌ ۾ الڪل اٽڪل ٿيهه لک آدم آهي؛ جنهن مان پورا چوڏهن لک کن ماڻهو چاوا ته ٺهنا سنڌ ۾ آهن ۽ انهن جي مادري زبان سنڌي آهي، جنهن هندن توڙي مسلمانن کي ملائي، گويا هڪ ڪٽنب جو ڀاتي ڪري ڇڏيو آهي. سنه ١٩٣١ع واري آدمشماريءَ جي برخلاف هلچل هلائي هئي، جنهنڪري ڪيترن سندو واسين داخلائون ڪونه ڪرايون هيون- انهيءَ هوندي به ايترو چئبو ته هلڻ آدم ڪهڙو وڏيل آهي.

٨٨ – سنڌيءَ ٻوليءَ جو ڳچ جيترو خزانو سندس اصطلاحن ۽ پهاڪن ۾ سمايل آهي. اڪثر انهن ۾ نج سنڌي ڪم آيل آهي. هن وقت تائين فقط ڏيڍ هزار ڪن پهاڪا ڇپجي پڌرا ٿيا آهن. مصنف هيستائين ايترا ٻيا به ڪٺا ڪيا آهن، پر پهاڪا اجا گهڻا آهن ۽ منجهن وڏي فيلسوفي سمايل آهي. پهاڪن ڪم آڻي ڪري مضمون سلوڻو ۽ سوادي ٿئي ٿو، ۽ ساڳئي وقت انهن مان سڌ پوي ٿي ته جنهن ملڪ ۾ اهي چوڻ ۾ اچن ٿا، تنهن جي ماڻهن جا مذهبي يا ڌرمي خيال، پنگتي رسمون ۽ ٻيا دستور ڪهڙا آهن- جهڙوڪ:

(١) "لکيو منجهه للاٽ قلم ڪياڙيءَ نه وهي"- هي پهاڪو ڄاڻائي ٿو ته اسين سنڌي ماڻهو تقدير يا قسمت کي مڃون ٿا، ۽ ائين ڄاڻون ٿا ته ڌڻيءَ جي ٻاران جيڪو ٽڪو هوندو، سو اوس ٿيندو.

(٢) "پرائي امانت ڌرتي به نه ٻوڙي"- هيءُ پهاڪو ڏيکاري ٿو ته اڳي جڏهن بئنڪون ڪين هيون، تڏهن اسان جا ماڻهو ڌرتيءَ ۾ ڌن پوريندا هئا، ۽ ڌرتي سندين رقم ڪائي ڪانه ويندي هئي. هيءُ پهاڪو سيکاري ٿو ته "امانت ۾ خيانت نه ڪجي"- اهڙيءَ طرح پهاڪن ۾ وڏي فيلسوفي سمايل آهي؛ ۽ ساڳئي وقت اهي اسان جي تهذيب يا سڀيتا جو آئينو آهن؛ يا اجا به هيئن چئجي

ته "ٻوليءَ ۾ اسان جي جيوت جي آتم ڪهاڻي (Autobiography) سمايل آهي!"

اصطلاحن جو بنياد

۱۹۹- ڪي اصطلاح، ڪن ڳالهين (تاريخي وغيره) تي ٻڌل آهن- جهڙوڪ:

(۱) ڳالهه ڪندا آهن ته هڪڙو واڻيو، واهه اڪرندي گهوڙي سوڌو پاڻيءَ ۾ ڪري پيو. پئسن جي هڙ توبري ۾ پيل هيس، سا پاڻيءَ ۾ لڙهي ويس: تنهنڪري، "رقم ٿي توبري ۾"، "هڙئي هلاڪ"، "پئسا ئي پاڻيءَ ۾"- اهي اصطلاح عام ٿيا.

(۲) ميان عبدالنبي ڪلهوڙي جي وقت ۾ مددخان نالي هڪ پٺاڻ وڏي لشڪر سان سنڌ ۾ اچي ڦُرلٽ ڪئي، ۽ ڪيترن شهرن کي جلائي ٻورو ڪيائين. انهيءَ سبب هن وقت "مدد" لفظ عام طرح "آفت" يا "مصيبت" جي معنيٰ سان ڪم اچي ٿو- جهڙوڪ چون ته "توتي ڪهڙو مدد پيو؟ يعني توتي ڪهڙي مصيبت پئي؟ (ڏسو "آزبڪ"، صفحو ۱۸۰).

(۳) اڳي ڏاڙيل اڪثر ڀلن گهوڙن تي چڙهي ايندا هئا- جيئن هاڻ به ڪن ٿا- ته ڦرلٽ جي مال ڍوئڻ ۽ جلد ڀڄي وڃڻ ۾ سولائي ٿئي. ڏاڙيلن، ماڻهن کي اهڙو ڏڪائي ڇڏيو هو، جو اڃا رڳو سندن گهوڙا پريان ايندا ڏسندا هئا،

ته ”گهوڙا گهوڙا“ ڪندا هئا. اُئين واڪا ڪري ٻين کي سڏ ڏيندا هئا ته ”ڌاڙيلا اچي پيا“. انهيءَ ڪري ”گهوڙا گهوڙا ڪرڻ“ اصطلاح ٿيو، ۽ معنيٰ ٿيس ”زور سان دانهون ڪرڻ“ (قريل ماڻهوءَ وانگر). ڪي چون ته اهو اصطلاح به مدد خان پٺاڻ جي ڦرلٽ ڪرڻ سبب نهيو؛ پر ائين نه آهي. مدد خان پٺاڻ ۽ ميان عبدالنبي ڪلهوڙي جي وقت کان گهڻو اڳ شاهه عبداللطيف ڀٽائي (جنم ٢٦٨٩ع) ٿي گذريو آهي، تنهن به اهو ”گهوڙو“ لفظ اصطلاحي معنيٰ سان هن ريت ڪم آندو آهي:

”ڪ تو ڪنين نه سڻيا، جي گهٽ اندر گهوڙا“. (شاهه)

هتي به ”گهوڙا“ معنيٰ هڪلون، دانهون يا زور پريا آواز (ضمير يا ووڪ جا). ڌاڙيلا ماڻهن جو اکر نگر چٽ ڪري ويندا هئا، ته اها ماڻهن لاءِ هڪ وڏي آپدا يا مصيبت ٿيندي؛ تنهنڪري ”گهوڙو“ لفظ جي ٻي اصطلاحي معنيٰ ”آفت يا مصيبت“ به آهي. ٻيٽ ٻاراتي ڏيندي به هاڻ چون: ”شل گهوڙا پونس“!.

”گهوڙن هنئين سيڪا، اُئن هنئين آن،

جانيهن ڳنهندي نانءَ، سا مون جڻن پوندي مامري“. (شاهه)

هتي سسئي چوي ٿي ته ’گهوڙن جون هنيل يا مصيبت جون ماريل گهڻيئي آهن، پر مون تي آڻ (گهوڙن کان به وڏا جانور) اچي پيا، جي منهنجو پنهون ڪٺي ويا!

ڊيمس صاحب واري بلوچي ٻوليءَ جي لغت ۾

”گهوڙو“ لفظ جي معنيٰ آهي ”سوارن جي ڏوالي“. هن مان ظاهر آهي ته بلوچستان ۾ به ڏاڙيلا، گهوڙن تي چڙهي، ڦرلٽ ڪرڻ ويندا هئا، جنهنڪري ”گهوڙو“ لفظ جي معنيٰ ٿي. سنسڪرت لفظ ”گهوٽڪ“ اصل دراوڙي لفظ) جو اچار سنڌيءَ ۾ ڦري ”گهوڙو“ ٿيو آهي.

ڀاڪن جي پيڙهه

۱۹۰- ڪي ڀاڪا ڪن ڳالهين (تاريخي وغيره) تي ٻڌل آهن، جهڙوڪ:

(۱) ”ڪنن جي ڳالهين ميربجر کي مارايو“. ميان عبدالنبي ڪلهوڙي جي وقت ۾ جوڌپور جي راجا ٻه راجپوت پنهنجا ايلچي ڪري موڪليا، جن ميربجر سان ڪَن سَن ۾ ڳالهين ڪندي، کيس قتل ڪيو.

(۲) ”آيا مير، ڀڳا پير“- فئلن صاحب جي هندي ڀاڪن جي ڪتاب موجب، ”آئي مير، ڀڳي پير“ جو بنياد هن ريت آهي:

”امروهه جي شهر ۾ ميرانجي نالي هڪ شخص هڪ جادوءَ جو ڏيو لڌو، جنهن جي وسيلي هن ڪيترا ڪرامت جهڙا ڪم ڪيا؛ جنهنڪري هڪ وڏو پير ڪري پوڄيندا هئس. هاڻ هو آني جي ڪن ماڻهن ۾ اچي واسو ڪندو آهي. امروهه ۾ ٻيا به ڪي پير- جهڙوڪ زين خان ۽ ننهي ميان- ماڻهن ۾ واسو ڪندا آهن؛ پر چوڻ ته جڏهن مير (ميرانجي) اچي، تڏهن ٻيا پير ڀڄي وڃن، جو هو ڪانئس وڏيڪ ڪلا وارو هو-

هاڻ ٻهاڪي جي معني ته "جڏهن ڏاڍا مڙس اچن، تڏهن هيٺا سندن اکيان بيهي ڪين سگهن".

هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته هيءَ ٻهاڪو سنڌ جي ميرن ۽ پيرن (ڪلهوڙن) بابت نه آهي، جيئن ڪي غلط طرح سمجهندا آهن. هيءَ ٻهاڪو هندستانيءَ مان ورتل آهي- اهڙيءَ طرح ٻيا به ڪيترا اڌارا ورتل ٻهاڪا سنڌيءَ ۾ آهن.

اُڌارا ورتل ٻهاڪا

١٩١- **هندي يا هندستاني**- (١) آپ ڪهاتي ڀهاپاوي، (٢) ايڪ پنٿ دو ڪاج، (٣) ٻڙا ڪهاوڻ ٻڙا دک پاوڻ، چوٽي ڪا دک دور (٤) تم ٻي راني، مين ٻي رانيءَ ڪؤن ڀريڪا پاني.

ڪي ٻهاڪا هنديءَ مان ترجمو ٿيل آهن:

"نادان بات ڪري، دانا قياس ڪري." (هندي)

"اياڻو چوي، سياڻو ويچاري." (سنڌي)

سنسڪرت- ڪي ٻهاڪا سنسڪرت مان ترجمو ٿيل آهن:

(١) يٿا راجا تٿا پرجا = جهڙو راجا تهڙي پرجا (رعيت).

(٢) يٿا ديوا تٿا ڀڪتا = جهڙو گرو تهڙا چيلا.

(٣) يٿا لاڀ سنتشٽ = جڙي ڪي جس (جيڪي ملي تنهن تي راضي).

سرائڪي- (١) آپ نه ڀالي، ٻالي ڏوڻ، (٢) ڪيتي مرسيتي، (٣) اپني ڳهوٽ تسه نشا تبوڻي (٤) لڳي

هوندي نه ڪَل پوندي نه ته ٻچ لڳيان واليان نون،
(٥) ٿون آ ڪيسين، مين نه مڇيسان؛ مٿن بازي ڪٿي (٦)
شينهن ته ڏٺڪيا، ڏيک ٻلاڙاءِ چور نه ڏٺڪيا، ڏيک سونارا
يعني جيڪڏهن شينهن نه ڏٺو هجيئي ته ٻِلو ڏس ۽ جي
چور نه ڏٺو هجيئي، ته سونارو ڏس.

پارسي- (١) آهه غريبان قهر خدائي، (٢) يڪ تندرستي هزار نعمت، (٣) مفت را چه بايد گفت.

ڪي پهاڪا پارسيءَ مان ترجمو ٿيل آهن:

(١) دو برادر سوبه حساب = ٻه ڀائر ٽيون ليکو.
(٢) خود کرده را علاجي نيست = پنهنجي ڪيتي جو نڪو ويج نڪو طبيب.
(٣) پسر بيوه را چون شود بخت يار، دهد داغ روغن به غلم جوار = رن ٻڄ جو وري ڀاڳ، ته ڏيئي جوار ٻَت کي داڳ (داغ).
(٤) آمد براء آخگر چون مطبخه نشست = آئي ڏانڊي کي، بورچاڻي ٿي ويئي.

عربي- ڪي عربي پهاڪا پارسيءَ جي معرفت آيا آهن، ۽ ڪن جو سڌو عربيءَ مان ترجمو ٿيل آهي- جهڙوڪ:

(١) عربي- التعجيل فعل الشيطان.
پارسي- که تعجيل کار شيطين بود.
سنڌي- تڪڙ ڪم شيطان جو.
(٢) عربي- سنون الکلابا لحم الحمار.
سنڌي- ڪتي جا ڏند، گڏه جو ماس.

انگريزي- ڪي پهاڪا انگريزيءَ مان ترجمو ٿيل آهن:
(١) ڳدڙ ڌاڪ نه پڄي آکي ٿو کٽا. Grapes are Sour
(٢) ڏڪريءَ کي ڄڻيا سوڙ ڄائو ڪڻو.
Mountain in labour.
(٣) ڇڙيءَ (لڪڻ) جو صرفو ڪيو، ته ٻار ڪريو.
Spare the rod and Spoil the child.
(٤) پائيءَ تي ڀڪائي، ٿوڻ تي ناداني.
Penny wise, pound foolish.
(٥) جت روشني ۽ هوا، تت ڪانهي ڪانگهه طبيب جي.
Where light and air enter, the doctor doesn't

عربيءَ جو خاندان

١٩٢ - عربي ٻولي ”سيميٽڪ“ خاندان مان آهي، جنهن مان ”هيبرو“ يعني عبراني يا يهودين جي ٻولي، سريا يا شام جي ٻولي ”ڪئلڊيا“، ۽ ايشيا جي ڏکڻ-الهندي طرف جون ٻوليون پيدا ٿيون آهن. انهن ٻولين جو خاندان يا ڪل هڪڙو آهي، تنهنڪري سياويڪ طرح نحوي بناوت ۾ هڪٻئي سان مشابهت رکن ٿيون، ۽ ڪيترا لفظ ساڳيا اٿن* سنسڪرت ٻولي، جنهن مان سنڌي، هندي، گجراتي، وغيره ٻوليون پيدا ٿيون آهن سي آريہ ٻوليون آهن، ۽ انڊو-يوروپين خاندان جون ٻوليون ليکجن

---

* آخر، آدم، رضا، عمل، علم، عمق (اونهائي)، عميق (اونهو)، فتح، فراق، فعل، قي (الٽي)، ۽ ٻيا اهڙا ڪيترا لفظ، جهڙا عربيءَ ۾ تهڙا عبرانيءَ يا يهودين جي ٻوليءَ ۾ آهن.

حساب، غيب، طعنو، قصر (محلات يا ماڙي)، فم (وات)، ۽ قرناني (شرناني) لفظ، ڪئلڊي ٻوليءَ ۾ به آهن.

هوا ۽ نازل لفظ ارم ملڪ جي ٻوليءَ ۾ به آهن- اهڙا ٻيا ڪئين مثال جان شيڪسپيئر واري هندستاني ڊڪشنريءَ ۽ ٻين ڪتابن مان ملي سگهن ٿا.

ٿيون، تنهنڪري سنڌيءَ جو عربيءَ سان ڪوبہ جڳري ناتو ڪونهي، پر عربيءَ جو مٿس اثر ٿيو آهي- اهو ڪيئن ٿيو ۽ ڪيتريقدر ٿيو، تنهن لاءِ اول ڪجهہ تاريخي احوال ڏجي ٿو، تہ سڄي ڳالهہ سمجهڻ سولي ٿئي.

اڳاٽن عربن تي آرين جو اثر

٩٣- قديم زماني ۾ وچ ايشيا کان وٺي ايران ڏانئين آرين جون ٻيلڪون هيون (صفحو ٧). آرين وانگر عرب بہ ٺاڪرن کي پوڄيندا هئا. قرآن شريف ۾ ٽن بتن- منات، عزيٰ ۽ لات- جا نالا ڄاڻايل آهن.

”ڳالهين منجهان تان ڪين ٿئي، پيچ اوت عزالات کي،
سڄل ڇو روئين ايترو، بس ڪر برسات کي.“
(سچل)

هتي ’عزيٰ‘ ۽ ’لات‘ نالا ڪم آيل آهن.

عربن ۽ آرين جي پاڻ ۾ گهڻي لڙهہ وچڙ هئڻ سبب، ڪي سنسڪرت لفظ عربيءَ ۾ اچي ويا- جهڙو صندل (Sandal) ۽ ڪافور (Camphor)، اصل ۾ سنسڪرت لفظ چندن ۽ ڪپور آهن. ”ڪافور“ لفظ قرآن شريف ۾ بہ ڪم آيل آهي. ويدانت ۽ تصوف يا صوفي مت بہ ساڳيائي آهن، ۽ اها هڪجهڙائي بہ انهيءَ لڙهہ وچڙ سبب آهي، پر، وارا ڇمارا آهن: هينئر ڏسو تہ ڪيئن عربن جو اثر ايران ۽ سنڌ جي آرين تي ٿئي ٿو؟

عربستان ۾ اسلام ۽ آتساهہ

٩٤- سنہ ٥٧٠ع ۾ حضرت محمد (صلعم) مڪي شريف ۾ پيدا ٿيو. ڪچيءَ ڄمار کان وٺي پنهنجي پاڪ نفسي،

خلق ۽ فياضيءَ جي ڪري مشهور ٿيو ۽ پر اسلام جي تعليم ڏيڻ شروع ڪيائين، ته عربن پنهنجون اڳوڻيون ريتون رسمون ڇڏڻ واجب نه سمجهي، سندس گهڻي مخالفت ڪئي: ـ ماڻس اهتريقدر اچي پاتائون، جو سنه ٦٢٣ع ۾ هجرت ڪري مديني شريف ڏي وڃڻو پيس ـ مسلمانن جو هجري سنه انهيءَ هجرت واري واقعي کان وٺي شروع ٿئي ٿو ـ انهيءَ وقت حضرت ﷺ کي پنهنجي جيءَ کي جفائون ۽ ذليل کي ڏاڪڙا ڏيڻا پيا، نه به پنهنجي ارادي تي ثابت قدم رهيو. انهيءَ ثابت قدميءَ نيٺ سندس من جي مراد پوري ڪئي: عربن پوءِ خوشيءَ سان اسلام اختيار ڪيو ۽ حضرت ﷺ کي ڏڏي پاڪ جو رسول ڪري مڃڻ لڳا. پيغمبر صاحب سڄهن نئون ساهه ڦوڪيو، ته ايترو آنساهه جاڳي، جو ٻين هنڌ به اسلام جو جهنڊو کڙو ڪرڻ ويا. اسلام اختيار ڪرڻ کان پوءِ اٽڪل هڪ سؤ ورهين جي اندر ايران، سنڌ، ايشيا ڪنڊ جو گهڻو ڪري سمورو الهندو طرف، مصر ملڪ ۽ آفريڪا جو اتر وارو پاسو فتح ڪندا، فرانس تائين به ڪاهي ويا ـ ٽوئرس Tours وٽ جيڪڏهن شڪست نه اچي ها، ته سڄو يورپ پنهنجو ڪري ڇڏين ها.

ڪاغذن جوڙڻ جو هنر

٩٥ ـ "انسائڪلوپيڊيا برٽنيڪا" مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪاغذن يا پنن جوڙڻ جو رواج، چين ولايت ۾، عيسوي سنه شروع ٿيڻ کان اڳي هو. سنه ٧٥١ع ۾ عربن سمرقند

(پارس جارهاڪو) لڌي، هندستان ۾ گجرات طرف اچي رهيا، جنهنڪري هينئر سندين مادري زبان گجراتي آهي. عربن جي ڪاهه وقت ايران ۾ پهلوي يعني پهلوُ (پرٿوَ - آرين) لوڪن جي ٻولي چالو هئي. انهيءَ پهلويءَ تي عربيءَ جو ايترو اثر ٿيو، جو اها رفتي رفتي ڦري هانوڪي عربيءَ آميز پارسي ٻولي ٿي پيئي.

(الف) پارسيءَ جا ٽن قسمن جا درجا آهن: قديم، وچولي، ۽ آخرين. قديم پارسي دارا بادشاهه جي وقت جي ٻولي آهي، ۽ وچولي "پهلوي" آهي؛ آخرين درجي واري پارسي Classical persian اها آهي، جا اڄڪلهه اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پاڙهڻ ۾ اچي ٿي. پارسي ۽ سنسڪرت آريه ٻوليون آهن ۽ هڪٻئي کي گهڻو ويجهيون آهن (صفحو ۵ ۽ ۸).

عربيءَ جو سنڌيءَ تي اثر

۱۹۹- سن ۷۱۱ع ۾ عربن سنڌ فتح ڪئي اهو سڀاڳ آهي ته جڏهن ڪا ڌاري قوم ڪنهن ملڪ تي غالب ٿيندي آهي، تڏهن انهيءَ ملڪ جا رعيتي ماڻهو، فتح ڪندڙ حاڪمن جي عام طرح پيروي ڪندا آهن: اول ڌاريءَ قوم جا لفظ، روزمره جي محاوري ۾ اچي ويندا آهن، انهيءَ کان پوءِ رعيتي ماڻهو سندين پوشاڪ، کائڻ پيئڻ جا نمونا، آتَ - ويهه جا قاعدا ۽ ٻيون ڳالهيون اختيار ڪندا آهن؛ ڪي ته انهن جو دين به اختيار ڪندا آهن- مطلب ته عام قاعدو هيءُ آهي ته ڌاريءَ قوم جو اثر پهريائين پهريائين ٻوليءَ تي، ۽ سڀ کان

ايران ۽ پارسي

۱۹۷- پرشيا کي "ايران"* چئبو آهي ۽ اُتي جا رهاڪو پاڻ کي "ايراني" سڏائين ٿا ۽ سندن ٻوليون بہ ايراني ٻوليون سڏجن ٿيون (صفحو ۸). "پرشيا" مان "پرشن" (Persian) لفظ ناهيو اٿن، جنهن جي معنيٰ آهي "پارسي" يا "فارسي"؛ پر اصل ۾ اها سڄي ايران جي ٻولي نہ آهي. اها اصل ايران جي ڏکڻ پرڳڻ مان فقط پارس يا فارس نالي هڪ پرڳڻي جي ٻولي آهي: پر انهيءَ پرڳڻي ۾ عيسوي سنہ کان ڇهہ صديون اڳي ڪياني بادشاهہ (Achaemenian Kings) دارا وغيره (۳۳۰ کان ۵۰۰ ق. م)، ۽ عيسوي ٽين صديءَ ۾ ساساني بادشاهہ (Sasanian Kings) پيدا ٿيا، جي سڄي پرشيا (ايران) جا والي ٿيا، تہ سندين ٻولي "پرشن" سڏجڻ ۾ آئي، جا درحقيقت فقط پارس پرڳڻي جي ٻولي آهي (صفحو ۸) عربيءَ ۾ "پ" اکر ڪونهي، تنهن ڪري عربن پارس ۽ پارسي لفظن جا اچار ڦيرائي فارس ۽ فارسي ڪيا.

عربن جي ايران تي ڪاهہ

۱۹۸- سنہ ۶۳۴-۳۷ ڌاري عربن ايران تي ڪاهہ ڪئي. اُن وقت ايران جي پارس پرڳڻي مان ڪيترا پارسي

* "Iran, Eran, Airan the Airiyana, of the Avesta. is the land of the Aryans."

Edward G. Browne: "*A Literary History of Persia*," *p. 4.*

وقت سچو ٿهو ڪري ٻوي ۽ پن پن ڪان ڏار ٿي وڃي، تنهنڪري پوج وڻن جا چوڏا انهن پنن جي مٿان پڌو يا جلد ڪري ڪم آڻيندا هئا. انهن چوڏن توڙي پنن جي آرپار تنگ ڪري انهيءَ ڌنگ مان ڌاڳو لنگهائي، ڳنڍ ٻڌي ڇڏيندا هئا، ته سڀئون سولو ڪتاب ٿي پوندو هو. ان کي سڏيندا هئا "گرنٿ"، جنهن جي سنسڪرت ۾ هڪڙي معنيٰ آهي "ڳنڍ" ۽ ٻي معنيٰ "ڪتاب" (جنهن کي ڳنڍ ڏنل هجي). سنڌيءَ ۾ "گرنٿ" جو اچار بگڙجي "گرٿ" ٿيو آهي.

"ٻڌي گوڏ گرٿ، ساڻو هٿجي سور جو" (شاهه)
هتي گرٿ (گرنٿ-گرنٿي) معنيٰ ڳنڍ (ناٿي جي).

سنڌيءَ ۾ "گرنٿ-گرنٿي" جو اچار ڦري "ڳنڍ" ۽ ٿيو آهي. سکن جي گرن جي ٻاڻي جنهن ڪتاب ۾ لکيل آهي، تنهن کي ادب ۽ عزت وچان "گرنٿ صاحب" سڏجي ٿو؛ نه ته اصل معنيٰ اٿس "ڪتاب"، ۽ پوءِ خاص طرح معنيٰ ٿيس "گرن جي ٻاڻيءَ جو ڪتاب". ساڳيءَ طرح مسلمانن جو پاڪ ڪتاب، "قرآن" يا "القرآن" (قرءَ معنيٰ پڙهڻ) ۽ "مصحف" يا "المصحف" (صحف معنيٰ لکيل پرت) سڏجي ٿو؛ پر انهن پنهي لفظن جي بہ اصطلاحي معنيٰ آهي "ڪتاب" ۽ اهو "الڪتاب" The Book سڏجي ٿو؛ انهن لفظن کي ڪي خاص معنائون ملي ٿيون- هاڻ اچو ٻولي جي ڳالهہ تي.

تي ڪاهيو، ته چين جو لشڪر ساهون ٿين. عربن ڪي چينائي قيد ڪيا، جن پنن جوڙڻ جو هنر سيکارين. عربن پوءِ اهو هنر هندستان ۽ يورپ کي سيکاريو. هندستان جي ماڻهن اهو ٿورو لاهي ڇڏيو، جو حسابي علم ۽ ٻيا ڪي علم عربن کي سيکاريائون- عربيءَ ۾ حسابي علم کي چون ٿي ”علم هندسہ“، جو اهو علم هندستان مان پراڻو هئائون.

١٥٦- آڳاٽن آرين کي ويدن جا منتر ۽ ٻي ٻاڻي ڪنٺ هوندي هئي، ۽ انجو ڦهلاءُ پيڙهيءَ ٻه پيڙهيءَ حافظي جي وسيلي ڪندا هئا. شروع ۾ عرب ٻه ائين ڪندا هئا؛ لکڻ جو هنر ٻه هون. سنڌي لفظ ”لکڻ“ ۽ انگريزي لفظ Write جي اصل معنيٰ هئي ”کرڙڻ يا اُکرڻ“- اکي پٿر، ٽامي وغيره تي اکر اُکريندا هئا؛ اهو دستور گهٽو هوندو هو. اکي هيٺن ٻه ڪندا هئا جو کجيءَ جا ويڪرا پن، جن مان وچٿيون ڏهن ٿيون، تن تي لکندا هئا؛ جنهنڪري سنسڪرت لفظ ”پتر“ ۽ انگريزي لفظ leaf جي هڪڙي معنيٰ آهي وڻ جو پن ۽ ٻي معنيٰ آهي ”پرت“ يا ”ورق“ (ڪتاب جو)؛ خود ”ورق“ لفظ جون ٻه اهي ٻه معنائون آهن.

سنسڪرت لفظ ”پتر“ جو اچار سنڌيءَ ۾ ڦري ٿيو آهي ”پرت“. هندستان ۾ گهڻا، ڀوج پترن يعني ڀوج وڻ Birch tree جي پنن تي لکندا هئا، ۽ اهي ٻن هڪٻئي جي پٺيان رکندا ويندا هئا؛ پر متان ڪنهن

پوءِ دين يا ڌرم تي ٿيندو آهي. پر، سنڌ جي حالت ۾ قصوئي ٻيءَ طرح ٿيو: عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ سان هزارها هندو اسلامي دين ۾ داخل ٿيا، جنهنڪري اول اثر ڌرم تي ٿيو. عربن ڪيترن هنڌ مسجدون جوڙايون ۽ نون مسلمانن کي نمازون سيکارڻ ۽ قرآن شريف پاڙهڻ جو بندوبست ڪيائون. پارسي تاريخ نويسن چاڻايو آهي ته ڪيترا نوَمسلم شوق سان عربي ٻولي لکڻ ۽ پڙهڻ سکيا. ابو عطا نالي هڪ سنڌي شاعر، عيسوي ٺائين صديءَ ڌاري بغداد ۾ وڃي رهيو ۽ عربيءَ ۾ جيڪو شعر چيائين، سو خود عربستان جي شاعرن به ساراهيو آهي. اهڙيءَ طرح سنڌ جي ٻين ڪن عالمن به عربيءَ ۾ ڪتاب لکيا، جي اڄ تائين موجود آهن ۽ مصر جي ”جامع ازهر“ (ازهر يونيورسٽي، قاهره) ۾ درسي ڪتابن طور پاڙهيا وڃن ٿا*. پر مٿي اڳيئي چيو ويو آهي (ڏسو صفحو ٦٢) ته عربن جي ڪاهه وقت سنڌ ۾ وراچڊ اپڀرنش چالو هئي، سنه ۱۱۰۰ع ڌاري سومرن جي صاحبيءَ ۾ ڦيري هاڻوڪي سنڌي ٻولي ٿي (صفحو ۷۲)- هن حقيقت مان چڱيءَ طرح سمجهڻ ۾ ايندو ته عربيءَ جو جيڪو به اثر سنڌ جي ٻوليءَ تي ٿيو هوندو، سو وراچڊ اپڀرنش تي، يعني هاڻوڪي سنڌي ٻوليءَ جي ماءُ تي. انهيءَ اپڀرنش پراڪرت ۾ لکيل هڪ ڪتاب به موجود ڪونهي. تنهنڪري، چئي نٿو سگهجي ته

---

* مسٽر محمد صديق ميمڻ: ”سنڌ جي ادبي تاريخ“، صفحو ٤٠.

انهيءَ تي عربيءَ جو ڪهڙو ۽ ڪيترقدر اثر ٿيو- هن ڳالهه تي وڌيڪ روشني وجهڻ لاءِ ڪي تاريخي حقيقتون ڇاڻائجن ٿيون.

٢٠٠- سنه ٧١١ع ۾ عربن سنڌ فتح ڪئي، ۽ ١٣- ٧١٢ع ڌاري ملتان به ورتائون. انهيءَ وقت کان وٺي، اموي خلافت پاران، سنڌ ۾ نائب مقرر ٿيا. محمد بن قاسم جنهن سنڌ فتح ڪئي، سو انهيءَ وقت ڌاري گذاري ويو. سندس وفات کان سگهوئي پوءِ سنڌي ماڻهن، عربن سان جنگيون جوٽي، گهڻو ڪري سنڌ جو سڄوئي پرڳڻو موٽي پنهنجي قبضي ڪيو. خليفن جي نائبن جي هٿ ۾ رڳو ڪراچي ضلعي جي لاڙ وارو پاڳو "ديبل ٺٽي کان وٺي سمنڊ تائين" رهيو*. انهن نائبن جي حڪومت ٧١١ع کان وٺي ٧٤٩-٥٠ع تائين يعني اٽڪل چاليهه ورهيه هلي. "تحفة الڪرام" موجب انهيءَ عرصي اندر برهمڻ آباد ۾ دلوراءِ، ۽ پنيور (تعلقي ميرپور ساڪري) پنيوراءِ جو راڄ هو. هن مان ظاهر آهي، ته ڪراچي ضلعي واري لاڙ مان به ميرپور ساڪري وارو پاسو هندن جي هٿ ۾ هو. اموي خليفن جي پاران منصور بن جمهور سنڌ ۾ هو، تنهن برهمڻ آباد کان ٿورا ميل پري هڪ شهر ٻڌايو هو، جو سندس نالي پٺيان "منصوره" سڏبو هو. مطلب ته عربن جي هٿ ۾ سنڌ جو رڳو ٿورڙو ٽڪر شهدادپور طرف هو، باقي ٻي سموري سنڌ، سنڌي ماڻهن موٽي هٿ ڪئي هئي.

*Henry Cousens: "Antiguities of Sind", p. 29.

۲۰۱- سنه ۷۵۰ع کان وٺي عباسي خلافت جو زمانو شروع ٿيو، ته انهيءَ گهراڻي وارن پنهنجا نائب سنڌ ۾ موڪليا. منصور بن جمهور انهن نون نائبن کي سامهون ٿيو، پر پوءِ شڪست کائي ٿر ڏي ڀڄي ويو، جتي پاڻيءَ جي اڻاٺ سبب، اڃ ۾ عاجز ٿي، ساهه ڇڏيائين*- هن مان ظاهر آهي ته منصور بن جمهور رڳو حڪومت جي واڳ پنهنجي هٿ ۾ رکڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي ۽ عربي ڦهلائڻ يا عربي علم ادب کي زور وٺائڻ جي ڪوشش ڪانه ٿي ڪيائين. حقيقت به هن طرح آهي ته ان وقت جيڪي مسلمان نه هئا، سي جزيي واري ڏل ڀري، پنهنجي جان ۽ مال جي حفاظت جو بار خليفن تي وجهندا هئا. اهي هندو "ذمي" سڏبا هئا، يعني اهي رعيتي ماڻهو جن جو بچاءُ حڪومت جي ذمي هوندو هو. ايلفنسٽن صاحب پنهنجي جوڙيل تاريخ ۾ انهيءَ سبب خليفن جي گهڻي ساراهه ڪئي آهي، جو ڪيترن هندن کان رڳو جزيو وٺي ڪين هندڪي ڌرم ۾ رهڻ ڏنائون ٿي- مطلب ته عربي سکڻ لاءِ ڪوبه ٻڌل ڪونه هو.

۲۰۲- بني عباس گهراڻي وارن خليفن جي ڏينهن ۾ عراق ۾ ڪي بغاوتون ٿيون هيون، جنهنڪري هو پنهنجي ئي مونجهاري ۾ هئا ۽ سنڌ ڏانهن پورو ڌيان ڏيئي نٿي سگهيا. اهو وجهه وٺي سنڌ جو پرڳڻو سولائيءَ سان سولي ٿيو خودمختيار ٿيو*- حاصل مطلب ته سنه ۷۱۱ع

*"سنڌ گزيٽيئر"، جلد پهريون، صفحو ۹۱.
*Major General Haig: "Indus Delta Country", p.7:

ڪان وٺي، سنڌ مان هندن جي صاحبيءَ جو صفا خاتمو ٿي ڪونہ چڪو هو، جيئن ڪي غلط طرح سمجهندا آهن. حقيقت تہ پاڻ هن طرح آهي، تہ گهڻو ڪري سموري سنڌ هندن موالي هٿ ڪئي هئي؛ باقي رڳو ڪراچي ضلعي جي لاڙ وارو ٿورو ٽڪر ۽ هاڻوڪي نوابشاهہ ضلعي ۾ شهدادپور جي ڀرسان، برهمڻ آباد جي ويجهو، منصوره جو شهر عربن جي هٿ ۾ هو. تنهن ڪري، عربيءَ جو جيڪو بہ اثر ٿيو هوندو، سو انهيءَ ٿوريءَ ايراضيءَ ۾؛ ۽ نہ سڄيءَ سنڌ تي: انهي بہ رڳو ڪي ٿورا عربي لفظ چالو ٿيا هوندا ۽ ٻوليءَ تي گهڻو اثر ڪونہ ٿيو هوندو، جو خود هاڻوڪي سنڌي انهيءَ ڳالهہ جي ساک ڀري ٿي، جيئن اڳتي هلي ڄاڻائبو.

۲۰۳- ٿر جي سوڍن راجپوتن جي دستخط احوالن مان معلوم ٿئي ٿو، تہ وڪرمي سنبت ۱۰۵۴ يعني ۹۹۶ع ڌاري الور، امرڪوٽ ۽ ننگرپارڪر، مارواڙ جي راجا ڌرڻي براهہ جي هٿ ۾ هئا، ۽ پٽس جو ڪراج امرڪوٽ ۾ راڄ تي ڪيو- هن مان ظاهر آهي تہ الور جو شهر، جو عربن جي ڪاهہ وقت سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ هو، سو بہ انهن راجپوتن پنهنجي قبضي ڪري ڇڏيو هو، ۽ خليفن جي نائبن جو زور ڀڃي ويا هئا.

۲۰۴- سنڌ جي باقي رهيل جن ڀاڱن ۾ خليفن جا نائب هئا، تن بابت بہ ڪجهہ حقيقت ملي ٿي: ميجر جنرل هيگ پنهنجي ڪتاب ”انڊس ڊيلٽا ڪنٽري“ جي صفحي ٽيهتر ۾

چاڙهيو آهي ته 'سنڌ جي لاڙ واري ڀاڱي ۾ "پُراڻ"*
طرف جيڪي هندو (راجپوت) حاڪم هئا، سي جيتوليڪ
خليفن جي پاران مقرر ٿيل هئا، ته به خودمختيار ٿي پئي
گذاريائون'- هن مان هيڪاري چٽيءَ طرح ظاهر آهي ته
خليفن جي پاران ڪي هندو نائب به هئا ۽ انهن تي عربيءَ
جو ڦهلاءُ هرگز ڪونه ڪيو هوندو. سنڌ جي تاريخ ۾
هيئن به لکيل آهي ته 'سن ۱۰۲۴ع ۾ محمود غزنويءَ
سنڌ مان خليفن جي نائبن کي ڪڍي ڇڏيو ۽ سنڌ جو
ٻرڪڙو دهليءَ جي بادشاهن جي هٿ هيٺ رهيو، ته به
حڪومت جون واڳون انهن راجپوت حاڪمن جي هٿ
۾ هيون. انهن پوءِ اهڙو ته زور ورتو جو سڄيءَ سنڌ
۾ سنڌين (راجپوتن) جي صاحبي ٿي، جا سومرن جي
صاحبي سڏجي ٿي.

سنڌ ۾ سومرن جي صاحبي

۲۰۵- سومرا اصل هندو راجپوت هئا، جيئن يورپي
عالمن کوجنائون ڪري ظاهر ڪيو آهي. سنڌين صاحبيءَ
۾ سن ۱۱۰۰ع ڌاري، وراچڊ اپڀرنش-پراڪرت ڦري
هاڻوڪي سنڌي ٻولي ٿي (صفحو ۸۰ ۽ ۸۱). ان وقت

* "پُراڻ" معنيٰ پراڻو درياهه- اڳي 'مهراڻ' يا
'هاڪڙو' ڏيکڻي تعلقي جي ڏکڻ ڏي هاڻوڪي ديري
پراڻ جي پيٽ مان وهندو، لکپت ڏي ويندو هو.
ميجر جنرل هيگ: "انڊس ڊيلٽا ڪنٽري"، صفحو ۷۳.

جو هڪڙو بہ سنڌي ڪتاب موجود ڪونهي؛ نڪي ڪنهن شعر جون مصراعون ملي سگهن ٿيون.

عيسوي ٻارهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ جڏهن شهاب الدين غوريءَ کي پرٿويراء تي فتح حاصل ٿي، تڏهن انهيءَ وقت چند بردائي نالي هڪ چارڻ "پرٿيراج رسو" نالي هڪ ڪتاب لکيو هو (صفحو ٧١). انهيءَ مان ھِہ سٽون نموني لاءِ هيٺ ڏجن ٿيون:

"ٻڏ ڏرم ليو بانڌي نہ تيگ،
سُن سرون راج من ڀيو اُديگ."

يعني (اجمير جي راجا بيسل ديو جي پٽ سارنگ ديو) ٻڌ ڌرم اختيار ڪيو، ۽ تيغ (تلوار) نہ ٻڌائين. راجا اها خبر ٻڌي، من ۾ وياڪل ٿيو. هتي پارسي لفظ "تيگ" (تيغ) ڪم آيل آهي. اهڙيءَ طرح ٻيا بہ منجهس پارسي ۽ عربي لفظ گهڻيئي آهن - جهڙوڪ:

پيگام (پيغام)، فرمان، سرطان (سلطان)، باتشاهہ، وغيره.

هن مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ اُردو زبان جو ٻج اڳيئي ڇٽيل هو، اهو غزنوي گهراڻي جي حڪومت جو اثر چئبو.

غزنوي گهراڻي وارن جو ٻوليءَ تي اثر

٢٠٦- محمود غزنوي، جنهن سنڌ مان خليفن جي نائبن کي ڪڍي، حڪومت جون واڳون سومرن جي هٿ ۾ ڏنيون، تنهن کان وٺي عيسوي چوڏهين صديءَ تائين، جن مسلمان حاڪمن سنڌ ۽ سڄو اتر هندستان پنهنجي تابعي ڪيا، سي ايران جي اتر-ايرندي ۽ هاڻوڪي

افغانستان ۾ رهندا هئا؛ اهي ترڪ هئا، پر پارسي ٻوليءَ سان چاهه هون. محمود غزنويءَ جي حڪم سان فردوسيءَ نالي شاعر ايران جي بادشاهن جي تاريخ پارسي شعر ۾ لکي تيار ڪئي، جنهن جو نالو ”شاهه نامو“ رکيائين- پارسي ٻوليءَ بابت مٿي اڳيئي چيو ويو آهي (صفحو ٢٠٣) ته عربيءَ جو مٿس نهايت گهڻو ۽ گهاڙو اثر ٿيو آهي. پر هيٺن به ٿيندو آهي ته پر وارين ٻولين جا لفظ به ٻوليءَ ۾ گڏجي مسجي ويندا آهن. انهيءَ سبب پارسيءَ ۾ ترڪي لفظ به اچي ويا. اٿين پارسي ٻولي، جا اصل ۾ آريه ٻولي آهي، سا ترڪيءَ جي ٿوري اثر ۽ عربيءَ جي ججهي اثر سبب هڪ گاڏڙ ٻولي ٿي پيئي. سنڌيءَ ۾ جيڪي لفظ عربي، ترڪي وغيره اچي ويا آهن، سي سڀ پارسيءَ جي معرفت؛ باقي سنڌيءَ طرح عربيءَ جو اثر جيڪڏهن ڪو ٿيو به هوندو، ته هاڻوڪي سنڌي ٻوليءَ جي ساخت تي، جا وراچڊ اپڀرنش سڏبي هئي.

سنڌ ۾ سمن جي صاحبي

٢٠٧- سومرن بابت سڀني تاريخ نويسن چاتايو آهي، ته اڪثر عيش عشرت جا ڪوڏيا هئا. ”عمر مارئيءَ“ جو قصو سنڌ ۾ مشهور آهي- اهڙو قهر جو ڪم عمر سومري کان گهڻو اڳي، همير سومري ١٠٣٠ع ۾ ڪيو هو، جو ”جاسل“ نالي هڪ نئين پرڻيل ڪنوار کي زبردستيءَ ڪڍي ويو هو. جنهن سبب راءِ ڏياچ جو ڀٽ

راءِ نوگهڻ گجرات مان سنڌ تي ڪاهي آيو هو، ۽ سومرن کي شڪست ڏيئي جاسل جا بند خلاص ڪيا هئائين*. سومرن تي خود سنڌ جا سما سڙيا ويٺا هئا، جن نيٺ حڪومت جون واڳون پنهنجي قبضي ڪيون.

سنڌيءَ جو ڦهلاءُ

۲۰۸- عربن سنڌ تي ڪاهه ڪئي، تنهن کان اڳ ڪڇ ۽ گجرات وارا پاسا، بلڪ لسٻيلو به، هندو راجائن جي هٿ هيٺ هئا (صفحو ۱۰۱ ۽ ۱۵۶). سمن جي صاحبيءَ ۾ ڪن سمن سنڌ مان وڃي ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ ڏي دکو ڇاڀو (صفحو ۸۹)، تہ سنڌيءَ جو ڦهلاءُ اوڏهين هيڪاري گهڻو ٿيو. ڄام انڙ جي خاندان مان "رونجها" هئا، جن لسٻيلي ۾ حڪومت ڪئي. انهن مان "سپڙ" سخاوت ۾ اهڙو نالو ڪڍيو، جو سڏيندائي "سپڙ سخي" اٿس. شاهه جي رسالي ۾ سنڌس ۽ ٻين ڪن سمن جي گهڻي ساک لکيل آهي. لسٻيلي ڏي اهي سما حاڪم زور ٿيا، تہ سنڌيءَ جو ڦهلاءُ ايڏهين بہ ٿيو.

۲۰۹- سمن گهراڻي جو حاڪم ڄام تماچي اڄ تائين مشهور آهي (صفحو ۱۲۳). سندس وقت ۾ ستن فقيرن کي اڪيتيون شعر ۾ ڪيون هيون. سندن چيل بيت اڄ تائين موجود آهن. اهي عام طرح "ماموئي" فقيرن جا بيت سڏجن ٿا. حقيقتون، صحيح اچار "معمائي" آهي.

* سموري حقيقت لاءِ ڏسو، ڪئپٽن ولبر فورس بيل جي جوڙيل "ڪاٺياواڙ جي تاريخ".

معما معني ڪُجهارت. انهن فقيرن ڪُجهارتن ۾ ڳايو هو، تنهنڪري اهو نالو پين. سندن چيل بيت هي آهن:

ٻهريون- هاڪ وهندو هاڪڙو، پڇندي ٻنڌ اروڙ،
ٻه مڇي ۽ لوڙ، سمي ويندا سوڪڙي!
ٽيون- وسي وسي آر جڏهن وڃي ڦٽندو،
تڏهن ٻاروچالو ٻار، پنجين درمين وڪبو!
ٽيون- ڪاري ڪاٻاري جهيڙو لڳندو ڇهه پهر،
مر مڇي ماري، سک وسندي سنڌڙي!
چوٿون- مر مڇي ماري، مر مڇي کهڙا پار،
هيٺين ڪاريون ٻوٽيون، متن ڪارا وار!
پنجون- لڳندي لاڙان سؤنڪو ٽيندو سري ۾،
جڏهن ڪڏهن سنڌڙي اوڳاڏا وڻاهه*-
(يا) جڏهن ڪڏهن سنڌڙي تو کي ڦندران جو ڪو!
ڇهون- نيرا گهوڙا ڏيرا، اتر ڪون ايندا،
ڳها ڳهيريون ڳسن تي، وراهي ويندا،
تهان پوء ٽيندا، طبل تاجائين جا!
ستون- اچي ويجها ٻمازهڻا! ننگر جي آڌار،
پراڻا پرار، نوان ۾ اڌجا نجهرا!

هيءَ آهي سنڌ ۾ آڳاٽي ۾ آڳاٽو موجود سنڌي شعر، جنهن ۾ عربي توڙي پارسيءَ جو اثر لڳائي ئي ڪونه ٿو.

---

* سنڌڙي اوڳاڏا وڻاهه = اي سنڌ، توکي ايرندي طرف کان نقصان رسندو. (اُگهيو = اُيرندو)

ارغونن ۽ ترخانن جو راڄ

٢١٠- سمن کان پوءِ سنڌ ۾ ارغونن ۽ ترخانن جو راڄ ٿيو. ارغونن جي خاندان جو وڏو ارغون خان هو، تنهن جي نالي پٺيان اهي پاڻ کي ارغون سڏائيندا هئا. سنه ١٥٢١ع ۾ شاهه بيگ ارغون سنڌ جو حاڪم ٿيو، ته هن پاڻ سان ايراني ۽ ترڪي شاعر ۽ ٻيا ڪي عالم آندا. سندس پٽ ميرزا شاهه حسن به ناميارو شاعر ٿي گذريو آهي. ان وقت عام طرح پارسي ٻولي چالو هئي، جنهنڪري چئبو ته غزنوي گهراڻي وارن پارسيءَ جو ٻج ڇٽيو، ۽ ارغونن انهيءَ کي آسرايو. انهيءَ وقت سنڌ ۾ مسلمانن جو تعداد ججهو ٿي ويو، جنهنڪري چئبو ته عربيءَ سان گڏ پارسي تعليم جو سلسلو سنڌ ۾ انهيءَ وقت کان وٺي باقاعدي شروع ٿيو.

سنڌي شعر جي شروعات

٢١١- سڀني ٻوليءَ جو علم ادب يا ساهت (لٽريچر) شعر سان شروع ٿئي ٿو. سنڌ جو قديم شعر آهي "دوهرو" يعني ٻن سٽن وارو بيت (صفحو ٥٨ ۽ ٥٩). معمائي فقيرن جا بيت جي مٿي ڏنا ويا آهن، سي به دوهرا آهن (صفحو ٢٦٣)؛ رڳو ڇهين بيت ۾ ٽي سٽون آهن، جنهنڪري چئبو ته دوهري جي ترتيب ۾ ٿورو ڦير اڪيلي پيل هو. اهي بيت ٿورڙا آهن، تنهنڪري نڪي ليکي نڪي چوڪي. عيسوي پندرهين صديءَ ۾ شيخ حماد ٿي وارو جو "ڪڇي وارو پير" سڏجي ٿو، تنهن ڪجهه شعر سنڌيءَ ۾ چيو هو، پر اهو

موجود ڪونهي. هن وقت جيڪو سنڌي شعر موجود آهي، تنهن ڏي نظر ڪري چئجي ٿو، ته سنڌي شعر عيسوي سورهين صديءَ کان وٺي شروع ٿئي ٿو. اهو به مسلم شاعرن جو چيل آهي. هندن جو جوڙيل شعر عدم موجود آهي؛ باقي ان جو نمونو سکن جي گرنٿ صاحب مان ملي ٿو.

لوڻ لوڻي ڏٺ، پياس نه ٻجهي مون گهڻي.
نانڪ سي آکڙيان ٻين، جن ڏسندو مان پر ي.
(راڳ مارو محلا پنج)

[مطلب- اکين سان مون جوتي سروپ ياجلال واري ڏٺيءَ کي ڏٺو، مون کي درسن جي پياس يا ديدار جي تمنا (اڇا) گهڻي آهي ۽ اها ٻجهي يا متجي نٿي؛ پر اهي اکيون ٻي ٻيون آهن، جن سان منهنجي پياري کي ڏسي سگهندو.]

٢١٢- عيسوي سورهين صديءَ ۾ جيڪي مسلم شاعر ٿيا، تن مان نامور شاعر قاضي قاضن سيوهڻ وارو هو، جو سمن جي صاحبيءَ جي پڇاڙيءَ ۾، ۽ ارغون گهراڻي جي راڄ جي اڳياڙيءَ ۾، ٿي گذريو آهي. هن جي وفات جي تاريخ ١٥٥١ع آهي. سندس فقط ڇهه بيت رسالي ڪريمي مان ملن ٿا. انهيءَ وقت کان وٺي جيڪي شاعر ٿي گذريا آهن، تن جو شعر موجود آهي، تنهنڪري ٿي سنڌي شعر جي شروعات عيسوي سورهين صديءَ کان وٺي ليکجي ٿي- قاضي قاضن جي شعر جا مثال آهن:

(١) سي ٿي سيل ٿيام، پڙهيام جي پاڻا،
اکر اکيان اپري، واڪو ٿي وريام.
(٢) ڪنز، قدوري، ڪافيہ، ڪي ڪين پڙهيوم،
سو پارئي پيو، جنهان پريں لڌوم.

سندس ٻهس يا همعصر Contemporaries پيا بہ هئا، جن مان هت رڳو هڪ جو ذڪر ڪجي ٿو.

٢١٣- قاضي قاضن جي وقت ۾ شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ وارو پيدا ٿيو، جو شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو نڙ ڏاڏو ۽ مشهور اولياءُ هو. جو سنہ ١٥٣٦ع ۾ ڄائو ۽ سنہ ١٦٢٣ع ۾ وصال ڪيائين. مطلب تہ سيد صاحب انهيءَ زماني ۾ ٿي گذريو آهي، جنهن ۾ ارغون ۽ ترخان سنڌ جا حاڪم هئا. هو ڇهاسي ورهيہ جيئرو رهيو، تنهن ڪري مرزا شاهہ حسن ارغون، مرزا عيسيٰ ترخان، مرزا محمد باقي، مرزا جاني بيگ ۽ مرزا غازي بيگ. انهن سيني جا راڄ سنيريو ٿي. تاريخن موجب اهي راڄ سنہ ١٥٢١ع کان وٺي ١٦١٢ع تائين هليا.

يوروپي لوڪن جي ٻوليءَ جو اثر

٢١٤- انهيءَ وقت ڌاري پورچوگيزن، فرينچن ۽ ڊچن هندستان ۾ اچي ڪوٺيون وڌيون، تہ سندن ڪي لفظ چالو ٿيا. جن جا مثال اڳيئي ڏنا ويا آهن (صفحو ١٨٧) عجب تہ ڏسو تہ "روني" ۽ "ماني" لفظ بہ اسان کي پورچوگيزن سيکاريا. سنسڪرت لفظ "پرشٽ" معنيٰ پڪل: انهيءَ لفظ جو اچار پورچوگيزن بگيڙي ڪيو "پاروني" معني پڪل ماني. اسين "پا" جو اچار ڪيي باقي ڇڏيون

۾ اسين چئون ”ڊوڊو“. هاڻ ”روٽي“ لفظ پورچوگيز ٻوليءَ مان ۽ ”ڊوڊو“ لفظ پشتو مان آيل ليکجن ٿا، نه ته حقيقت ڪري اسان جا ٻئي لفظ آهن ۽ بنياد سنسڪرت مان اٿن. ”ماني“ Manna لفظ اصل بني اسرائيلن (يهودين) جو آهي، جو پورچوگيزن اسان وٽ چالو ڪيو، ”پئسو“ لفظ به اسان وٽ پورچوگيزن چالو ڪيو، جو اصل سپين (Spain) جو pess آهي. اهو اصل سونو سڪو هو؛ پر هاڻ پئسي ۾ اسين ٽي پايون ليکيون ٿا. ساڳئي وقت ”پئسي وارو“ معنيٰ ڌن دولت وارو يا شاهوڪار انهيءَ اصطلاح ۾ اهو لفظ پنهنجي اصلوڪيءَ معنيٰ جو اهڃاڻ ڏئي ٿو. ساڳيءَ طرح ”ٽَڪو“، جنهن ۾ ڇهه پايون (اڌ آنو) ليکيون ٿا، سو اڳي سون جو سڪو هو؛ تنهنڪري ”رتن ٽَڪن جو ٿالهه“ معنيٰ اشرفين جو ٿالهه. ”ٽَڪو- ٽڪڪ“ اصل سنسڪرت لفظ ”ٽنڪڪ“ آهي.

”علم ماڳ نه اڳين، ڦلنگي منجهه ڦريا،
ملاح! تنهنجي ٻڪڙي، اچي چور چڙهيا.“ (شاهه)

ڦلنگي، فلنگي يا فرنگي اصل يورپي لفظ ”فرئنڪ“ Frank آهي. عيسوي پنجين صديءَ ۾ جرمنيءَ جي هڪ قوم فرئنڪونيا (Franconia) مان وڃي گال (Gaul) فتح ڪيو، اهو سمورو پاسو ”فرانس“ سڏجڻ ۾ آيو. فرانس جي مالڪن تي ”فرئنڪ“ نالو پيو. رفتي رفتي سڀيئي يورپي انهيءَ نالي سان سڏجڻ ۾ آيا. هندستان ۾ اول

پورچوگيزن واپار جي سانگي ڪوٺيون وڌيون ۽ پسر منجهانئن ڪي درياهي چور (Pirates) هوندا هئا. سنڌ ۽ گجرات جا وڻجارا ملبار ڪناري ڏي ويندا هئا(صفحو ۱۲۳)، ته اهي چور سنڌين ڏنگين ۾ ڪاهي پوندا هئا ۽ سنڌن مال ڦري ويندا هئا. سنڌ ۾ ٺٽي جي شهر ڪي انهن پورچوگيزن باهه ڏيئي جلايو هو. ”باد فرنگ“ لفظ جي اکري معنيٰ آهي ”يورپ جي هوا.“ اهو لفظ خود چاٺائي ٿو، ته انهيءَ بچڙيءَ ۽ بدچالن جي بيماريءَ جي اسانجن ماڻهن کي اڳي ٻوجهه ئي ڪانه هئي. پورچوگيزن ڏکڻ هندستان طرف گهڻيئي ڪم ڪيا ۽ انهيءَ طرف جون ڏيهي ڇوڪريون پرڻيا. انهن مان جيڪي پٽ ڄاوا سي پورچوگيزن وانگر ٽوپلا پائڻ لڳا، تنهنڪري ”ٽوپس“ سڏجڻ ۾ آيا. اهو لفظ پوءِ سڄي هندستان ۾ ٽوپلن پائيندڙن لاءِ عام ٿيو. هي حقيقت يول ۽ برنيل صاحبن جي جوڙيل لغت ”هابسن جابسن“ ۾ ڄاڻايل آهي- پر اچو پنهنجي ٻوليءَ جي ڳالهه تي.

دهليءَ جي بادشاهن جي حڪومت

۲۱۵- دهليءَ جي بادشاهن مان ناميارو اڪبر بادشاهه، اسان وٽ امرڪوٽ ۾ ڄائو هو، ۽ ٿورا مهنا ”جوڻ“ نالي شهر ۾ نپنو هو. همايون بادشاهه جنهن وقت سنڌ آيو، تنهن وقت سنڌ ۾ شاهه حسن ارغون جي حڪومت هئي، ته به ٿر ۾ سوڍن راجپوتن جو راڄ هو (صفحو ۱۶۱). امرڪوٽ جي گاديءَ تي رائو پرساد ويٺل هو، تنهن همايون

بادشاهه کي پنهنجو قلعو خالي ڪري ڏنو، جنهن ۾ اڪبر بادشاهه ١٤- آڪٽوبر ١٥٤٢ع جي ڄائو. انهيءَ کان اڳي سنڌ ۾ ڪتان ڪتان جا سيد ۽ ٻروچ اچي رهيا هئا (صفحو ١٢٢)؛ پر هنن ارغونن جي صاحبيءَ ۾ مغل ۽ شيرازي گهڻا هئا، ۽ اڄ تائين "مغل واڙو" ۽ "شيرازي پاڙو" ٺٽي ۾ آهن. شاهه حسن ان وقت اهڙو زور هو، جو همايون بادشاهه جي اچڻ نٽي ميجيائين، تنهنڪري هو ٺٽي تي ڪاهه ڪرڻ لاءِ "جوڻ" واري واٽ وٺي تي ويو. انهيءَ پيري ڏاهه ٿيو؛ پر پوءِ اڪبر بادشاهه سنڌ جو پرڳڻو پنهنجي تابعي ڪري ڇڏيو.

٢١٦- هاٿوڪي ٿليلي واهه کان اڳي "ريڻ" واهه هو، جو هاڻ ڦٽو پيو آهي، تنهنڪري "ڦٽو" (Phito) سڏجي ٿو. ان جي ڪپ تي جوڻ ۽ فتح باغ (هڪ ٻئي کان ڏي ڪوهه پري) اهڙا آباد هئا، جو چوٽي هئي ته:

"نرت نورائي، نار نصرپور، ڦر فتح باغ،
هلي ڏسو جوڻ، جت ڪپهه جو واپار."

[مطلب- نرت يعني نڪي نظر يا (سهڻيون) اکيون ته نورائي جي ماڻهن جون، زالون (سهڻيون) ته نصرپور جون، ڦل ڦول يا ميوو ته فتح باغ جوا جوڻ جو ٻه هلي ديدار ڪريو، جتي ڪپهه جو واپار (جام) ٿئي ٿو.]

اڪبر بادشاهه جو نامارو وزير بيربل برهمڻ فتح باغ جو ويٺل چوڻ ۾ اچي ٿو. اهي ٻئي وسيل شهر ميان عبدالنبي ڪلهوڙي جي صاحبيءَ ۾ مدد خان پٺاڻ باهيون ڏياري جلائي پورا ڪيا (صفحو ١٩٢).

سنڌ جي ڦرلٽ ۽ ڀاڄيون

٢١٧- ٺٽي جو شهر ڄام نندي ٻڌايو هو. سنه ١٥٢١ع ۾، سندس پٽ ڄام فيروز کان حڪومت کسڻ وقت شاهه بيگ ارغون ٺٽي کي باهه ڏياري. ان وقت ٺٽي جا ڪي سيد اچي وچ ۾ پيا، جنهنڪري گهڻو نقصان ڪونه ٿيو. بکر وارن سيدن کي به شاهه بيگ ارغون لڏايو هو، جنهن ڪري هو روهڙيءَ ۾ وڃي رهيا هئا: ڪيترن بلوچن جو خون ڪرايو هئائين ۽ سندن ڀائيتاليهه ڳوٺ نابود ڪرائي ڇڏيا هئائين. ("سنڌ گزيٽيئر"، صفحو ١٠٠). ارغونن کان پوءِ سنڌ ۾ ترخانن جي صاحبي سنه ١٥٥٤ع ۾ شروع ٿي، ته مرزا عيسيٰ ترخان سان مرزا شاهه حسن ارغون جي لشڪر جو هڪ مهندار سلطان محمد لڙڻ لڳو ۽ بکر وارو پاسو پنهنجي قبضي ڪري ويٺو. انهيءَ تي مرزا عيسيٰ پورچوگيزن کان مدد گهري، جن پنهنجو بحري لشڪر پيڊرو بريٽو رولم Pedro Baretto Rolim جي مهنداريءَ هيٺ موڪليو. انهن پورچوگيزن ٺٽي جي هندن توڙي مسلمانن جي ملڪيت ايتريقدر ڦري، جو سڄي ايشيا ۾ اهڙي ڦرلٽ ڪا ورلي ٿي هوندي ("سنڌ گزيٽيئر" صفحو ١٠٥): ڪيترن لکن جي ملڪيت ڦريائون، تنهن کان پوءِ به ٺٽي جي شهر کي باهه ڏنائون :- هيءَ سنه ١٥٥٥ع جي ڳالهه آهي (صفحو ٢١٨). وري ٺئون شهر ٻڌائون ته ٻيو اتفاق ٿيو: سنه ١٥٩١ع ۾ اڪبر بادشاهه

جو لشڪر سنڌ تي ڪاهي آيو، جو مرزا جاني بيگ
سنڌيس آڻ مڃي. مرزا کي پرون پيا، ته هاڻ ٺٽو هٿان
ويندو، تنهن پنهنجي شهر کي پاڻيهي ڦرڪي ڏياري باهه.
اڄين ٺٽي کهرا ٺٽو جليو!

ساهت جو واڌارو سدائين صلح سانت ۾ ٿيندو آهي،
پر هتي اجهو مهڙا ويل پئي وهيا!

٢١٨- سنه ١٥٩١ع ۾ اڪبر بادشاهه ترخانن سان جنگ
جوٽي کين پنهنجي تابع ڪيو؛ پر کين صوبو (گورنر) ٿي
ڪم ڪرڻ ڏنائين. سنه ١٦١٢ع ۾ مرزا غازي بيگ جي
مرڻ تي ترخانن جي خاندان جو صفا خاتمو ٿيو. انهيءَ
وقت کان وٺي دهليءَ جي بادشاهن جي پاران صوبا يا
نواب مقرر ٿي ايندا هئا. انهيءَ نئين انتظام جو اثر هيءَ
ٿيو، ته سنڌ ۾ شاهاڻي ٻولي (پارسي) ۽ ديني ٻولي
(عربي) هيڪاري زور ٿيون ۽ مسلمانن جو تعداد به
ڏينهون ڏينهن وڌندو رهيو (صفحو ٢١٤ع)

هندو - مسلم ميلاپ

٢١٩- اڪبر بادشاهه جي وقت جون ۽ مکيه ڳالهيون
کهڻو ڏيان ڇڪين ٿيون؛ هڪڙي ڳالهه ته هندو ۽ مسلمان
پاڻ ۾ شير شڪر ٿيڻ لڳا. هندڪي مسلمانڪي جو ڀيد
ايريقدر نڪري ويو، جو مسلمانڪي پوشاڪ ڍڪڻ کان
هندو عار ڪونه ڪندا هئا ۽ مسلمان ڏاڙهين کي صفائي
ڏيندا هئا. مسلمان، راجائيءَ جي لقب کي فخر سمجهندا
هئا ۽ هندو، مرزا ۽ نواب جي خطاب کي مان سمجهندا

هئا. ان وقت هندو مسلمانڪا لفظ ۽ مسلمان چاهه سان هندڪا لفظ ڪم آڻڻ لڳا*. اهو دستور سنڌ ۾ ڪلهوڙن ۽ ميرن جي صاحبين تائين به زور هو. جهڙوڪ ڪنبڙيءَ (تعلقي روهڙيءَ) وارن جي ٻاڻي صفا هنديءَ ۾ آهي.

٢٢٠- اڪبر بادشاهه جي وقت جي ٻي هيءَ مکيه ڳالهه ڪهڻو ڏيان ڇڪي ٿي، ته سنڌس صاحبيءَ ۾ دهليءَ طرف ڪيترن هندن کي سرڪاري نوڪريون مليون، ته به پارسي سکڻ لاءِ کين ٻڌل ڪونه رکيو هئائون. ڪيترا هندو، سرڪاري حساب- ڪتاب پنهنجي هندي ٻوليءَ ۾ رکندا هئا. ان وقت اڪبر بادشاهه جو روينيو وزير راجا ٽوڏر مل هو، تنهن حڪم جاري ڪيو ته آئيندي سڀ ڪامورا پارسي سکن ۽ سڀ سرڪاري حساب- ڪتاب پارسيءَ ۾ رکڻ ۾ اچي. سنڌ ۾ ارغونن ۽ ترخانن جي حڪومت هئڻ سبب سڀ سرڪاري حساب- ڪتاب اڳيئي پارسيءَ ۾ رکندا هئا.

سنڌ ۾ مسلمان عالمن جو سنڌيءَ ڏي ڏيان اڪثر هوئي ڪونه. اهي رڳو عربيءَ ۽ پارسيءَ ۾ ڪتاب لکندا هئا، پر پوءِ سنڌيءَ ۾ ڪتاب لکڻ جي ضرورت محسوس ڪيائون جو ڪيترا هندو دين اسلام ۾ داخل ٿيا هئا. اهو احوال اڪبر بادشاهه جي زماني کان ڪهڻو اڳ جو آهي، تنهنڪري هتي مند کان وٺي ان جو مختصر طرح ذڪر ڪجي ٿو.

* ميرزا قليچ بيگ: سنڌي شعر، صفحو ١٢.

درياهه پنٿي ۽ آڏيرو لعل

٢٢- لهاڻا (لوهاڻا) اصل ۾ سري رامچندر پٽ "لو" Lava جو اولاد آهن، جو عام طرح "واڻيا" يعني وڻج ڪندڙ يا واپاري ۽ (ياڻيبند) سڏجن ٿا. هن وقت منجهانئن ڪيترا عاملن ۾ ڳڏجي ويا آهن. منجهانئن گهڻا اصل لوهڳڙهه ۾ رهندا هئا، جو هاڻ "لاهور" سڏجي ٿو*. راماڻن واري زماني ۾ سري رامچندر جو ڀاءُ ڀرت، سنڌ جو راجا هو (صفحو ٩٢)؛ تنهنڪري سمجهجي ٿو، ته انهيءَ وقت ٿي لهاڻا سنڌ ۾ ججهي تعداد ۾ هئا. آڳاٽن آرين وانگر اهي اڄ تائين درياهه جي پوڄا ڪن ٿا، سورج (سج) ديوتا کي هٿ جوڙين ٿا ۽ جوت جي پوڄا به ڪن ٿا؛ جنهن جي مراد آهي، ته اڳيان جي اوندهه ٽري ۽ اندر ۾ انيوءَ جي جوت جاڳي. اهي "درياهه پنٿي" سڏجن ٿا ۽ ٺڪرن جا شيوڪ آهن. اهي درياهه ۾ آکو وجهندا آهن ۽ بحرانا (بحر-نذرانا) ڪيندا آهن.

ٺڪرن جي دستخط ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو ته ٺٽي ۾ مرک شاهه نالي هڪ حاڪم اني جي هندن کي زوريءَ مسلمان ٿي ڪيو، ته هنن درياهه شاهه کي پڪاريو، جنهن سندين دانهن اونائي؛ اوچتو هڪ جوان، گهوڙي تي سوار ٿيل، پاڻيءَ مان پرگهٽ ٿيو ۽ مرک شاهه کي وڃي سمجهايائين ته ڪنهن به حاڪم کي زور زبردستي ڪرڻ نه جڳائي، ۽ هندن توڙي مسلمانن

*R. E. "Enthoun: The tribes and Castes of Bombay" Vol; ii"

کي پاڻ ۾ ٻاڌرن جيان مٺ محبت ۾ گذگذارڻ گهرجي.
مرک شاهه سندس کي معجزا ڏسي حيران ٿيو ۽ هندن توڙي مسلمانن سان هڪجهڙي هلت هلڻ جو اقرار ڪيائين. انهيءَ آوتاري پرش سکهوئي ٻوءِ نصرپور جي شهر ۾ رتني نالي هڪ ڀائيبند جي گهر ۾ جنم لڌو، ۽ اهو ”اڏيرو لال“ سڏجي ٿو. سنسڪرت ۾ ”اُڊو“ معنيٰ پاڻي، جنهن ۾ ورڻ ديوتا رهي ٿو، تنهنڪري ورڻ ديوتا کي اُڊوراج. اُڊوپتي ۽ اُڊو و ر چئبو آهي. انهيءَ ”اُڊوور“ لفظ جو اُچار ڦري ٿيو آهي ”اڏيرو“، ۽ هُو ورڻ ديوتا جو اوتار ليکجي ٿو. سندس جنم وڪرمي سنبت ١٠٠٧ ۾ چيٽي چنڊ (ٻيج تٿ) تي شڪروار [جمعي] جي ڏينهن ٿيو هو. اهو ڏينهن هاڻ ”ٿاروُن“ سڏجي ٿو، جنهن جو اچارڪي ”ٿارؤ“ به ڪن (جيئن ”ٿارومل“). درياهه جا شيوڪ انهيءَ ڏينهن گوشت ۽ شراب ڪونه ورتائين. اهو ”ٿارؤ“ يا ”ٿارؤ“ اصل ۾ آهي سنسڪرت لفظ ”سٿارؤ“، معنيٰ ٻيهڪ وارو يعني محڪم يا سدائين قائم. اهو ڏليءَ جو هڪ صفاتي نالو آهي، جو اڏيري لال تي به رکيو اٿن. هو سدائين قائم آهي، تنهنڪري ”امر لال“ به سڏجي ٿو. ”آمر“ معنيٰ نه مرندڙ، يعني سدائين جيئرو، انهيءَ ڪري ”زنده پير“ به ڪوٺجي ٿو. اڄ تائين هندن توڙي ڪيترن مسلمانن جو منجهس اعتقاد آهي، اڏيري لال جي درگاهه جا مجاور مسلمان آهن ۽ کيس ”شيخ طاهر“ ڪري ڪوٺين ٿا*

*ساڳيءَ طرح قلندر لال شهباز کي هندو ”راجابرتري“ ۽ پير پٺي کي ”راجا گوپيچند“ سمجهي پوڄين ٿا.

سنڌي سال چيٽ مهيني کان وٺي شروع ٿئي ٿو، ۽ اڏيري لال به چيٽي چنڊ جي ڏينهن جنم ڌاريو هو، تنهنڪري چيٽ جو مهينو دهلن دمامن، ڇيڄن ڇڪارن ۽ ملا کڻن ميلن سان شروع ٿيندو آهي.

سومرن ۽ سمن جو دين اسلام اختيار ڪرڻ

۲۲۲- پارسي تاريخ نويسن ڄاڻايو آهي ته سومرا اصل عربستان طرفان "سامره" مان آيل هئا. يوروپي عالمن کوجنائون ڪري ظاهر ڪيو آهي ته سومرا اصل هندو هئا، ۽ پرمار راجپوتن مان هئا- جيئن "سنڌ گزيٽيئر" ۾ به ڄاڻايل آهي (۱۷۹)- انهن اڏيري لال جي جنم ڌارڻ کان اڳي دين اسلام اختيار ڪيو يا پوء، سو پتو ڪونهي؛ باقي سمن بابت پڪ آهي ته اهي گهڻو پوء مسلمان ٿيا هئا. اهي سما اصل جادوونسي ڪُل مان آهن، جن مان سري ڪرشن پيدا ٿيو هو. اهي راجا يدوءَ* جو اولاد آهن، تنهنڪري يادوءَ يا جادوءَ ڪوٺجن ٿا. انهيءَ لفظ جو سنڌيءَ ۾ اچار "جادم" آهي.

"پسي پاٽ پُر ٿيو سندو جادم جُود." (شاهه)

هتي راءِ ڏياچ کي شاهه صاحب "جادم" سڏيو آهي. (صفحو ۸۹) ڄام تماچيءَ جو پاءُ ڄام اوڍو هو. جنهن جو پٽ ڄکرو هڪ نهايت نيڪ انسان ٿي گذريو آهي.

---

* يدوءَ آريا لوڪ اصل بئبلونيا طرفان آيل چوڻ ۾ اچن ٿا (ڏسو صفحو ۲۱)

شاهه صاحب هن کي ٻه "ڄادم ڄکرو" سڏيو آهي- هن مان ظاهر آهي ته شاهه صاحب کي خبر هئي ته اهي سما ڄادوونسين جي ڪُل مان آهن.

لهاڻن جو ڦري ميمڻ ٿيڻ

٢٢٣- اينٿون صاحب هڪ ڪتاب بمبئي ڪاتي جي قومن ۽ ذاتين بابت لکيو آهي. انهيءَ ۾ هو صاحب لکي ٿو ته 'پيران پير دستگير' سنه ١١٦٥ع ۾ بغداد ۾ رحلت ڪئي (گذاري ويو). دنيا مان موڪلائڻ کان اڳ، پنهنجي پٽ تاج الدين کي هدايت ڪيائين ته تون هندستان ۾ وڃي رهه، اتي جي ماڻهن کي اسلام جي روشني ڏيکار (سومرا ۽ سما شايد انهيءَ وقت مسلمان ٿيا). سيدتاج الدين کان پنج پيڙهيون پوءِ، سيد يوسف الدين قادري پيدا ٿيو. تنهن کي سنه ١٤٢١ع ۾ خواب ۾ آيو، ته تون سنڌ ۾ وڃي اتي جي ماڻهن کي اسلام جي راهه ڏيکار. هو صاحب جنهن وقت سنڌ ۾ آيو، تنهن وقت سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ ٺٽو هو، ۽ اتي جو حاڪم سما گهراڻي جو مرڪب خان هو". اينٿوون صاحب لکي ٿو ته 'سمن جي صاحبي ١٣٥١ع کان وٺي ١٥٢١ع تائين هلي ۽ اهو مرڪب خان، جو شايد ڄام راڻدان (سنه ١٤٥٤ع) هو، تنهن سيد صاحب کي ججهي عزت ڏيئي پنهنجو مهمان ڪري رهايو. انهيءَ حاڪم وٽ ماڻڪجي ڏالي هڪ سيٺ برک هو، جو لهاڻن جي چوراسي اکن يا برادرين جو مکي هو. ٺٽي جو حاڪم هن سيد صاحب

جو مريد ٿيو، تہ سيٺ مالڪجيءَ بہ پنهنجي حاڪم جي پيروي ڪئي، ۽ پنهنجن لَن پٽن مان ٻن پٽن ۽ لهاڻن جي ستن سؤ آکهين سميت شاهہ صاحب جو مريد ٿيو ۽ دين اسلام اختيار ڪيائين. سيٺ مالڪجيءَ جو پٽ سيٺ رائجي هو، تنهن تي احمد نالو پيو. رائجي جا ٻہ پٽ سندرجي ۽ هنسراج هئا، سي آدم ۽ تاج محمد سڏجڻ ۾ آيا*. لهاڻن ۾ ڪي "موٽ" ڪوٺبا هئا، پر پوءِ لهاڻن توڙي مولن تي نالو پيو "ميمڻ" يعني "مومن" يا ايمان آڻيندڙ (ڌڻيءَ جي وحدانيت ۾). انهيءَ وقت ٻين لهاڻن درياهہ شاهہ کي پڪاريو هو ۽ درياءَ شاهہ سندين پڪار اونائي هئي- هن مان سمجهجي ٿو تہ اڏيري لال جي جنم ڏارڻ ڪان پنج صديون ڪن پوءِ جي هي ڳالهہ آهي: هي موقعو ٿي پيو پيو ڀانئجي.

٢٤٢- اينٿوون صاحب هيئن بہ لکيو آهي تہ ڀُڄ ۾ جاڙيجو راءُ ڪنگهار ١٥٤٨ع تائين حاڪم هو. هن ٺٽي جي ميمڻن کي دعوت ڏيئي ڀڄ ۾ گهرايو، جتي هو پنهنجو پاڙو ٻڌي وڃي رهيا. اتان پوءِ ڪنهن وقت ڪڇي ميمڻ ڪاٺياواڙ ۽ گجرات ڏي ويا. سورت جو شهر ١٥٨٠ع ڪان وٺي ١٦٨٠ع تائين وڻج واپار ڪري برک هو، ۽ هيءُ ميمڻ اهو وقت اتي رهي ساجا ٿي پيا هئا.

* سنڌي ماڻهن جا نالا اصل ڪيئين جهڙا هئا ۽ هاڻوڪن نالن وارا هندو، ميان نور محمد ڪلهوڙي جي وقت ڪان وٺي آيا.

سورت جي واپار جو پوءِ چلتو گهٽيو، ته ڪيترا ميمڻ بمبئيءَ ڏي ويا“- مطلب ته ڪڇ ۽ بمبئيءَ وارا ميمڻ به سنڌ جي لهاڻن مان آهن*.

ابوالحسن جي سنڌي

٢٢٥- سمن جي صاحبيءَ کان وٺي، سنڌ جا ڪيترا لهاڻا ڦري ميمڻ ٿيا ۽ اهي وڌيا ويجهيا، ته انهن مسلمانن جو تعداد سترهين صديءَ ڌاري وڌي گهڻو ٿيو. ان وقت ڪن مسلمان عالمن ضرور سمجهيو، ته سنڌيءَ ۾ ڪي اهڙا ڪتاب ڪجن، جن جي وسيلي ميمڻن ۽ سنڌن اولاد کي اسلام جي عقيدن ۽ فرضن کان چڱيءَ ريت واقف ڪجي. ان وقت ٺٽي ۾ هڪ مولوي ”ابوالحسن“ نالي هو، جو مسلمان ٻارن کي مذهبي تعليم ڏيندو هو. سنه ١٧٠٠ع ڌاري هن صاحب هڪ ڪتاب ”مقدمة الصلوات“ نالي لکيو، جنهن ۾ نماز پڙهڻ، وضو سارڻ، ۽ ٻين اهڙين ديني ڳالهين جو ذڪر آهي. ڪانئس اڳي قاضي قاضن، شاهه ڪريم ۽ ٻين شاعرن ڪي بيت جدا جدا وقتن تي چيا هئا (صفحو ٢١٥)؛ پر هينئر هيءُ سنئون سولو ڪتاب مولوي ابوالحسن سنڌيءَ ۾ جوڙيو، تنهنڪري هو صاحب سنڌي علم، ادب يا ساهت (لٽريچر) جو بنياد وجهندڙ ليکجي ٿو، ان وقت مسلمان عالم عام طرح عربي ۽ فارسيءَ ۾ ڪتاب لکندا هئا. اهي بزرگ اڪثر

* R.E. Enthoven: "The Ttribes and Castes of Bombay". Vol. ii'. pp. 52-53.

ٺٽي، سيوهڻ ۽ ٻين هنڌن جا هئا. انهن مان سنڌيءَ ۾ جن ڪو ڪتاب لکيو، تن جي سنڌيءَ کي، بلڪ سندن ڪتابن کي، انهن جي سنڌي سڏيندا هئا. مولوي ابوالحسن جا عربيءَ ۾ لکيل ڪي ڪتاب اڳي ئي هئا؛ پر هينئر جو هيءُ ڪتاب ٻهريون ڪهرو سنڌي شعر ۾ لکيائين، تہ اهو "ابوالحسن جي سنڌي" سڏجڻ ۾ آئي. ان وقت کان وٺي ٻيا بہ ڪي مسلمان عالم اهڙا ديني ڪتاب لکڻ لڳا ۽ سندين سنڌي سندن نالن پٺيان سڏجڻ ۾ آئي. اهڙيءَ طرح جملي پنجاهہ کن ڪتاب ابوالحسن جي سنڌيءَ جي نموني، اڳاٽي صورتخطيءَ ۾ لکيل موجود آهن، جي هينئر سيڪو آسانيءَ سان پڙهي ڪين سگهندو. ان وقت جي هندن جو هڪڙو بہ ڪتاب موجود ڪونهي؛ پر سندن شعر جو نمونو مٿي اڳي ئي ڄاڻايو ويو آهي (صفحو ٢١٥).

٢٢٦— مولوي ابوالحسن جو شعر دوهري جي ترتيب تي ٻڌل آهي (ڏسو صفحو ٥٩ ۽ ٢١٤)— مثال:

"ساراهجي سو ڏڻي، سندو جنہ (جنهن) فرمان،
مڃيو مڙني مومنين، آندائون ايمان،
تہ (تنهن) ساراهائي سيڪو منجهہ پٽاندر پاڻ،
ماڙو، مرون، پکي، پري، ملڪ مت سڃاڻ؛
جيڪي آهي جت ڪي ڳجهو ۽ پڌرو،
سو سڀ ساراهائي رب کي پاڻ پٽاندر تو". وغيره وغيره.

رواجي طرح هرهڪ دوهري ۾ ٻہ سٽون ٿينديون آهن، جي ٻنهنجي جاهہ پوريون ٻينيون هونديون آهن؛

پر هتي ڳالهه لاڳيتي هلي اچي. هن قسم جي بيتن کي عام طرح ”ڪبت“ (ڪُوِتا) چوندا آهن. ڪتي وري سيڪنهن سٽ جي پڇاڙيءَ ۾ الف گڏي قافيو جوڙيو اٿس. مولوي عبدالرحمان جو ٺاهيل ”سنڌي ذورنامو“ سڄوئي اهڙين جڙيل آهي، جنهن مان مثال ڏجي ٿو:

”ساراهيان سچو ڌڻي، جو آڳو عليما،
جڳاءِ جه (جنهن) صاحب کي سڀ ڪاساراها،
عالم عليم موڙ ڌڻي، مولو ملڪ خدا“— وغيره وغيره.

اهڙيءَ طرح سڄي ڪتاب جي سيڪنهن سٽ پٺيان ”آ-آ-آ“ هلي اچي. شاهه جو رسالو به دوهري جي ترتيب تي ٻڌل آهي، پر ان جو نمونو نرالو. رکو سرسراڳ جي هڪ وائي انهيءَ آڳاٽي نموني جڙيل آهي، جنهن جون ٽوريون ستون هي آهن:

”حمد چنج حڪيم کي جور هٺي جانا،
تو ڏيکاري تو ڌڻي باطن جا بانا،
دوست رکي دل ۾ پڙهه لالن لسانا“ وغيره وغيره.

جنهن وقت مولوين ۽ مخدومن جو زور رکو ديني ڳالهين تي هو، تنهن وقت تصوف جي لهر به ٺڪين سر سنڌ ۾ جاري ٿي هئي— اها ڪلهوڙن جي صاحبيءَ جي ڳالهه آهي.

ڪلهوڙن جي صاحبي

۲۲۷— ڪلهوڙا ”عباسي“ سڏجن ٿا، ڇاڪاڻ ته حضرت محمد (صلعم) جي چاچي حضرت عباس جي نسل

وارن خليفن جو اولاد آهن. اڪبر بادشاهه جي صاحبيءَ ۾، سندس ٻاران، نواب خان خانان سنڌ جو پهريون صوبو يا نواب مقرر ٿي آيو هو. ان جي وقت ۾ عباسين مان ميان آدم شاهه ڪلهوڙو لاڙڪاڻي جي پرسان اچي رهيو هو. انهيءَ سڄي ٻرگڻي ۾ چانڊيا گهڻا هئا، تنهنڪري اهو چانڊڪو پرڳڻو سڏبو هو (صفحو ١١٢). انهي جي ماڻهن جو ميان آدم شاهه ڪلهوڙي ۾ گهڻو اعتقاد هو ۽ پير ڪري ڀوڃيندا هئس. ملتان طرف جا ٻه ڪيترا مسلمان مريد هئس. سکر جي شهر ۾ هُو جنهن ٽڪريءَ تي دفن ٿيل آهي، سا سندس نالي پٺيان آدم شاهه جي ٽڪري سڏجي ٿي.

٢٢٨- ميان آدم شاهه ڪان پوءِ ميان شاهل محمد لاڙڪاڻي جي پرسان مريدن جي گهڻائيءَ سبب زور ورتو. لاڙڪاڻي جو شهر انهي جي لاڙڪ ذات جي مسلمانن جي نالي پٺيان سڏجي ٿو. انهي اصل وانڊ هئي. ”وانڊ“ معنيٰ ڏنگرن يا وڻن جي سڪل ڏارن ٽارن مان ٺهيل ٻونگي. اهڙيون گهڻيون ٻونگيون ناهي جتي ڳوٺ ٺهڻ ڏي ماڻهو ويهن، تنهن ڳوٺ کي به ”وانڊ“ چون. ميان شاهل محمد لاڙڪاڻي ۾ گهاڙ واهه کڻايو، ته اهو پاسو جنسي غنچو ٿي پيو، جنهنڪري هيءَ چوڻي عام ٿي ته ”جي هجيئي نالو، ته گهمُ لاڙڪاڻو؛ نه ته وت ويڳاڻو.“

٢٢٩- دهليءَ جي مغل بادشاهه اورنگزيب جي صاحبيءَ ۾ ميان يار محمد ڪلهوڙي زور ورتو. بادشاهه جي ٻاران سنڌ ۾ اچي ڪي فتحون ڪيائين. پنهنجن

ڪان لاڙڪاڻي وارو طرف ڦري، دادوءَ جي نزديڪ، خداآباد جو شهر پنهنجي گاديءَ جو هنڌ ڪيائين. سندس وقت ۾ هڪ وڏو ڦهر ٿيو، جنهن جو مختصر طرح ذڪر ڪجي ٿو.

شاهه عنايت الله صوفي

۲۳۰- ميان يارمحمد جي صاحبيءَ ۾ ميرپور بٺوري تعلقي جي ڳوٺ ميران پور ۾، شاهه عنايت الله صوفي نالي هڪ نامور صوفي درويش رهندو هو (صفحو ۱۲۱). هن الله جي عاشق ۾ اهڙو ته ڪو چقمق هو، جو جنهن جون تنهن جون دليون پاڻ ڏي ڪينچي ورتيون هئائين. هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو سندس مريد ٿيا*، ۽ سندس در ڇڏڻ تي دل نه پئي ٿين: رهگذر پنهنجا اَٽ جهڪائي سندس درسن ڪرڻ ويندا هئا! اهڙيءَ طرح اُني وڏي جي اَنن جي جهوڪ اَتي هئي، تنهنڪري ڳوٺ تي نالو ئي پيو "جهوڪ".

"جت ورهن اَٽ، جاء تنهن کي چون 'جهوڪ'.
(ديوان گل).

سنڌ ۾ ڪلهوڙن کي ماڻهو پير ڪري پوڄيندا هئا؛ پر هيءَ وڏو پير پيدا ٿيو، تہ ميان يارمحمد کي اچي ڏپ ورتو، سو دهليءَ جي بادشاهہ کي رپورٽ ڪيائين تہ شاهہ عنايت جا ايترا مريد آهن، جو ڪنهن وقت سڄي سنڌ فتح ڪري وجهي تہ عجب ڪونهي! انهيءَ تي حڪم آيو تہ اهڙي ماڻهوءَ جي سسي لهرائي دهليءَ موڪليو! هن درويش جو دنيا سان ڪوبہ مطلب

* انهن مريدن مان هڪ صديق (صادق) فقير بہ هو.

ڪونہ هو، پر شڪ جو شڪار ٿيو- جنهن جلاد سسي ٿي لاٿيس تنهن کي چيائين تہ:

”رهانيدي مرا از قيد هستي: جزاڪ الله في الدارين خيرا!“

يعني ڇڏايو اٿئي مون کي هستيءَ جي قيد مان؛ ڏٺي اُجورو ڏيندءِ، ٻنهي جهانن ۾ خير ٿيندءِ! اها دعا مَن ڪري ڪيائينس جو ڏٺائين تہ آءٌ پنهنجي سچي سائين سان اجهوئي وڃي ٿو ميلان! انهيءَ خوشيءَ وچان سسئيءَ لهڻ کان اڳ جلاد کي هڪ سوني اشرفي بہ انعام ڏنائين- هي انسان يا ملائڪ! جيتري بہ تعريف ڪجيس ٿيتري ٿوري- جنهن وقت سسي ڌڙ کان ڌار ٿيس، تنهن وقت سندس سسئيءَ ٻوليو:

”سر در قدمِ يار فدا شد، چہ بجا شد؟
اين بار گران بود، ادا شد، چہ بجا شد؟“

يعني سچي سائينءَ جي قدمن تان هيءُ سر صدقي ٿيو، تہ ڇا بجا آندوسين؟ يعني ڪجهہ بہ بجا نہ آندوسين (اها ڪا وڏي ڳالهہ ڪانهي): هيءُ ڳرو بار (فرض جو) ادا ٿيو، تہ ڇا بجا آندوسين؟ اهڙيءَ ريت سندس سسيءَ ڪيترا بيت ٻولينا اهو بيتن جو ڪتاب ”بيسرنامو“ سڏجي ٿو- مطلب تہ هيءُ الله جو عاشق سنڌ جي تاريخ جا ورق پنهنجي رت سان رڱي ويو آهي، ۽ اها لالاڻ ڪڏهن بہ لهڻ جي نہ آهي.

شاهہ عبداللطيف سندس پهس يا همعصر هو. ٻنهي جي پاڻ ۾ ججهي پريت هئي. سهڻي لال لطيف کي جنهن وقت هن هولناڪ حادثي جي سڌ پيئي، تنهن وقت شاهہ عنايت کي ياد ڪري، زار زار رنائين ۽ هيءُ بيت چيائين:

اڄ نہ اوطاقن ۾، طالب تنوارين،
آديسي اُٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا!" (شاهه)

جهوڪ شريف ۾ هر سال ميلو لڳندو آهي، ۽ سنڌ جا صوفي ۽ ٻيا ماڻهو سون جي تعداد ۾ اتي وڃي ڪٺا ٿيندا آهن.

٢٣١- شاهه عنايت بابت چوڻ ۾ اچي ٿو تہ اول مارئيءَ بابت بيت چوندو هو؛ شاهه عبداللطيف جا سسئي بابت بيت ٻڌائين، تہ اهي اهڙا وڻي ويس جو پاڻ بہ اهڙا بيت چوڻ لڳو-

"آڏر، نڏر، آپري، ڪوجهي، ڪميڻي،
تنهن سان ٻاروچل ٻاجهون ڪيون، هوت ڏسي هيڻي؛
اڳهائي، 'شاهه عنايت' چوي، تنهنجي تڪر مان ليڻي،
جا هٿي ور جي وهيڻي، تنهن کي محب مليو مهباڙ ۾!"

سنڌي شعر جي ترقي

٢٣٢- دوهرو معنيٰ ٻن سٽن وارو بيت. معمائي فقيرن جا بيت، جي صفحي ١٣١ ۾ ڏنا ويا آهن، تن مان بيت ڇهين ۾ ٽي ٽڪون آهن. شاهه عنايت جي مٿين بيت ۾ چار ٽڪون آهن- تنهنڪري تاريخي لحاظ کان، شاهه عنايت ۽ شاهه عبداللطيف جا جوڙيل چوٽڪا بيت شعر جي ترقيءَ ۾ هڪ سونهري ڪڙي ڪري ليکيا. هنن، دوهرن جي ماترائن ۾ بہ ڦيرڦار ڪئي. حقيقتوُن دوهري جي هر هڪ مصرع ۾ چوويهہ ماترائون هئڻ گهرجن؛ ٻهرين اڌ ۾ تيرهن

۽ پوئين اڌ ۾ ڀارهن. هنن ٻنهي شاعرن اهي ٻنڌڻ ٽوڙي ڇڏيا: ڪٿي چوويهه-پنجويهه، ته ڪٿي ڇويهه-ڇويهه ماترائون به آنديائون- اهڙيءَ طرح نموني ۾ نئون اختيار ڪيائون.

ڏوهيڙا، لوڙائو ۽ سنڌي ڪافيون

٢٣٣- شاهه عبداللطيف کي راڳ جو شوق گهڻو هو. سندس فقير يا مريد ڪافين سان گڏ بيت به ڳائيندا هئا. انهن رفتي رفتي، مضمون توڙي ڳائڻ جي ڍنگ پٽاندر، بيتن تي نالاڻي نرالا پيا: خود ”دوهڙو“ لفظ جو اچار ڦري ٿيو ”ڏوهڙو-ڏوهيڙو“، ڪي ”ڏوهو“ (دوهو) به چون- هاڻ انهن لفظن جي معنيٰ ۾ به ڦير ڦيري ويو آهي: دوهڙو معنيٰ اهو ٻن سٽن وارو بيت، جنهن ۾ ڪا ڌرمي يا اخلاقي ڳالهه هجي. ”ڏوهيڙو“ معنيٰ اهو بيت جنهن ۾ عشق جي ڳالهه هجي ۽ منجهس سٽون ڪيتريون به هجن؛ ٻڪرار، جت ۽ ٻيا ڪنن تي هٿ رکي، وڏي سڏ ڏوهيڙا ڏيندا آهن؛ تن کي عام طرح ”لوڙائو“ چئبو آهي؛ پَٽ، ڀڳت ۽ ٻيا، ڪٿهن قصن ٻڌائيندي، ٽپ ٽپ تي جيڪي بيت سُر سان ڳائيندا آهن، تن کي ”ڳاهون“ (سنسڪرت ”گاٿا“) چئبو آهي؛ جيڪي ڏوهيڙا منگتا يا مڱڻهار ۽ ٻيا نڙ تي تنبوري تي چوندا آهن، سي اڪثر ”بيت“ ڪوٺيا آهن؛ جن بيتن ۾ سنت ساڌو ويدانت جون ڳالهيون يا ٻيون ڌرمي يا نيتي (اخلاقي) ڳالهيون آيون ٿيون، تن کي بيتن بدران ”سلوڪ“ سڏبو آهي. شاهه جي رسالي ۾ ٻهريائين بيت ۽ پوءِ وايون يا ڪافيون آهن. هاڻ

دستور آهي، تہ جيڪي ڪافيون ڳائڻ ويهن، سي اول ڏوهيڙا ڏين ۽ پوءِ ڪافي شروع ڪن. اهو نمونو اسان جن مائٽن ڪي سهڻي لال لطيف سيکاريو، جو سنڌ ۾ ڪافين جوڙڻ جو رواج ئي ڀهريائين پاڻ وڌائين.

سنڌي ڪافيون ۽ انهن جو اثر

”اڳئي آيام پيهي، او الا، مون سارينديِ سپرين.
مشڪ عطر مون پرين، سهڪس جم سيئي.
تن جني جو طالبو، روح تني سين ريهي-
ساجن سنڌيءَ سونهن جي، آءَ ڳالھ ڪريان ڪيهي.
ٿيو لطف، ’لطيف‘ چئي، دوست آيو در پيهي.“
(سر ڪنيات)

شاھ عبداللطيف، ھھڙيون من موهيندڙ ڪافيون چئي، مائٽن کي مستان ڪري ڇڏيو. سنڌي مائٽن کي هيءَ نئين چاتي چڪايائين، تنهن ڪان پوءِ مائٽن بہ پنهنجو هوش هلائي، ڪافين جوڙڻ جا نوان نوان نمونا ڪڍيا؛ هاڻ ڪا ڪافي ”يڪي“ (جيئن مٿين ڪافي آهي)؛ تہ ڪا ”سوائي“، تہ ڪا ”ڏيڍي“ وغيره- شاھ صاحب ڪافين جو رواج وڌو، سو سنڌ ۽ ان هڪ وڏو وڙ ڪيو اٿس. سنڌ جو راڳ آهي ئي ڄهو: انهيءَ روح ريجهائيندڙ راڳ اسان جي پر ڳٽي ۾ ڌاڍي سوج مچائي آهي! ٻنيءَ ۾ ڏسو هاري ناري ڪنهن وقت ڇهار (پکي) پيو هڪليندو، تہ ڪنهن وقت اها لات پيو لنوندو، جو ڪيا بات! هو جو اوٺي، جنهن کي جيڪو تيڪو

”جت“ سڏيندو اهي، سو اڪثر غزل ڪونه ٿو ڇوي؛ باقي ڪافين جو ڪوڏيو آهي. جهنگ مان ڪرها (آٺ) قطاريو پيو ويندو. ته ڪنهن مهل لوڙائو ڏيئي، اها وٺي ڪافي آلاپيندو، جو جهنگ ۾ رنگ لائي ڏيندو! ڪنهن صوفي فقير جي درگاهه يا ٻئي آستان تي، جڏهن ڳائڻا اچي ٿا ڪَڏ ٿين، تڏهن ته لوليون لاٻو ڏين: دلا ۽ يڪتارا ڪٺي، اهي غضب جون ڪافيون ڇون، جو ٻڌندڙن جو پيٽو به ٻاٽي ڪيو ڇڏين: ڪٿي ڀڳت پوندي آهي، ته ماڻهو هڪٻئي جي مٿان ڳاهٽ وڃي ٿيندا آهن، ۽ ۽ تير چٽڻ جي جاءِ ڪانه هوندي آهي! رواجي طرح به ڏسو ته سنڌ جا گهڻو ڪري سڀئي ڪاسبي، حاج-وٺو اکيان رکي پنهنجي ڪرت به پيا ڪندا، ته جهونگاريندا به پيا: ڪو مومل راڻي جا مذڪور ته ڪو سسيءَ جا سور پيو ڳائيندو، يا مارئيءَ جي ساڻيهه جي سڪ ۽ اباڻن جي آکير وڃاڻ وڇوڙي جا ورلاپ پيو ڪندو.— هي سڀ شاهه صاحب جو پرتاب آهي، جنهن ڪافين جو رواج ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ وڌو. هن سنڌي شاعرن جي سرتاج ڪان پوءِ بيدل، بيڪس، ڀائي دلپتراءِ صوفيءَ ۽ ٻين به اهو نمونو اختيار ڪيو.

مداحون ۽ مناجاتون

۲۲۴— مداحن ۽ مناجاتن جوڙڻ جو رواج به ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ ٿيو، جن ۾ هر ڪ ڏومري ۾ ننڍيون ننڍيون ٽڪون رکندا هئا. مثال لاءِ ميان سرفراز خان

ڪلهوڙي جي مداح، مسلمانن جي نبيءَ بابت، هيٺ ڏجي ٿي:

"ٻلا چام، هن غلام سندو سوال سڄ تون،
آهيان ڏڏ، غمن گڏ، سچا سـڏ سڄ تون،
ٻسي پاڻ، ڪرم ساڻ، ڏکيا ڏاڻ ڏڻين مون- ٻلا چام...
لنگهيا لڪ، لٿا شڪ، هلي حق گڏياسون،
في الحال منجهه وصال، اچي محب ملياسون- ٻلا چام....
'سرفراز' ڪي اداس: آهي آس اوءان ڏانهن،
رهه راس، بند خلاص، ٿوبي خاص ڏڻين مون- ٻلا چام...."

٢٣٥- جمن نالي هڪ چارڻ اکين کان سڄو هو،
تنهن پيران پير دستگير کان اکين جي روشنائي گهرڻ
لاءِ هڪ مداح جوڙي، جنهن مان ٿورڙيون ٽڪون هي آهن:

"فرزند آهين حسنين جو، آءٌ سائل تنهن ثقلين جو،
درگهه مٿي ڏِن رين جـو، اوجـز مڱان عينين جو،
دارُو ٿئين دارين جو، يا پير پيران پاتشاهه!
'جمن' چوي جاهل آهيان، ڪيرتن ڪچو ڪاهل آهيان،
تو در سندو سائل آهيان، يا پير پيران پاتشاهه!"

اهڙيءَ ريت بند بند ڏيندو هليو اچي. هندن ٻه ٻيون
مداحون جوڙيون- جهڙوڪ: گرونانڪ صاحب جي مداح،
درياهه شاهه جي مداح، ۽ ٻيون مداحون.

فارسي نموني جو شعر

٢٣٦- شاهه صاحب کان پوءِ سچل ۽ ٻين ڪن شاعرن
فارسي بحر ۽ وزن تي ڪي ڪافيون جوڙيون، اهو رواج

عيسوي ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ڌاري مير ڪرم علي خان جي راڄ ۾ وڌيو. ان وقت ايران جا ڪي قابل ماڻهو سنڌ ۾ آيا، جي فارسي غزل، قصيدا، رباعيون، مسدس وغيره جوڙيندا هئا؛ خود سنڌ جا مير صاحب، فارسي بحر ۽ وزن تي شعر چوندا هئا؛ ڪين ائين ڪندو ڏسي ان وقت جا ڪي سگهڙ ماڻهو به سندن پيروي ڪرڻ لڳا. انهيءَ وقت ڌاري ثابتعلي شاهه سنڌيءَ ۾ ”مرثيا“ جوڙيا، جي فارسي بحر ۽ وزن تي ٻڌل آهن؛ ڪن ڪن مرثين ۾ ته نج فارسي ٽڪون وڌيون اٿس. پهريون سنڌي شاعر، جنهن پنهنجا غزل فارسي بحر ۽ وزن تي الف-بي وار جوڙي ”ديوان“ تيار ڪيو، سو خليفو ميان گل محمد هو، جنهن جو ”ديوان گل“ مشهور آهي. هو صاحب حيدرآباد ضلعي جي هالا پراڻا (تعلقي هالا) ۾ سن ١٧٨٠ع ۾ ڄائو هو ۽ اتي، جي ساڻوٽي مُلن مان هو– ”ديوان“ لفظ خاص طرح انهيءَ شعر جي ڪتاب کي چئبو آهي، جنهن ۾ سمورو شعر الف-بي وار ڏنل هجي– ”ديوان گل“ جڙيو ته ٻين کي به رشڪ آئي؛ جنهنڪري هن وقت ديوان فاضل، ديوان قاسم، ديوان سانگي، ديوان خاڪي ۽ ٻيا ٿورا گهڻا ديوان سنڌيءَ ۾ آهن. ڪن وري رباعيون، مسدس ۽ ٻيو شعر چيو آهي. هن وقت اهو فارسي نموني جو شعر هليو اچي. ڪامسين ڪامروپ، سسئي پنهون، ۽ ٻيا قصا دوهرن جي ترتيب تي ٻڌل آهن؛ پر هاڻ اهو نمونو ڪي ٿورا اختيار ڪن ٿا.

سري جا ستارا

٢٣٧- مولويِ ابوالحسن جي وقت کان وٺي، ڪيترن مسلمان عالمن رڳو ديني ڳالهين بابت ڪتاب پئي جوڙيا؛ پر ساڳئي وقت شاهہ عنايت ۽ شاهہ عبداللطيف تصوف جي نهر نئين سر جاري ڪئي، تہ سچل، ساميءَ، جانڻ شاهہ، روحل، مراد، غلام علي ۽ دريا خان، بيدل ۽ بيڪس، پارو شاهہ، پائي وسڻ، شنڪر ڀارتي ۽ ٿلهي جي ساڌن، ۽ ٻين سريءَ (سرحد سنڌ) جي ستارن پنهنجي فيض جي درياهہ جا در کوليا، نہ رڳو سريءَ پر سڄيءَ سنڌ کي بهار بهار ڪري ڇڏيو! انهن صوفين ۽ ويدانتين عجيب پلٽون پلٽيا، پيائيءَ جون ٻنڌيون پيچي ڇڏيون، هندن توڙي مسلمانن لاءِ هڪ اهڙو پڪو ۽ وسيع ميدان پيدا ڪيو، جنهن ۾ اڄ تائين ٻنهي قومن وارا هڪبئي سان رلمل ڪن ٿا. هنديءَ ڪم آڻيندي بہ مسلمانن عار نہ ڪونہ ٿي ڪيو: ڪنبڙي، تعلقي روهڙيءَ وارن درويشن جي ڪيتري ٻاٽي هنديءَ ۾ آهي، جنهن مان هڪ ٽڪ هي آهي:

”ڳران جي، مٺن شرڻ تماري آيا.“

ڪير جيڪر چوي تہ هيءُ ڪنهن مسلمان جو چيل ڪلام آهي؟ اهڙيءَ طرح انهن سري جي ستارن، توڙي ٻين، تصوف ۽ ويدانت جون ايتريقدر پلٽون پلٽيون، جو اڄ جيڪڏهن سنڌي ساهت مان سمورو صوفيانو ڪلام ۽ ويدانتي واڻي ڪڍي ڇڏجي، تہ سنڌ جو علم ادب ڄڻ سڃي مڙدي مثل ٿي پوي!

عامل ۽ ڀائيبند

٢٣٨- سنه ١٩-١٧١٨ع ۾ ميان يارمحمد ڪلهوڙي رفات ڪئي. ڪانئس پوءِ پٽس ميان نورمحمد ڪلهوڙي، اُچ ۽ ملتان مان ديوان گدومل ۽ ٻيا ڪي هندو آندا، جي اول دادوءَ جي پرسان خداآباد ۾ اچي رهيا. ميان غلام شاهه ڪلهوڙي، سنه ١٧٦٨ع ۾ حيدرآباد جو شهر ٻڌايو ته ڪيترا هندو اوڏنهين وڃي رهيا، سو اڄ تائين سندن اولاد خداآبادي عامل ۽ ڀائيبند سڏجن ٿا. انهن ٻاڙي ٻاڙي ۾ ٽڪاڻا کولايا، ته گُرن جي ٻاڻي ۽ گُرمکي اکرن جو ڦهلاءُ ٿيو. ڪيترا ديوان لاڙڪاڻي ضلعي ۾ جدا جدا هنڌن ۾ وڃي رهيا، جنهنڪري اوڏنهين به ديوان آهن. ڪي ڀائيبند جيسلمير، گجرات ۽ ٻين هنڌان آيا، جن مان ڪي ديويءَ جا پوڄاري ته ڪي وشنو هئا. ائين پرڳڻو ويو وڌندو ۽ ٻولي به ويئي وسيع ٿيندي. ڀائيبند جدا جدا هنڌن مان آيا، تنهنڪري هندو-سنڌي اکرن ۾ ٿورو ڦير هو، جو اڄ تائين آهي.

سنڌ جو پرڳڻو قنڌار جي تابعي

”جڏهن ڪڏهن سنڌڙي، تو ڪي قنڌاران جو ڪو.“

(صفحو ٢١٣)

٢٣٩- سنه ١٧٣٩ع ۾ ايران جي بادشاهه نادر شاهه، مغلن جو زور ڀڃي، پنجاب ۽ سنڌ پنهنجي تابعي ڪيا. ميان نور محمد سندس اَڻ مڃڻ ڪان تتايو، ته نادرشاهه سنڌ تي ڪاهي آيو. ٻئي ڌاڙا قهر ڪيا. ميان نورمحمد

وٽ هڪ ڪروڙ رپيا ڏرتيءَ ۾ پوريل هئا، سي جڏهن ڏنائين، تڏهن وري حڪومت ڪرڻ مليس؛ پر انهيءَ لاءِ ٻه ويهه لک رپيا ساليانيءَ ڏيل ڀرڻ جو بوجو نادرشاهه مٿس رکيو- نادرشاهه جا ”نادري حڪم“ اڄ تائين سنڌ ۾ مشهور آهن.

سنڌ ۾ وري ڦرلٽ ۽ باهيون

٢٤٠- نادرشاهه کان پوءِ احمدشاهه دوراني توڙي سندس پٽ تيمور شاهه ساليانيءَ ڏيل طلبڻ لڳا؛ پر ايترو ڏڪو اچي ڪٿان؟ پوءِ ته قندار کان ڪٽڪ ڪهي، اها ڏيل زوريءَ اڳاڙڻ ايندا هئا. هڪڙي ڦيندي هئي ڦرلٽ ۽ ٻيون لڳنديون هيون باهيون! بيٺل فصل به پٺاڻ چٽ ڪري ويندا هئا! ميان عبدالنبي ڪلهوڙي کي ميرن مان خطرو هو، تنهن قنڌار جي حاڪم جي مدد گهري. انهيءَ گهري مددخان پٺاڻ آيو، تنهن ته ٻيڪاري وڏيڪ ڦرلٽ ڪرائي ۽ شهرن جا شهر باهيون ڏياري ناس ڪرائي ڇڏيائين! انهيءَ سبب ”مدد“ معنيٰ ٿي ”مصيبت“ (صفحو ١٩٢). انهيءَ ميان عبدالنبيءَ جي وقت ۾، جوڌپور جي راجا ٻه راجپوت ايلچي ڪري موڪليا، جن مير بجار سان خلاصن ڳالهين ڪندي کيس خنجر هڻي ماريو؛ انهيءَ ڪري اڄ تائين چوڻي آهي ته ”ڪَنَ جي ڳالهين مير بجار مارايو“.

ميرن جي صاحبي

٢٤١- سنه ١٧٨٣ع کان وٺي ميرن جي صاحبي ٿي. ته قنڌار جي حاڪم مٿن به اها ڏيل مڙهي، تيستائين ١٧٩٢ع

۾ مير فتح علي خان آئي - مٿس اٺاويهه لک رپيا اڳوڻي بقايا جي عوض توڙي آئينديءَ لاءِ ڏيئي، پنهنجي جند ڇڏائي*. سنه ١٧٩٣ع ۾ ميرن حڪومت جو ورهاڱو ڪيو. مير سهراب خان خيرپور هٿ ڪئي، تہ ڪي ديوان اوڏانهين ويا، جنهنڪري ''خيرپوري ديوان'' سڏجڻ ۾ آيا، نہ تہ اصل حيدرآباد جي ديوانن جا پاڙ آهن. مير سهراب خان جي پٽ ٺاري خان شاهہ بندر هٿ ڪيو، تہ ڪي ٺٽي ولس نوڪريءَ ۾ گهڙيا، جنهنڪري هينئر ٺٽي ۾ بہ ديوان آهن. سنه ١٨٤٣ع ۾ انگريزن سنڌ فتح ڪئي، تہ سڀني ميرن جي صاحبي پوري ٿي. باقي رڳو خيرپور ۾ عليمراد خان ٽالپر جو راڄ قائم رهيو. حيدرآباد ۾ ميرن جا قبا اڄ تائين آهن.

٢٤٢- ميرن جي صاحبيءَ ۾ ٻہ عيسائي اميرزادا جارجيا (ڪاڪيزس) کان عجيب حالتن هيٺ سنڌ ۾ آيا، جن کي مير ڪرمعلي خان دين اسلام ۾ آندو. سنڌ جا مرزائون انهن جو اولاد آهن، جن مان مرحوم شمس العلماء مرزا قليچ بيگ نظم توڙي نثر جا جيتريقدر علمي خزانا سنڌ کي ڏيئي ويو آهي، تيتريقدر ٻيو ڪوبہ سنڌي عالم اڄ تائين نہ ڏيئي سگهيو آهي.

تعليم جو انتظام

٢٤٣- سنسڪرت ۽ پراڪرت وارن زمانن، ۾ ودِيا (علم) سيکارڻ لاءِ هڪڙا هوندا هئا ''آچاريہ'' جي گويا پروفيسر

* ميجر جنرل هيگ جو ''انڊس ڊيلٽا ڪنٽري''، صفحو ١١٧.

هئا ۽ ٻيا هئا "آپاڌيايہ" جي ماستر هئا. آپاڌيايہ جو آچار بگڙجي "اوجها" ۽ "واجهو" ٿيا آهن. سنڌ ۾ اڄ تائين هڪ آڪهہ وارا "اوجها" سڏجن ٿا. "واجهڪا" يعني هندو ماسترن جا اسڪول تہ انگريزن جي صاحبيءَ جي اوائل ۾ بہ گهڻيئي هئا. هندن جي شاسترن ۽ يونانين جي لکيل احوالن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌي ماڻهو طب مان گهڻو واقف هئا. اڄ تائين ويج (ويدي) آهن ۽ ڪونن ۾ بہ ڏاهيون ۽ ڏاها گهڻيئي آهن. اسان جي ڏسندي بہ ننڍڙن ٻارن جي ڦڪي سٽي اسان جون ٻيڙيون مائيون ڪنديون هيون.

٢٤٤ـ مسلمانن جي صاحبيءَ شروع ٿيڻ سان عربي تعليم جو انتظام ڪيو (صفحو ٢٠٥). انهيءَ وقت کان وٺي سيد ۽ مولوي سنڌ ۾ وڌيا، جي اڪثر وعظ ڪندا هئا. ارغونن جي صاحبيءَ ۾ بہ گهڻو زور ديني تعليم تي هو، ۽ شريعت جي پابندي گهڻي هئي؛ جنهنڪري شيخ الاسلام مقرر ٿيندا هئا- جهڙوڪ شاهہ قطب الدين شاهہ محمود، جو اصل خراسان جو وينل هو ۽ بکر ۾ اچي رهيو هو. جمعي جمعي تي وعظ ڪندو هو. مرزا شاهہ حسن ارغون کيس بکر جو شيخ الاسلام مقرر ڪيو هو. دهليءَ جي بادشاهن جي پاران صوبا مقرر ٿي ايندا هئا، تہ بہ تعليم جو سرشتو اهوئي هوندو هو. سنہ ١٧٠٠ع ۾ مولوي ابوالحسن ديني ڪتاب لکيو، ۽ تنهن کان پوءِ ٻيا بہ ديني ڪتاب سنڌيءَ ۾ جڙيا (صفحو ٢٢٨ ۽ ٢٢٩)، تہ بہ اهو سڀ وقت عربيءَ ۽ فارسيءَ جو واهپو گهڻو هو.

٢٤٥- ڪلهوڙن ۽ ميرن جي صاحبين ۾ ٺٽو ۽ روهڙي گويا سنڌ جون يونيورسٽيون هيون؛ ۽ انهي جي سيدن کي حاڪمن لوازما ٻڌي ڏنا هئا ("سنڌ گزيٽيئر"، صفحو ٤٧٢). هندن توڙي مسلمانن جي ٻارن لاءِ آخوندن جا "ختاب" يا مڪتب هوندا هئا، جن ۾ هاڻوڪن اسڪولن وانگر درجا ڪونه هوندا هئا؛ ڪريما، گلستان، بوستان، پندنامو ۽ ٻيا فارسي ڪتاب پاڙهيندا هئا. نڪا هئي تاريخ، نڪا جاگرافي؛ نڪو ڪو حسابي ڪمن پٺيان گهڻو مٿو ماريندا هئا. شاگردن کي خط پٽ لکڻ سيکاريندا هئا. خوشنويسيءَ تي گهڻو زور هوندو هو. هيءَ چوڻي عام هئي، ته "اکر آهن اڌ علم" اها تعليم پنجن - ستن سالن ۾ پوري ڪري، شاگرد وڃي روزگار کي لڳندا هئا. عام چوڻي هئي ته "فارسي، گهوڙي چاڙهسي". ڪو فارسي خواندو جهڙو تهڙو ڏنڊو ڪندو هو، ته ٻيا عجب کائيندا هئا.

"پڙهبو فارسي، وڪڻبو تيل،
ڏسو يارو، قسمت جو کيل!" (پهاڪو)

پڙهڻ لاءِ ڪي مدرسا يا اسڪول هاڻوڪي وانگر تعمير ڪونه هوندا هئا. آخوندن جا مڪتب خانگي جاين ۾ يا وقتي ڪن اوطاقن ۾ بلڪ مسجدن ۾ هوندا هئا، جتي هندو شاگرد به ويندا هئا- ويجهڙائيءَ ۾ به ائين هوندو هو- ڪن مسجدن ۾ رکيو مسلمانن جا ٻار ويندا هئا، ڪي هوند وارا پنهنجي ٻارن جي تعليم لاءِ آخوندن کي پاڻ وٽ گهرائيندا هئا ۽ پاڙي جا غريب ٻار به

اتي اچي مفت ۾ تعليم وٺندا هئا ("سنڌ گزيٽيئر" صفحو ٤٧٢)

عام طرح شهرن ۽ ڳوٺن ۾ آخوندن ۽ مُنن جي پيدائش "جمعگي" هوندي هئي، يعني جمعي جمعي ڏينهن شاگرد پنهنجن استادن کي ڪجهه روڪڙ يا اَنُ داڻا يا ڪانيون ڏيئي ايندا هئا. اَنُ ڏيڻ جو رواج وڏيڪ عام هو. انهيءَ کان سواءِ، آخوندن کي ڏڻ-وار تي ٻين شاگردن جي مائٽن وٽان ڪجهه ملندو هو. هيئن به هوندو هو، ته ٻارن کي جيڪو لَول سنڌن ڪاڻِ لاءِ گهران ملندو هو، يا پنهنجيءَ خرچيءَ مان ڳنهندا هئا، ته آخوند کي صلاح ڪندا هئا، ۽ آخوند صاحب جو حصو به "صلاح" سڏبو هو- انهيءَ ريت اهڙا تعليم اڪثر ڪامورن جا ٻار وٺندا هئا، پائيبندن جا ٻارڪهر ۾ ئي هندو-سنڌي اکر سکي، اباڻڪي ڪيرت وچي ڪندا هئا. ٿورڙيون پانشالائون به هونديون هيون.

عربيءَ جو فارسيءَ جي معرفت اثر

٢٤٦- عربن جي ڪاهه وقت عربيءَ جو جيڪو به سڌو اثر ٿيو هوندو، سو وراڇڻ اڀرنش تي، يعني سنڌي ٻوليءَ جي ماءُ تي (صفحو ٢٠٥)؛ پر وڏي ڳالهه ته عربن نڪي ڪنهن کي عربيءَ سکڻ لاءِ ٻڌل رکيو هو (صفحو ٢٠٤)، نڪي سنڌ جو سڄو پر ڳٺو سنڌن هٿ ۾ هو (صفحو ٢٠٨). سنه ١٠٢٤ع ۾ محمود غزنويءَ سنڌ مان خليفن جي نائبن کي ڪيڏي چڏيو (صفحو ٢٠٩). غزنوي گهرائي وارن جي

وقت کان وٺي، فارسيءَ جو واهپو ٿيو. فارسي اڳيئي عربي آميز آهي (صفحو ٢٠٤)، تنهنڪري فارسيءَ جي معرفت عربي لفظ آيا (صفحو ٢١٠). اڪبائي ۾ اڄ تائين موجود سنڌي شعر معمائي-فقيرن جا بيت آهن، جي عيسوي چوڏهين صديءَ جا جُڙيل آهن. انهن ۾ عربي توڙي فارسيءَ جو اثر لڳائي ڏيکاري ڪونه ٿو (صفحو ٢١٢). سنه ١٥٢١ع کان وٺي ارغونن جي سنڌ ۾ صاحبي ٿي. انهيءَ وقت کان وٺي فارسي تعليم جو سلسلو سنڌ ۾ باقاعدي شروع ٿيو، ۽ سنڌي شعر جي تاريخ به انهيءَ وقت کان وٺي شروع ٿئي ٿي (صفحو ٢١٤). –"شاهه ڪريم جي بيتن جي ٻولي اڳوڻي نج سنڌي آهي، جا بلڪل صاف ۽ عربي ۽ فارسي لفظن جي آميزش کان پاڪ آهي. عربيءَ جا فقط اوٽيهه لفظ ۽ هڪ اصطلاح، ۽ فارسيءَ جا آٺ لفظ ڪم آندا اٿس"*.

دهليءَ جي بادشاهن جي حڪومت کان وٺي فارسيءَ جو واهپو وڌيو، تڏهن به شاهه جي رسالي ۾ ڏسو ته نج سنڌي بلڪ نج سنسڪرت ۽ پراڪرت لفظ گهڻا آهن؛ ۽ انهن جي ڀيٽ ۾ عربي ۽ فارسي لفظ پنجين ڀاڱي جيترا به مس ٿيندا.

ڪلهوڙن ۽ ميرن جي صاحبين ۾ هندو ڪامورا خانگي خط پٽ ... فارسيءَ ۾ لکندا هئا. سنڌيءَ ڏي ماڻهن جو ڌيان اِجهو اهڙو هو، جو ١٨٤٣-٤٧ع ۾ ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي چوڻ موجب پنهنجي مادري زبان (سنڌيءَ) کي مسخرن جي ٻولي ڪري سمجهندا هئا! (صفحو ٧٦).

* ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو: "رسالو ڪريمي"، صفحو ٩٢.

سنه ۱۸۷۲ع ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ جي وقت ۾، اتر-هندستان جي ٻين ٻولين کان سنڌيءَ ۾ ڌاريا لفظ گهٽ هئا (صفحو ۷۴). سنه ۱۸۷۹ع ۾ شرٽ صاحب واري ڊڪشنري جڙي، تنهن ۾ اڍائي هزار عربي ۽ ٻه هزار فارسي لفظ آهن (صفحو ۱۸۲). انهيءَ وقت کان اڄ تائين، ٻيا به ڪيترا عربي فارسي لفظ عام ٿيا آهن- اهڙيءَ طرح فارسيءَ کان، عربي لفظ سنڌيءَ ۾ وڌيڪ آهن، جن مان گهڻا اسم عام، ٿورا اسم ذات، ۽ انهن کان گهٽ صفتي لفظ آهن. سنڌيءَ ۾ عربي عدد ۽ ضمير آهن ئي ڪين، ۽ حرف ۽ ظرف به ايترا ٿورا آهن، جي آڱرين تي ڳڻي سگهجن ٿا. انهيءَ لاءِ سبب هيٺ ڄاڻائجن ٿا.

ڌارين لفظن جي چالو ٿيڻ جا قاعدا

۲۵۷- ٻوليءَ ۾ مکيه ڳالهائڻ جا لفظ ٻه آهن: هڪڙو اسم، ٻيو فعل. اهي ڄڻ ڪ اڏاوت لاءِ ڪُڪا يا ٽاڪيل پٿر آهن. جيڪي حرف ۽ ظرف آهن، سي چڻ ته چُن، ريتي ۽ سيمينٽ آهن، جي ڪُڪن جي سنڌن ملائڻ ۽ اڏاوت کي پختي ڪرڻ لاءِ ضروري آهن. ڌارين قومن جا لفظ جي روز مره جي محاوري ۾ اچي وڃن آهن، تن مان سڀني کان اڳ اسم چالو ٿيندا آهن. هڪڙي قوم ٻيءَ تي ڪاهي ويندي، ته ٻنهي قومن کي گهٽ ۾ گهٽ هڪٻئي جي ملڪ، قوم ۽ جنگ ڪندڙ مکيه عملدارن جي نالن جهڙي سڌ ضروري پوندي. جنگ بند ٿيڻ کان پوءِ، سياوڪ طرح، اول

روزمره جي ڪم اچڻ جي شين جي خريد فروخت ٿينديءَ
ائين شين جي نالن جي خبر پوندي: فتح ڪندڙ حاڪمن
جا دفتر کلندا، ته سرڪاري لکپڙهه ۾ ڪم ايندڙ لفظ،
۽ عهديدارن جي عهدن، لقبن وغيره جي ڄاڻ پوندي.
نوان هنر ۽ ڌنڌا کلندا، ته انهن سان لاڳاپو رکندڙ لفظ
عام ٿيندا. مڪتب کلندا ۽ ڪتابي علم زور وٺندو، ته
ٻوءِ قسمين قسمين لفظ مروج ٿيندا. اهو آهي ڌارين لفظن
جي چالو ٿيڻ ۽ ٻوليءَ تي اثر ٿيڻ جو عام قاعدو-
مطلب ته اول اسم چالو ٿين ٿا، ۽ صفت ٻ. وقتي اسم
ٿي ڪم اچن ٿا، تنهنڪري اهي ٻه ٻوليءَ ۾ اچيو وڃن؛
باقي ٻيا ڳالهائڻ جا لفظ تمام دير سان چالو ٿين ٿا.
انگريزيءَ جا به هن وقت تائين رڳو اسم سنڌيءَ ۾ چالو
آهن، ۽ هڪڙو به صفت، ضمير، فعل، ظرف، يا حرف
چالو ڪونه ٿيو آهي.

سنڌيءَ ۾ عربي لفظ

٢٤٨- سنڌيءَ ۾ عربي لفظ هيٺين قسمن جا آهن:
اسم- بصر (بصل)، ٿوم (ثوم-فوم)، ڪلف-
ڪرف (قفل) قلم، ڪتاب، مدرسو، منشي، عامل، حڪيم،
طبيب، قاضي، ولي، وظيفو وغيره.
اسم ذات- ادب، ظلم، طاقت، نقصان وغيره.
صفت- حلال، حرام، غافل، ظالم وغيره.
عدد- رڳو "واحد" لفظ عام آهي. سنڌيءَ جا سڀ
عدد شماري ۽ قطاري سنسڪرت بنياد جا آهن.

ضمير- هڪڙو به ڪونهي.

فعل- هڪڙو به عربيءَ جو ڪونهي.

ظرف ۽ حرف- بلڪل (بالڪل)، فقط، ضرور (ظ ف) عام آهن. انهن کان سواءِ ڪاڻ (خاطر)، بگر (بغير)، مقابل، موجب، واسطي (اسم- واسطو). ۽ ٻيا اهڙا عربي لفظ اڪثر حرف جر ٿي ڪم اچن ٿا. بغير، فقط ۽ واسطي بدران سواءِ، رڳو ۽ لاءِ لفظ ڪم آڻي سگهجن ٿا، جنهنڪري انهن لفظن جو جيڪر ڪجهه ڪونه پوي، پر تڏهن به اچي ويا آهن، ۽ اها وڏي ڳالهه آهي.

حرف ندا- الا (الله)! شال- شل (شاءالله)، معنيٰ ڏيئي ڪري ته!

هن ٻوئن لفظ جي صورت گهڻي قدر بگڙيل آهي. اهڙيءَ طرح ٻيا به ڪي عربي لفظ ڪن ايامن کان ڪم پيا اچن، ته انهن مان ڪن جي صورت گهڻي قدر ڦري ويئي آهي- جهڙوڪ "تعويذ" جو اچار بگڙجي "تائيت" ٿيو آهي، "سجد" جو اچار بگڙجي "مسيد" "مسيت" ۽ "مهت" ٿيو آهي؛ "بدره" بدران "بدڙي" چئون ٿا.

سنڌيءَ ۾ فارسي لفظ

۲۳۹- جيڪي فارسي لفظ سنڌيءَ ۾ عام ٿي ويا آهن، تن جا ٿورا مثال هي آهن:

اسم- آب، آبادي، آبرو، آتشبازي، بادشاهه، بازيگر، بگي، پروانو، پرواهه، پهراڻ (پيرهن)، پانجيب (پازيب)،

پيشگبر، جام يعني پيالو يا گلاس، جليبي (زلابيه)، دامن، ديگ، رستو، زيون، گجر (گزر) وغيره.

صفت- آباد، برباد، بيزار، پاڪ، تازو، چالاڪ، روشن، هوشيار وغيره.

ضمير- رڳو "خود" لفظ عام آهي.

عدد- دو-دستو، معنيٰ چسو يا چٽ ۽ دو-آتشه، سه آتشه=شراب-اهڙن مرڪب لفظن ۾ فارسي عدد دو (ٻه) ۽ سه (ٽي) ڪم اچن ٿا، باقي عام طرح اسين پنهنجا سنڌي عدد-هڪ، ٻه، ٽي وغيره ڪم آڻيون ٿا، جي سڀ سنسڪرت بنياد جا آهن.

ظرف- هردم ۽ هرگز.

حرف جر- "روبرو" لفظ ظرف توڙي حرف جر ٿي ڪم اچي ٿو.

حرف جملو- اگرچه، مگر، بلڪ ۽ باوجوديڪ (اڌ عربي ۽ اڌ فارسي).

حرف ندا- افسوس! يا خدا!

سنڌيءَ ۾ ڌيم-ٻوليءَ يا گڏيا لفظ (Hydrids)

٢٥٠- ٻوليءَ جو اثر ٻن قسمن جو ٿئي ٿو؛ هڪڙو ٻاهريون، ٻيون اندريون يا جگري. عربي، فارسي، ترڪي، انگريزي ۽ ٻين ٻولين جا لفظ سنڌيءَ ۾ اچي ويا آهن، ته اهو ٻوليءَ تي ٻاهرين اثر چئبو- اڄ تائين اهي ڌاريا لفظ ليکجن ٿا- اندريون يا جگري اثر اهو آهي، جنهن ۾ ڌاريا لفظ گڏيجي گڏجي ٻيءَ ٻوليءَ جو پاڙو ٿي پون-

جهڙوڪ ڪن عربي اسمن ۽ صفتن سان، سنڌيءَ جي مصدر واري پڇاڙي ”اڻ“ گڏي، فعل جوڙيا اٿون: نظر-نظرڻ، قطار-قطارڻ، دفن-دفنائڻ، قبول-قبولڻ، ۽ قرار-قرارجڻ.

”مون کي ڏنءَ ڏيئي، وڃي ڍوليو ڍٽ قراريو.“ (شاهه)

فارسي فعلن ”آزمودن“ ۽ ”رسانيدن“ مان امر واحد آهن ”آزماي“ ۽ ”رساي“؛ انهن مان ”آزمائڻ“ ۽ ”رسائڻ“ لفظ جوڙيا اٿون. ساڳيءَ طرح عربي لفظ ”شان“ ۽ فارسي لفظن ”آب“ ۽ ”ننگ“ مان ”شانائتو“، ”آبائتو“ ۽ ”ننگائتو“ لفظ (”آئتو“ پڇاڙي گڏڻ سان) جوڙيا اٿون. انگريزي لفظن کي اڃا تائين ايتريقدر سنڌي لفظن سان گڏيجڻ ڳتجڻ نه ڏنو اٿون. ”آگبوٽ“ لفظ ۾ ”آگ“ هندي ۽ ”بوٽ“ انگريزي لفظ آهي؛ انگريزي لفظ ”ڪاليج“ مان سنڌي صفت ”ڪاليجي“ (جوان).

اهڙي حالت ماڻهن جي نالن ۾ به نظر اچي ٿي، جهڙوڪ حشمتراءِ قيمتراءِ، نعمتراءِ، ۽ سخاوتراءِ. خانچند نالي ۾ ”خان“ ترڪي ۽ ”چند“ سنسڪرت (چندر). محمد آچار ۽لد سومار خان- هتي ”محمد“ عربي ۽ ”خان“ ترڪي لفظ آهن. آچار ۽ سومار (آڏنيوار ۽ سوم وار) سنسڪرت بنياد جا لفظ آهن- اهڙيءَ طرح عربي ۽ فارسيءَ جي اثر ڪري ٻيا به ڪيترا ٻيءَ-ٻوليا لفظ سنڌيءَ ۾ ٺهيا آهن، جن ۾ ڏڙ ريڊو ته سبي ٻاڪري! هڪ ڪري، عربيءَ ۽ فارسيءَ جو اهو وڏو اثر چئبو: پر اهڙا لفظ سنڌيءَ ۾ ڪي ڳهڻا ڪينهن.

عربي ۽ فارسي اڳياڙيون (Perefixes)

٢٥١- عربي ۽ فارسي اڳياڙيون، رڳو عربي فارسي لفظن سان گڏبيون آهن- جهڙوڪ الغرض، في الحال، غير حاضر ۽ لاجواب لفظن ۾ "ال"، "في"، "غير" ۽ "لا" عربي اڳياڙيون آهن، باقاعدي، بيقاعدي، ناپسند، ۽ هرروز لفظن ۾ "با"، "بي"، "نا" ۽ "هر" فارسي اڳياڙيون آهن. انهن فارسي اڳياڙين مان "بي ۽ "هر" اسين ڪن سنڌي لفظن سان گڏيون ٿا- جهڙوڪ: بي ڪٿو، بي نڪو (بيشرم) ۽ هر گهڙي- انهيءَ سبب ڪي لفظ ٻٽي ٻوليا ٿي پيا آهن.

ڪوڙي مناسبت (False Analogy)

٢٥٢- عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ خ، غ ۽ ٻيا اکر ڏسي، اسان جا ڪيترا ماڻهو نج سنڌي لفظن ۾ "ک"، "گ" وغيره جا اچار به ڦيرائي اڇين ٿا- جهڙوڪ کڪال (پاڻيءَ پيڻ لاءِ کل ۽ ملاکڙو (مله وڙهڻ لاءِ اکاڙو يا جاءِ) جا اچار ڦيرائي پخال ۽ ملاخڙو چون ٿا. "گڦا" بدران "غفا" چوڻ جو رواج ته هندستانيءَ ۾ به آهي- هيءَ ڪوڙي مناسب جا مثال آهن. اهو به عربيءَ فارسيءَ جو اثر ڪري ليکبو. جيتوڻيڪ اکريون ڦيرڦاريون رڳو غلط فهميءَ سببان ڏسڻ ٿيون*.

عربي ۽ فارسي جو ڪتابي ٻوليءَ تي اثر

٢٥٣- سنڌيءَ ۾ فارسيءَ جا ڪي اصطلاح به عام ٿي ويا آهن- جهڙوڪ باز اچڻ (باز آمدن)، دادي نه استادي

---

* آمرڪوٽ ۽ سلام ڪوٽ بدران عمرڪوٽ ۽ اسلام ڪوٽ چوڻ جو رواج غلط فهمي سببان پيو آهي.

(نہ داده نہ ستانده) ۽ سير پياز ٻڌرو ڪرڻ- اُنَ ري معنيٰ ثوم ۽ بصر ٻڌرو ڪرڻ (سير = ثوم، ۽ پياز = بصر) ڪي عربي ۽ فارسي ٻهاڪا بہ ترجمو ڪري چالو ڪيا اٿن (صفحو ٢٩٦) شاهہ جي رسالي ۾ مولانا جلال‌الدين روميءَ جي مثنويءَ جا ڪي بيت ترجمو ٿيل آهن- مثنويءَ جو پهريون بيت هيءُ آهي:

"بشنو از ني چون حڪايت ميڪند،
از جدائيها شڪايت ميڪند".

شاهہ صاحب ان جو ترجمو ڪيو آهي:
"وڍيل ٿي وايون ڪري، ڪُٺل ڪُوڪاري؛
هن پڻ پنهنجا ساريا، هو هنجون هڏن لئہ هاري".

اهڙيءَ طرح مثنويءَ جا ٻيا بيت بہ ترجمو ڪيا اٿس. "ديوان ڳل" ۽ ٻين ڪتابن ۾ عربي ۽ فارسي ڪتابن وارا خيال ترجمو ٿيل آهن. ڪيترا ڪتاب تہ اکر بہ اکر فارسيءَ مان ترجمو ٿيل آهن، جهڙوڪ: "چچ نامو"، "تاريخ معصومي"، "تاريخ طاهري"، "رباعيات عمر خيام" وغيره- سامت جي واڌاري جي اها بہ هڪ واٽ آهي، جو ٻين ٻولين جا ڪتاب ترجمو ڪن.

سرائڪيءَ جو اثر

٢٥٤- سرائڪي ٻولي جائي نپني سنڌ ۾ (صفحو ٧٩)؛ تنهنڪري سنڌيءَ تي ان جو اثر گهٽوٽي آهي (صفحو ٨٦، ۽ ١٠٦ کان ١٠٩) سرائڪيءَ ۾ "جُلُ" معنيٰ "هل"،

۾ ”گهڻن“ معنيٰ ”وٽ“ اهي لفظ شاهه ڪريم ۽ ٻين گهڻن شاعرن ڪم آندا آهن.

”آٽ ڏي پهر اندر ۾ نانءَ سائين دا گهڻن.“ (ماسي)

سرحد سنڌ وارو پاسو ٻروچڪو ملڪ آهي، جتي اڄ به سرائڪي عام آهي. ڪلهوڙا ۽ مير به رواجي طرح سرائڪي ڳالهائيندا هئا. جنهنڪري هندو ڪامورا به اها ٻولي ڳالهائيندا هئا. سرائڪي پهاڪا به سنڌيءَ ۾ عام ٿي ويا آهن، جهڙوڪ:

(١) اپني کهوٽ نہ نشا ٽيوڻي.
(٢) آپ نہ ڀالي، ڀالي ڏون.
(٣) پوڻڪ مٺڏي ڪتي، مٺن نندر نال مٺي.
(٤) شينهن نہ ڏيکيا، ڏيک ٻلاڙا؛ چورنہ ڏيکيا ڏيک سونارا.
(٥) ٻلي شير پڙهايا، ڦير ٻلي نون کاوڻ آيا.
(٦) تو آکيسين، مٺن نہ ٻيجسان؛ مٺن بازي ڪتي.

سنڌ ۾ عيسائي تعليم جو انتظام

٢٥٥- سنه ١٨٤٣ع ۾ انگريزن سنڌ فتح ڪئي، تنهن وقت روهڙيءَ جي سيدن کي جيڪي لوازما ميرن وٽان ملندا هئا، سي انگريز سرڪار بند ڪيا، ته فارسي جي واڌاري کي ڌڪ اچي ويو. ملن ۽ آخوندن جا ڇهه سؤ کن مڪتب سڄيءَ سنڌ ۾ هئا ("سنڌ گزيٽيئر"، صفحو ٤٧٢)، تن تي سرڪار نڪو ڪو پنهنجو ضابطو رکيو، نڪا ڪا انهن لاءِ گرانٽ منظور ڪيائين. سنه ١٨٤٥ع ۾ حيدرآباد جو ڪليڪٽر ڪئپٽن راٿبورن هو، جنهن انگريزي اسڪولن کولڻ لاءِ سرڪار کان ٻي هزار رپيا سالياني گرانٽ گهري مگر ڪو لائق ماسٽر ڪونه ملي سگهيو، تنهنڪري ڳالهه اتي رهجي ويئي. تن ڏينهن ۾ ڪراچيءَ جو ڪليڪٽر ڪئپٽن پريڊي هو، جنهن جي نالي پٺيان ڪراچيءَ ۾ هڪ رستو "پريڊي ستريٽ" سڏجي ٿو. هن صاحب خرچ پنهنجي ڳنڍيان ڪري، ڪراچيءَ ۾ هڪ اسڪول کوليو، جنهن ۾ عيسائي مذهب جي تعليم مفت ڏني ويندي هئي. سنه ١٨٤٦ع کان وٺي ١٨٥٢ع تائين اهو اسڪول هڪ لوڪل ڪاميٽيءَ جي هٿ ۾ هو ۽ سنه ١٨٥٣ع ۾ اهو "چرچ مشن سوسائٽيءَ" جي حوالي هن شرط تي ٿيو، ته عيسائين جو انجيل (بائبل) ضرور

پاڙهڻ ۾ ايندو. "متيءَ" Gospel of St. Matthew جو سنڌيءَ ۾ ترجمو سيرامپور جي پادرين؛ سنه ١٨٢٥ع ۾ ڪيو هو. ان جو نئون سنئون ترجمو ڪئپٽن جارج سٽئڪ ڪيو، جو ديوناگري اکرن ۾ ١٨٥٠ع ۾ ڇپيو. انهيءَ کان پوءِ "يوحنا" Gospel of St- Jhon جو ترجمو برنس صاحب ١٨٥٢ع ۾ عربي- سنڌي اکرن ۾ ڪيو؛ ٻئي سال اهو گرمکي اکرن ۾ به ڇپيو - اهي خرچ بمبئيءَ جي "آگزيليئري بائبل سوسائٽيءَ" Bible Society Bombay Auxiliary ڪيا هئا. پوءِ ته ڪئين عيسائي مذهب جا ڪتاب، "برٽش ۽ فارين بائبل سوسائٽي، لنڊن" جي خرچ تي ڇپجي پڌرا ٿيا. ڪراچيءَ واري مشن اسڪول کان گهڻو پوءِ حيدرآباد ۽ سکر ۾ مشن اسڪول کليا. انهن ۾ هندو توڙي مسلمان شاگرد ڪلاسن ۾ وڃڻ کان اڳ وچين وڏي صفي (هال) ۾ گڏ ٿيندا هئا. اسڪول جو پادري اول بائبل مان ڪجهه لکر پڙهي ٻڌائيندو هو. پوءِ پادري توڙي ماستر ۽ شاگرد سڀئي گڏجي ڏڍيءَ کان دعا گهرندا هئا:

"اي اسان جا بابا! تون جو آسمان ۾ آهين، تنهنجو نالو پاڪ هجي وغيره".

انهيءَ دعا گهرڻ کان پوءِ شاگرد ڪلاسن ۾ ويندا هئا. اوائل وارا پادري نهايت لائق انسان هوندا هئا. جهڙوڪ شرٽ صاحب، جنهن جي سنڌي ڊڪشنري اڄ تائين مشهور آهي. هو سنسڪرت جو ڄاڻو هو "اکر-ڏانئو"

نالي هڪ ننڍو ڪتاب جوڙيو هو، جنهن ۾ سنڌي لفظن جا سنسڪرت بنياد ڄاڻايل هئا. ڪانئس پوءِ ڪن هندن توڙي مسلمانن کي ڪن پادرين عيسائي مذهب ۾ آندو، ته رفتي رفتي مشن اسڪول ڏکارجڻ لڳا.

سنڌي آئيوتا (لپي) ۽ سنڌي اسڪولن جي ضرورت

٢٥٦- انگريزن جڏهن سنڌ فتح ڪئي، تڏهن سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪا هڪڙي مقرر ٺيل آئيوتا ڪانه هئي. سنڌ جي هندن مان برهمڻ ۽ ٺورا ٻيا ديوناگري (شاستري) اکر ڪم آڻيندا هئا، جن جو اڳي پيو نمونو هو؛ ۽ هاڻ ڪجهه قدر ڦريل آهي. سنڌ جا پائيمند هندو-سنڌي يا واڻڪا اکر ڪم آڻيندا هئا، جن ۾ لاکنائون يا ماترائون ڪينهن ۽ پنجاب جي ”لنڊا“ يا ٻٽن اکرن ۾انگر آهن؛ ڪيترا خواجا ۽ ميمڻ واپاري به اهي اکر ڪم آڻيندا هئا- اهي اڄ تائين به پنهنجو حساب-ڪتاب هندو-سنڌي اکرن ۾ رکندا آهن: هندن ڪان به خواجن جي لکڻ جو نمونو وڌيڪ پسنديءَ جهڙو آهي، جو هو چار لاکنائون يا ماترائون ڪم آڻين ٿا*.

سنڌ جا ٻاوا، عاملن توڙي پائيمندن جون زالون، بلڪ ڪيترا پائيمند گرمکي اکر ڪم آڻندا هئا، جي سکن جي

* سنه ١٨٩٠ع ڌاري سنڌ جي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر جيڪب صاحب ٺورا هندو-سنڌي اسڪول کولايا ۽ هندو-سنڌي آئيوتا ۾ ماترائون گڏايائين- اهو ڪم سرڳواسي راءِ بهادر ديوان ڪوڙيمل ڪيو هو- انهيءَ نئين آئيوتا ۾ ڪي هندو-سنڌي ڪتاب به ڇپجي پڌرا ٿيا هئا.

ٻي پاتشاهي ڳرو، انگد صاحب ١٥٣٨ع ۽ ١٥٥٢ع جي وچ ڌاري جوڙيا هئا. سنڌ جا مسلمان توڙي هندو ڪامورا عربيءَ ۽ فارسيءَ جي نموني سنڌي مضمون لکندا هئا، ۽ سيکنهن جي لکڻ جو نمونو پنهنجو پنهنجو هوندو هو- جهڙوڪ، ڪنٺ يا نڙيءَ جي اچار وارن اکرن مان اڪثر رڳو عربي ۽ فارسيءَ وارو ”ک“ (ڪ) اکر ڪم آڻيندا هئا؛ اهو هڪڙوئي اکر ڪٿي ڪ يا ک، ته ڪٿي گ، ڳ يا گهه ڪري پڙهندا هئا؛ ”ڱ“ بدران عام طرح ”نک“ لکندا هئا. ”شاهه جو رسالو“، ”ابوالحسن جي سنڌي“، ”ديوان گل“ ۽ ٻيا جهونا سنڌي ڪتاب انهيءَ اڳاڻي نموني لکيل آهن. انگريزن جي صاحبيءَ جا پهريان ٿورا ورهيه، سڀ سرڪاري لکپڙهه فارسيءَ ۾ هلندي هئي، ۽ انگريزي چاڻندڙن کان ترجمو ڪرائي، انگريزي عملدار ڪم ٿيا ٿپائيندا هئا.

سر بارٽل فريئر، جنهن جي نالي پٺيان ڪراچيءَ وارو فريئرهال سڏجي ٿو، سو ١٨٥١ع ۾ سنڌ جو چيف ڪمشنر هو. سندس وقت ۾ اها ڪوشش ڏي ته:

(١) آئيندي سڀ سرڪاري لکپڙهه سنڌيءَ ۾ هلي.

(٢) يوروپي ۽ ٻيا غير ڏيهي عملدار سنڌيءَ ۾ امتحان پاس ڪن، ته سنڌي ماڻهن کان پنهنجي سر حال احوال وٺي سگهن، ۽ سنڌي لکپڙهه به سمجهي نيڪال ڪن.

(٣) سنڌي اسڪول کلن، جو اڳي رڳو فارسيءَ جو واهپو ڳوڙهو هو.

پر سنڌيءَ لاءِ ڪا خاص مقرر ٿيل آئيويٽا هئي ڪانه، ته پوءِ اهي ليٽي مرادون ڪيئن حاصل ٿين؟

ڪئپٽن برٽن، جو پوءِ سر رچرڊ برٽن سڏجڻ ۾ آيو، تنهن رٽ وڌي ته عربي اکرن ۾ ضروري ڦيرڦاريون ڪري، سنڌيءَ لاءِ آئيويٽا ٺاهجي. تن ڏينهن ۾ ڪئپٽن جارج سٽئڪ ڊيپوٽي ڪليڪٽر هو، جو سنسڪرت توڙي سنڌي چڱي چاڻندو هو. هن صاحب سر رچرڊ برٽن جي رٽ تي اعتراض اٿاري چيو ته هندو-سنڌي اکر جڏهن اڳيئي چالو آهن، تڏهن انهن ۾ ڪي ڦير ڦارون ڪري اهي ڪم آڻجن يا ديوناگري اکر ڪم آڻجن. سر رچرڊ هڪڙيءَ ڳالهه تي، ۽ ڪئپٽن سٽئڪ ٻيءَ ڳالهه تي ٽِي بيٺو، ته سر بارٽل فريئر وڏي ويچار ۾ پئجي ويو- چي: جيڪڏهن عربي-سنڌي اکر ٺاهبا ته هندو اهي اکر سکندائي ڪين، ۽ جي هندو-سنڌي آئيويٽا چالو ڪبي، ته مسلمانن کي اها ڳالهه ڪين آڙندي- ائين هن عملي ڳالهه کي گويا فرقيوار رنگ اچي ويو، ۽ هيءُ هڪ هندو-مسلم سوال ٿي پيو. آئويٽا جو جيستائين فيصلو نه ٿيو، تيستائين سنڌي اسڪول به کلي نٿي سگهيا. نيٺ اهو آئيويٽا جو سوال "ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ" جي ڊائريڪٽرن جي ڪورٽ ۾ فيصلي لاءِ ويو. سنه ١٨٥٣ع ۾ انهيءَ ڪورٽ فيصلو ڪيو، ته "سنڌي آئيويٽا لاءِ عربي صورتخطي آزمائڻ گهرجي". تعليمي ڪمن لاءِ ڏهه هزار رپيا منظور ٿي آيا، تنهن کان پوءِ ڪم شروع ٿيو.

مسٽر ايلس، جو پوءِ سر بئرو ايلس سڏجڻ ۾ آيو، سو سنه ١٨٥٣ع ۾ سنڌ جو اسسٽنٽ ڪمشنر هو، ۽ تعليم کاتي جو پورٽ فوليو سندس هٿ ۾ هو. عربي-سنڌي آئيوينا جوڙڻ لاءِ، هن صاحب جي زير صدارت هڪ ڪاميٽي مقرر ٿي، جنهن جا هيٺيان ميمبر هئا:

١. راءِ بهادر نارائڻ جڳنناٿ-جنهن جي نالي پٺيان ڪراچيءَ وارو سرڪاري هاءِ اسڪول سڏجي ٿو.
٢. خانبهادر مرزا صادق علي بيگ (مرزا قليچ بيگ جو مربي پاءُ).
٣. ديوان پريداس انندارام رامچنداڻي.
٤. ديوان اڌارام ٿانورداس ميرچنداڻي.
٥. سيوهڻ وارو ديوان ننديرام ميراڻي-جنهن "تاريخ معصوميءَ" جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو.
٦. ميان محمد-جو ڪجهه وقت حيدرآباد جي نارمل اسڪول جو ماسٽر هو، ۽ سنڌي گرامر جوڙيو هئائين.
٧. قاضي غلام علي-ٺٽي وارو.
٨. ميان غلام حسين-ٺٽي وارو.

هن ڪاميٽيءَ مقرر ٿيڻ کان اڳ، فورٽ وليم (ڪلڪتي) جي ڪن پروفيسرن اردوءَ لاءِ آئيوينا ٺاهي هئي، جا اڄ تائين پيئي هلي. هاڻوڪي عربي-سنڌي آئيوينا مان ظاهر آهي ته هن ڪاميٽيءَ جي ميمبرن، انهيءَ اردو آئيوينا مان به ڪجهه مدد ورتي هئي، ۽ ٿورو ڏيان انهيءَ اڳاڻي آئيوينا تي به ڏنائون-جنهن ۾ ابوالحسن جي سنڌي،

شاھ جي رسالي جا دستخط، ثابتعلي شاھ جا مرثيا، ۽ ٻيا قديم سنڌي ڪتاب لکيل آھن ـ انهن ڪجھ آڳاٽو نمونو ته ڪجھ اردوءَ وارو نمونو اختيار ڪري، ۽ ڪن عربي ۽ فارسي اکرن ۾ ڦير گهير ڪري، عربيءَ جي اناويهن اکرن کي وڌائي ايڪونجاھ اکر ڪياڻون!" اها نئين آئيويتا ١٨٥٣ع ۾ ٺهي هئي.

مٿيون احوال گهڻو ڪري سمورو ائٽڪن صاحب واري "سنڌ گزيٽيئر" (صفحو ١٤٧) مان ورتل آهي. اها اصلوڪي

*سنسڪرت ۾ ليتيهه حرف صحيح آهن، ۽ اهي سڀ ساڳيا سنڌيءَ ۾ آهن: ايترو تفاوت آهي، ته سنسڪرت ۾ "ش" اکر ٻن قسمن جو آهي، ۽ سنڌيءَ ۾ رڳو هڪڙو "ش" اکر آهي. سنسڪرت ۾ "ڊ" جي هيٺان ٽيپي يا ٻڙي ڏبي ته "ڙ" ڪري پڙهبو؛ سنڌيءَ ۾ "ڊ" ۽ "ڙ" ڌار اکر آهن. انهيءَ ريت وري ساڳيا ٽيهه اکر اچي، ٽين ٿا. "ٻ"، "ڄ"، "ڏ" ۽ "ڳ" جا اچار پوءِ سرائڪي ڳالهائيندڙن جي سنگ ۾ سکيا ٿين ـ اهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ جا جملي ستيهه اکر آهن: انهن ۾ تيرهن اکر عربيءَ ۽ فارسيءَ وارا يعني ث، ح، خ، ذ، ز، ص، ض، ط، ظ، ع، غ، ف، ق ۽ چوڏهون اکر الف ڳڻي، ايڪونجاھ اکر ڪيا اٿن ـ حقيقتئون، الف (ا) حرف علت ۾ ليکبو آهي؛ پر عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ ا، و، ي، اهي ٽي اکر حرف صحيح توڙي حرف علت ٿي ڪم اچن ٿا. انهن مان جنهن به اکر جي مٿان يا هيٺان ڪا به اعراب ڏبي، ته اهو حرف صحيح ڪري ليکبو.

-موري لکپڙهه حيدرآباد سنڌ جي ٽريننگ ڪاليج جي دفتر تي اڄ تائين رکيل آهي، جا مسٽر ائٽڪن سنڌ گزيٽيئر لکڻ مهل گهرائي هئي.

نئين عربي-سنڌي آئيوينڊا (لپي) تي بحث

٢٥٧- سنه ١٨٥٣ع ۾، نئين سنڌي صورتخطي مقرر ٿيڻ تي گهڻو بحث هليو. ڪن هندو صاحبن زور ڀريو، ته الف، ۽ ع؛ ت ۽ ط؛ ث، س ۽ ص؛ ز، ذ، ض ۽ ظ؛ ڪ ۽ ق؛ ح ۽ هه جهڙن اچارن لاءِ ڌار ڌار اکر بدران هڪ-هڪ اکر مقرر ڪري، اکرن جو تعداد گهٽائجي- سنڌين اها رٿ هيٺين سبب ڪري رد ڪئي:

(١) سنڌي ٻولي اڳي ئي عربي صورتخطيءَ ۾ لکڻ ۾ پيئي اچي، تنهنڪري عربيءَ وارا سڀ اکر قائم ڪجن؛ باقي رڳو نج سنڌي اکرن لاءِ ڪي صورتون مقرر ڪجن.

(٢) جيڪڏهن عربي لفظن جون صورتون مٽائي ڇڏبيون، ته پوءِ لفظن جي صحيح معنيٰ ۽ اصليت بلڪل گم ٿي وينديءَ. عربي ۽ فارسي حرفن کي اصلوڪي صورت ۾ قائم رکڻ ڪري اهڙو مونجهارو پيدا نه ٿيندو، ڇاڪاڻ ته عربي ۽ فارسيءَ جون عمديون لغتون (ڊڪشنريون) اڳي ئي موجود آهن.

(٣) جيڪڏهن عربي اکرن جون صورتون ڦيرائبيون، ۽ مسلمانن جا نالا، جهڙوڪ "محفوظ علي" بدران "مهفوزالي" لکبو، ته ڪوبه مسلمان اها ڳالهه قبول نه ڪندو، ته هڪ

بامعنيٰ ۽ درست نالو ڦيرائي هڪ بلڪل بي معنيٰ ۽ غلط صورت وارو نالو ڪم آڻجي.

(ع) عيسوي سورهين صديءَ کان وٺي هن وقت (١٨٥٣ع) تائين، سڀ سنڌي ڪتاب عربي ۽ فارسي صورتخطيءَ ۾ لکيل آهن. جيڪڏهن هينئر عربي حرفن جون صورتون ڦيرائيبيون، ته اهو ڇٺن صدين جو علم ادب (ساهت) مسلمانن جي آئيندي نسل لاءِ بيڪار ٿي پوندو.

سر بارٽل فريئر، انهيءَ بحث مباحثي هٿان ۽ فيصلي ۾ مدد ڪرڻ لاءِ، ايلس صاحب سان ٻيا ٻه - چار يوروپي عملدار همراهه ڪيا، جن سيني يڪراءِ ٿي عربي صورتخطي قائم رکي ۽ نج سنڌي آوازن لاءِ نوان حرف مقرر ڪيائون.*

آئيوينا (لپي) سڌارڻ جي ضرورت

٢٥٨- نئين عربي - سنڌي آئيوينا جولاءِ ١٨٥٣ع کان وٺي جاري ٿي. ان ۾ ڪي اکر آڳاٽي نموني بيهاريائون (صفحو ٢٥٩). يوروپي ۽ ٻيا غير ڏيهي عملدار جن کي

---

*ٿورا ورهيه ٿيا، ته ڪراچيءَ جي "ڪيسري" اخبار اٺين صورتخطي ڦيرائيي، ته ٻولي سمجهڻ کان ٻاهر ٿي پيئي! ٻوءِ ته اخبار بند ٿي ويئي. قدرت پنهنجا ڪم پاڻيهي پيئي ڪري. جيئن "تفحص" ۽ "صبحالي" وغيره جا اُچار ڦري "تپاس" "سپاڻي" وغيره ٿيا آهن، تيئن ٻيا به اچار پاڻيهي پيا ڦرندا؛ جاڙي ٻجهي ڪنهن به ٻوليءَ سان هٿچراند نه ڪرڻ گهرجي.

سنڌي سکئي هئي، نہ ڏنو تہ اهي اکر منجهائيندڙ آهن- ڊاڪٽر ٽرمپ پنهنجي گرامر جي منڍ ۾ ڄاڻايو آهي تہ "آئيوڊتا سڌارڻ جي ضرورت آهي، پوءِ تہ بمبئي جو هڪ سيولين انهيءَ ڪم لاءِ سرڪار مقرر ڪيو، تہ بہ آئيوڊتا ۾ ڪيتريون خاميون اڃا رهيل آهن*".

هاڻوڪي آئيوڊتا (الپيءَ) جون مکيہ خاميون

٢٥٩- سنڌيءَ ۾ "وسرگ" يعني "ھ" جي اچار وارا اکر (Aspirates) ڏهہ آهن، جي عربيءَ توڙي فارسي ۾ ڪينهن. اهڙن اکرن جوڙڻ لاءِ "ب" ۾ ٻي نقطا پيا بہ هيٺان ڪڍي "ڀ" اکر ٺاهيو اٿن؛ "د" جي مٿان فقط ٻہ نقطا ڪڍي "ڏ" جوڙيو اٿن؛ "ڊ" ۾ وري هڪڙو نقطو هيٺان ڪڍي "ڍ" اکر بڻايو اٿن- "ٿ" مان پاڻ هڪ نقطو ڪڍي "ٺ" اکر ٺاهيو اٿن! هن مان ظاهر آهي تہ اکرن جا نقطا ڪنهن بہ هڪ ترتيب تي نہ ڏنا اٿن. هن باري ۾ ٻي بہ چُڪ ڪئي اٿن: عربيءَ ۾ "پ" اکر ڪونهي، تنهنڪري ان کي ماکهين ڇڏي، "ف" اکر مٿان ٻي نقطا ڪڍي "ڦ" اکر ٺاهيو اٿن- هيءَ چُڪ اهڙي آهي، جهڙو ڪو انگريزيءَ ۾ "ڦتومل" Phatumal بدران Fhatumal لکي! "ڦ" جو بنياد "پ" اکر

* ڪي صاحب چون تہ اها آئيوڊتا سنہ ١٨٦٦ع ۾ ڪئپٽن سٽئڪ سُڌاري، پر اها غلط ڳالهہ آهي. ڪئپٽن سٽئڪ ١٨٥٦ع ڌاري گذاري ويو هو، ۽ آئيوڊتا گهڻو پوءِ سڌاري هئائون.

آهي. انهيءَ ڪري هندستانيءَ يا اڙدوءَ ۾ اهڙ عقلي جو ڪم ڪندا آهن، جو پ ـ هه گڏي لکندا آهن- جهڙوڪ "قل قول" بدران لکن "پهل پهول"- ڪٿي ته پاڻ به ائين ڪيو اٿن، جهڙوڪ: ج ۽ گ ۾ "ه" اکر ٻجنسي گڏي، "جهه ۽ گهه" اکر ٺاهيا اٿن- آڳاٽا ڪي مسلمان مصنف به ائين ڪندا هئا. جنهنڪري چئبو ته ٻنهيءَ جي ميولين هن حالت ۾ سڌاري بدران پاڻ بگاڙو ڪيو! اڄ به هيٺين ڪرڻ گهرجي ته شاگردن کي اول، ب، ت، پ؛ ٿ، ج، ڇ، د، ڊ، ڪ، ۽ گ اهي ڏهه اکر سيکاري، پوءِ ٻڌائجن ته انهن ۾ جيڪڏهن "ه" جو اچار گڏبو ته ڀ، ٿ، ڦ، ٺ، جهه، ڇ، ڌ، ڏ، ک، ۽ گهه؛ اهي ٻيا ڏهه اکر ٺهي پوندا- ائين اکرن سکڻ ۾ گهڻي سهولت ٿيندي.

٢٦٠- عربيءَ فارسيءَ ۾ نڪ جي اچار وارا فقط ٻه اکر "م" ۽ "ن" آهن. سنڌيءَ ۾ اهڙا اچار پنج آهن: ڃ، ڱ، م، ن ۽ ڻ- ٻيهرين پن اکرن جوڙڻ لاءِ "ج" ۾ هڪ نقطو وڌائي ۽ "گ" مٿان ٻه نقطا ڏيئي، "ڃ" ۽ "ڱ" اکر ٺاهيا اٿن، جا غلطي ڪئي اٿن؛ ڇاڪاڻ ته انهن اکرن جو بنياد "ن" آهي، ۽ نه، ج ۽ گ. مثال طور سنسڪرت لفظ "ڪنيا" ۽ "سنتيه"، جن جا اچار سنڌيءَ ۾ آهن "ڪڃا" ۽ "ڃچ". هتي ڏسو ته سنسڪرت لفظن ۾ اول "ن" آهي، ۽ "يه" جو اچار متجي "ج" ٿيو آهي؛ اهي ٻئي گڏجي "ڃ" جو اچار پيدا ڪن ٿا؛ انهيءَ سبب چئبو ته آڳاٽا مسلمان

مصنف صحيح هئا، جو ڄ ۽ ڳ بدران ”نج“ ۽ ”نگ“ لکندا هئا- هن بمبيءَ جي سيولين سڏاري بدران پاڻ بگاڙو ڪيوا

نئين آئيوينا (لپيءَ) تي هندن جو اعتراض

١٦٦- بيمس صاحب جي گرامر جو جلد پهريون ١٨٧٢ع جو ڇپيل آهي. ان ۾ هن صاحب هندو-سنڌي اکرن جي ذڪر ڪندي جيڪي لکيو آهي، تنهن مان سمجهجي ٿو ته سنڌ جي هندن کي نئين عربي-سنڌي آئيوينا تي اعتراض هو؛ ۽ جيتوڻيڪ پاڻ ديوناگري اکر ڪم ڪونه آڻيندا هئا، ته به رت ڏني هئائون ته ديوناگري اکرن ۾ ڦيرگهير ڪري آهي ڪم آڻجن.*

*"There are some twelve or thirtreen different (Hindu-Sindhi) alphabets cuarent in sind,some of which differ very widely from the others Of late, however, the Arabic character, though ill-adopted to exprees Sindhi Sounds; has come into common use, and a modification of the Devanagari is proposed for adoption, thoogh I believe it is not actually employed by any class of Sindhians."

Jhon Beames: "Comparatiue Gaammar of the Modern Aryan Languagcs of India" Vol I, P. 55. Footnote.

اٿيويڏا (لپيءَ) بابت مصنف جو شخصي رايو

٣٦٢- مسلمان حاڪمن ڪڏهن به ڪنهن کي عربي خواهه فارسي سکڻ لاءِ بلڪل نه رکيو هو. جنهن صورت ۾ خواجا ميمڻ اڄ تائين هندو-سنڌي اکر پيا ڪم آڻين، تنهن صورت ۾ انهن ۾ لاڪنائون يا ماترائون گڏي، آهي چالو ڪرڻ کپندا هئا- جيئن ڪئپٽن سٽئڪ منڊ ۾ ئي صلاح ڏني هئي- جيڪڏهن انهن اکرن تان ڪن کي اعتراض هو ته اڙدو اٿيويڏا جا اکي چالو هئي، سا سنڌيءَ لاءِ به اختيار ڪن ها- مطلب ته "نئين اٿيويڏا" جوڙڻ ئي غلط ڪم هوا سنڌي ٻولي لسيلي، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ، توڙي ملتان جي حد تائين، گهالهائڻ ۾ اچي ٿي؛ پر اسان جي هاڻوڪي اٿيويڏا هو سمجهي نٿا سگهن. جنهنڪري اسان کان ڏار ٿي پيا آهن؛ سنڌي ساهت سنڌ کان ٻاهر ڦهلجي نٿو سگهي. وري به شڪر جو هندستان جا هندو توڙي مسلمان مدبر اهائي ڪوشش پيا ڪن، بلڪ ڪي ٻوروپي به صلاح پيا ڏين*، ته سڄي هندستان لاءِ هڪ ٻڪي اٿيويڏا چالو ڪجي، ته قومي اتفاق وڌي- پلي ته هندي يا اڙدو اکر چالو ڪن، ته اسان سنڌي ماڻهن کي اهو فيصلو اکين تي

*"The use of, different scripts for the languages of India is a source of great inconveenience to us and a hindrance to national solidarity".
Dr. P. J. Thomas: "COMMON SCRIPT"- "*Sind Observer*", *Karachi, 16-1-1941, P. 8, column 1.*

رکڻ گهرجي: هنديءَ ۾ ساهت اڳاهر لڳو پيو آهي، ۽ اڙدوءَ جو علمي خزانو به گهٽ ڪونهي؛ ٻنهي مان جيڪا به لڳي چالو ڪن، تنهن جو ساهت اسان جو ٿي پوندو، ۽ سنڌي ساهت جي تڪڙي ترقي ٿي سگهندي، ۽ قومي پاڙ به وڌندو.

سنڌي ساهت جو واڌارو

٢٦٣- سنڌي شعر جي شروعات ۽ ترقيءَ جو ذڪر اڳي ڪيو ويو آهي (صفحو ٢١٤ ۽ ٢٣٤). ميرن جي صاحبيءَ جا نثر ۾ جزئيل به-ٿي ڪتاب هٿڌجن پيا؛ پر اڄ ڏائين ڇپجي پڌرا ڪونه ٿيا آهن. جيڪي ڪتاب ڇپيل آهن، تن پٽاندر پهرين ڇپجي ٿو؛ ته سنڌ ۾ اول عيسائن جي "انجيل" جا ڪي ڀاڱا، ١٨٢٥ع کان وٺي پادرين تيار ڪرايا، ۽ پوءِ ٻيا به- عيسائي مذهب جا ڪتاب ڪڍيائون (صفحو ٢٥٧). جولاءِ ١٨٥٣ع ۾ هالوڪي آئيوپٽا نهي، ته پوءِ سگهوئي فارسي، اڙدو، مراهٽي ۽ گجراتي ڪتابن مان ترجما ڪري؛ ڊسمبر ١٨٥٤ع تائين تاريخ، جاگرافي ۽ ليکي جي پڙهڻ سوڌا ڪُل ڏهه ڪتاب سرڪار ڇپائي پڌرا ڪيا ("سنڌ گزيٽيئر"، صفحو ٤٧٤). انهن اول درسي ڪتاب نڪتا، جي سرگهواسي ديوان پريداس اندرام رامچنداڻي؛ مرحوم خانبهادر مرزا صادق علي بيگ ۽ ٻين صاحبن جوڙيا. انهيءَ وقت کان وٺي ڪي وندر جا ڪتاب به نڪتا. سنه ١٨٥٣ع ۾ مرحوم ميان غلام حسين محمد قاسم قريشي "پنهي زميندار

جي ڳالهه“ نالي هڪ ننڍڙو، پر عمدو قصو لکيو- ٻولي، ٻه نيٺ سنڌي اٿس- سنه ١٨٥٥ع ۾ ٽياري تعلقي هالا جي مرحوم سيد ميران محمد شاهه ”ڏا ٽوري ۽ ڪڏا توري جي ڳالهه“ لکي، ١٨٦٦ع ۾ ”مفيدالصبيان“ ٻه ڇپائي پڌرو ڪيائين- هن صاحب جي ٻولي ٻه واه جي آهي، تن ڏينهن ۾ انگريزي ٻوليءَ جي ڪنهن ورلي کي واقفيت هئي، تنهنڪري مائهن رڳو هندي ۽ فارسي ٻوليءَ مان ڪهاڻيون ۽ قصا ترجمو ڪري ٿي لکيا. مٿيان ٽيئي ڪتاب هنديءَ ۾ ترجمو ٿيا هئا. سنه ١٨٥٧ع ۾ سرڪوسي ديوان ننديرام سيوهاڻيءَ ”باب نامو“ نالي ننڍڙو ڪتاب ٻارائي درجي جي شاگردن لاءِ لکيو، ۽ ١٨٦١ع ۾ ”تاريخ معصومي“ جو ترجمو فارسيءَ مان ڪيائين. انهيءَ وچ ۾ اسان جا ٿورا سنڌي صاحب انگريزي ٻولي سکي ويا، ۽ انهيءَ مان ترجما ڪرڻ لڳا- جهڙوڪ: سنه ١٨٦٣ع ۾، سرڪواسي راءِ بهادر ديوان ڪوڙيمل چندنمل ”ڪولمبس جي تاريخ“ جو ترجمو ڪيو. سنه ١٨٧٠ع ڌاري، سرڪواسي ديوان نولراءِ شوقيرام آڏوانيءَ ۽ سرڪواسي ديوان اڌارام ٿانورداس ميرچنداڻيءَ، گڏجي، جانسن جي ”راسيلاس“ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو، جنهن لاءِ سرڪار کين چڱو انعام ڏنو هو. ديوان نولراءِ کي جيڪا رقم ملي، سا حيدرآباد جي برهمو مندر جوڙائڻ بابت خرچيائين. انهيءَ ساڳئي ديوان اڌارام ”ايسپ جون آکاڻيون“ ٻه ترجمو ڪيون. سنه ١٨٦٤ع ۽ ١٨٧٠ع جي وچ ۾ ديوان ڪيولرام سلامتراءِ آڏوانيءَ ٽي عمدا ڪتاب

لکيا: ”سوکڙي“، ”گل“ ۽ ”گلشڪر“-
ديوان صاحب جي ٻولي نهايت سبڪ ۽ سوادي آهي ۽
هنن ڪتابن لکڻ ۾ پنهنجي اصليت ظاهر ڪئي اٿس-
انهيءَ اوائل واري زماني ۾ جن صاحبن سنڌي ساهتيه جي
خدمت ڪئي، تن سان ديوان لالارام سنگهه وطن مل لعلواڻيءَ،
ديوان ٻولچند ڪوڙومل جگتياڻيءَ ۽ ديوان ڏيارام گدومل
شهاڻيءَ صدر جاءِ لڌي. مسلمانن مان مرحوم ميان احمد خان
تگيو خان جلباڻيءَ قصن ۽ افسانن لکڻ ۾ چڱو نالو
ڪڍيو؛ پر اسان جو هردلعزيز دوست، مرحوم شمس العلماء
مرزا قليچ بيگ، مڙني کي شهه ڏيئي ويو، جو هن صاحب
جيترا ڪتاب اڄ تائين ڪنهن به ڪونه لکيا آهن
(صفحو ٢٤٣)! ساڌو هيرانند فقط هڪ ڪتاب ”طلسم“
نالي ترجمو ڪيو، جو سنڌس چالائي کان ڪجهه وقت
پوءِ مصنف پورو ڪري ڇپائي پڌرو ڪيو- اوائل وارن
ڪتابن ۾ سنڌي ٻنهه نسبت ڪم آيل آهي. ڪن صاحبن
وري ”قافيي واري نثر“ ڪم آندو آهي، جيئن ”گل
خندان“ ڪتاب ۾ آهي.

ناٽڪ جا ڪتاب

٢٦٤- عيسوي اوڻيهين صديءَ جي وچ ڌاري، بمبئيءَ
جي مسٽر ڪيخسرو ڪابرا، ڪن پارسي جوانن جي مدد سان،
”گائيڪ انيجڪ منڊلي“ بمبئيءَ ۾ برپا ڪئي. اها ئي منڊلي
هئي، جنهن جي ڪن ميمبرن هڪ ناٽڪ جي منڊلي ”وڪٽوريا
ڪمپني“ نالي سنڌ ۾ موڪلي، سنڌي ماڻهن ۾ ناٽڪ جو

خفت پيدا ڪيو. مرحوم مرزا قليچ بيگ جڏهن بمبئي ڪاليج ۾ پڙهندو هو، تڏهن انهيءَ ڪاڙڪ اتيجڪ منڊليءَ وارن هڪ ناٽڪي ڪتاب ”سونا نا مُول نيي خورشيد“ (سون جي ملهه واري خورشيد) گجراتيءَ ۾ تيار ڪيو، جو پوءِ هنديءَ ۾ ترجمو ٿيو. مرزا صاحب انهيءَ تان ”خورشيد“ ناٽڪ لکيو. سنه ۱۸۸۸ع ڌاري، سرڳواسي راءِ بهادر ديوان ڪوڙيمل، سري هرش جي جوڙيل ”رتناولي“ ناٽڪ جو ترجمو ڪيو. انهيءَ وقت ڌاري ڪاسائين جا ناٽڪ ۽ ٻيا ناٽڪ حيدرآباد ۾ نڪتا، تہ ناٽڪ جو خفت هيڪاري وڌيو. سنه ۱۸۹۳ع ۾، ڪراچي ڪاليج جي شاگردن هاسٽل جي ضرورت محسوس ڪئي. ديوان ميٺارام، جنهن جي نالي پٺيان هينئر هاسٽل سڏجي ٿي، تنهن چگو چندو ڏنو، پر ساڳئي وقت ”اميچوئر ڊرئميٽڪ سوسائٽي“ برپا ڪيائون. پهريون ناٽڪ ”نل دمينتي“، ماستر چندانند پرياڻيءَ جو تيار ڪيل، سنه ۱۸۹۴ع ۾ حيدرآباد ۾ ڪيائون. ٻئي سال کان ولي مرزا قليچ بيگ، ديوان ليلارامسنگهه ۽ ٻين کان ناٽڪ تيار ڪرايائون، ۽ ائين سنڌي ساهت وڌايائون.

سنڌي ساهت جون منڊليون

۲۶۵- سنه ۱۹۱۴ع ۾ ”سنڌي ساهت سوسائٽي“ ٺهي، تنهن ٻہ ڪيترا سال چگو ڪم ڪيو. هن وقت ”ڪترسنگت“ هيراباد وارا، ”سک لرنڪٽ سوسائٽيءَ“ وارا، سناتن ڌرم وارا، ”ديوان ڪوڙومل ساهت منڊل“، ”سندر ساهتيہ“

"رتن"، "مسلم ادبي سوسائٽي" وارا ۽ ٻيا، پنهنجي پنهنجي پر ۾ ساهت جي وڌائڻ جي هر طرح ڪوشش پيا ڪن. ڪي جوان وري مشاعرا پيا ڪن، ۽ ڪن کي پنهنجون ناٽڪن جون منڊليون آهن. مسٽر هريسنگهه ماسٽر سکر واري، سنه ۱۸۸۰ع کان وٺي، ۽ مسٽر پوڪرداس شڪارپور واري، ۱۸۸۶ع کان وٺي ڪتابن ڇپائڻ جو ڪم شروع ڪيو هو. انهن ٻنهي سرڪرداسين جا ڇاپخانا اڄ تائين جاري آهن، هن وقت تائين ڪهڙيئي ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيا اٿن- اهڙيءَ طرح هندن توڙي مسلمانن جي گڏيل ڪوششن سان، طرح طرح جا ڪتاب هزارن جي تعداد ۾ نڪتا آهن: ته به نثر جا ڪارائتا ڪتاب، جي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پاڙهڻ جي ڪم اچن، سي بلڪل ٿورا ڇپيا آهن.

ڊڪشنريون ۽ گرامر

۲۶۶- سنه ۱۸۱۶ع ۾، سنسڪرت جو ناتو يورپي ٻولين سان ثابت ٿيو (صفحو ٦)، ته ٻولين جي باري ۾ وڌيڪ کوجنائون ڪيائون. سنڌي ٻوليءَ کي به ڪين ڇڏيائون. پهريائين مسٽر والن، ميرن جي صاحبيءَ ۾ اچي سنڌي ڊڪشنري ۽ گرامر جوڙيا، ۽ پوءِ ٻين صاحبن به انهيءَ ڏس ۾ چڱا پورهيا ڪيا*. ڊاڪٽر ٽرمپ جو جوڙيل گرامر اڄ تائين مشهور آهي. اهوئي صاحب

1. *Whathen W. H: "A Grammar and Vocabulary of the Sindhi Languoge' Bombay1836*

(ڏسو صفحو ۲۷۴)

هو جنهن سنه ١٨٦٦ع ۾ "شاهه جو رسالو" هٿ ڪري ڇپايو هو.

تعليم جو انتظام

٢٦٧- انگريزن جي صاحبيءَ جي اوائل ۾، انگريزي سيکارڻ لاءِ ماسترن جي درڪار ٿي. انهيءَ گهرج پوري ڪرڻ لاءِ، آڪٽوبر ١٨٥٤ع ۾، هڪ "نارمل اسڪول" ڪراچيءَ ۾ کليو. ان وقت ڪي سرهتا عالم، جي بمبيءَ ۽ پوناڪاليجن مان تعليم وٺي، سنڌ ۾ اچي سرڪاري نوڪرين ۾ گهڙيا هئا، تن مان ڪي نارمل اسڪول ۾ مقرر ٿيا. اهي سنڌي ڪين ڄاڻندا هئا، تنهنڪري انگريزي لفظن جو

(بقايا صفحو ٢٧٣)

2, *Eastwick, E. B: "Vocabulary of theSindhi Language", Folio, Bombay, 1843.*

3 *Leech; R: "Vocabularies of Seven Languages SpoKen in the Countries West of the Indus", Bombay, 1843.*

4. *Stack, Captain George: A Dictionary. English and Sindhi. Bombay, I819.*

5. *Stack, Captain: A Grammar of the Sindhi Language, Bombay, 1849.*

6. *Stack; Captain; A Dictionary, Sindhi and* English, Bombay, 1855;

7. *Lakishman Vishnu Parajpye: English and Sindhi Dictionary, Bombay, 1868.*

معنائون هندستانيءَ ۾ ٻڌائيندا هئا. اهو نارمل اسڪول
پوءِ حيدرآباد ۾ پراڻيءَ اسپتال جي پرسان، هڪ مسواڙي
جاءِ ۾ کوليائون، جنهن ۾ سرڳواسي مسٽر چوهڙمل
پنجابي (بي. اي) هيڊ ماستر ڪري رکيائون- مسٽر چوهڙمل
سنڌ جو پهريون ٿي گرئجويٽ هو- اهو نارمل اسڪول
ٿري هاڻي ”مردانو ٽريننگ ڪاليج“ ٿيو آهي. سنه ١٨٦٠ع
ڌاري، سنڌ جو تعليم کاتو برپا ٿيو، تنهن کان پوءِ
گهڻو سڌارو ۽ واڌارو ٿيو. اسانجن ماڻهن به چڱي مڙسي
ڪئي. ڪراچيءَ ۾ ”مدرسو“ ۽ حيدرآباد ۾ ”ڊيوبين
اڪيڊمي“ ۽ ٻين هنڌ ڪي اسڪول کوليائون. ١٨٨٧ع
۾ ڪراچيءَ ۾ ”ڊي. جي. سنڌ ڪاليج کليو. هن وقت
حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ به آرٽس ڪاليج آهن. سرڳواسي
پرنسپال شهاڻيءَ جي ڪوشش سان انجنيرنگ ڪاليج
۽ لا ڪاليج کليا. ويجهڙائيءَ ۾ اڳريڪلچرل ڪاليج
کليو آهي، ۽ سنڌ کي ڌار يونيورسٽي ملڻ جو به آسرو
آهي. ويجهڙائيءَ ۾ زناني تعليم جو به چاهه وڌيو آهي.
هينئر پليءَ پٽ ثابت ٿي چڪو آهي، ته ڇوڪريون
ڪنهن به طرح ڇوڪرن کان گهٽ ڪينهن، بلڪ
ڪي امتحانن ۾ ڇوڪرن کي به شهه ڏيو وڃن- تعليم
جي باري ۾ مرهٽن، بنگالين ۽ پارسين اوائل واري وقت
۾ چڱي مدد ڪئي، جنهنڪري سنڌ جا ماڻهو سندن
اهو ڪٻ ڪڏهن به ڪين وساريندا!

انگريزيءَ جو سنڌيءَ تي اثر

٢٦٨- سنڌيءَ ۾ ڪيترا انگريزي لفظ اچي ويا آهن
(صفحو ١٨١)، پر اهي گهڻو ڪري سڀ ”اسم“ آهن، ۽

اڄ تائين سنڌيءَ سان گهڻو ڳنڍيجي ڳتجي ڪونه ويا آهن (صفحو ٢٥٢). ڪيترا انگريزي ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيا آهن، جنهنڪري سنڌي ساهت ڪي ڪجهه اوڄ آئي آهي. پر، انگريزيءَ جا ڪي بڇڙا اثر به سنڌيءَ تي ٿيا آهن: اسان جا ڪيترا ماڻهو، سنڌيءَ ڳالهائيندي، ٽپ ٽپ تي انگريزي لفظ ڪتب پيا آڻين؛ جنهنڪري اصليت کي ڌڪ پيو لڳي (صفحو ١٨٨ع).
ڪي ٻيهر اکري ترجمو ڪن ٿا-جهڙوڪ: هڪ تاريخ ۾ لکيل آهي ته "محمود غزنويءَ جي سورهين ڪاهه، سنديس پوئينءَ ڪاهه کان هڪڙو سال اڳين هئي! هيءَ لکڻ جو نمونو انگريزي آهي پر، انهيءَ کان وڌيڪ اعتراض جوڳي ڳالهه هيءَ آهي ته ڪي "اڻسڌا" جملا ڪم آڻين ٿا-اها ڳالهه سنڌي ٻوليءَ جي ذاتي ڀاءُ (Genius) جي برخلافي آهي، ۽ اهو دستور بند ٿيڻ گهرجي!

ٻولين جون منزلون

۲٦٩ـــ جهڙيءَ ريت ٻالپڻ، جواني، ۽ پيري ماڻهوءَ جي جيوت جون منزلون آهن، تهڙيءَ ريت ٻولين کي ٻه ڪن منزلن مان لنگهڻو پوي ٿو. هتي انهن جو ٿورو ذڪر ڪجي ٿو، ته سمجهڻ ۾ سولو ٿئي، ته سنڌي ٻولي هينئر ڪهڙيءَ منزل تي آهي!

(۱) ٻولين جي پهرين منزل اها آهي، جنهن ۾ سڀ لفظ "هڪ پدا" يعني هڪڙي پد وارا Mono syllables هوندا آهن، ۽ کي ٻه پڇاڙيون Suffixes سان گڏ ٻل نه هونديون آهن، اهي ساڳيا لفظ ڪٿي اسم ته ڪٿي فعل وغيره تي ڪم ايندا آهن؛ ۽ اها خبر رکيو جملن مان پوندي آهي ته فلاڻو لفظ جملي ۾ ڪهڙي ڪم آيو آهي. هن کي "شبد ويچاري" يا "نحوي ترتيب" واري منزل Syntactical Stage چئبو آهي. چيناڻي ٻولي انهيءَ منزل وارين ٻولين جو هڪ مثال آهي.

(۲) ٻي منزل اها آهي، جنهن ۾ کي لفظ اسم، اسم فاعل وغيره تي ڪم اچڻ جي طاقت وڃايو ڇڏين؛ جنهنڪري اهي لفظن جي ٻاڻ پڇاڙين Suffixes وانگر گڏيا آهن ته اسم جي حالتن ۽ فعلن جي زمانن ۽ ضميرن جي سڌ انهن

سان پوندي آهي. اهڙيءَ ٻوليءَ کي مرڪب منزل Agglutinative stage واري ٻولي چئبو آهي، جنهن ۾ ٻچاڙين پنيان ٻچاڙيون وِڌيون ٿيون (صفحو ١٢)، سنٿالن جي ٻولي، توڙي ترڪي، هنگاري ۽ فلش انهيءَ منزل واريون ٻوليون آهن.

(٣) ٻولين جي ٽين منزل اها آهي، جنهن ۾ ڪي اسم، اسم فاعل وغيره ڏار لفظ ٿي ڪم اچڻ جي طاقت ٻنهي وڃايو ڇڏين، جنهنڪري اهي ٻين لفظن سان ٻچاڙين وانگر گڏجي ڪم آڻبا آهن، جيئن ٻولين جي ٻيءَ منزل ۾ ٿئي ٿو. پر، هن ٽين منزل ۾ هيئن ٿئي ٿو، ته اهي ٻچاڙيون سدائين لفظن سان گنڍيل رهن ٿيون، جنهنڪري اهي لفظ ڀڪا ليکبا پون ٿا- مثال لاءِ وٺو سنسڪرت لفظ ”ڪار“ معنيٰ ڪم ڪندڙ يا جوڙيندڙ. اهو ٻين لفظن سان گڏجي ڪم آڻبو آهي، جهڙوڪ: سنسڪرت ”ڪنب“ معنيٰ تانءُ يا باسڻ ۽ ”ڪنبڪار“ معنيٰ تانءُ جوڙيندڙ. ساڳيءَ طرح ”لوهڪار“ معنيٰ لوهه جو ڪم ڪندڙ. اهڙيءَ طرح اها ”ڪار“ ٻچاڙي اهڙن لفظن سان سدائين گنڍيل رهي ٿي، جنهنڪري اهي ڀڪا لفظ ڪري ليکجن ٿا- هن منزل وارين ٻولين کي ”سنجوڳي“ يا ”مجمل منزل“ Syntactical stage واري ٻولي چئبو آهي. ان ۾ اهڙين ٻچاڙين گڏيل لفظن جو گردان يا ڦيرو ٿي سگهندو آهي، تنهنڪري اهي گردان يا ڦيري واريون ٻوليون Inflectional Languages ٻه سڏبيون آهن. سنسڪرت، گريڪ (يوناني) ۽ انهيءَ منزل واريون ٻوليون آهن

(٤) ٻولين جي چوٿين منزل اها آهي؛ جنهن ۾ لفظن جون اهڙيون پڇاڙيون، سمي پائي، گسي پيسي وڃن ٿيون؛ جنهنڪري ٻهرينءَ منزل جي ٻولين وانگر اهي لفظ پڇاڙين کان سواءِ پيا ڀانئبا آهن، ۽ انهن جي ڦيري ڪرڻ لاءِ ڪي معاون يا مددي لفظ Ausiliary words انهن جي پٺيان ڳنڍبا آهن. مثال لاءِ ساڳيا مٿيان سنسڪرت لفظ ”ڪنڀڪار“ ۽ ”لوهڪار“ وٺو، جن جا اچار سنڌيءَ ۾ ڪنڀار-ڪنڀر ۽ لوهار-لهار-لُهر آهن. هتي ڏسو ته وچ مان ”ڪ“ نڪري ويو آهي، ته باقي ”آر“ پڇاڙي بچي آهي، جنهن جو اچار گهٽائي ”آر“ ڪريون ٿا؛ هاڻ ”ڪار“ لفظ سڄائي ڪان پري ٿي پيو آهي، ۽ ”ڪنڀار“ ۽ ”لوهار“ ڏڪا لفظ پيا ڀانئجن. انهن جو ڦيرو ڪبو ته ڪي حرف جر ڪم آڻبا، جهڙوڪ ”ڪنڀار کان دلو وٺ“. هتي ”کان“ حرف جر ڪم آيو آهي، ۽ اهو ”ڪنڀار“ لفظ کان ڌار ٿيو بيٺو آهي؛ پر حالت جريءَ جي معنيٰ ظاهر ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو.

هنن کي مفصل منزل Analytical Stage واريون ٻوليون چئبو آهي. انگريزي ۽ فرينچ انهيءَ منزل واريون ٻوليون آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي منزل

٢٧. سنڌيءَ ۾ اسمن اسمن ۽ ضميرن جي پٺيان عام طرح حرف جر ڪم آڻيون ٿا؛ پر ڪٿي ڪٿي پڇاڙيون به ڳنڍيون ٿا. جهڙوڪ ”هو ڳوٺان آيو“، يعني ڳوٺ کان آيو. اهڙين سببن ڪري چئبو ته سنڌي ٻولي نڪي

صفا مجمل، نڪي صفا مفصل منزل واري ٻولي آهي: تنهنڪري هن وقت ان کي "مجمل- مفصل منزل Syntho-Analytical Stage واري ٻولي ڪوٺبو.

سنڌي ٻوليءَ جو آئيندو

۲۷۱- پنهنجي پٽ ڪنهن ٻه ڳالهه ورائي ڏني آهي. اها ٻه ڪنهن الڳ پاڻي ڳالهي، ته هن ڳالهه پوءِ اسان جي ٻولي جون حالتون ڪهڙيون ٿينديون؟ انهيءَ سبب جيڪر اڳڪٿي ڪري ڪين سگهبي، ته سنڌي ٻوليءَ جو آئيندو ڪهڙو ٿيندو؟ پر ٻولي پاڻ ٻئي ڳالهائي: سن ۱۱۰۰- کان وٺي، جيئن سنڌي ڌار ٻولي ٿي ڪم اچڻ لڳي آهي (صفحو ۷۲)، تيئن سنسڪرت واريون پيچيديون صورتون گهٽجي قدر وڃائي، سادي صورت ورتي اٿس. هن کان پوءِ به جيئن وڌيڪ ترقي ڪندي، تيئن وڌندي وڌيڪ سولي ۽ سهنجي ٿيندي، جنهنڪري ان جو وياڪرڻ (گرامر) هاڻوڪي کان وڌيڪ سليس ۽ سولو ٿيندو ويندو.

۲۷۲- هن وقت سنڌيءَ ۾ سڪنهن لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ ڪانه ڪا اعراب آهي ئي آهي. انهن پڇاڙيءَ وارين اعرابن هيٺئر ئي لاڏڻ جو سانباهو ڪيو آهي: لاڙ ۾ انهن جو اچار اڪثر ڪونه ڪن (صفحو ۱۳۰). اهي گهڻو وقت ڪين جٽينديون، جو اکرن جي پڇاڙي تي زور ڏيڻ جي ترتيب Accent System ڦرندي پئي وڃي. ان جو هڪ نتيجو هي ٿيندو، ته ڪيترا اسم، واحد توڙي جمع ۾ هڪجهڙا

رهندا. هينئر به ماڻهوءَ جو جمع ماڻهو؛ ۽ هاٿيءَ جو جمع هاٿي.

۲۷۳- هن وقت تائين اسمن جي اُن حالتن واريون پڇاڙيون سنڌيءَ مان گم ٿي ويون آهن، باقي رڳو حالت جريءَ واري "آن-اون" پڇاڙي (جيئن ڳوٺان- ڳوٺؤن) ۽ حالت مڪانيءَ واري "آ-اي" پڇاڙي (جيئن مانيءَ کاڌي ويل يا ويلي) بچيل آهن؛ پر اهي به سيڪڙن لفظ جي پٺيان ڪين ڳنڍيون آهن. اهي به جيڪر وينديون ڪين ڪن، پر تي، کي، ۾ وغيره حرف جر، اهي پڇاڙيون پاڻ سان ڳنڍي بيٺا آهن. هينئر جيڪي ته ائين پيا سمجهون ته انهن جو بنياد ت، ڪ، م وغيره آهي، تنهنڪري حالت جريءَ واري پڇاڙي "آن-اون" ڳنڍي چئون: تان-تؤن؛ کان- کؤن، مان-مؤن وغيره ڪڍهن وري حالت مڪانيءَ واري "اي" پڇاڙي ڳنڍي، تي، کي، ۾ وغيره چئون ٿا- انهيءَ سبب اکوات چٽي سگهجي ٿو ته ڪهڙي ۾ ڪهڙ تہ بہ ٻہ-ٽي صديون اهي پڇاڙيون اڃا قائم رهنديون.

۲۷۴- ضميري پڇاڙيون هينئر ٿي زور ڇڏيون بيٺيون آهن: "پٽم" معنيٰ، "منهنجو پٽ"؛ پر "منهنجو گهوڙو" "گهوڙم" نہ چئبو. هن مان ظاهر آهي ته سيڪنهن اسم مان اهي پڇاڙيون لاڳو ڪري نٿيون سگهجن. "وٽم" معنيٰ، مون وٽ، ۽ "وٽهؤن" معنيٰ اسان وٽان: "ڏاڏم"، "پٽم" ۽ ٻين اهڙن لفظن جو جمع جوڙي نٿو سگهجي- هن مان ظاهر آهي ته اهو پڇاڙيون گهٽي تائين جتائي نہ ڪنديون.

ائين باريڪ طرح جاچبو ته معلوم ٿيندو ته اهڙيون صورتون ٻوليءَ مان ائين نڪري وينديون، جيئن وڻ پراڻا پن ڇاڻي، نوان پن ڪڍندا آهن.

٢٧٥- ٻوليءَ جو آئيندو ڳالهائيندڙن تي وڏو مدار رکي ٿو. عربي توڙي سنسڪرت لفظ، جي رس جس ڀريا هجن، سي ڀلي ته ڪم آڻجن. انهن کان ڇرڪڻ ٿيندو پنهنجي تنگدلي ڏيکارڻ. باقي ڳرا عربي يا سنسڪرت لفظ ڪم آڻي، سو ٿيندو ٻوليءَ کي هٿ وٺي بگاڙڻ- سائنس جا لفظ به اهڙا ڪم آڻجن، جي سمجهڻ سولا ٿين. انسان جي بدن جي بناوت بابت هڪ ڪتاب ۾ جيڪي لکيل آهي، تنهن مان ٿورو نڪرو هتي ڏجي ٿو:

سوال- ٻانهن ورائجي ٿي، ته وري ٿي؛ سو ڇو؟

جواب- انسان جي مغز ۾ هڪ تنتُو آهي، جنهن کي ”گيان تنتُو پريرڻا“ چئجي ٿو. جڏهن ٻانهن ورائڻ جو خيال ڪجي ٿو، تڏهن ”مٿي بنداست“ کان وٺي ”ڪور پراست“ تائين زور اچي ٿو؛ ۽ جڏهن اهو ”سڪنڌاست“ تائين اچي ٿو، تڏهن ٻانهن وري ٿي!

ههڙا سنسڪرت توڙي عربي لفظ، ٻوليءَ ۾ هرگز چالو ٿي ڪين سگهندا؛ تنهنڪري ٻوليءَ جي آئيندي جو خيال رکي، پوري ويچارن سان قلم هلائجي.

ڀاڱو ڏهون

باب ڀهريون

ٻوليءَ جي تبديل ۽ واڌارو

تبديل جا سبب

۲۷۶- سنسڪرت جي ذڪر ڪندي، مٿي اڳيئي چيو ويو آهي ته سنسڪرت اول بگڙجي پالي ۽ پراڪرت ٿي، ۽ جدا جدا هنڌن جون پراڪرت ٻوليون ڦري هاڻوڪيون سنڌي، هندي، گجراتي وغيره ٿيون آهن، (صفحو ۸۰). هاڻ ويچار ڪرڻ گهرجي ته ڪهڙن سببن ڪري سنسڪرت ۾ ايڏو ڦيرو پيو، جو اڄي نوان نوان ويس ورتائين؟ هڪواريءَ انهن سببن جي سُڌ پوندي، ته پوءِ سمجهڻ سولو ٿيندو، ته ڪيئن سنڌي هيئر ڏينهن ڦرندي پيئي وڃي، ۽ هن ڪان پوءِ به ڦرندي رهندي؟ هن باري ۾ علم لغات جي صاحبن جيڪي سبب ڇاڻايا آهن، سي دنيا جي سڀني ٻولين سان هڪجهڙا لاڳو آهن؛ پر مثال ڪن انگريزي ته ڪن سنسڪرت ڏنا آهن، تنهنڪري اسين پنهنجا سنڌي مثال ڏينداسين.

سبب پهريون - ڪشالي جو سنجم

۲۷۷- ٻوليءَ جي بگڙجڻ جو پهريون ۽ مکيه سبب آهي "ڪشالي جو سنجم" Economy of Effort- ونو مثال: ڪنهن ننڍڙي ٻار کي چئبو ته چئو "ڪينو"، ته چوندو "اِنو"! ڇو ڏو ائين چوي؟ دنيا ۾ ڪابه ڳالهه "سبب"

ڪان سواءِ ڪاڻ ٿي ٿئي. هن لاءِ ٻه سبب آهن: ”ڪَ“
جي اچار ڪرڻ لاءِ، سيڪنهن ماڻهوءَ جي نڙيءَ جو
منهن Glottis or the opening of the wind-pipe
چڱيءَ طرح کولڻو پوي ٿو، ته آواز ٻاهر نڪري؛ ساڳئي
وقت ڇپ جي پاڙ جو زور ٻه لڳائڻو پوي ٿو، ته اکر
چٽو ٿئي ته ٻيا پوريءَ طرح سمجهن. هيءَ ڪشالي
گاڏڙ ڪم، ويچاري ننڍڙي ٻار کان نٿو پڄيءَ تنهنڪري
هو ”ڪَ“ جو اچار ماڳهين ڪڍي ڇڏي؛ باقي ”ڪَ“
جي هيٺان جيڪا زبر يعني ”اِ“ جو اچار آهي، سو قائم
رکي ”اِنو“ چوي ٿو. هو اڻين ڪونه ٿو سمجهي، ته
مون ڪو ”ڪَ“ اکر ڪڍي ڇڏيو، هن جي ليکي ته
اڳلي چيوئي ”اِنو“! هيءَ ته ننڍڙن ٻارن جي ڳالهه
آهي، پر وڏتي ساڳيا واڳيا ماڻهو اکرن تي پوريءَ طرح
زور نٿا ڏين، ته لفظن مان اکر نڪريو وڃن. جهڙوڪ،
”ڪنيڪار“ ۽ ”لوهڪار“ بدران چئون ”ڪنيار“ ۽
”لهار“. ”ڪَ“ جو اچار وچ منجهان ٿي نڪري ويو!
هتي ٻه چئبو ته اچار ڪرڻ ۾ گهٽ تڪليف ٿي. اهڙا
مثال انگريزيءَ ۾ به گهڻيئي آهن*. هيءَ ته سولا لفظ
آهن، پر جڏهن ڪنهن لفظ ۾ ٻه-ٻه بلڪ ٽي-ٽي حرف
صحيح ڪڍي اچارڻا پون ٿا، تڏهن اهو ته هيڪاري ڪشالي
گاڏڙ ڪم ٿيو پوي، جو جدا جدا اچارن ڪرڻ لاءِ نڙي،
ڇپ، چپن وغيره کي علحدي علحدي نموني چورڻو پوي ٿو!

---

*Godly = Godlike. God-liness = God-like-ness.

هوڏانهن انسان، پنهنجي ذاتي سڀاءَ ڪري، ائين چاهي ٿو تہ سيکڻهن ڳالهہ ۾ جيترو گهٽ ڪشالو ٿئي، تيترو چڱو. انهيءَ ذاتي سڀاءَ ڪري، هو لفظن جي اچار ڪرڻ مهل بہ ڪشالي جو سنڄم ڪري ٿو، جنهنڪري اچار بگڙيو وڃن. لاڙ جا ماڻهو ڪشالي جو سنڄم گهڻو ٿا ڪن، جنهنڪري سنڌين ٻوليءَ ۾ گهڻو بگاڙو نظر اچي ٿو (صفحو ٩٧ ۽ ١٣١).

ٻوليءَ سان ٻار ڏاڍا وَيل وهائين ٿا: ٻارن کي جيڪڏهن چيڪ چڱي ڏجي، تہ ٻوليءَ کي جيڪر ڏاڍا هاڃا ھڻن: پر گهرن ۾ مائٽ، ۽ اسڪولن ۾ ماستراڻيون ۽ ماستر، کين صحيح اُچار سيکارين ٿا: ٻار جڏهن وڏو ٿئي ٿو، تڏهن پنهنجو بہ عقل اچيس ٿو تہ صحيح اُچار ڪريان، متان ٻيا کلن ۽ چون تہ ٻانن جهڙا اُچار يا غلط اُچار ڪري ٿو- پر ٻوليءَ کي بگڙجڻ کان وڏي روڪ تڏهين ٿئي ٿي، جڏهن منجهس ساهت (لٽريچر) لکجڻ ۾ اچي ٿو: ساهت جي نهرن ۽ چشمن ۾ ٻوليءَ جون گهڻو ڪري سڀ اوڻايون ڌوپيو وڃن. انهيءَ هوندي بہ ٻوليءَ ۾ ڪي ڪي غلطيون رهجيون وڃن، تہ بہ اهي غلطيون ڪري نٿيون ليکجن- جهڙوڪ، ڪو ٻار يا وڏو، چاليهہ، سٺ ۽ سٺ بدران ناليهہ، هٺ ۽ هتر چوندو تہ متانئس ڪلنداسين: پر ايڪيتاليهہ، ٻائيتاليهہ، ايڪهٺ، ٻاهٺ ۾ ايڪهتر، ٻاهتر وغيره انگن ۾ اسين پاڻ اهڙا ٻاتن جهڙا اچار ڪريون ٿا ۽ پوءِ پاڻ تان چوڻتا ڪلون؟ چاڪاڻ تہ هاڻ اهي ئي اُچار رواج ۾ آهن، تنهنڪري اهي صحيح ليکبا. چوڻي

ٻه آهي ته "غلطالعوام، صحيح" يعني جا غلطي، پڙهيل توڙي اڻپڙهيل ڪندا هوندا، تنهن کي غلطي نه سمجهبو، پر صحيح ڪري ليکبو. مطلب ته ٻوليءَ ۾ "رواج" وڏي ڳالهه آهي.

سبب ٻيو — ملڪ جي تاريخ ۾ تبديل

۲۷۸- ٻوليءَ جي بگڙجڻ جو ٻيو وڏو سبب آهي "ملڪ جي تاريخ ۾ تبديل"- جهڙوڪ سنڌ ۾ مسلمانن جي حڪومت ٿيڻ ڪري عربي، فارسي ۽ ترڪي لفظ سنڌي ۾ اچي ويا (صفحو ۲۰۴ ۽ ۲۱۰). سنڌيءَ ۾ ڌارين لفظ گڏجڻ ڪري، ٻولي ڳاڙ ٿي پيئي. ڌارين لفظن جي اچارن ڪرڻ ۾ اماڻجن ماڻهن جو وات هريل نه هو: جيئن کين سولو لڳو، تيئن انهن جا اُچار ڪيائون، جنهنڪري هاڻ عربي لفظن "رداءُ"، "مطرقه" وغيره بدران چئون "رَڏو"، "مترڪو" وغيره. انگريزن آئي انگريزي لفظ چالو ٿيا، ته انهن جا اچار به ماڻهن بگيڙيا؛ جنهنڪري انگريزي لفظ "ستيشن" بدران ڪي چون "اسٽيشن" ته ڪي چون "ٽيشن"؛ ۽ ٻزن بدران چون "درجن"- هيءَ ته لفظ آهن، پر وقتي جملا ڦريو وڃن؛ جهڙوڪ: "هو ڪمس ديئر؟" پهريدار چون "ڪم در"

سبب ٽيون — ڌاري ٻولي جو فخر

۲۷۹- ٻولي جي بدلجڻ جو ٽيون سبب هيءَ آهي ته "فاتح قوم جي ماڻهن جي ٻولي سکي، انهن سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ جهڙو ٿيڻ، فتح ٿيل ملڪ جا ماڻهو پنهنجي لاءِ

فخر سمجهندا آهن". جيڪي، فاتح قوم وارن جي ٻولي نه سکندا آهن، سي به ايترو ڪندا آهن، ته انهن جا ڪي نه ڪي لفظ زور ڪري ڪم آڻيندا آهن!

شاهه، سامي، سچل ۽ ٻين شاعرن ڪيترائي ننج سنڌي لفظ ڪم آندا آهن-جهڙوڪ: "ڪان" معنيٰ گهوڙو، "اميٺ" معنيٰ پلٽ، ۽ "آسگهتي" معنيٰ سُرڪي يا چُڪو-اچڪلهه اهڙا لفظ ڪوبه ڪم ڪونه ٿو آڻي. ٻيا لفظ ته ٺهيا، پر بصر ۽ ٿوم، جي ٻنهي عربي لفظ (بصل-ثوم)، سي اسان وٽ عام آهن! هن وقت رڳو ڪراچيءَ ۾ ڪڇي ۽ ٻيا، بصر بدران "ڏونگري" ۽ ٿوم بدران "لسڻ" لفظ ڪم آڻين ٿا؛ آهي چون "جام" (ڄام)، پر اسين عام طرح چئون "زيتون". ٻهراڙين ۾ چون "ٻوري"، پر اسين عام طرح چئون "بلبل"! انهيءَ ريت، ٻيا لفظ وڃن متروڪ ٿيندا ۽ نوان ڌاريا لفظ وڃن انهن جي جاءِ وٺندا؛ جنهنڪري ٻولي، وڃي ڦرندي. وقتي، لفظن جي اُچارن ڦرڻ ڪري معنيٰ ۾ ڦير پوي ٿو؛ جهڙوڪ "تعويذ" جو اچار ڦري "تائيت" ٿيو آهي، ته هاڻ ٻنهي لفظن جي معنائن ۾ ڦير آهي (صفحو ١٧٢).

سبب چوٿون-لڏهه وچڙ

٢٨٠- "وڻج واپار يا ٻئي سبب، ٻين قومن سان لڏهه وچڙ ٿئي ٿي ته انهيءَ ڪري به هڪڙيءَ ٻوليءَ جا لفظ ٻيءَ ٻوليءَ ۾ اچيو وڃن"-جهڙوڪ ٻه رچو گيزن، فرينچن وغيره سان لڏهه وچڙ ٿيڻ ڪري، "ٻورچو گيز" وغيره لفظ، سنڌيءَ

۾ اچي ويا آهن (صفحو ٢٠٤ ۽ ٢١١). ملبار طرف سان لڙهه وچڙ هئڻ سبب، اسان وٽ اِتي-ڏڪر راند ۾ دراوڙي انگ چالو ٿيا آهن (صفحو ١٧٨)-انهن به ٻوليءَ تي ٿورو ٿورو اثر ٿئي ٿو.

سبب پنجون-کوڙي مناسبت (False Analogy)

٢٨١- ٻوليءَ جي بدلجڻ جو پنجون مکيه سبب آهي ”کوڙي مناسبت“ (صفحو ٢٥٣). ڊاڪٽر ڀنڊارڪر ان جا جيڪي مثال ڏنا آهن، تن مان ٿورا هيءُ آهن:

سنسڪرت ڌاتو	پراڪرت ڌاتو	سنڌي مصدر
شرُو	سُڻ	سُڻڻ ٻُڌڻ
جِچا	چاڻ	چاڻڻ

سنسڪرت ۾ ”شرُو“ معنيٰ ”ٻُڌڻ“، ۽ ”شرڻوتي“ معنيٰ ”هُو ٻُڌي ٿو“. اهڙيءَ طرح ”شرُو“ ڌاتوءَ جي پٺيان ”ن“ (ڻ) رکو زمان حال ۽ ٻين ٽن زمانن ۾ گڏبو آهي. پراڪرت ڳالهائيندڙن کي اهو پتو ڪونه پيو، ته ڪهڙن زمانن ۾ اهو ”ن“ (ڻ) گڏڻ گهرجي. هنن ڇڪي مستقبل، اسم مفعول وغيره ۾ به انهن ڪيو، جنهنڪري هينئر ”سڻ“ لفظ جو ڌاتو ڇڻ ته ”سڻ“ آهي؛ نه نه حقيقت ڪري ”شرُو“ آهي. انهن چاڻ-چاڻڻ، وڪڻ-وڪڻڻ وغيره جي ڌاتن ۾ بالائي ”ڻ“ کوڙيءَ مناسبت ڪري اچي ويو آهي. هن وقت سنڌيءَ ۾ به ڪي ماڻهو کوڙيءَ مناسبت تي هلن ٿا- ڏسڻ مان ڏسجڻ، ۽ پسڻ سان پسجڻ لفظ جڙيا آهن، ته انهيءَ نموني

ڪي ”ليڄ“ مان ”ليڄڻ“ ٺاهي ڪم آڻين ٿا- جهڙوڪ چون ته ”مون کان ڪتاب ليڄجي ڏي نٿو“. هيءَ غلط سنڌي آهي، ڇو ته ڪپي ”ليئي نٿو“- ”لهڻ“ معروف ۽ ”ليڄ“ مجهول صورت وارو فعل آهي، تنهن ۾ مجهول جي نشاني ”ڄ“ ڳڏڻ، سو ٿيو فعل کي ٻيو ڀيرو مجهول صورت وارو ڪرڻ!

مطلب ته ماڻهن کي جيئن سولو سهنجو لڳي ٿو، تيئن هڪڙن لفظن جي نموني ٻيا آڻين! ڊاڪٽر ڀنڊارڪر انهيءَ کي سڏيو آهي:

The law of false analogies, or of the generalisation of grammatical forms, or formal genralisation.

بگاڙو معنيٰ واڌارو

٢٨٢- ٻوليءَ جو بگاڙو جنهن کي چئجي ٿو، تنهن ۾ سچ پچ ته ٻوليءَ جو واڌارو آهي: سنسڪرت ۾ جيڪڏهن بگاڙو نه ٿئي ها، ته هيڏو ”ڏيڍن جو ڏڻ“ (هندي، سنڌي وغيره) ڪيئن جڙي ها؟ هيءَ ته ٻولي آهي، پر رڳو لفظن جي بگڙجڻ ڪري به گهڻوئي واڌارو ٿئي ٿو- ولو مثال:

(١) ”تلڪ“*، لفظ جو هندو ماڻهو پيشانيءَ تي ڏين ٿا، تنهن جا بگڙيل اچار: ”ٽِڪڙو“ (منهن ڏمي

*”تلڪ“ لفظ جي بنيادي معنيٰ آهي ”ننڍڙو تر“. هندو پنهنجي پيشانيءَ تي سيندر وغيره سان ننڍڙو گول چڪرو (تر جيترو) ڪيندا آهن. (تِل = تِل + ڪ).

ٽڪڙو ڏيڻ)، ”ٽُڪرو“ (ڪاٺ وغيره جو)، ”ٽِڪ“ (منڊيءَ جي، يا آرسي جي)، ”ٽِڪي“ (مٺائي يا پٽائي وغيره جي)، ”ٽِڪلي“ (ٽپال وغيره جي)، ”ٽِڪل“ (وڏو لغڙ جو ٽڪ ٻڌي ٻيهي)، ”ٽِڪلي“ (ڪاغذ جي گول چتي)، ”ٽِياؤ“ ۽ ٽلي“ (ٽلو مل ۽ ٽلي ٻانسي) آهن- هنن سڀني لفظن ۾ گولائيءَ جو خيال سمايل آهي.

(٢) سنسڪرت لفظ ”چڪر“ Chakara معنيٰ چڪرو يا ڦيٿو- انهيءَ لفظ سنڌيءَ ۾ هيٺيون صورتون ورتيون آهن: چَڪر، چَڪرو، چاڪ ۽ چريڪلو (ڦيٿو)، چڪرُ (ڪُهمتاري)، چَڪرِ (هنيار جو)، چَڪي (جاندھ)، چڪلو (مانين ويلڻ لاءِ)، ۽ چيرڪلي (ڦيري پائڻ جي راند)- هنن سڀني لفظن ۾ بہ گولائيءَ جو خيال سمايل آهي. اهڙا مثال ٻيا بہ گهڻيئي آهن.

٢٨٣- سنسڪرت لفظ ”وتسيہ“، جا بگڙيل اچار: ”وَڇ“ (مذڪر- پاڏو)، ”ٻڇڙو“ آهن. فارسيءَ ۾ ”وتسيہ“ جو اچار ”بچہ“ آهي. اهو فارسي لفظ سنڌيءَ ۾ آيو آهي، تہ انهيءَ مان ”ٻَچو“، ”ٻچڙو“، ”ٻچڙو“، ”ٻچيلو“ ۽ ”ٻچڙوال“ (ٻارن-ٻچن وارو) لفظ ٺهيا آهن. فارسي لفظ ”بچہ“ سنڌيءَ ۾ آيو آهي، تہ اسان کي ڪس ڪانہ لڳي آهي-ڌاريا لفظ ٻوليءَ ۾ اچن ٿا، تہ ٻولي برابر چُوچُو جو مربو ٿي پوي ٿي؛ پر ساڳئي وقت ٻوليءَ ۾ واڌ ٿئي ٿي. انگريزي ٻولي نهايت وسيع آهي، تہ بہ جنگل، نوٽ، جمخانا (جماعتخانہ) ۽ اسان جا ٻيا ڪيترائي ڏيهي لفظ ان ۾ اچي ويا آهن. عربي ۽ سنسڪرت ٻوتر ٻاشائون

يا مقدس ٻوليون آهن، ته به انهن ۾ ڪي يوناني ۽ پيا لفظ اچي ويا آهن-(صفحو ١٧٩ ۽ ١٩٩) مطلب ته سڀ ٻوليون ٻين ٻولين مان ڪي نه ڪي لفظ وٺن ٿيون ۽ ڪا به ٻولي ڌارين لفظن کان آجي ڪانهي؛ تنهنڪري عربي ۽ سنسڪرت لفظن کي سنڌيءَ ۾ اچڻ کان روڪ ڪرڻ، پنهنجي تنگدلي ڏيکارڻي آهي. اهو ٿيندو ٻوليءَ جي واڌاري کي روڪڻ! جيڪڏهن ڪو ڪهڙا ڪهڙا عربي يا سنسڪرت لفظ سنڌيءَ ۾ گهلي آڻيندو ۽ جي عام خلق جي ڪَن کي ئي ڪين وڻندا، ته ٻولي انهن کي هرگز چالو ٿيڻ نه ڏيندي!

٢٨٤- لفظن جي ڳالهه، ڇڏي، هاڻ اچو ته ڏسون ته ٻوليءَ ۾ ڪهڙو بگاڙو ۽ واڌارو ٿيو آهي؟ اسان کي رواجي گرامرن وارا قاعدا ڄاڻايا ڪينهن، پر رڳو ٻوليءَ جي تاڃي ۽ پيٽو جاچڻا آهن، جن ۾ اکرن ۽ اچارن سان لاڳاپو رکندڙ ڳالهيون (Phonology)، ۽ ٻوليءَ جي نحوي بناوت سان لاڳاپو رکندڙ ڳالهيون (Morphology) ويچارڻيون آهن.

سنڌي بگڙيل پراڪرت

٢٨٥- سنڌي، هندي، ۽ ٻيون ڏيهي آريه ٻوليون بگڙيل پراڪرت ٻوليون آهن. انهن کي جيڪڏهن بگڙيل سنسڪرت سڏجي، ته به روا آهي، جو ڇو بنياد سنسڪرت مان اٿن؛ پر ڪهڙيءَ سنسڪرت مان؟ "رگ ويد" واري زماني کان وٺي سنسڪرت جون ڇهه ته ٻه شاخون ٿيون: سنسڪرت پنهنجي سر واڌارو ڪندي، اول وچولي ۽ پوءِ آخرين درجي تي آئي، ۽ هن وقت "سنسڪرت" سڏبوئي انهيءَ آخرين درجي واريءَ سنسڪرت کي آهي (ڏسو صفحو ٣٤). "رگ ويد" واري زماني کان وٺي، جيڪا سنسڪرت عام طرح ڳالهائڻ ۾ ايندي هئي، سا وري پنهنجي منهن بگڙجي "پالي" "پراڪرت" ۽ "اپڀرنش" ٿي، جنهن مان "سنڌي"، "هندي" وغيره ٻوليون پيدا ٿيون. جيئن مٿي اڳيئي ڄاڻايو ويو آهي (صفحو ٣٨، ٦٩ ۽ ٧٠). انهن ڏيهي آريه ٻولين به پنهنجي پنهنجي پر ڳنڍي ۽ پنهنجي روءِ سوءِ واڌارو ڪيو؛ جنهنڪري اسان جي سنڌيءَ جا آچارئي علحدا آهن، جن مان ٻرهان ٿي پروڙي سگهبو آهي ته اها آهي اسان جي مادري زبان، جنهن جي شعر جي شيرينيءَ هندن توڙي مسلمانن کي موهت ڪري ڇڏيو آهي (صفحو ٢٣٦)- هاڻ ڪيڪاري چنيءَ ريت سمجهڻ ۾ ايندو

تہ هاڻوڪي آخرين درجي واري سنسڪرت، جا اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پاڙهڻ ۾ اچي ٿي، تنهن مان سنڌي ٻولي ڪانہ پيدا ٿي آهي: اها بہ چئجي تہ سنڌيءَ جي پيڙ ئي پر اُها قديم سنسڪرت ڪان گهڻو بگڙيل نہ آهي؟ انهيءَ سبب اسين پنهنجيءَ مادري زبان جي انهيءَ سان پيٽ ڪنداسين، تہ پتو پوندو تہ سنڌيءَ ۾ ڪهڙو بگاڙو ۽ واڌارو ٿيو آهي؟ انهيءَ ريت سنڌيءَ جون خوبيون ۽ خاميون ڪُئي ظاهر ٿينديون، ۽ اهي ئي ڳالهيون ٻوليءَ جي اونهي اڀياس ڪرڻ ۾ واهر ڪنديون.

سنڌيءَ جي "حرف علت" ۾ بگاڙو

٢٨٦- سنسڪرت ۾ ڏيڍيهہ "حرف صحيح" ۽ سورهن "حرف علت" آهن. سورهن حرفن علت مان "ر"، "ري"، "لر" ۽ "لري" پاليءَ واري زماني ۾ ئي ٻوليءَ مان نڪري ويا؛ جنهنڪري نڪي پراڪرت، نڪي سنڌيءَ ۾ ٻين ڏيهي آريہ ٻولين ۾ آهن. سنسڪرت ۾ "آم" (آن) ۽ "آهہ" بہ آهن؛ جي سنڌيءَ ۾ حرف صحيح (م يا ن، ۽ ھ) ليکجن ٿا*- هاڻ سنڌيءَ ۾ فقط ڏهہ حرف علت آهن:

Single Vowles چڙا علت آ - اَ - اِي - اُ - اُو

* "هنُهہ هوند مئي، ٻر ٻڌيءَ جا پيٽا ٿيا"- (شاهہ)
اڳي نڪ جي اچار ظاهر ڪرڻ لاءِ "م" گڏيندا هئا، جيئن "هنهہ" لفظ گڏيل آهي، تہ سمجهڻ ۾ اچي تہ ان ۾ نڪ جي اچار ٽڪار (Twang) آهي،

اي-آي-او-آو دوهرا-علت Diphthongs

هنن کي ”ڏهه اکري“ چئبو آهي. سنڌي لاءِ عربي-سنڌي آئيويتا (لپي) ڪم اچي ٿي، تنهنڪري سنسڪرت وارين ماترائن يا لاڪنائن بدران، عربيءَ وارين اعرابون Orthographical signs or Diacritical marks (زبر، زير، پيش وغيره) ڪم آڻيون آهن. ”عرب“ معنيٰ چٽو ڪرڻ- آهي اچارن کي چٽو ڪن ٿيون.

اعرابن تي ويچار

۲۸۷- عربيءَ ۾ ”الف-و-ي“ اهي ٽي حرف علت آهن. انهن مان ڪوبه اکر جڏهن ڪنهن لفظ جي منڍ ۾ ايندو آهي، تڏهن سدائين حرف صحيح ٿي ڪم ايندو آهي، ۽ خود ان کي چورڻ لاءِ ڪا نه ڪا اعراب کپي- جهڙوڪ آول، وصل ۽ يقين- انهن ٽنهي لفظن جي منڍ ۾ زبر يعني ”آ“ جو اُچار آهي. ”و“ ۽ ”ي“ اکر جڏهن وچ يا پڇاڙيءَ ۾ ايندا آهن، تڏهن حرف علت آهن؛ پر جيڪڏهن انهن جي مٿان يا هيٺان ڪا اعراب ڏبي، ته حرف صحيح ٿي پوندا- جهڙوڪ: ”چوَنِ“ ۽ ”ٿيَنِ“، (مصدر- چوَڻُ ۽ ٿيَڻُ) ۾، ”و“ ۽ ”ي“ جي مٿان ”زبر“ آهي؛ تنهنڪري حرف صحيح آهن. ”وديالیہ“ ۾ پوئين ”ي“ جي مٿان زبر آهي، تنهنڪري اهو حرف صحيح آهي- اهڙيءَ حالت ۾ عربن الف-و-ي مان ٽي ننڍيا يا گهٽيل اچار وارا حرف علت هن ريت جوڙيا آهن:

الف مان زبر يعني آ

و مان پيش يعني اُ

ي مان زير يعني اِ

انهن مان ٽي ڊگها اُچار ٺهيا آهن:

آ + آ = آ   اُ + اُ = اُو   اِ + اِ = اِي

مثال لاءِ وٺو ”ڇهه آسي“ لفظ. ”ڇهه“ لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ زبر يعني ”آ“ جو اُچار آهي، ۽ ”آسي“ لفظ جي اڳياڙيءَ ۾ به ”آ“ جو اُچار آهي. اهي ٻئي اُچار ملائي چئون ”ڇهاسي“. ساڳيءَ طرح ”ستآسي“ ۽ ”آٺ اسي“ بدران چئون ”ستاسي“ ۽ ”اٺاسي“— ائين ”آ“ جا ٻه اچار پاڻ ۾ ملائيا، ته ”ڇهه اسي، ست آسي“ وغيره جي اُچارن ۾ ٻُنگ (ٻيجڪڙي) Hiatus ٿي پوندو، جنهنڪري ٻانڻ جهڙو اچار ٿي پوندو.

”وڄُ“، ”کنڊُ“ ۽ ٻين اهڙن لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ پيش يعني ”اُ“ جو اچار آهي. انهن جي جمع جوڙڻ لاءِ پراڪرت جي جمع واري ”اُ“ پڇاڙي گڏيون ٿا، ته ٻئي ملي هڪ ڊگهو اچار ”اُو“ پيدا ڪن ٿا، ۽ انهيءَ ۾ نڪ جو اچار ملائيون ٿا، تنهنڪري انهن لفظن جو جمع ”وڄون“ ”کنڊون“ وغيره ٺهي ٿو.

ٽئين مثال لاءِ وٺو عربي لفظ ”مسجد“— ان ۾ ”س“ اکر ساڪن آهي؛ پر اسين پنهنجيءَ عادت پٽاندر ”س“ جي هيٺان زير ڏيون ٿا، يعني ”اِ“ جو اچار

ٻالائي ڳڏيون ٿا. انهيءَ لفظ مان پوء ”ج“ اکر ڪڍي ته باقي بچيو ’مسرِ اِدَ‘ هتي ”س“ جي هيٺان زير يعني ”اِ“ جو ”اِدَ“ جي اڳيان به ”اِ“ آهي. اهي ٻئي اچار ملي ”اِي“ ٿين ٿا، جنهنڪري ڇٺون ’مسيد‘ هاڻ جڳيءَ طرح سمجهڻ ۾ ايندو ته ساڳئي ورگ يا ڪلاس جا ٻه نندا حرف علت پاڻ ۾ ملي، هڪ ڊگهو اچار پيدا ڪن ٿا.

سنسڪرت گرامرن ۾ هن قسم جي قاعدن کي ”سنڌيءَ جا قاعدا“ Rules of Euphony چوندا آهن. اهي سنڌيءَ جا قاعدا قدرت جي قاعدن تي ٻڌل آهن، تنهنڪري اهي قاعدا دنيا جي سڀني ٻولين سان هڪجهڙا لاڳو آهن. عربيءَ سان به اهي ئي ساڳيا قدرت جا قاعدا لاڳو آهن، تنهنڪري ان مان ڇهه حرف ٺهيا آهن. عربن انهن جي لکڻ جو دستور به انهن قدرت جي قاعدن پٽاندر هن نموني اختيار ڪيو:

”اَ-آ-اِ-اِي-اُ ۽ اُو“

هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته ”اِي“ لکڻ مهل ”الف“ جي هيٺان زير ڏين ٿا، ۽ ”ي“ اکر خالي ڇڏين ٿا؛ ڇاڪاڻ ته ”ي“ جو ملهه فقط ”اِي“ آهي، ۽ ٻئي ”اِ“ جا اچار پاڻ ۾ ملي ”اِي“ ٿين ٿا. ساڳيءَ ريت ”اُو“ لکڻ مهل الف جي مٿان پيش ڏين ٿا، ”و“ خالي ڇڏين ٿا؛ ڇاڪاڻ ته ان جو ملهه فقط ”اُ“ آهي، ۽ ٻئي ”اُ“ جا اچار پاڻ ۾ ملي ”اُو“ ٿين ٿا. انگريزيءَ ۾ به ائين Sheep, Keep,

Moon, Noon لفظ ۾، ڊگهي اچار پيدا ڪرڻ لاءِ ٻه حرف علت ڪم آڻين ٿا*.

عربيءَ ۾ اي-آي (آءِ) آو (آءُ) جي اچارن لاءِ ٻه ٻه حرف ڪم آڻين ٿا. سنسڪرت ۾ هر هڪ حرف علت کي رکو هڪڙو اچار آهي.

۲۸۸- هن باري ۾ هيءَ ڳالهه به ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته، سڀني ٻولين ۾ جيڪي حرف علت آهن، تن سڀني کي پنهنجو پنهنجو اچار آهي: تنهنڪري عربي ۽ فارسيءَ ۾ ڪنهن به "حرف علت" کي اعراب نه ڏيندا آهن، ۽ جيڪڏهن ڏبي ته اهو "حرف صحيح" ٿي پوندو: جيڪي به حرف صحيح آهن، سي گُنگا اکر آهن، ۽ رکو انهن کي چورڻ لاءِ اعرابن جي ضرورت ٿئي ٿي. سنسڪرت ۾ به ائين ڏي ڪندا آهن.

"ر" ڦرڏو حرف (Protean Vowel)

۲۸۹- سنسڪرت ۾ "ر" حرف ٻن قسمن جو آهي: هڪڙو حرف صحيح، ٻيو حرف علت: ديوناگريءَ ۾ ۾ اهي لکبا به ٻيءَ ٻيءَ طرح آهن. "رَنگ"، "رَت" (ڳاڙهي)، ۽ "راجا" حرف صحيح سان شروع ٿين ٿا.

* انگريزيءَ جي حرف علت جي ترتيب منجهائيندڙ آهي، جو ڪٿي ڪٿي اکر ساڳيا، پر اچار ٻيا ٻيا- جهڙوڪ Cough (cauf)- R0ugh (ruff)- Bough (bow)Dough (do)- Hough (hock)- and Through (throo)

"رُت" معنيٰ موسم، "رِڻُ" معنيٰ قرض، "رِشي"، "رِڇ" (سنسڪرت- رڪش)، ۽ ٻين اهڙن سنسڪرت لفظن جي منڊ ۾ "ر" حرف علت آهي، پر اسين اهو حرف صحيح ڪري ليکيون ٿا. پالي ۽ پراڪرت ڳالهائيندڙن کي ٻه انهيءَ تفاوت جو پتو ڪونه پيو، تنهنڪري اهو اکر نڪري ويو.

٢٩٠- سنسڪرت ۾ ڪنهن حرف صحيح جي مٿان يا هيٺان ٻه "ر" حرف علت گڏيندا آهن. اهـڙا لفظ سنڌيءَ ۾ آيا آهن، ته انهن ۾ اهو اکر ڦري، هڪ نه ٻيو حرف علت ٿي پيو آهي- جهڙوڪ:

سنسڪرت	سنڌي	تبديل
گهرشٽ	گَٺو (گ مٿان زبر يعني آ)	"ر" مٽجي "آ"
درشٽ	ڏِٺو (ڏ هيٺان زير يعني اِ)	" " "اِ"
ورڌ	ٻُڍو (ٻ مٿان پيش يعني اُ)	" " "اُ"
مرتيو	موت	" " "اُ"

پراڪرت ۾ ٻه اهين تبديل ٿيندي هئي (ڏسو ورچيءَ جو جوڙيل "پراڪرت پرڪاش").

٢٩١- پراڪرت واري زماني کان پوءِ اهڙا سنسڪرت لفظ وري چالو ٿيا. ته انهن ۾ "ر" کي قائم رکڻ لاءِ، ساڻس هڪ نه ٻي اعراب گڏي ائون- جهڙوڪ:

سنسڪرت	سنڌي	سنسڪرت	سنڌي	تبديل
مر mri	مرڻ	ڀر bhri	ڀرڻ	"ر" بدران "آر"
سر Sri	سِرڻ (ڇڙڻ)	ڀرٿوي	پرٿوي	"ر" بدران "اِر"
ورڪش	ورک يا برک معنيٰ وڻ			"ر" پيش (اُ)

٢٩٢- ڪن حالتن ۾ "ر" اکر هڪ نه ٻئي حرف صحيح ۾ سمائجي ويو آهي- جهڙوڪ: سنسڪرت "ورڌ" "درشن"، "گرڀ"، ۽ "جاماترڪ" جن بدران "ٻڍو" "ڏسڻ"، "ڳڀ"، ۽ "ڄاٽو" معنيٰ ناٺي. سنسڪرت "سرو" بدران ڇٺون "سرب" يا "سڀ" (سمورو)، ۽ "ورڪر" بدران ڇٺون "ٻگهڙ" Wolf. اهڙيءَ طرح "ر" اکر ڪنهن حرف صحيح ۾ سمائجي ويندو آهي، تڏهن اڪثر انهيءَ کي "وسرگ" يعني "ه" جي اچار وارو ڪندو آهي- اهڙيءَ ريت، هن "ڦرڻي حرف" سانڊي وانگر پنهنجا روپ بدلايا آهن.

ٻوهرا - علت ۽ بگاڙو

٢٩٣- دراوڙي ٻولين ۾ دوهرا-علت ڪينهن. قديم دراوڙ لوڪ سنسڪرت سکيا ته دوهرا-علت يا ٻِٽاسر، يڪساهيءَ اچارڻ ڏکيا لڳن؛ تنهنڪري انهن جا آچار هن ريت ٻگاڙيون:

سنسڪرت	پراڪرت	سنڌي	تبديل
تيل (تئل)	تيل Talla	تيل Oil	آ+اِ=اي
ڱؤر	گور	گورو (ڀؤرو)	آ+اُ=او

إدغام Epenthesis سبب، اهي ٻه آچار ملي هڪ ٿين ٿا (صفحو ١٣١)، جنهنڪري ڇپبو ته وزن ۾ ڪوٽ ڪانه ٿي، باقي اچار ڪرڻ ۾ سولائي ٿي- جو "آي" (آءِ) ۽ "آو" (آءُ) کان "اي" ۽ "او" جا اچار وڌيڪ سولا آهن، ۽ اڄ به اهي ڇڙا يا يڪا حرف ڪري ليکيون ٿا- اهو بگاڙو پاليءَ واري زماني کان وٺي شروع ٿيو، ۽ اهو دراوڙي ٻولين جو اثر ليکجي ٿو (ضميمو پهريون)،

٢٩٤- پراڪرت ڳالهائيندڙ جا اچار ڦيلهڙا هوندا هئا (صفحو ٥٩). اسان جا اچار وڌيڪ پختا آهن، جنهنڪري "آيت"، پيدائش" "پؤنر"، "ڪؤنر" ۽ "لؤنگ" لفظن ۾ ٻهرا-علت جا اچارقائم رکون ٿا. انهيءَ هوندي به ڪيترا ڏسو ته "ايت" ۽ "صبر" بدران "اٺت" ۽ "سٺر" چون، ۽ لکن ٿا. عربي لفظ "قوم" Qaum بدران ڪيترا چون "قوم" Qom. پر وڏي ڳالهه ته سنڌيءَ ۾ قاعدو آهي ته ڪنهن به لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ ٻهرو علت اچي، ته ان جو اچار ضرور پيچجي- ته اسمن جو ڦيرو ڪرڻ سولو ٿئي- جهڙوڪ "شيءِ" جو اچار "ش+اِ" ۽ "چؤ" جو اچار "چ+اُ" ڪبو" اِهي "اِ" ۽ "آ" پڇاڙيون ليکبيون، ۽ انهن جو جمع ٿيندو "شيون" ۽ "چئون"- اهڙيءَ طرح سنڌيءَ ۾ ٻهرا-علت رکوناٽي ماتر آهن*.

ويدڪ "ڙ"

٢٩٥- سنڌيءَ ۾ ڪل ايڪونجاهه اکر آهن*، جن مان ٿيٽيهه سنسڪرت وارا، چار نج سنڌي (ٻ-ڄ-ڏ-ڳ)،

---

* "Properly speaking there are no *D*iphthongs in Sindhi." *Dr. Trumpp: Sindhi Grammer Introduction, P.VI*

* همزو (ء)، الف جي هڪ نرالي صورت آهي، ۽ "لا" جو اچار لام ۽ الف جي ميلاپ سان پيدا ٿئي ٿو، تنهنڪري اهي ٻئي ڌار اکر ڪري نٿا ليکجن.

۽ چوڏهن عربيءَ ۽ فارسيءَ مان ورتل آهن (صفحو ٢٦٢).

سنسڪرت وارن ٽيٽيهن اکرن مان ويدڪ "ڙ" سنسڪرت ۾ حرف علت آهي، جنهن جو اچار رڳو سنڌيءَ، گجراتيءَ ۽ مراٺيءَ سانديو آهي، ۽ ٻين ٻولين وڃائي ڇڏيو آهي (صفحو ١٣٠ ۽ ٢٦٢). سنڌيءَ ۾ ڪوبه لفظ "ڙ" سان شروع ڪونه ٿو ٿئي- سڏ ڪرڻ مهل "ڙي" چئبو آهي، سو اصل ۾ آهي "اڙي" (حرف ندا).

"ش" جا ٽي قسم

٢٩٦- سنسڪرت ۾ "ش" اکر ٽن قسمن جو آهي: هڪڙو تارونءَ جي اچار وارو (Palatal)، ۽ ٻيو مغز جي اچار وارو (Cerebral). ديوناگريءَ ۾ اهي لکيا به ٻيءَ ٻيءَ طرح آهن. پراڪرت ۾ ٻنهي "ش" اکرن کي ڦيرائي "س"، "هه" يا "ڇ" ڪندا هئا- اهڙا مثال سنڌيءَ ۾ به آهن، جهڙوڪ: سنسڪرت "پاشا" بدران چئون "ڦاسي- ڦاهي"، ۽ سنسڪرت "شنشچر" بدران چئون "ڇنڇر"- انهيءَ تبديل سبب، پراڪرت ۾ ڪوبه لفظ "س" سان شروع ڪونه ٿو ٿئي.

٢٩٧- اپڀرنش پراڪرت ۾ اللندو "س" کي ڦيرائي "ش" ڪندا هئا (صفحو ٧١). هينئر به اسين سنسڪرت لفظن "ستهن" ۽ "ساڌوڪار" بدران "شينهن" ۽ "شاهوڪار" چئون ٿا. پر اهڙا سنسڪرت بنياد وارا لفظ سنڌيءَ ۾ ٿورا آهن؛ گهڻا رڳو عربي ۽ فارسي آهن، جهڙوڪ: "شهر"،

”شروع“، ۽ ”شاديءَ“ ۽ ”شاهه“ وغيره. اهڙن لفظن ۾ ”ش“ جو اُچار ڏندن مان ڪونه ٿا ڪريون. جيئن ڊاڪٽر ٽرمپ لکيو آهي- اهو گهڻو تارونءَ وارو ۽ ڪجهه مغز جي اُچار وارو (Cerebro-palatal) آهي. جنهنڪري چئبو ته اسان جو اُچار وچائين ٿيون آهي، جو نڪي سنسڪرت نڪي پراڪرت ۾ آهي*.

مغز جي اُچار وارا اکر

٢٩٨- ٽ، ٺ، ڊ، ڍ- مغز جي اُچار وارا اکر آهن. انهن ۾ ڏورو ”ر“ جو اُچار سمايل آهي. حقيقت ۾ اهي ٻٽا اکر آهن، جهڙوڪ: سنسڪرت ”تامر“-”ٽامون“؛ ”پتر“، پٽ، ”ميتر“، ميٽ، ۽ ”چتر“-چٽ. اِئين ”ت“ ۽ ”ر“ ملي ”ٽ“ ٿيا آهن.

٢٩٩- سنسڪرت ”ينتر“ (جنتر) جنڊ، ۽ ”منتر“-منڊ. اِئين ڏورين حالتن ۾ ”ت“ ۽ ”ر“ ملي ”ڊ“ ٿيا آهن؛ ته نه ته عام طرح ”د“ ۽ ”ر“ ملي ”ڊ“ ٿين ٿا- جهڙوڪ ”درگهه“-ڊگهو، ”سمدر“-سمنڊ، ۽ ”اندرامت“-انڊلٺ.

پراڪرت ۾ انهيءَ عادت سببان سڀ لفظ ”ن“ بدران ”ڻ“ سان شروع ٿين ٿا (صفحو ٦٠)؛ عالم چون ٿا

---

* "ش" is in Sindhi by no means a palatal sibilant, as in Sanskrit, but a simple dental sound equally unknown in Sanskrit and Prakrit". *Dr. Trumpp: Sindhi Grammar, Introduction, P. XVI.*

تہ اھو قديم دراوڙن جي ٻولين جو اثر آھي. ھندستانيءَ ۾ چون ”ٽانبا“ ۽ ”ٽوڙنا“ پر اسين چئون ”ٽامون“ ۽ ”ٽوڙڻ“. اھا عادت اسان ۾ وڌيڪ آھي، جا سرائڪي ڳالھائيندڙن جي سنگ ۾ پرائي اٿئون ۽ باقي سنڌين آڳاٽي پشاچي پراڪرت تي دراوڙي ٻولين جو اثر ٿيو ھجي، تہ اھا بہ ڳالھہ آھي.

وسرگ اکر (Aspirates)

٣٠٠- دراوڙ لوڪ، وسرگ اکرن مان بنيادي اکر ڪڍي، باقي ”ھہ“ جو اچار بچائيندا ھئا (صفحو ١٢٥ کان ١٢٧).

”ليھ“- ”لھڻ“، ۽ ”ڏيھ“- ”ڏھڻ“. ھنن مثالن ۾ ڏسو تہ ”ڀ“ مان ”ب“ اکر نڪري ويو آھي، جنھن ڪري باقي ”ھہ“ جو اچار بچيو آھي. ”ڪنڀ“- ”ڪنب“- ھتي اتلندو ”ھہ“ اکر ڪڍي ڇڏيو اٿئون، جنھنڪري باقي ”ب“ جو اچار بچيو آھي؛ اھڙيءَ طرح وسرگ اکرن کي جي تہ مرڪب اکر ڪري ليکيون ٿا، جن مان ھڪڙو ڪڍي، ٻيو بچايون ٿا.

نڪ جي اچار وارا اکر (Nasals)

٣٠١- عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ نڪ جي اچار وارا اکر فقط ٻہ آھن: ”م“ ۽ ”ن“ (صفحو ٢٦٦). سنسڪرت ۽ سنڌيءَ ۾ پنج آھن: ”ڃ“، ”ڱ“، ”م“، ”ن“ ۽ ”ڻ“. انھن مان ”ڃ“، ”ڱ“ ۽ ”ڻ“ سان ڪوبہ

لفظ شروع ڪونہ ٿو ٿئي (صفحو ٦٠ ۽ ٦١)، باقي اهي لفظن جي وچ ۽ پڇاڙيءَ ۾ اچن ٿا. اهي اچار اسان سرائڪي ڳالهائيندڙن جي سنگ ۾ سانديا آهن. هندستانيءَ ۾ ”ج“ ۽ ”گ“ جا اچار آهن ئي ڪين، تنهنڪري ”مڃڻ“ ۽ ”مڱڻ“ بدران چون ”ماننا“ ۽ ”مانگنا“*.

۳۰۲- ”ٻ“ ”ڄ“، ”ڏ“ ۽ ”ڳ“ اکر وراچڊ اپڀرنش پراڪرت واري زماني کان وٺي سرائڪي (وراچڊ پشاچي پراڪرت) ڳالهائيندڙن جي سنگ ۾ سکيا آهيون (صفحو ۷۱، ۷۹، ۽ ۸٦) حقيقتوُن اهي ٻِٽا اکر آهن- مثال:

نج سنڌي اکر- ٻٽا اکر

سنسڪرت	سنڌي	تبديل
ورڌ	ٻرڌ-ٻڍو	ب+ر = ٻ
لجا Lajja	لڄ(شرم)	ج+ج = ڄ
درشن	ڏسڻ	د+ر = ڏ
گرڀ	ڳڀ	گ+ر = ڳ

مطلب تہ ”ٻ“ آهي ٻِٽو ”ب“، ”ڄ“ آهي ٻِٽو ”ج“، ”ڏ“ آهي ٻِٽو ”د“ ۽ ”ڳ“ آهي ٻٽو ”گ“.

۳۰۳- اسين سنڌي ماڻهو انهن اچارن تي ايترو تہ هري ويا آهيون، جو ڪيترين حالتن ۾ خواهہ مخواهہ بہ اهڙا تبديل ڪريون ٿا- جهڙوڪ:

* ”مڱڻ“ لفظ جي بنيادي معنيٰ آهي ”اهو سڳ، جو ڳهري وٺجي (مڱڻ معنيٰ ڳهڻ).“

سنسڪرت	سنڌي	سنسڪرت	سنڌي
ٻڪ	ٻگهه، (پکي)	ٻلي	ٻل (قرباني)
جال	ڄار	جلُوڪا	ڄوُر (Leech)
دارڻ	ڏارڻ	دنت	ڏند
گين	ڳڻ	گالن	ڳارڻ

هتي به جڻ ته ائين سمجهون ٿا، ته ڪو ڪُڏيل حرف صحيح آهي، جنهن کي ملائي ٻڪو ڪرڻو آهي؛ تنهنڪري هيءَ مناسبت (False Analogy) جا مثال ليکبا (صفحو ٢٥٣ ۽ ٢٨٨).

جنس ٻيجان

٣٠٤- سنسڪرت ۽ پراڪرت ۾ جنس مذڪر ۽ مونث کان سواءِ "جنس ٻيجان" به آهي، جنهن لاءِ سنسڪرت ۾ مقرر ٿيل پڇاڙي "اَم" آهي، جنهن جو اچار قديم سنڌيءَ ۾ "اون" چوندا هئا، جيئن هاڻ گجراتي ۾ چون ٿا:

"جي هو پائين ڪان ڪمان ۾، ته نئين ڏج سينئُون!
ڪجي نه ڪينئُون، وچي در دوستن جي!"
(يمن ڪليان)

هن وقت "سينئُون" ۽ "ڪينئُون" بدران چئون "سينو" (ڇاتي) ۽ "ڪينو" (بغض يا چائت)؛ جن ۾ "او" پڇاڙي آهي، تنهنڪري جنس مذڪر ليکجن ٿا. سنسڪرت "ڦلم" معنيٰ ڦل يا ميوو (مذڪر)، ۽ "ڏالم" بدران چئو "ڏال" (جنس مونث)- اهڙيءَ ريت ٻيجان اسمن مان گهڻا مذڪر ۽ ٿورا مونث ليکيون ٿا: سنڌي ٻولي اها جنس ٻيجان واري پڇاڙي وڃائي چڏي آهي، ته ان جو نتيجو ڏسو ته شڪارپور طرف "رَت" جنس مونث، ۽ ٻين هنڌ جنس مذڪر (صفحو ١٠٣ ۽ ١٦١).

مونث پڇاڙيون (Feminine Suffixes)

٣٠٥- سنسڪرت ۾ "آ" ۽ "اِي" مونث پڇاڙيون آهن، جهڙوڪ: گنگا ۽ گومتي (جنس مونث). سنڌيءَ ۾

انهن ٻن پڇاڙين جا اُچار گهٽائي، "آ" ۽ "اِ" به ڪيا اٿون، جهڙوڪ: ڀڙا-ڀڙ، وِلا-وِيل نيتي-نيتر، ۽ اگني-اگن (باهه). اهڙيءَ طرح ٻن مان چار پڇاڙيون ٿي پيون آهن: "آ"، "آ" ۽ "اِ" "اِي". ڪن مذڪر اسمن به سنڌيءَ ۾ اهي پڇاڙيون ورتيون آهن، جهڙوڪ: "راجا" "سيٺ" ۽ "ڌڻي".

مذڪر پڇاڙيون (Masculine Suffixes)

٣٠٦- سنسڪرت ۾ "اَ" پڇاڙيءَ وارا اسم گهڻو ڪري سڀ مذڪر آهن- جهڙوڪ "رام"، "ڪرشڻ" ۽ "گوبند" جي پڇاڙيان زبر يعني "اَ" جو اچار آهي، جنهن جو اچار پراڪرت ۾ ڦري ٿيو "او" ۽ اپڀرنش ۾ گهٽجي "اُ" ٿيو. سنڌيءَ ۾ به چئون "رامو"-رامُ ۽ "گوبندو". گوبند (پڇاڙيءَ ۾ پيش) سنڌيءَ ۾ رام-"رامُ" ۽ گوپ-"گوپُ" به چئون- اهڙيءَ ريت، سنسڪرت واري مذڪر پڇاڙيءَ "اَ" مان سنڌيءَ ۾ ٽي مذڪر پڇاڙيون "اُ"، "او" ۽ "اُ" نڪتيون آهن. ڪن مونث اسمن به اهي پڇاڙيون ورتيون آهن، جهڙوڪ: "ڏيءُ"، "ڪنڊُ"، "ڳئُو" ۽ وهُو.

عدد يا وچن (Number)

٣٠٧- سنسڪرت ۾ وچن يا عدد ٽي آهن- مثال: "ايڪ وچن" يا عدد واحد: "ڦلم" معنيٰ هڪ ڦل يا ميوو؛ "دو وچن" (Dual): "ڦلي" معنيٰ ٻه ڦل؛ ۽ "بهو وچن" يا عدد جمع: "ڦلاني" معنيٰ ٽي يا گهڻا ڦل سنسڪرت

وارو ٻه وچن پاليءَ توڙي پراڪرت ۾ ئي ڪونهي، تنهنڪري سنڌي توڙي ٻين ڏيهي آريہ ٻولين ۾ بہ ڪونهي، عربيءَ ۾ ٻه وچن آهي.

”ڏلامي دارين جي سانچيو سانچي ساهہ.“ (شاهہ)

عربيءَ ۾ ”دار“ معنيٰ دنيا، ۽ ”دارين“ معنيٰ ٻہ دنيائون؛ يعني هيءُ جهان ۽ آخرت، يا لوڪ ۽ پرلوڪ.

جمع جوڙڻ لاءِ پڇاڙيون

٣٠٨- پراڪرت ۾ ”پُترو“ (پيءُ-پتا) جو جمع ”پُترا“ ۽ ”پائرو“ جو جمع ”پائرا“. سنڌيءَ ۾ بہ انهيءَ نموني چئون، ”گهوڙو“ جمع ”گهوڙا“ (”آ“ پڇاڙي.) شڪارپور طرف ”زال“، ”ڪارڪ“ وغيره جو جمع چون ”زالان“ ۽ ”ڪارڪان“ وغيره- جيڪڏهن مٿينءَ ”آ“ پڇاڙيءَ جي پٺيان ”ن“ ڳنڍبو، تہ اها ”آن“ پڇاڙي ٿي پوندي؛ پر ڪي صاحب ان جو بنيادئي ٻيون ٻڌائين ٿا:

سنسڪرت ۾ ”ڪمل“ جو ٻهو وچن (جمع) ”ڪملاني“، معنيٰ ٿي يا گهڻا ڪنول جا گل، ۽ ”ڌن“ (دولت) جو جمع ”ڌناني“. انهيءَ ”آني“ پڇاڙيءَ جو اچار پراڪرت ۾ ”آڻين“ آهي. ان مان پوئين ”اِي-اِين“ جو اچار ڪيي ڇڏبو، تہ باقي بچندو ”آن“. بيمس صاحب ۽ ڪن ٻين جي چوڻ موجب زالان، ڪارڪان وغيره واري ”آن“ پڇاڙي، سنسڪرت جي انهيءَ ”آني“ پڇاڙيءَ مان ٿي آهي. ڪن عالمن جو چوڻ آهي تہ فارسي زن-”زنان“ ۽ پسر-”پسران“

وغيره واري ”آن“ پڇاڙي بہ سنسڪرت جي انهيءَ ٻيجان اسن واري جمع پڇاڙي ”آني“ مان نڪتي آهي- هن موجب چئبو تہ شڪارپوري جنهن نموني جمع جوڙين ٿا، سو نمونو نهايت آڳاٽو آهي (صفحو ١٠٣).

٣٠٩ شڪارپور طرف ڪن سواءِ ٻين هنڌ ”زال، ڪارڪ“ وغيره جو جمع ”زالون، ڪارڪون وغيره چون ٿا.

هن ”اون“ پڇاڙيءَ جو بنياد ٿي ٻون آهي پراڪرت ۾ جمع جوڙڻ لاءِ ”او“ پڇاڙي بہ ڪم اچي ٿي، جا سنڌيءَ ۾ رکيو حالت ندا جي معنيٰ ظاهر ڪري ٿي- جهڙوڪ: ”ڀائرو“، ”يارو“، ”دوستو“ ۽ ”مائرو“، معنيٰ اي مائون يا ماتائون! (حالت ندا)- انهيءَ ”او“ پڇاڙيءَ جو اچار پراڪرت ۾ گهٽجي ”اُ“ ٿيو- جهڙوڪ سنسڪرت ”وڌو“ معنيٰ زال يا ڌڻ جي زال (نُونهن)، تنهن جو اچار پراڪرت ۾ ”وَهو- ٻهُو“ آهي. ان جو جمع آهي ”ٻهُونو“ يا ”ٻهُوءُ“- ڊاڪٽر ٽرمپ پنهنجي جوڙيل سنڌي گرامر جي صفحي، ١٠٦ ۾ لکيو آهي تہ سنڌيءَ ۾ انهيءَ ”اُ“ پڇاڙيءَ جو اچار وڌي ”اُ“ ٿيو آهي، ۽ ان ۾ نڪ جو اچار گڏجي ”اون“ پڇاڙي ٺاهي اٿئون. ڊاڪٽر ڀنڊارڪر پنهنجن علم لغات بابت تقريرون (صفحي ٢٠٢) ۾ ڄاڻايو آهي، تہ پراڪرت جي مونث لفظن جي جمع واري ”اُ“ پڇاڙيءَ ۾، جنس ٻيجان واري ”اون“ پڇاڙي گڏجي اٿئون (اُ+او = اون).

هن موجب چئبو تہ ”اون“ گڏيل يا ملاوٽي پڇاڙي آهي، ۽ شڪارپور واري ”آن“ پڇاڙي وڌيڪ نج آهي،

جو ان جو بنياد سنسڪرت جي ”آني“ پڇاڙيءَ مان آهي. ٻين ٻولين ۾ به ”آن“ پڇاڙي آهي (صفحو ۱۰۳)؛ باقي رڳو گجراتيءَ ۾ اسان وانگر ”ون“ پڇاڙي ڪڏين ٿا-جهڙوڪ: ”ڪتاب“ جو جمع چون ”ڪتابو“ يا ”ڪتابون“.

حالت (Case)

۳۱۰- سنسڪرت ۾ اسمن جون آٺ ”حالتون“ آهن: هرهڪ ”حالت“ لاءِ ڪا خاص پڇاڙي مقرر ٿيل آهي، جا حرف جو ڪم ڏئي ٿي. اهي پڇاڙيون پاليءَ ۽ پراڪرت ۾ گهٽي قدر ٿيون، پر سنڌيءَ ۽ ٻين ڏيهي آريه ٻولين اهي وڃائي ڇڏيون آهن. وري به شابس سنڌي ٻوليءَ کي آهي، جنهن ۾ ”حالتن“ جون پڇاڙيون اڄ تائين سانديون آهن! (صفحو ۲۸۱).

۳۱۱- سنسڪرت ۾ حالت جري (آپادان ويڪتي (Ablative Case لاءِ مقرر ٿيل پڇاڙي ”آت“ آهي- جهڙوڪ، رام- ”رامات آهي“ معنيٰ ”رام کان“ (حالت جري- پاليءَ ۽ پراڪرت ۾ انهيءَ مان ”ت“ ڪڍي، باقي ”آ“ جو اچار بچايائون. قديم سنڌيءَ ۾ به ائين هو جهڙوڪ: هيج- ”هيجا“ معنيٰ ”هيج مان“ يا ”خوشيءَ مان“ (حالت جري)- انهيءَ ”آ“ ۾ ”ن“ گڏي هاڻ چئون ”آن“ جهڙوڪ: گهر- گهران، ۽ ڳوٺ- ڳوٺان معنيٰ ڳوٺ کان (ڏسو ٽرمپ صاحب وارو گرامر، صفحو ۱۱۷).

(الف) سنسڪرت واري ”آت“ پڇاڙيءَ جو اچار پراڪرت ۾ ٿيو ”آدو“، جو بگڙجي ”آئو“ ٿيو، جنهن مان ”آءُ“، ۽ ”آون“ پڇاڙيون نڪتيون آهن:

"پيئو تن ڏراءِ جي ٻسي پاڻ ٻڌائيون". (شاهه)
"ڏراءِ" معنيٰ در ڪان يا در مان (حالت جري) عام طرح "اون" پڇاڙي ڪم آئيون ٿا- جهڙوڪ گهر گهرُون ۽ ڳوٺ- ڳوٺون (ڳوٺان).

٣١٢- سنسڪرت ۾ حالت مڪاني Localive لاءِ مقرر ٿيل پڇاڙي "اِ" آهي، جنهن جو اُچار سنسڪرت ۾ ٿي وڃي "اي" ٿئي ٿو (رامي = رام ني). اهي ئي پڇاڙيون سنڌيءَ ۾ بجنسي ڪم اچن ٿيون-جهڙوڪ: ويل- ويلي معنيٰ ويل يا مهل تي (صفحو ٢٨١).

٣١٣- شعر ۾ وقتي لفظن جي رکو عام صورت (سامان روپ) منجهان ئي انهن حالتن جي معنيٰ پاڌمرادو ظاهر ٿي سگهي ٿي. ۽ ڪنهن به حرف جو گڏڻ جو ضرور ڪونه ٿو ٿئي- جهڙوڪ:

"جتي ماڻڪ ماڳ، تتي چوران ڏڪيو." (شاهه)
"ماڻڪ ماڳ معنيٰ ماڻڪ جو ماڳ، ۽ "چوران ڏڪيو" معنيٰ چورن جو ڏڪيو (ماڳ). عام طرح، نظم ڏوڙي نثر ۾ حرف جر يا ظرف ڪم آڻنا پون ٿا.

"ٻسو لڄ 'لطيف' چوي، ڪيڏي ڪي ڪڪن." (شاهه)
هن ريت شعر ۾ "ڪي ڪڪن" چئي سگهجي ٿو، پر نثر ۾ چئبو "ڪڪن ڪي"- مطلب ته "ڪي، تي، ۾" وغيره "اڳيان اينڌڙ حرف" Prepositions نه آهن، پر "پٺيان اينـــدڙ حـرف" Post-positions آهـن- ائين، حرف جر ڪي اسم جي پٺيان ڪم آڻو. دراوڙي نمونو آهي (ضميمو ٻهريون).

٣١٤- سچيءَ سنڌي ٻوليءَ ۾ رڳو هڪڙو "رِ" (سنسڪرت "رِ") حرف آهي، جو اسمن جي اڳيان توڙي پٺيان ڪم اچي سگهي ٿو- جئين "رِ سچ" يا سچ رِ" معنيٰ "سچ کان سواءِ".

حالتن جي ٻڌاڙين گم ٿيڻ جا نتيجا

٣١٥- (١) سنسڪرت ۾ "راجن"، "ماتر" (ماءُ) "پتر" (پيءُ) وغيره جو ڦيرو ڪبو، ته حالت فاعلي عدد واحد ۾ ٿي انهن جا اچار ڦري ٿيندا "راجا"، "ماتا"، "پِتا وغيره سنڌيءَ ۾ "گهوڙو" لفظ جو ڦيرو ڪبو، ته حالت فاعليءَ ۾ ته "گهوڙو" چئبو، پر حالت مفعولي ۾ به چئبو "گهوڙو"- جهڙوڪ: "گهوڙو ڊوڙي ٿو" (فاعلي)، "گهوڙو گاهه کائي ٿو" (مفعولي)-مطلب ته لفظ پنهنجيءَ اڻ ستڻل صورتCrude formَ۾ ٿي رهي ٿو. "گهوڙو" لفظ جي پٺيان جيڪڏهن ڪو حرف جر آڻبو ته چئبو. "گهوڙي کي"، "گهوڙي سان" وغيره. اهڙي طرح "گهوڙو" لفظ جي صورت رڳو هڪ ڦيرو کائي "گهوڙي" ٿئي ٿي، ۽ پوءِ ڪوڙو به حرف جر وجهجي ٿو، ته لفظ انهيءَ ساڳيءَ يعني عام صورت ۾ ٿي رهي ٿو. ائين رڳو حرف جر ڦرن ٿا، ننهنڪري چئبو ته اسمن جو ڦيرو جنهن کي چئجي، سو سنڌيءَ ۾ ٿي نٿو سگهي. ڦيرو اهو، جنهن ۾ اسمن جون ٻڌاڙيون ڦــرن- جيئن "کوٽ" -معنيٰ کوٽ ڏي يا کوٽ ۾؛ "کوٽان" جمع کوٽان، معنيٰ کوٽن کان-

پر سنڌي ٻوليءَ اهڙيءَ طرح ڦيري ڪرڻ جي طاقت وڃائي ڇڏي آهي. ان جو سبب هيءَ آهي ته سنڌي ٻولي مجمل منزل مان هاڻ مفصل منزل ڏي رخ رکيو آهي. انهيءَ ساڳئي سبب، انگريزي ٻوليءَ کي ڦيري ڪرڻ جي طاقت ڪانهي، ۽ اها به حرف جر ذاتي سواءِ هلي ڪين سگهندي (صفحو ٠٧٩).

(٢) ”ڇوڪرو ڳوٺان آيو“—هتي فعل جو انتظام يا عمل Government سڏو ”ڳوٺ“ لفظ تي آهي، ۽ فعل پڌائي ٿو ته اهو ”ڳوٺ آهي، ۽ نه ٻيون ڪو هنڌ، جتان ڇوڪر جو اچڻ ٿيو. ”ڇوڪر ڳوٺ کان آيو“—هتي فعل جو انتظام اُسڏو يعني حرف جر ”کان“ جي معرفت ٿيو آهي. اهڙيءَ ريت حرف جر ڪم آڻي ڪري فعل جو انتظام ڦري ويو آهي.

(٣) سنڌيءَ ۾ ڪنهن به مرڪب لفظ ۾ ٻن کان وڌيڪ اسم آڻي نٿا سگهون. ”سنڌ هندو ٻوڏ سهائتا فنڊ“. هيءُ مرڪب لفظ انگريزي نموني جڙيل آهي. سنڌي نموني ڇئبو ته ”سنڌ جي هندن جي ٻوڏ جي سهائتا جو فنڊ“. جيڪڏهن سنسڪرت جي حالت اضافت واري ”يه“ يا اهڙي ئي ڪا پاڇڙي سنڌيءَ ۾ هجي ها، ته اها به وجهي اهي سڀ لفظ ڳنڍي سگهون ها. هاڻ رڳو صفت يا حرف اضافت گڏي ٽن لفظن وارا مرڪب جوڙي سگهون ٿا. جهڙوڪ: ”وڏيءَ دل دانا، چڱيءَ چال وارو“ ۽ ”پلي ياڪي وارو“.

انهن ڪئين مرڪب لفظ جوڙي سگهجن ٿا، پر انهن ۾
ٻن کان وڌيڪ اسم اچي ڪين سگهندا*.

ضمير

۳۱۶ - سنڌيءَ ۾ شخصي ضمير Personal Pronouns
فقط ٻه آهن، متڪلم ۽ حاضر. سنڌيءَ مان ضمير غائب
گم ٿي ويو آهي، تنهنڪري "هُو-هن" وغيره، جي ضمير
اشارو ڏُور آهن، سي ڪم آڻي پورائي پيا ڪريون.

(الف) سنسڪرت "آهم، مام ۽ مم" مان سنڌي لفظ
"آنءَ-آءٌ"، "مان" ۽ "مون" ضمير نڪتا آهن. سنسڪرت
۾ "مم" معنيٰ منهنجو (حالت اضافت). پراڪرت ۾ ان
جو اچار ٿيو "مهه"، تنهن ۾ بالائي "جو" گڏجي ٿيو
"مُهجو- منهنجو."

(ب) سنسڪرت جي ضمير حاضر ۾ "ت" اکر رکيو
واحد لفظن ۾ ڪم ايندو آهي، جهڙوڪ: سنسڪرت ۾
توم سنڌي "تون". پراڪرت ۾ اهو "ت" اکر
ڇڪي جمع لفظن ۾ به گڏيايون، جنهنڪري سنڌيءَ ۾
ضمير حاضر جمع جون ٻه صورتون- "توهين" (پراڪرت
"تهي") ۽ "توهان" (سنسڪرت. "يشمي" Yushme
ٿيون آهن، "توهان" ۽ "اوهان" به ڇئون ٿا.

(پ) ٻين ضميرن جا رکيو اچار قريل آهن.

---

*"No componb can be formed from moer than two nouns, a noun compounded of three words is a linguistlc impossiblity in sindhi, as in such a compound all idea of co-ordination or sub-ordination would be completely. lost."
Dr. Trumpp: Sindhi Grammar. p. 33

صفت جي ڀيٽ جا درجا

٣١٧- سنسڪرت ۾ صفت جي ڀيٽ جي درجن لاءِ "تر"- "تم" ۽ "اِيس"- "اِشٺ" پڇاڙيون مقرر ٿيل آهن، جهڙوڪ: "پريه" معنيٰ پيارو، "پريتر" معنيٰ ٻين کان پيارو (انگريزي "آر": Great-er ۽ "پريتمر" معنيٰ سڀني کان پيارو. سنسڪرت ۾ "پاپي" معنيٰ گنهگار، "پاپيس" معنيٰ ٻين کان (وڌيڪ) پاپي؛ ۽ "پاپشٺ" معنيٰ سڀني کان (وڌيڪ) پاپي. انگريزيءَ ۾ انهيءَ "اِشٺ" پڇاڙيءَ جو اچار "ايسٽ" آهي، جهڙوڪ: سنڌيءَ ۾ "ٻرگو"- "موڪشٽ". سنڌيءَ مان اهڙيون پڇاڙيون گم ٿي ويون آهن، تنهنڪري "کان" ۽ "۾" حرف جر جو ڪم آڻي پوراڻي ڪريون ٿا، جهڙوڪ: "چڱو"، "ٻين کان چڱو" ۽ "سڀني کان چڱو"، يا "چڱي ۾ چڱو"- اهو دراوڙي نمونو آهي، جو سنڌيءَ ۾ اختيار ڪيو اٿون.

فعل

٣١٨- سنڌيءَ ۾ وڏو بگاڙو فعلن ۾ نظر اچي ٿو. سنڌيءَ ۾ ڪي زمان ڪٽل آهن- جهڙوڪ: سنسڪرت وارو مضارع، پراڪرت منجهان ڦي گم ٿي ويو، تنهنڪري سنڌيءَ ۾ به ڪونهي. هن وقت جنهن کي مضارع ڪوٺيون ٿا، سو اصل پراڪرت جو زمان حال آهي، جنهنڪري سنڌيءَ ۾ اڪثر زمان حال جي معنيٰ ڏيکاري ٿو- مثال:

”سوري سينگاري، اصل عاشقن کي.“ (شاهه)
”سينگاري“ معنيٰ سينگاري ٿي. (زمان حال)
ماڙ اچان؟ مان وڃان؟- هتي ”اچان“ ۽ ”وڃان“ پوري پوري طرح زمان مضارع آهن. اهڙيءَ حالت ۾ زمان حال جي معنيٰ پوري پوري طرح ظاهر ڪرڻ لاءِ ”ٿو“ (مصدر- ”ٿيڻ“) گڏڻ جي ضرورت ٿي.

(الف) ”مان ڏسان ٿو“ جــــي بنيادي معنيٰ آهي، ”مان ڏسان بيٺو“. ”ٿو“ لفظ جو ڌاتو يا بنياد آهي سنسڪرت ”ستا“ Stha معنيٰ بيهڻ. سنسڪرت ”ستيت Sthita معنيٰ ”بيٺو“، جو اچار پراڪرت ۾ ٿيو ”ٿئه“ ۽ ان جي پٺيان مصدر واري ”آڻ“ پچاڙي گڏي سنڌيءَ ۾ ٿيون ”ٿئڻ-ٿيڻ“، جنهن مان اسم مفعول يا زمان ماضي مطابق (ٿيو) ”ٿو“.

(ب) ٺيڪ ريت زمانن جي معنيٰ پوريءَ ريت ظاهر ڪرڻ لاءِ ”هئڻ“، ”ٿيڻ“ ۽ ”آهيان“ انهن ٽن معاون فعلن جي ضرورت ٿي، ۽ اهي نيون واڌون سنڌي ٻوليءَ پنهنجي لاءِ ٺاهيون آهن.

(ب) ”آهيان“ لفظ فعل ”هئڻ“ مان ڪونه نهيو آهي. سنسڪرت ۾ ”ڀُو“ معنيٰ ٿيڻ، جنهن جو اچار پراڪرت ۾ ٿيو ”هُو“ ۽ ان جي پٺيان مصدر واري ”آڻ“ پچاڙي گڏي ٿيون ”هوئڻ- هئڻ“: ”آهيان“ لفظ اصل ۾ آهي، سنسڪرت لفظ ”آسمي“ معنيٰ ”آهيان“ (ڌاتو- ”آس“ معنيٰ ٿيڻ)- مطلب ته ”هئڻ“ جو بنياد ڪڙو، ۽ ”آهيان“ جو

ٿيون آهي، تنهنڪري ”هُئڻ“، ”ٿِيڻ“ ۽ ”آهيان“ اهي ٽي معاون فعل ليکڻ گهرجن، ۽ نه فقط ”هُئڻ“ ۽ ”ٿيڻ“.

٣١٩- سنسڪرت وارو زمان ماضي مطلق پراڪرت منجهان ئي، گم ٿي ويو، تنهنڪري سنڌيءَ ۾ به ڪونهي. انهيءَ کوٽ جي پوراائيءَ لاءِ اسم مفعول کي زمان ماضي مطلق به ڪري ڪم آڻيون ٿا. اسم مفعول ”هليو“، ”ماريو“ وغيره جي پٺيان ”س“ پڇاڙي گڏي جيئن ”هليس“، ”ماريس“ وغيره. اها ”س“ پڇاڙي اصل ۾ آهي سنسڪرت ڌاتو ”آس“، انگريزي Is (سنسڪرت ”آسمي“= آهيان). مطلب ته ”هليس“، ۽ ”ماريس“ معنيٰ ”هليو آهيان“ ۽ ”ماريو آهيان“. اهڙيءَ طرح، سنسڪرت وارو زمان ماضي قريب، سنڌيءَ ۾ زمان ماضي مطلق تي ڪم اچي ٿو- مطلب ته فعلن ۾ وڏو گهوٽالو پيو آهي.

٣٢٠- سنسڪرت ۾ ”ڪر“ Kri معنيٰ ”ڪرڻ“، ۽ ”ڪِرت“ معنيٰ ”ڪيو“، جنهن جو اچار اول ڦري ٿيو ”ڪِرو“ ۽ پوءِ ”ڪيو“. انهيءَ سبب سنڌيءَ ۾ اسم مفعول جي پڇاڙيءَ ۾ ”هاڻ“ ”يو“ ”اِيو“ جو اچار آهي، پر ڪي آڳاٽي پراڪرت وارا اسم مفعول به سنڌيءَ ۾ آهن.

”ڪڪرا ڪربلا جا عليءَ تي اُگهياس“. (شاهه)

سنسڪرت ”گهرش“ (گسڻ-گهڻ) مان اسم مفعول ”گهرشت“ (گٺو)؛ پر ان جي اڳيان ”آد“ گڏبو ته ”آدگهرشت“ معنيٰ ”اُگهٺو“؛ ۽ هاڻ عام طرح جيئن ”اُگهيو“- انيز، ڏيڍ سئو کن اسم مفعول بيقاعدي ڏٺل ليکجن ٿا (صفحو ٨٨)

٣٢١- ”ڪيو“، ”ٽيو“ ۽ ٻيا اهڙا اسم مفعول، جيڪڏهن پوري پوري طرح صفت ڪري ڪم آڻبا هوندا اٿون، ته انهن جي پڇاڙي ”ل“ پڇاڙي ڳنڍي ڇڏيون ”ڪيل“ ”ٽيل“ وغيره. اسمن ۽ صفتن جي پڇاڙي انهيءَ ”ل“ اڳ ڳنڍڻ ڪري، لفظ نهايت مٺاج پيدا ٿئي ٿو- جهڙوڪ: ٻنهون- ٻنهل، سهٽو- سهٽل، مٺو- مٺل.

٣٢٢- شعر ۾ اسم مفعول جي پڇاڙي تصغير واري ”ڙو“ پڇاڙي، لفظن کي نهايت رس پيدا ڪندي آهي:

”منهنجو سڳ سرتيون پاڻ ڪيچ ٽيڙو،
پياري ٻنهل ساڻ منهنجو پيچ پيڙو.“

سرائڪيءَ ۾ به اٿين ڪندا آهن (صفحو ١٠٨)

فعلن جا گردان

٣٢٣- سنسڪرت ۾ فعلن جي گردانن جا ڏهه ڪلاس يا درجا اهن، جي گهٽ ڪري سڀ سنڌيءَ، هنديءَ وغيره وچائي ڇڏيا آهن. هن وقت سنڌيءَ ۾ گردانن جا ڪلاس يا درجا فقط ٻه آهن: ”آ“ گردان ۽ ”اِ“ گردان- مثال:

هلڻ = هل+آڻ. هلندو = هل+آندو
کائڻ = کا+ اِڻ کائيندو = کا+ اِندو

ٻهرين مثالن ۾ ”آڻ“ ۽ ”آندو“ جي اڳيان ”آ“ آهي (”آ“ گردان)، ٻين مثالن ۾ ”اِڻ“ ۽ ”اِندو“ جي اڳيان ”اِ“ آهي (”اِ“ گردان). انهن مکيه حرف علت

سبب، اِهي انهن ٿالن مان سڌجن ٿا. جنهن امر واحد جي پڇاڙيءَ ۾ پيش يعني ”اُ“ آهي، سو ”آ“ گردان جو آهي- جيئن ”هاڻ“ ۽ ”هلندو“ مان ظاهر آهي.

(الف) اسم حاليي واري ”اِندو“، ”آندو“ پڇاڙي، شؤرسيني پراڪرت مان ورتي اٿون.

سنسڪرت جي گردانن جا سنڌيءَ ۾ نشان

٣٢٤- سنسڪرت ڌاتو ”ٻڌ“Budh(ٻُڌِيہ)”سود“ Svid (سودِيہ)، ۽ ”ٻڌ“Yudh (يُڌِيہ) مان سنڌي مصدر ”ٻجهڻ“ معني سمجهڻ، ”سِجهڻ“ يعني رڌجڻ يا ڪرڻ ۽ ”جهونجهڻ“ يعني لڙڻ يا وڙهڻ ٿيا آهن. سنسڪرت ۾ قاعدو آهي ته چوٿين ڪلاس جي گردانن ۾ ڌاتوءَ جي پٺيان ”يہ“ ڪڏجي- مٿين مثالن ۾ ڏسڻ ۾ ايندو ته ڌاتوءَ جي پڇاڙيءَ ورو اڪر ۽ ”يہ“ ٻيئي پاڻ ۾ ملي ”جهہ“ ٿي پيا آهن. هاڻي جڏهن ته انهن لفظن جو ڌاتو آهي ”ٻجهہ“، ”سجهہ“ ۽ ”جهونجهہ“، اهڙا مثال پيا به آهن.

(الف) سنسڪرت ۾ پنجين ڪلاس جي گردان ۾ ڌاتوءَ جي پٺيان ”نُوَ“ گڏيندا آهن، جهڙوڪ ”شُرُو“ معني ٻڌڻ. ان جو اچار پنجين گردان ۾ ”شُرُوڻ“ ٿئي ٿو، ۽ اسين چئون ”سڻ“ معني ٻڌڻ (٢٨٨).

(ب) سنسڪرت ۾ نائين ڪلاس جي گردان ۾ ”نا“ پڇاڙي گڏيندا آهن، جهڙوڪ ”جيجا“(جيجان)۽”ڪرِء“

(ڳرهڻا) ۽ ”وڪري“ (وڪڻ)، جن مان سنڌي مصدر ”چاڙڻ“، ”ڳهڻ“ ۽ ”وڪڻڻ“* نڪتا آهن. اهڙيءَ ريت سنسڪرت جي گردانن واريون پڇاڙيون، سنڌيءَ جي امر واحد يا ڌاتوءَ جو ڀاڱو ٿي پيون آهن (صفحو ٢٨٨).

مرڪب فعل

٣٢٦- ”هليو وڃڻ“، ”ويهي وڃڻ“ وغيره ۾ فعلن سان اسم مفعول يا ماضي معطوفي گڏي، مرڪب فعل ٺاهيون ٿا. سنڌيءَ ۾ اهڙا ڪي حرف جر يا اڳياڙيون ڪينهن، جي فعل سان گڏي انهن مان ڪن طرح مطلب ظاهر ڪجي، تنهنڪري هن ريت مرڪب فعل جوڙڻ جو دستور اختيار ڪيو اٿون، ۽ اهو دراوڙي نمونو آهي.

٣٢٧- فعل کي پوري يا پوريءَ طرح مجهول صورت وارو ڪرڻ لاءِ ”وڃو“ (مصدر-وڃڻ) گڏي، مرڪب

* سنسڪرت ۾ ”آ“ ۽ ”و“ Vi اڳياڙيون Prettixes ڪن فعلن جي اڳيان اچن ته معني اُبتي ٿيو پوي. سنڌيءَ ۾ اهڙا مثال آهن، جهڙوڪ: ”نيڻ“ معني ”کڻي وڃڻ“ ۽ ”آڻيڻ“ (آڻڻ) معني ”کڻي اچڻ“، ”سارڻ“ معني ”ياد ڪرڻ“ يا ”دل تي آڻڻ“، ۽ ”وسارڻ“ معني ”دل تان لاهي ڇڏڻ“! سنسڪرت ۾ ”ڪري“ معني ”خريدڻ“ To Ptrchase (ڪرار = خريدار، واپاري، واڻيو)، ۽ ”وڪري“ معني ”نيڪال ڪرڻ“ To Sell (سنڌيءَ ۾ وڪري - وڪرو Sale).

فعل جوڙيون ٿا. جهڙوڪ: ڇئون ته ”ڪم ڪيو ويو.“ هيءُ به دراوڙي نمونو آهي.

پريوگ

۲۲۸- انگريزي جملن ۾ ”ترتيب“ Order ضروري آهي، يعني سڀ لفظ باترتيب بيهارڻ گهرجن، جهڙوڪ: I am eating“. جيڪڏهن ترتيب ڦيرائبي ته معنيٰ ڦري ويندي: ”Am I eating“. سنڌي ٻولي انگريزيءَ وانگر فصل منزل واري ٻولي نه آهي، تنهنڪري ان ۾ موافقت Concord ضروري آهي- ”مان ڪانءُ ٿو، مان ڪانءُ ٿي“.

فعل جڏهن فاعل پٺاندر مٽجي تڏهن ڇئبو ”ڪرتري پريوگ“ Subjective Construction، جي مفعول پٺاندر مٽجي ته اهو ڇئبو ’ڪرمڻي پريوگ‘ Objective Construction پر جيڪڏهن نڪي فاعل نڪي مفعول سان مٽجي، ۽ جيئن جو تيئن رهي، ته اهو ڇئبو ”ڀاوي پريوگ“ Neuter Construction. سنڌي جملا نه رڳو سنسڪرت، پر دراوڙي ٻولين وانگر بيهارجن ٿا.

ٻوليءَ جي معنيٰ ۽ مراد

۲۲۹- ٻولي معنيٰ، جا ’ٻولجي‘ يا ڳالهائجي ٿي. ان جو ڌاتو آهي سنسڪرت لفظ ”برُو“ (bru)، معنيٰ ڳالهائڻ. ٻولي هڪ واهڻ Vehicle آهي، جنهن جي مدد سان انسان پنهنجي اندر جا احوال ظاهر ڪري ٿو: هڪڙي

ڳالهايو، ۽ ٻين سمجھيو، ته ٻوليءَ جو مدعا (مطلب) پورو ٿيو- اها آهي ٻوليءَ جي معنيٰ ۽ مراد.

سنڌي وياڪرڻ جو آئينده

٣٣٠- سڀني ماڻهن ۾ ماڌو ٻولي ڳالهائين ٿا، ۽ ٻوءِ عالم، انهيءَ تان صحيح ٻولي ڳالهائڻ ۽ لکڻ لاءِ ڪي قاعدا ۽ قانون ٺاهين ٿا. اهڙيءَ ريت سڀ وياڪرڻ يا گرامر ٻولين تان ٺهيا آهن، ۽ ڪابه ٻولي گرامر تان ڪانه ٺهي آهي. گرامر جا قاعدا عام محاوري تي ٻڌل آهن. جيڪو محاورو اڄ صحيح هوندو، سو سڀاڻي نه به هوندو، جو چالو ٻولي سدائين پيئي ڦري. انهيءَ سبب ڪنهن به ٻوليءَ جي گرامر کي بقاءُ ڪونهي- سڀ فنا!

"نه آهي يڪسان سدا هي زمانو،
گھڙيءَ ۾ ڪجھ آهي، گھڙيءَ ۾ ڪجھ آهي!" (قليچ)

اسمن جون پڇاڙيون

۳۳۱- سنڌي ٻوليءَ جي ٻهرين مکيه خاصيت يا خاص ڳالهه هيءَ آهي ته: "سنڌيءَ جي ڪهڙي به لفظ جو ٻهريون توڙي پويون اکر 'ساڪن' ڪونهي": سنڌيءَ ۾ سڀڪنهن لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ يا ته ڪو حرف علت، يا ته ڪا اعراب، آهي ئي آهي*. اهو نمونو، ڪشميري ۽ آڙيا يعني اوڙيسا جي ٻولين کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن به ڏيهي ٻوليءَ ۾ ته ڪونهي، پر خود سنسڪرت ۾ به ڪونهي!

جنس سڃاڻڻ جي سهولت

۳۳۲- سنڌيءَ ۾ جيڪي به ڏاريا لفظ عام ٿي ويا آهن ۽ پڇاڙي وارو اکر ساڪن اٿن، تن ۾ به سنڌن جنس پٽاندر هڪ نه ٻي اعراب ڳنڍيون ٿا. انهن ڇڻ ته سنڌي ٻولي

---

*"By this vocalic termination the Sindhi has preserved a flexibility, and at the same time sonorousness, of which the other modern vernaculars are completely destitute."

Dr: Trumpp: Sindhi Grammar, p- 31.

انهن کي اهو ثبوت ملي، پنهنجو ڪري چُڻن ٿي، جنهن ڪري انهن جي جنس سڃاڻڻ نهايت سولي ٿي ٿي*.

عدد سڃاڻڻ جي سهولت

٣٣٢- سنڌيءَ ۾ "ـُ" ("اَ" پڇاڙي) جمع "ـَ" ("آ" پڇاڙي)- انهن عدد جي جهت سنڌ ٻوي ٿي. هندستانيءَ ۾ گهڻن لفظن جي پڇاڙيءَ وارا اکر ساڪن آهن، تنهنڪري "هات" وغيره لفظ، واحد توڙي جمع ۾ ساڳيا آهن.

(الف) سنڌيءَ ۾ ڪهڙي به ڌاريي لفظ جنهن وقت سنڌيءَ جي مذڪر يا مونث پڇاڙي ورتي، تنهن وقت ڄڻ ته سنڌي لفظ ٿي چڪو، ۽ ان جو جمع ٻيءَ سنڌي نموني جوڙبو- جهڙوڪ: "ڪورٽ" جمع "ڪورٽون" (Courts)؛ "حرفُ" جو جمع عربيءَ ۾ "حرُوف"، پر سنڌيءَ ۾ چئبو "حرفَ"، "حرفَ پٽي ڪڍڻ" بدران "حروف پٽي ڪڍڻ" چئبو ته اهو اصطلاح ئي غلط ليکبو!

(ب) "تاريخ" معنيٰ "تيٿ" Date، ۽ ٻي معنيٰ "احوال' يا "بيان" History،ان جو جمع "تاريخون"، عربيءَ ۾ ان جو جمع "تواريخ"، پر ڪي لکن "هندستان جي ناريخ"

*:" In as much as the Sindhi requires a vocalic termintion for every noun, the distinction of the gender is not so perplexing as in the other dialects, which offer great difficulities in this point to students"

Dr. Trumpp: Sindhi Grammar, p 32.

يا ”انگلنڊ جي تواريخ“ ڪتاب ۾ احوال رکيو هندستان يا انگلنڊ جو، ته واحد لفظ ”تاريخ“ ڪم آڻڻ کپي.

لفظن جي وزن جو خيال

٣٣٤- مذڪر ”ڇوڪرو“ مونث ”ڇوڪري“، پر مذڪر ”ڇوڪرو“ مونث ”ڇوڪر“ ٿيو. ”ڇوڪرو“ (”و“ پڇاڙي) جو اچار گهٽائي ”ڇوڪرُ“ (”اُ“ پڇاڙي) ڪيو اٿون، ته مونث لفظ ”ڇوڪري“ (اِي“ پڇاڙي) جو اچار به گهٽائي ”ڇوڪرِ“ (”اِ“ پڇاڙي) ڪيو اٿون. ساڳيءَ ريت ”ڇوڪرو“ جمع ”ڇوڪرا“، ”ڇوڪرو“ جمع ”ڇوڪر“ انهيءَ ريت، جمع جوڙڻ مهل به جمع واري ”آ“ پڇاڙيءَ کي گهٽائي ”اَ“ ڪيون ٿا. انهن ڳالهين ته لفظ جو وزن پورو ڪري بيهارجي ٿو. رڳو شعر ۾ وزن جو خيال ڪيو آهي. پر هن ريت، مونث ۽ جمع جوڙڻ مهل وزن جو خيال رکيو سنڌي ٻولي ڪري ٿي.

حالتن ۽ صفتن واريون پڇاڙيون

٣٣٥- اسمن جي حالتن وارين پڇاڙين ۽ صفتن جي ڀيٽ جي درجن وارين پڇاڙين جا نشان رڳو سنڌيءَ ٻوليءَ سانديا آهن (صفحو ٣١٠ ۽ ٣١٥).

”مجهول“ لفظن جوڙڻ جي سهوليت

٣٣٦- ”مان ماريان ٿو“- معروف صورت.
”مان مارجان ٿو“- مجهول صورت.

هن ريت رکيو "ج" (سنسڪرت "يہ") ڳڻڻ سان، معروف صورت واري فعل کي مجهول صورت وارو ڪري سگهجي ٿو. اها سهوات هندستانيءَ ۾ ڪانهي، تنهنڪري "مارجان ٿو" بدران چون "مين مارا جاتا هون" يعني "مان ماريو وڃان ٿو"! اهڙيءَ طرح فعل کي مجهول صورت ۾ آڻڻ لاءِ "جانا" (مصدر-جانا) ڳنڍي، مرڪب فعل ٺاهين ٿا. هندستاني جملي جو انگريزيءَ ۾ اکري ترجمو ڪبو تہ چئبو:

I go being beaten i e. I am beaten.

هيءَ ترجمو بيڙو ٻيو لڳي. اسان جو سنڌي جملو نهايت سهڻو ۽ سولو آهي- سرائڪيءَ ۾ بہ "ج" ڳنڍين ٿا.

مستقبل

٣٣٧- سنڌيءَ ۾ چئون "ڪندس"، تہ هندستانيءَ ۾ چوَن "ڪرونگا". هن جو اکري ترجمو ڪبو تہ ٿيندو. I am gone (گا)that I do (ڪرون) i.e. I shall do هن طرح مستقبل جو اکري ترجمو ڪجي ٿو تہ بيڙو ٻيو لڳي، جنهنڪري چئبو تہ سنڌيءَ ۾ مستقبل سهڻيءَ طرح جڙي ٿو. شڪارپوري چوَن "ڪندم"(صفحو ٤٠١).

"ٻئو بالواسطه"

٣٣٨- سنڌيءَ ۾ متعدي فعل لي صورتون Voices وٺن ٿا. معروف، مجهول ۽ بالواسطه. سنڌيءَ ۾ ٻئو بالواسطه بہ آهي، جو ٻين ٻولين ۾ ڪونهي.

ڪوٺ ڪڻ يعني ٽون ڪڻ- ڪوهه ڪٺاءِ معنيٰ ٽون ٺي
ڪار ڪٺاءِ. ڪوهه ڪٺاراه يعني ٽون ٺي ڪنهن کي
چئو تہ اهو ٺي ڪنهن ڪان ڪوهه ڪٺارائي. سنڌي ٻوليءَ
جي هيءَ بہ هڪ وڏي خوبي ليکبي.

ضميري پڇاڙيون

٣٢٩- ضميري پڇاڙيون رڳو سنڌيءَ، سرائڪيءَ
۽ ڪشميريءَ ۾ آهن (صفحو ٨٥). هنديءَ، گجراتيءَ
۽ ٻين ڏيهي آريہ ٻولين اهي وڃائي ڇڏيون آهن؛ جنهن
ڪري چئبو تہ اسان جي سنڌي ٻولي هڪ ڳنڍيندڙ ڪڙو
يا وچ وارو ڏاڪو آهي، جا هندستان جي ٻولين کي
ايراني ٻولين سان ڳنڍي ٿي.

سنڌي ٻوليءَ اهي پڇاڙيون سانديون آهن تہ اهـا
سنڌيس هڪ وڏي خاصيت يا خاص ڳالهہ ڪري ليکجي
ٿي*. وري ڏسو تہ اهي ڪم ڪيئن ٿا آڻين! "مارياٿين"
معنيٰ "هن ماريو". پر ڪنهن کي؟ "مارياٿيم" معنيٰ
"هن مون کي ماريو". هن ريت هڪڙي ئي فعل ۾
بہ پڇاڙيون ڳنڍي فاعل توڙي مفعول جي معنيٰ ظاهر
ڪئي آهي. هيءَ سنڌي ٻوليءَ جي هڪ وڏي خوبي
چئبي، جو هن طرح فقط هڪ لفظ ڪم آڻڻ سان سڄي
جملي جو مطلب ظاهر ڪري سگهجي ٿو. هنن پڇاڙين
۾ ٻيون بہ خوبيون آهن جهڙوڪ:

---

*"The use of these suffixes constitutes quite a peculiar feature of the Sindhi language and distinguishes it very advantageously from all the kindred idioms of India- which are desritute of pronominal suffixes."
Dr: Trumpp: Sindhi Grammar, p. 225.

(۱) ڏنم = مون ڏنو- "مون" حالت فاعلي، پر سچ پچ ته حالت سببي (Instrumental Case)

(۲) مون رپيا ڏنس = مون هن کي ڏنا- "هن" حالت امدادي (Dative Case)

(۳) ويٺو هوندوسانءِ = تولاءِ ويٺو هوندس- "تو" حالت امدادي.

(۴) ڳڌجي وڃينس = هن سان ڳڌجي وڃ- "هن" حالت سببي.

(۵) مائٽ آهيانءِ = تنهنجو مائٽ آهيان- "تنهن" حالت اضافت.

(حقيقتؤن "تنهنجو" صفت آهي.)

(۶) رپيا وٺي اچجانس = هن کان وٺي اچ- "هن" حالت جري.

چور ڇڄيو تو = توهان کان تو ڇڄي- "توهان" حالت جري

(۷) ديرِ لاني اٿس، تون وڃينس:

وڃينس = هن ڏي وڃ- "هن" حالت مڪاني.

ڏيو تو وسامي، تيل وجهينس:

وجهينس = هن پر وجهه- "هن" حالت مڪاني.

چو تو پالي وجهينم = مون تي وجهين- "مون" حالت مڪاني.

(۸) پٽم = اي منهنجا پٽ! حالت ندا (Vocative).

.نهن ٻچاڙين مان جدا جدا قسم جي حرف
وِ پالمرادو ٻيٺي لڪري، جنهنڪري اسمن ۽
ي آئن ٿي حالتن جي معنيٰ پالمرادو ظاهر ٿئي
يءَ وانگر ڪشميري ۽ سرائڪي ڳهٽيون خوبيون
ڏيکارين، ڇاڪاڻ تہ رکو سنڌي ٻولي آهي جنهن
فارسيءَ ۽ پشتو وانگر اسم، حرف جر ۽ فعل سان
اهي ٻچاڙيون ڪڏهيون آهن.

اڪرترڪ يا فعل بيفاعل

۳۴۰– آڳاٽا آريا لوڪ، مڌيہ ديش ۾ هماليہ جبل جي حدن تائين پٽ والاري ويٺا هئا (صفحو ۲۵)، تہ ٿبيٽ ۽ برما جي رهاڪن سان لڙهہ وچڙ ۾ آيا ۽ انهن وانگر، مجهول صورتن وارا جملا جوڙڻ لڳا ("لنگئسٽڪ سروي" جلد ۱). ياننجي ٿو تہ "اڪرترڪ" فعل انهيءَ زماني جو يادگار آهي– جو هن وقت سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ ڪنهن بہ يورپي تورڙي ڏيهي ٻوليءَ ۾ ڪونهي، جو جملي جوڙڻ لاءِ فاعل ضرور ڪپي.

"رستي تي هلبو آهي، باغ ۾ ڳهمبو آهي"، "ٻوڙجي ٿو، تہ ٻڪهر ٿئي ٿو"– هيڙن جملن ۾ رکو ڪا عام حقيقت ڄاڻائجي ٿي ۽ ڪنهن خاص ماڻهوءَ يا شئي جي ڳالهہ نٿي ڪجي، تنهنڪري هيڙن جملن کي فاعل ٽيندوئي ڪونهي. انهيءَ سبب اهڙن جملن جو صحيح ترجمو ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ ڪري ڪين سگهبو.

باب پنجون

عربي لفظن جي بناوت

٣٤١- عربي ٻوليءَ جو هڪ - هڪ لفظ

بيٺل آهي ٽنهنڪري لفظن جوڙڻ، توڙي لفظن جي بنياد ڳولي لهڻ ۾ گهڻي سهولت ٿئي ٿي.

٣٤٢- عربي لفظن جو ڌاتو يا بنياد اڪثر ٽن حرفن وارو ٿئي ٿو؛ جن مان ”فعل“ (ف،ع ل) لفظ مکيه آهي. اهو لفظ خود وزن آهي ۽ ان ۾ ٻين کي زائد اکر گڏڻ سان ٻيا وزن ٺهن ٿا، جهڙوڪ: ”فعل“ لفظ مان ”فاعل“ ۽ ”مفعول“ لفظ ٺهيا آهن. اهي لفظ به وزن آهن، ۽ انهن تي جيڪي لفظ جڙيل آهن تن جا مثال هي آهن.

فعل	فاعل	مفعول	(ٽه حرفي بنياد ”فعل“)
عشق	عاشق	معشوق	(” ” ” ”عشق“)
قتل	قاتل	مقتول	(” ” ” ”قتل“)
حسد	حاسد	محسود	(” ” ” ”حسد“)

٣٤٣- ”فعل“ لفظ ۾ زائد اکر گڏي ٻيا به کي وزن ٺاهيا اٿن، ۽ انهن تي جيڪي لفظ ٺهيل آهي تن جا ٿورا مثال هر هڪ وزن جي سامهون ڏجن ٿا:

آفعل: آشرف، آڪبر ۽ آعظم.

سه حرفي بنياد جي اڳيان "آ" گڏڻ سان هن وزن جا لفظ ٺهن ٿا، ۽ اهي صفت تفضيل يا صفت مبالغي جي معنيٰ ظاهر ڪن ٿا، جهڙوڪ: "اشرف" معنيٰ وڌيڪ شرف يا مان ۾ وڌيڪ.

آفعال: فعل جو جمع افعال، خبر-اخبار ۽ سبب- اسباب. سه حرفي بنياد جي پهرئين اکر جي اڳيان الف، ۽ ٻوين اکرن جي وچ ۾ به الف گڏڻ سان هن وزن جا لفظ ٺهن ٿا- انهيءَ وزن تي جمع لفظ ٺهيل آهن.

مفعل: مڪتب، مشرق ۽ مغرب.

فعيل- ڪريم، رحيم، حسين ۽ دليل.

(وزن جي وڌيڪ قسمن لاءِ ڏسو عربي ۽ فارسي گرامر.)

۳۴۴- سه حرفي بنياد وڌائڻ لاءِ جيڪي زائد اکر گڏجن ٿا، سي جملي ست آهن:

ا- ت- س- م- ن- و- ي (يتسمنوا)

مثال لاءِ "ناظر" "منظور" ۽ "منتظر" لفظ وٺو هنن مان زائد اکر ڪڍي ڇڏبا، ته سه حرفي بنياد ملندو "نظر".

(الف) "سجدو"، "سجاو" ۽ "مسجد" لفظن مان زائد اکر ڪڍي ڇڏبا، ته سه حرفي بنياد ملندو "سجد" معنيٰ سجدو ڪيو- اهڙي ريت سه حرفي بنياد، سدائين زمان ماضي مطلق ۽ ضمير واحد غائب جي معنيٰ ڏيکاري ٿو.

سنسڪرت لفظن جي بناوت

۳۴۵- سنسڪرت لفظن جي بناوت عربيءَ کان بنهه علحدي آهي. سنسڪرت ۾ رڳو هڪڙو به اکر به ڌاتو ٿي سگهي ٿو،

جهڙوڪ: ”اِ“ معنيٰ وڃڻ، ”جيِ“ معنيٰ جيتڻ يا کٽڻ. سنسڪرت ۾ سڀ لفظ ڌاتن مان ٺهن ٿا.

٣٤٦- سنسڪرت جي هر هڪ اسم جا ٽي پاڱا آهن، جهڙوڪ: سنسڪرت لفظ ”نرس-نرهه“، جنهن جو اچار سنڌيءَ ۾ آهي ”نر“ معنيٰ مذڪر يا مرد (مونث- ”مادي“). هن ۾ ”نر“ آهي ڌاتو ان جي پٺيان ”اَ“ پرتج يا پڇاڙي Suffix ڪڍبي ته اهو ٺهيو ”آنگ“ Stem، ۽ انهيءَ سان ”س“ پڇاڙي Termination ڪڍبي ته لفظ ٺهندو ”نرس“ ۽ پر عام طرح ”س“ مٽجي ”هه“ ٿئي ٿو تنهنڪري سنسڪرت ۾ چون ”نرهه“ معنيٰ مرد. انهيءَ ريت لفظ ٺهي ٺڪي تيار ٿئي ٿو. ان جي پٺيان جدا جدا حالتن واريون پڇاڙيون ڪڍبيون، ته ان جو ڦيرو آسانيءَ سان ٿي سگهندو.

٣٤٧- سنسڪرت ۾ ”اَ“ انگ (Stem) وارن اسمن سان، ”ي“، ”ر“، ”ل“، ”و“ يا ”م“، ”ڪ“، ”آن“ وغيره پڇاڙيون ڪڍي اسم ۽ صفت ٺاهين ٿا، جن مان ”ي“ اڪثر مونث لفظن ۾ ڪم اچي ٿي.

ر: سمدر- سمنڊ، چندر- چنڊ، ديور- ڏير (مڙس جو ڀاءُ)، چڪر- چڪرو يا ڦيٿو.

ل: ڪمل- ڪنول (گل)، ڪنڊل- منڊل، ڪوڪل- ڪوئل، صفتي لفظ چنچل ۽ شيتل- سيتل، يعني ٿڌو.

و: پارشو- پاسو، پورو (puroa)- پورب (اڀرندو).

م: ڌوم- دونهون، ۽ گرام- گام (ڳانءُ = ڳوٺ).

ڪ: سڙڪ (سڙڪ = رستو)، ۽ ڪٽڪ. سنسڪرت ۾ ڏيان جو اچار آڪ، اِڪ، آڪ ٿئي ٿو، سنڌيءَ ۾ ان جا اچار آڪ، ڪو، آڪ، آڪو وغيره آهن، جهڙوڪ: ٻيڙڪ، ڪٽڪ، ڦاٽڪ، چيڙاڪ، ٻياڪ، اُڊڪو، ڦتاڪو، ٻهاڪو، پروڪو، هيلوڪو وغيره. ڪيترن لفظن ۾ "آڪ" جو اچار ڦري "او" ٿيو آهي، جهڙوڪ: واڊو، چيرو ۽ ڏوٻو (ٽبي ڏيندڙ).

ڪار: چمتڪار. سنڌيءَ ۾ ٻه وٽڪار، جهٽڪار، پٽڪار،

اِن: سوامن (سوامي- سوامين- سائين- ساءِ)، هستن، هاٿي (ڏني = ڏن وارو). ڏنن

آن: هن ٻچاڙيءَ مان سنڌيءَ ۾ مصدر ٺهن ٿا، تنهنڪري هن جو ذڪر ڌار ڪبو.

٢٤٨- عربيءَ ۽ فارسيءَ وانگر سنسڪرت ۾ ڪي اڳاڙيون (Prefixcs) آهن (صفحو ٢٥٣)؛ جي نج سنسڪرت لفظن يا سنسڪرت مان ٺهيل سنڌي لفظن سان ڳنڍيون ڳتيو پيون آهن، جهڙوڪ:

پر: پرڪاش، پريُو (ڏٺو).

اَپ: ٻيٺ- اَپيٺ، سمٺ- اَپسمنڊ.

اَو: ڳُڻ- اوڳُڻ، تڙ- اوتڙ.

سُ: (ضد "ڪ"). لڇڻ- سلڇڻ- ڪلڇڻ.

سَ: (ضد "اَ"، "نِ" يا "ڪ"). سدورو- آدورو- ندرو، سَڏا نورو- ڪَڏانورو معني ٻچڙي سياءَ وارو.

کن اکياڙين جا اچار بگڙيل آهن، جهڙوڪ سنسڪرت ”دشڪال“ ۽ ”دربل“ بدران ڇڏون ”ڏڪار“ ۽ ”ڏٻل ڏٻرو“. انهن ”دش“ ۽ ”در“ بدران فقط ”ڏ“ ڇڏيون ٿا.
سنسڪرت ”آت ـ ڪنت = اُڪنٺ“ (”اُت“ ـ ”اد“ بدران ”اُ“).

سنسڪرت ڌاتو ”لپ“ معنيٰ ٻولڻ يا چوڻ؛ ان جي پڇيان ”آن“ پڇاڙي گڏي ڇڏون ”لپن“، جنهن جو اچار سنڌيءَ ۾ ”لئن“ (لات لنوڻ). ”لپن“ سان ”سم“ ۽ ”اپ“ گڏي ڇڏون ”سماپن“ ۽ اپاپن، جن جا اچار سنڌيءَ بگڙ جي ٿيا (سلپڻ) سلڻ معنيٰ سچي ڪرڻ ۽ (آپلڻ) ”آلڻ“ معنيٰ سچي نه ڪرڻ. قديم سنڌيءَ ۾ ”آپلڻ“ به چوندا هئا:
”آڊل! ڪريان ڪيئن! سنهنجو نينهن آپليو نه رهي.“ (شاهه)
”آپليو“ معنيٰ لڪل يا ڳجهو؛ ”آپلڻ“ معنيٰ لڪائڻ.

سنڌي لفظن جو ڌاتو

٣٤٩ـ سنسڪرت ۾ ”ڪَتَ“ معنيٰ چوڻ يا تخمينو ڪرڻ آن جي پڇيان مونث پڇاڙي ”اَ“ گڏڻ سان ”ڪٿا“ (ڪٿا ڪيرتن) ۽ ”آن“ گڏڻ سان ”ڪٿن“ لفظ ٺهيا آهن.

”ڪري ڪبر ڪٿن، آڳي جي اسرار جو؟“

سنسڪرت جو اهو اسم سنڌيءَ ۾ اسم مصدر (ڪٿڻ) آهي. ساڳيءَ ريت سنسڪرت ڌاتوءَ ”پوڇ“ مان ”پُوڇا“ (پوڇا) ۽ ”پُوڇڻ“ لفظ ٺهيا آهن. سنڌيءَ ۾ سڀ مصدر ”آڻ“ يا ”اڻ“ (سنسڪرت ”آن“] پڇاڙي وٺن ٿا ۽ سڀني مصدرن جي پڇاڙيءَ ۾ پيش يعني ”اُ“ آهي.

سنڌيءَ ۾ سيڪڙن اسم واحد جي پڇاڙيءَ ۾ ”اُ“ يا ”اِ“ (سنسڪرت ”آ“)آهي. اما پڇاڙي ڪڏهن ڇڏبي نه باقي بچندو ڌاتو. سنسڪرت ڌاتو ”ڪَٽ“ جو اچار پراڪرت ۾ ”ڪهه“ آهي، جنهن مان سنڌي لفظ ”ڪَهُڻ (چوڻ)، ”ڪَهُڻي“ (چوڻي)، ۽ ”ڪهاڻي“ (آکاڻي) ٺهيا آهن. هاڻ انهن لفظن جو ڌاتو ”ڪهه“ ليکبو، پوءِ فڪر نه آهي جيڪڏهن اصل سنسڪرت ڌاتو ”ڪٽ“ آهي. سنڌيءَ جا گهڻو ڪري سڀ لفظ، اسم توڙي فعل، سنسڪرت ۽ پراڪرت ڌاتن مان ٺهيل آهن. انهن ڌاتن جي پٺيان اسم ذات، صفت وغيره جوڙڻ لاءِ جيڪي پڇاڙيون گڏيون ٿا، سي سڀ سنسڪرت بنياد جون آهن.

(Principles of Sindhi Etymology)

اصولن جو بنياد

”قادر پنهنجي قدرت سين قائم آهه قديم.“ (شاهه)

۳۵۰- قادر جي قدرت اپارا جيئن سج، چنڊ تارا وغيره سڀ حڪم جي ڏوريءَ ۾ ٻڌل آهن ۽ ڪن ٺهرايل قاعدن پٽاندر ڪم ڪن ٿا، تيئن ٻوليون به قدرت جي ڪن قاعدن کي سجدو سلام ڪن ٿيون!

۳۵۱- ٻولين جي تبديل جا قاعدا ڪن اصولن تي ٻڌل آهن. انهن اصولن جو بنياد انساني سڀاءَ ۾ سمايل آهي. انسان پنهنجي ذاتي سڀاءَ ڪري ڪشالي جو سنجم ڪري ٿو (صفحو ۴ ۽ ۲۸۳). انهيءَ مکيه اصول يا ٿڙ مان گهڻيئي شاخون ڦٽن ٿيون. مثال لاءِ ننڍين توڙي وڏن جا چار جاچيو.

(الف) ڪنهن ننڍڙي ٻار کي چئبو ته چئو ”ڇمي“ ته چوندو ته ”سمي“ يا ”ٻمي“- ڇو ٿو ائين چوي؟ ”ڇ“ جي اچار لاءِ، جيڀ جي وچ وارو ڀاڱو اٿاري تارونءَ ڏانهن ڪرڻو پوي ٿو، ۽ ساڳئي وقت جيڀ جي ٻاڙ جو زور به لڳائڻو پوي ٿو؛ اگر هڪڙو ۽ جيڀ کي تڪليف ٿيئي ٿي، سابه ساڳئي وقت! ويچاري معصوم کان ايترو ڪشالو ٿو پڄي، تنهنڪري ”ڇ“ بدران ”م“ چوي ٿو، جنهن جو

اچارڻ ڇپن جي ڇورڻ سان آسانيءَ سان ڪري سگهي ٿو. ٻار ٿورو وڏو ھوندو تہ "پ" بہ چوندو، جو آھو بہ ڇپن جي اچار وارو اکر آھي. سڀني قومن جي ٻارن کي اول ڇپن جي اچار وارا اکر چوڻ سولا لڳن ٿا. سنڌي ٻار چون "بابا" ۽ انگريزي ٻار Pa Pa ۽ ma-ma چون ٿا، جن ۾ "ب"، "م" ۽ "پ" ڇپن جي اچار وارا اکر آھن- ھن مان ھيءُ اصول ظاھر ٿيو تہ اکرن ۾ تبديل يا مٽ سٽ ٿئي ٿي.

(ب) ننڍڙو ٻار "ڪينو" بدران "اِنو" چوي ٿو. ساگيا واگيا بہ سنسڪرت لفظن ڪنڀڪار، سورڻڪار، چرمڪار ۽ لوھڪار بدران ڪنڀار، سونار، چمار ۽ لوھار چوڻ لڳا. اٿين لفظن مان اکر حذف ٿين ٿا يا نڪري وڃن ٿا- ھيءُ ٿيو ٻيون اصول (صفحو ٢٨٣-٢٨٤).

(پ) ساگين واگين "لوھار" جو اچار کھٿائي ڪيو "لھار- لُھر" تہ لفظ ٿي ننڍڙو تي پيو. عربي ۽ فارسي لفظن سان بہ اھو ليکو ٿيو آھي، جھڙوڪ: حجام-حجم ۽ ستمگار- ستمگر. اٿين اچارن ۾ سوس ٿئي ٿي- ھيءُ ٽيون اصول.

اھڙيءَ ريت وڏي وستار ۾ پوڻ بدران ايترو ڄاڻائجي ٿو تہ اصول گھڻي ئي آھن، جن مان ڪن مکيہ اصولن جو ذڪر ڌار ڌار ڪبو. ھتي اول حرفن جي پڊن تي زور ڏيڻ جي ترتيب جو ذڪر ڪجي ٿو، جو ان جي ڪري بہ لفظن جا حرف علامت ننڍا وڏا ٿي پون ٿا.

پدن تي زور ڏيڻ جا قاعدا (Laws of Acectution)

۳۵۲- سنسڪرت جي "آ" پڇاڙيءَ وارا لفظ سنڌيءَ ۾ ڪٿي "او" ته ڪٿي "آ" پڇاڙيءَ وٺي بيٺا آهن (صفحو ۳۰۷). هن ڳالهه سمجهائڻ لاءِ ٿورا مثال ڏجن ٿا.

پڇاڙيءَ جي پد تي زور وارا لفظ (Oxytones)

سنسڪرت	پراڪرت	هندستاني	سنڌي	
گهوٽڪ	گهوڊئو	گهوڙا	گهوڙو	Horse
چترڪ	چتئو	چيتا	چيتو	Leopard
ڪيٽڪ	ڪيڊئو	ڪيڙا	ڪيڙو	Worm
ديپڪ	دوا	ديوا	ڏيو	Lamp
ڪيلڪ	ڪلا	ڪيلا	ڪيلو-ڪيلي	Nail

مٿين سڀني سنسڪرت لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ "آ" جو اچار آهي. انهن سڀني لفظ جي پڇاڙيءَ واري پد تي زور(accent)ڏجي ٿو، ته سڄي لفظ جي اچار جو بار انهيءَ پڇاڙيءَ واري پد تي وجهي پوي ٿو. انهيءَ بار جي زور وچان، سنسڪرت لفظ جي پڇاڙيءَ وارو "ڪ" ڇڏجي وڃي ٿو، پر انهيءَ ڪوٽ جي مجرائيءَ لاءِ "آ" جو آچار وڏي ڊگهو حرف علت "او" ٿئي ٿو+، ۽ هندستانيءَ ۽ مراٺيءَ ۾ "آ" ٿئي ٿو- پر اهين پراڪرت وارو نمونو هلائيندا اچن.

+ شڪارپوري ته اهين پوئين پد تي زور ڏين ٿا، ته اچار ڊگهو ٿيو پوي (صفحو ۹۹ ۽ ۱۰۰).

(الف) مٿين لفظن مان سنسڪرت ”دِيپڪ“ ۽ ”ڪيلڪ“ لفظن جي منڍ ۾ ڊگهو اچار ”اِي“ آهي، پر سنڌيءَ ۾ ”ڏِيو“ ۽ ”ڪِلو“ لفظن جي منڍ ۾ گهٽجي ”اِ“ ٿيو آهي. مراهٺيءَ ۾، سنسڪرت جي منڍ واري ڊگهي اچار کي اٿين سدائين گهٽائي ننڍو ڪن ٿا، باقي سنڌي ٻولي، پنهنجن جهونين ساٿيڙين- پنجابيءَ ۽ سرائڪيءَ وانگر سيڪنهن حالت ۾ اٿين نٿي ڪري، جهڙوڪ: گهوٽڪ- گهوڙو ۽ ڪيٽڪ- ڪيڙو جي منڍ وارو ڊگهو اچار قائم بيٺو آهي.

(ب) ٻوٽين پد کان اڳئين تي زور (Barytones)

سنسڪرت	پراڪرت	هندستاني	سنڌي	
ڪرڻ	ڪڻو	ڪان	ڪَنُ	Ear
ڪاشٽ	ڪاٺ	ڪاٺ	ڪاٺ	Wood
ڪروش	ڪوس	ڪوس	ڪه	2 Miles
تان	تان		تانُ	Tune
دنت	دنت	دانت	ڏند	To0th

مٿين سڀني سنسڪرت لفظن جي پڇاڙيءَ ۾ ”اَ“ آهي، جو پراڪرت ۾ وڌي ”او“ ۽ اپڀرنش ۾ گهٽجي ”اُ“ ٿيو. سنڌيءَ ۾ سڀڪنهن مصدر جي پڇاڙي ۾ ”اَ“ جو اچار آهي. انهن ۾، ٻوٽين پد کان اڳئين تي زور آهي- انهيءَ ريت اچار ڪرڻ جو هڪ ٻيو نتيجو ڏسو:

(ب) مٿين لفظن مان سنسڪرت لفظ ”ڪرڻ“ ۾ ”ڻ“ تي زور (accent) ڪونهي، پر اڳئين پد ”ڪر“ تي آهي، تنهنڪري هندستانيءَ ۾ ان جو اچار وڌائي ڊگهو ڪري،

"ڪان" چون ٿا، جنهن ۾ پوئين "ن" ساڪن آهي، يعني پڇاڙيءَ واري اعراب ٿڌجي نڪري ويئي اٿس. سنسڪرت لفظ "گو" جو اچار آهي "گون" goon ـ اُئين اچار ڏکو ڪن ٿا، ته لفظ جي پوئين اعراب ٿڌجي وڃي ٿي- اهوئي سبب آهي، جنهنڪري هندستاني، گجراتي وغيره لفظن جو پويون اکر ساڪن آهي؛ پر سنڌي ٻوليءَ جي سڀني لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ ڪا نه ڪا اعراب آهي ئي آهي.

حرف علت جي تبديل (Permutation)

٣٥٣- سنڌيءَ ۾ ڪيترن لفظن ۾ "اَ" بدران "اِ" چئون ٿا (صفحو ٩٧). انهيءَ تبديل جي تاريخ آڳاٽي آهي- جهڙوڪ: سنسڪرت "اَگني" ۽ "اَنتر" بدران لاطيني ۾ اِگنس Ignis ۽ اِنتر Inter.

(الف) پراڪرت ۾ قاعدو آهي ته ڪنهن ڊگهي يا ٻٽي حرف صحيح جي اڳيان ڪو ڊگهي اچار وارو حرف علت هجي ته ان کي گهٽائي ننڍو ڪجي- انهي سبب سنسڪرت "آشچريه"، "رُوڪش" ۽ "سُوتر" بدران چئون "اچرج"، "رُکو" ۽ "سُٽ". جيڪڏهن گڏيل حرفن جي اڳيان "اَ" هجي، ته ان کي پاڻ وڌائي ڊگهو ڪجي- انهيءَ سبب سنسڪرت "پستڪ"، "ڪشٽهه" ۽ "مڪت" بدران چئون "پوٿي"، "ڪوڙهيو" ۽ "موڪل" (موڪ+ل).

(ب) ڪن حالتن ۾ ڄاڻي ٻجهي ننڍي حرف علت کي وڌائي ڊگهو ڪبو آهي ته ساڳئي لفظ مان ٻيون لفظ جڙي

سگهجي- جهڙوڪ: ٻڪر- ٻاڪرو، سهرو- ساهرو، ۽ جبل- جابلو؛ ٻرڻ- ٻارڻ، ترڻ- تارڻ، ڦرڻ- ڦيرڻ، چِڙڻ- چيڙڻ؛ جڙڻ- جوڙڻ ۽ مڙڻ- موڙڻ.

(ب) ٻيءَ طرح ٻه اهي لڇڪڻا اکر آهن: ڪٿي ريڙ وانگر ڇڪجي ڊگها ٿيو پون، ته ڪٿي سُسي ننڍڙا ٿيو پون، جهڙوڪ:

سنسڪرت	سنڌي	سنسڪرت	سنڌي	تبديل
شرڌا	سڌ	سنشا	ڏوڻهن	”اَ“ مٽجي ”آ“
جايا	جوءِ	ڪدا	ڪڏهن	”اَ“ مٽجي ”آ“
پتا	پيءُ	ماتا	ماءُ	”ا“ مٽجي ”آ“
سنڌيا	سنجها-سانجهي	دولا	ڏولي	”اَ“ مٽجي ”اِي“
ڪَور	گورو-ڳورو	ڀُوتر	ڀوتو	”آءَ“ ڦري ”او“
شاوڪ	ڇوڪرو	اوڪس	آکهه	”اُ“ ۽ ”او“ پاڻ ۾ مٽجن ٿا.

اٿين سنسڪرت لفظ ڦري نج سنڌي ٿي پيا آهن (صفحو ٢٠٥).

حرف صحيح جي تبديل

٣٥٤- ممڪن آهي ته ڪو ماڻهو هڪڙو اکرچوندو، ته ٻيون ٻيءَ طرح سمجهندو- اٿين اکرن جي تبديل يا مٽ سٽ ٿئي ٿي. گهڻو ڪري، ساڳئي ورگ يا ڪلاس جا اکر پاڻ ۾ مٽبا آهن، جهڙوڪ: شڪتي- سگهتي، ششي- ڪڪي- ڇڇي، آقا-آغا- آگا، قميص- خميس، پنج- ونج، ڪڪڙ- ڪڪڙ، ڪنب- ڪڙم، ڪنلي- ڪنڍي،

ادنيه وار- ارتوار. پد-پگ (پير)، مسجد-مسيد-مسيت اِرادو-ايرازو (ڌڻيءَ جو اِرادو، رب جي رضا، قسمت)؛ ڪي "خد-مت" بدران غلط طرح چون "خذمت"؛ لنگر- ننگر (ناناري)؛ وار وار- بار بار، جل- جر (پاڻي).

اِدغام (Epenthesis)

۳۰۵- "ڪسرت آهي قرب ۾، اِدغام ۾ اعراب." (شاهه)
اِدغام اهو آهي، جنهن ۾ ڪنهن ساڳئي لفظ جون ٻه اعرابون پاڻ ۾ ملي، هڪ ٻيو علحدو اچار پيدا ڪن (صفحو ۱۳۰ ۽ ۲۹۹). شاهه صاحب به چوي ٿو ته جيئن اعرابون پاڻ ۾ ملي ٿيون وڃن، تيئن الله جو عاشق به پنهنجي انفرادي هستي ٻڃي، سچي سائينءَ سان ملي هڪ ٿي وڃي ٿو! ڏسو ته ٻوليءَ جي قاعدن مان وحدت جو سبق ڪيئن سوچي ڪڍيو اٿس!

آچارن ۾ سوس (Contraetion)

۳۰٦- سنسڪرت "نيتر" ۽ "پريتي" بدران چئون "نرت" ۽ "پرت" (پريت). سنسڪرت "لَون" Lavand ۽ "شيبا" بدران چئون "لُوڻ" Salt ۽ "سيجا-سيج". "آو" ava ۽ "آيه" aya کي دهرا علت جهڙو سمجهي، اِدغام جي نموني هڪ ٻيو ڏگهو حرف علت ڪيو اٿئون. ساڳئي لفظ ۾ ٻه اعرابون هڪٻئي جي پٺيان اچي جڏهن ته ڪڙ ٻڙ ڪري ٿيون پيهن، ۽ آچار ڪرڻ ۾ تڪليف ٿئي ٿي؛ تنهنڪري انهن کي سڌي ڪرڻ جي ترتيب

Levelling process لاڙ ۾ اجها اِها اختيار ڪن ٿا، جو انهن ٻن اعرابن بدران وچان ٿي ٻيون يڪو ڊگهو اچار ڪن ٿا (صفحو ١٣٥ ۽ ٢٩٩). ڊاڪٽر ڀنڊارڪر هن کي سڏيو آهي "Law of dissimilation".

اکرن کي نرم ڪرڻ (Softening)

٣٥٦- "شڪارپور طرف هلياسين "اِين" بدران چون "هلياسِين" (اِين جو ڊگهو اچار). اهو حرف علت کي نرم ڪرڻ جو نمونو آهي- سنسڪرت "گهرشڻ" (گسڻ-گهڻ) مان "گهرسو"، هندي "هرسا"، سنڌي "آرسو-آرسي" يعني پٿر جي صندلي جنهن تي چندن وغيره گهڇجي- هن ريت "گهہ" مان باقي "اُ" جو اچار وڃي بچيو آهي.

"وُڏو مينهن وڏ ڦڙو، ڪيو ڏڻ ڪاهي." (شاهہ)

"وُڏو" بدران "آئو" بہ چئون (مصدر-وسڻ).

سنسڪرت "ڪرت"، پراڪرت "ڪرو"، سنڌي "ڪيو" (Done)؛ سنسڪرت "شوڪ- سوگ- سُوڳ" (مثل ماڻهوءَ لاءِ ڏک، ماتم)- ائين اکر سخت، اول نرم ٿي، پوءِ نڪري ويو وڃي.

اکرن جو حذف ٿيڻ (Elision)

٣٥٨- منڍ حذف (Apheresis): سنسڪرت "آڀِي"، "اُت" ۽ "آرٺي" بدران چئون "ڀ- ٻہ" (also)، "آني-ني" ۽ "رڻ"؛ "اُپنڻ-پنڻ"؛ "اُلٿو-لٿو"؛ "اُلهڻ-لهڻ"؛ "چيواٿس-ڇيوٿس"؛ "ڪونہ آهي-ڪونهي"؛ "امير-مير"؛ "اسوار-سوار".

(الف) ڪنهن ٻه لفظ جي منڍ وارو حرف صحيح وس پڇنڌي حذف ٿيڻ نه ڏٺا آهيون: سنسڪرت ”ستن“، ”ستنيه“ ”شمشرو“، ۽ ”شمشاز“ بدران ڇئون ”ٿڻ“، ”ٿيڄ“ ”مڇون“ ۽ ”مسان“ ڏيا مساڏو-هئي ”س“ ۽ ”ش“ پنهنجي ٻوئين اکر ۾ سمائجي ويا آهن (صفحو ۳۴۸).

۳۵۹- وچ حذف (Syncope): سنسڪرت ”ساگر“ ”ڪوڪل“، ”سُوچي“، ”راجا“، ”پتا“ ۽ ”ماتا“ بدران ڇئون ”سائر“، ”ڪوئل“، ”سُوچي-سُئي“، ”راءِ“، ”پيءُ“ ۽ ”ماءُ“-انهن وچ وارا اکر نڪري وڃن ٿا، ڇاڪاڻ ته مٿن زور (accent) ڪونهي.

(الف) مرڪب لفظن مان ٻوئين لفظ جو پهريون اکر اڪثر حذف ٿيندو آهي- جو اهو وچ ۾ آيل ليکيون ٿا- جهڙوڪ: ڪنڀ ڪار-ڪنڀار، ۽ لوهه ڪار-لهار، رامقَل، سيتاقَل وغيره مان ”ق“ حذف ٿيو ٿئي. صفحي ۱۷۱ ۾ ”پقي“، ”ماسي“ وغيره لفظ ڏسو ته وچ وارا سڀ اکر ڪرا

۳٦۰- پڇاڙي حذف (Apocope): ”جاءِ-جابجا“، ”بوءِ-خوشبو“، ”روءِ-روبرو“ (ٻوڏون حرف علت حذف).

(الف) ”ڏنڊ-ڏن“، ”رنڊ-رن“ ۽ ”روپ-روءِ“ (شڪل)، ”دوست-دوس“، ”حجت-حُج“ ۽ ”سرگشت-سرگس“ انهن پڇاڙيءَ وارا ڪيترا اکر نڪري ويا آهن. ”شيت ڪال“ - سيارو، مان پهرئين لفظ ”شيت“ جو پوئون ”ت“ اکر ٻه ڪرا (صفحو ۱۷۱).

نڪ جو اُچار گڏڻ (Nasalisation)

٣٦١- سنسڪرت ”يسيہ“، ”نسيہ“ ۽ ”ڪسيہ“ بدران چئون ”جنهن“، ”تنهن“ ۽ ”ڪنهن“؛ سنسڪرت ”يدا“، ”ندا“ ۽ ”ڪدا“ بدران چئون ”جڏهن“، ”تڏهن“ ۽ ”ڪڏهن“؛ ۽ ”سنشا“ بدران ”نُونهن“ يعني پٽ جي زال- انهين نڪ جا اچار گڏيون ٿا.

(الف) سنسڪرت ۾ قاعدو آهي تہ ٻہ حرف علت گڏ ڪم نہ اچن، ۽ جتي اچن اتي انهن کي ملائي هڪو ڪجي (صفحو ٣٩٥). سنسڪرت ”گو“، فارسي ”گاؤ“؛ سنڌيءَ ۾ ٿيڻ گهرجي ”گاءِ“. هتي ٻہ حرف علت ”آ“ ۽ ”اِ“ آهن، انهن جي وچ ۾ نڪ جو اچار وجهي چئون ”ڳانءِ“ يا ”ڳنءِ“- انهين حرف علت ڌار ٿيو وڃن. انهن نڪ جي اچارن گڏڻ جي عادت سبيان، سنسڪرت وارن سنڌيءَ جي قاعدن کان ڇتا پيا آهيون انهيءَ هوندي ٻ سنڌيءَ (Eoph onv)جا ڪي ڪي نشان آهن، جهڙوڪ: ”سيٽ+ آون“ = سيٽيون- هتي ”اِ“ ۽ ”آون“ جي ميلاپ سان ”يہ“ جو اچار پاڻمرادو پيدا ٿئي ٿو (صفحو ٣٩٦).

نڪ جو اُچار ڪڍي ڇڏڻ (Disn asalisation)

٣٦٢- ڪن ٿورين حالتن ۾، لفظن مان نڪ جو اچار اللندو ڪڍي ڇڏيو اٿئون، جهڙوڪ: سنسڪرت ”مانس“ بدران چئون ”ماس“ (گوشت)؛ سنسڪرت ”گنتري“ بدران ”گاڏي“ ۽ ”نمنتر“ بدران ”نوتو“ (نيند)- ڊگهي اچار وارو حرف علت اچي ٿو، تہ ”ن“ نڪري وڃي ٿو.

اکرن کي وسرگ ڪرڻ (Aspiration)

٣٦٣- سنسڪرت "ٻڪ"، "اَشرو" (آنسون)، "پرڪٽ"، "ڪُوپ" ۽ جُور بدران چئون "هيڪ- هڪ"، "هنجُون"، "پرڪهٽ" "ڪوهه"، ۽ "جهور" (تمام پڙهيو) "سڪان- سڱان"، "ڪفن- ڪڦڻ"، "همت" ۽ "ساعت" بدران ڪي چون "هممت" ۽ "ساعت" ۽ فارسي لفظن "پروا" ۽ "دريا" بدران چئون "پرواهه" ۽ "درياهه" يا درياءُ.

اکرن کي اوسرگ ڪرڻ (Deaspiration)

٣٦٤- "ڪٽنڀ" بدران چئون "ڪٽنب"، ۽ "ولڀداس" بدران "ولبداس"- انهن ڪن ٿورن لفظن مان "ھ" جو اچار نڪري ويو آهي.

اکرن کي مغز جي اچار وارو ڪرڻ

(Cerebralisation)

٣٦٥- هن جو ذڪر اڳيئي گهڻوئي ڪيو ويو آهي (صفحو ٣٠٢).

ٻن بدارن هڪ اچار (Haplology)

٣٦٦- سنسڪرت "نک هرڻڪار" جو اچار بگڙجي ٿيو "نيهه هيرڻ"- هتي "هه" جا ٻه اچار گڏ آيا آهن، جن مان هڪ ڪيدي، باقي چئون "نيهرڻ"، جنهن سان حجام نهن لاهين ٿا. ساڳيءَ طرح "وشن ننگر" بدران ڳهلا چون "وشنگر".

تقليب (Metathesis)

٣٦٧- سنسڪرت ”وچن“، ”مڪٽ“، ”وواهه“، ۽ ”گرهه“ بدران چئون ”چون“، ”مٽڪ“، ”وهانءُ“ ۽ ”گهر“: ”اُلٽو-اُلو“، ”ڪڙڪي-ڪڙڪي“، ”پٽر-پرٽ“، ”آماچ-آچام“ (هدف يا نشان)، ۽ ”جانور-جناور“- اهڙيءَ ريت ڪيترن لفظن ۾ تقليب ٿي آهي، يعني ڦري اُلٽا ٿي پيا آهن.

گڏيل حرف صحيح بابت قاعدا

بالائي حرف اڳيان آڻڻ (Prothesis of Vowels)

٣٦٨- اسان سنڌي ماڻهن جو وات گڏيل حرف صحيح اچارڻ تي هريل ڪونهي، تنهنڪري سنسڪرت ”ستري“ Stri بدران چئون ”اِستري“، ۽ انگريزي لفظ ”سڪول“ School بدران چئون ”اِسڪول“. اهو اڳيان وڌل حرف علت (Prothetic Vowel)، اچارڻ ۾ سهولت ڪري ٿو- هيءُ دراوڙي نمونو آهي.

سور ڀڳتي (Anaptyxis or Intrusive Vowel)

٣٦٩- سنسڪرت ”شلوڪ“ ۽ ”شلاگها“ جي منڍ وارو ”ش“ اکر ساڪن آهي، پر اسين ”اَ“ جو اچار گڏي چئون ”سلوڪ“ ۽ ”ساراهه“ (وا ڪاڻ). سنسڪرت ”سوپن“ ۽ ”سمرڻ“ جي منڍ ۾ ”اَ“ گڏي چئون ۽ ”سپنو“ ۽ ”سَمرڻ“ (ياد ڪرڻ)- دراوڙن و نگر لفظن

۾ هڪ نه ٻيون "سوريڪتي" (اچارن پڄڻ لاءِ) حرف علت گڏيون ٿا، ته سڀ اکر قائم رهن نه ته ممڪن آهي ته ٻيئي ٻاڻ ۾ پيچي يا ملي ويندا.

گڏيل حرف صحيح جو پچڻ (Assimilation)

۳۷۰- پاليءَ واري زماني ۾ گڏيل حرف صحيح ٻاڻ ۾ پيچي ويا، جهڙوڪ: "شبد-سڏ"، "جنم-جم" "جم"، "آتپن-آپنو"، ليد-لڌو"، ۽ "دگد-ڏڌ"-ڏوڌي- هيءَ حرف صحيح جو اِدغام آهي.

۳۷۱- گڏيل حرف صحيح مان جيڪڏهن ٻيئي زورڀريا يا ڏاڍا هوندا، ته ٻيون اکر قائم رهندو ۽ پهريون منجهس سمائجي ويندو؛ جيڪڏهن هڪ زور ڀريو ۽ ٻيون ڪمزور اکر هوندو، ته ڪمزور اکر ڏاڍي اکر ۾ سمائجي ويندو. مطلب ته "جيڪو ڏاڍو سو گابو" اهو ليکو ٻولين ۾ به لڳو پيو آهي.

مجرائيءَ جو قاعدو (Law of Compensation)

۳۷۲- سنسڪرت "اگن"، پراڪرت "اگٽ" (گ ٻٽو)، هندستاني "آگ"، معني باهه هتي ڏسو ته "ن" اکر "گ" ۾ سمائجي ويو، جنهنڪري پراڪرت ۾ اُچار ٿيو "اگگ". هندستانيءَ ۾ انهيءَ مان هڪ "گ" ڪڍي، انهيءَ کوٽ جي مجرائيءَ لاءِ، لفظ جي منڍواري حرف علت "آ" کي وڏائي "آ" ڪيائون؛ جنهنڪري چون "آگ". ساڳيءَ ريت سنسڪرت "ست-جن" جو اچار

اول ٿئي ٿو ”سججن (سڄڻ)“ پوءِ ”ساجن“. سنڌيءَ ۾ ٻتا اکر آهن (صفحو ٣٠٤) ٻيءَ طرح ٻه انهيءَ مجرائيءَ جي قاعدي تي گهٽو ڪونه ٿا هلون (صفحو ٤٥).

ضميمو پهريون

دراوڙي ٻولين جو اثر (صفحو ٢٠، ١٢٣ ۽ ١٢٥)

سنڌي ٻولي جن ڳالهين ۾ دراوڙي ٻولين سان مشابهت رکي ٿي، تن بابت ٻه اکر لکي، هرهڪ ڳالهه جي سامهون صفحي جو نمبر ڏيکارجي ٿو- ته پڙهندڙن کي پتو پوي ته انهن ڳالهين جو هن ڪتاب جي ڪهڙن ڪهڙن صفحن ۾ ذڪر ٿيل آهي.

(١) سنسڪرت ۽ سنڌي ۾ دراوڙي لفظ صفحو ٢٠ ۽ ١٧٧

(٢) دوهرا علت ۾ بگاڙو صفحو ٢٩٩

(٣) وسرگ اکرن بابت صفحو ١٢٥ ۽ ٣٠٣

(٤) مغز جي آچارن وارن اکرن بابت صفحو ٣٠٢

(٥) مرڪب حرفن جي آچارن ڀڃڻ بابت صفحو ٣٤٦

(٦) حالتن جي پڇاڙين بدران اسمن جي پٺيان حرف جر ڪم آڻڻ بابت صفحو ٣١١

(٧) صفت جي ڀيٽ جا درجا صفحو ٣١٥

(٨) مرڪب فعلن جوڙڻ جو نمونو صفحو ٣٢٠

(٩) مجهول فعلن جوڙڻ جو نمونو صفحو ٣٢٥

(١٠) جملن ٻيهارڻ جي ترتيب صفحو ٣٢١

(١١) چوڪر- ٻاڪر ۽ چلم- ڊلم: اٿين زائد يا بي معنيٰ لفظ گڏي مرڪب لفظ جوڙڻ، دراوڙي نمونو آهي. صفحو ١٧٦

ڏسو بشپ ڪالڊويل جو جوڙيل "دراوڙي ٻولين جو گرامر"، صفحو ٥٥؛ ۽ ڊاڪٽر سنيتي ڪمار چٽرجيءَ جي جوڙيل "بينگالي ٻوليءَ جي تاريخ" جلد پهريون، صفحو ١٧٠ کان ١٧٨.

ضميمو ٻيون
دارڊڪ ٻوليون ۽ سرائڪي

(١) سنڌي، سرائڪي، پنجابي ۽ دارڊڪ ٻوليون (ڪشميري وغيره) ڪيترين ڳالهين ۾ هڪٻئي سان گهڻي مشابهت رکن ٿيون، جن مان ظاهر آهي ته گڏ واڌارو ڪيو اٿن. صفحو ٨٥

(٢) اسمن جون پڇاڙيون رکڻ سنڌيءَ ۽ ڪشميريءَ ۾. صفحو ٣٢٣

(٣) اِدغام جي عادت سنڌيءَ دارڊڪ ۾ صفحو ١٣١ ۽ ٢٩٩

(٤) ڳڙيل حرف صحيح هڪٻئي ۾ سمائجي ويا آهن، ته هنديءَ وانگر حرف علت کي ڊگهو نه ڪيو اٿن. صفحو ٤٧ ۽ ٣٤٨

(٥) "ٻ"، "ڄ"، "ڏ" ۽ "ڳ" اکر رکڻوانهن مان (ڪڇين ۽ گجراتين "ٻ" ۽ "ڏ" جا اچار اسان وٽان ورتا) صفحو ٨٦ ۽ ٣٠٤

(٦) ٻن علت حرفن جي وچ ۾ "ت" قائم رکڻ صفحو ٨٧

(٧) اکرن کي مغز جي اچار وارو ڪرڻ صفحو ٣٠٢

(٨) اکرن کي اوسرڳ ڪرڻ صفحو ١٢٧

(٩) ”ر“ ۽ ”ڙ“ جو فرق نہ رکڻ صفحو ١٣٠
(١٠) ”ر“ اکر لفظ جي وچ مان ڪڍي ڇڏڻ صفحو ١٥٢
(١١) ضميري پڇاڙيون رکڻ سنڌي، سرائڪي ۽ ڪشميريءَ ۾.
صفحو ٨٨

اشارو: هنديءَ ۾ ”هم-تم“ (ضمير)، هنن ٻولين ۾.
”اسي-تُسي-تيسين“، ۽ سنڌيءَ ۾، ”آسين“ ۽ ”توهين“
(١٢) اسم مفعول جي پڇاڙيءَ ”ڙو“ گڏڻ صفحو ١٠٨
(١٣) معروف فعل کي مجهول صورت ڪرڻ لاءِ ”ج“ گڏڻ
صفحو ٣٢٥
(١٤) سنڌيءَ ۾ سرائڪي لفظ ۽ پهاڪا صفحو ١٩٥ ۽ ٢٥٥
(١٥) سري جي ٻوليءَ تي سرائڪي اثر صفحو ١٠٦ ۽ ١٠٨

سنڌيءَ جو سرائڪيءَ ۽ ملتانيءَ تي اثر

اشارو: ”ڪنا-ڪنون“ حرف جر، ۽ سنڌيءَ جي حالت جريءَ واري ”آن-آون“ پڇاڙي، سرائڪيءَ ۽ ملتانيءَ ۾ بہ آهن. ڪيترا لفظ بہ عام اٿن، جهڙوڪ: ”ڏيڏ“ (پيٽ)، ”لبر“ (ٻار ٻچا) وغيره.

ضميمو ٽيون

سنڌيءَ جو بلوچيءَ تي اثر

لانگورٿ ڊيمس صاحب جي ناهيل ”بلوچي ٻوليءَ جي گرامر ۽ لغت“ ۾ چاڻايل آهي تہ بلوچي ٻوليءَ جي نحوي

بناوت، پراڪرت ٻولين- خاص ڪري سنڌ ٻوليءَ- جي بناوت، سان گهڻو مشابهت رکي ٿي (صفحو ٨٨ ۽ ١٠١).

بلوچيءَ ۾ ڪيترا سنڌي لفظ به عام ٿي ويا آهن، جن جن جا ٿورا مثال هي آهن:

بلوچي	سنڌي	بلوچي	سنڌي	بلوچي	سنڌي
آباسي	آٻاسي	اوجاغـو	اوجاڳو	بانهن	ٻانهن(زال)
پاڪر	ٻاڪڙو	ٻرلا	پڙلاءُ	تيلن	ٽيلهڻ
پند	پنڌ	جورغ	جوڙن	چاري	چاڙهي
درڪهو	دڙڪو	دهان	ڏيان	ڊينبـو	ڏينڀو
هبڪغ	هٻڪڻ	هدڪي	هڏڪي	هينا	هيڻو

بلوچيءَ ۾ ببها (ٻڪو) ٻري (ٻوجو)، ٻهر (ٽڙي)، پهوغ (ڦوڳ) پهوپهي (ڦٽي) ۽ ٻيا وسرگ اکر آهن، جي هن وقت فارسيءَ ۾ ڪينهن.

ضميمو چوڏون
سنڌيءَ جو آفغاني يا پشتو تي اثر

ڊاڪٽر ٽرمپ جنهن سنڌي ٻوليءَ جو نهايت عمدو گرامر جوڙيو هو، تنهن پشتو ٻوليءَ جو گرامر به ٺاهيو هو، جو هاڻ ڪمياب آهي. انهيءَ گرامر جي منڍ ۾ هن صاحب ڄاڻايو آهي ته جيڪي نج پشتو لفظ سڏجن ٿا، تن مان گهڻا پروارين پراڪرت ٻولين (خاص سنڌيءَ، ٿوري قدر پنجابيءَ) مان ورتل آهن. انهيءَ ڪان سواءِ، پشتو ٻوليءَ جي اسمن جي ڦيرن ۽ فعلن جي گردانن جي ترتيب

سنڌي نموني سان بلڪل ويجهي مشابهت رکي ٿي. ٻيون تہ پشتو ۾ جيڪي متعدي معروف ۽ بالواسطه فعل، ماضي زمانن ۾ ڪم اچن ٿا، تن جي سموري بناوت سنڌي نموني آهي*. هي بلڪل مکيہ ڳالهيون آهن ۽ سنڌيءَ جو پشتو ٻوليءَ تي بلڪل گهڻو ۽ گهاٽو اثر ثابت ڪن ٿيون. هن لاءِ سبب اسان اڳيئي ڄاڻايا آهن (صفحو ٨٨ ۽ ٢٠١).

پشتو ۾ سنڌي لفظ

پشتو ۾ جيڪي سنڌي لفظ عام آهن، تن جا ٿورا مثال:

پشتو	سنڌي	پشتو	سنڌي	پشتو	سنڌي
انگڻ	اڱڻ	ٻنگ	ڀنگ	تق	ڏک
ٽوکھ	ٽوڪ	دڪال	ڏڪار	ڪٽ	ڪٽ
ګڼرل	ڳڻڻ	منگھنر	منگهڻ	هډ	هڏو

Dr.F. Trumpp's Pasoto Grammar, Introduction p. II.

هندستان
جي ٻولين جو نقشو
ڪشميري
پنجابي
سنڌي
بلوچي
راجستاني
بهاري
بنگالي
تامل